# سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت

[حضرت ابو حامد محمد بن محمد الغزاليؒ جي معروف ۽ معتبر
تصنيف **احياء علوم الدين** جي باب 'وجد ۽ سماع' جو ترجمو]




فقير غلام علي مسرور بدوي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت

[حضرت ابو حامد محمد بن محمد الغزالي رحمة الله عليه جي تصنيف
”احياءُ علوم الدين“ جي باب ”وجد ۽ سماع“ جو سنڌي ترجمو]

ترجمو

**فقير غلام علي مسرور بدوي**

ترتيب، تدوين ۽ مقدمو

**بيدل مسرور بدوي**


**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،**

**حيدرآباد سنڌ**

2012ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد جو ڪتاب نمبر (172)
سنڌي ترجمي جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت

[حضرت ابو حامد محمد بن محمد الغزالي رحمة الله عليه جي تصنيف
"احياءُ علوم الدين"جي باب "وجد ۽ سماع" جو سنڌي ترجمو]


| | |
|---|---|
| مترجم: | فقير غلام علي مسرور بدوي |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | مئي 2012ع |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | =/200 روپيا |
| پاران | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو |

**Catalogue Reference**
Badvi, Faqeer Ghulam Ali Masroor
Samaa ain Raag Ji Sharai Haisiat
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-56-7

Samaa ain Raag ji Sharai Haisiat

| | |
|---|---|
| By: | Faqeer Ghulam Ali Masroor Badvi |
| First Edition: | May 2012 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs.200 |
| Composed by: | M. Ramzan Turk |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Printed by: | Pakeeza Printers, Hyderabad. |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary,<br>Sindhi Language Authority, National Highway,<br>Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هي ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس
حيدرآباد، مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر پاران | | 5 |
| پيش لفظ | بيدل مسرور | 7 |
| تعارف | ڪريم بخش خالد | 9 |
| مقدمو | بيدل مسرور بدوي | 19 |
| التماس | مسرور شڪارپوري | 60 |
| **فصل پهريون** | | 64 |
| سماع ۽ راڳ جي مباح هجڻ ۾ — ۽ عالمن سڳورن جا اختلاف، جنهن ۾ چار بيان آهن | | 64 |
| بيان پهريون — عالمن ۽ صوفين جا قول — راڳ جي حلال ۽ حرام هجڻ بابت. | | 64 |
| بيان ٻيو — سماع ۽ راڳ جي مباح هجڻ جي دليلن ۾ | | 68 |
| بيان ٽيون — راڳ جي حرام ٿيڻ جون علامتون. | | 93 |
| بيان چوٿون — راڳ جي حرام هجڻ جي قائلن جا دليل. | | 101 |
| **فصل ٻيو** | | 108 |
| سماع جي آثار ۽ ادبن جي بيان ۾. | | 108 |
| مقام پهريون — سمجهڻ جي بيان ۾. | | 108 |
| مقام ٻيو — وجد بابت | | 121 |
| مقام ٽيون — سماع جي ادبن جي ظاهري باطنيءَ ذڪر ۾ (چڱي ۽ خراب جا آثار) | | 149 |
| ادب پهريون: وقت | | 149 |
| ادب ٻيو — | | 150 |
| ادب ٽيون — | | 152 |
| ادب چوٿون — | | 156 |
| ادب پنجون — | | 159 |
| دعاءِ خير | | 162 |
| تاريخ ختم ڪتاب | | 163 |

# ناشر پاران

”سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت“ نالي هيءُ ڪتاب ناميارِي شخصيت ۽ شاعر فقير غلام علي مسرور بدويءَ پاران يارهين صدي عيسويءَ جي نامور عالم، مفڪر ۽ صوفي امام غزاليءَ جي جڳ مشهور ڪتاب ”احياء علوم الدين“ جي جلد ٻئي جي اٺين باب جو ترجمو آهي، جيڪو هن ”وجد ۽ سماع“ جي موضوع تي لکيو هو. جنهن ۾ هن حجت، قياس ۽ دليلن سان ان موضوع تي بحث ڪيو آهي. امام غزاليءَ جي هڪ مذهبي عالم، مفڪر ۽ صوفيءَ جي حيثيت ساري دنيا ۾ مڃيل آهي. جهڙيءَ ريت ان هن اهم مسئلي تي قلم کنيو، ساڳئي خيال ۽ جذبي سان مترجم ان کي ترجمو ڪيو آهي. تقريباً مني صدي اڳ لکيل هن ڪتاب ۾ لکيل سنڌي ٻولي هڪ طرف موضوع مذهبي هئڻ سبب هڪڙو مخصوص مزاج رکي ٿي، ته ٻئي طرف شڪارپور طرف جي اترادي ٻوليءَ جو حُسن به رکي ٿي. مترجم تمام ڏکين معاملن ۽ مسئلن کي سؤلو ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر جيئن ته اصل ڪتاب جي روح کي قائم رکڻ به ضروري سمجهيو هوندائين، ان ڪري ڪٿي ڪٿي سمجهڻ ۾ دقت ٿئي ٿي ۽ ڪٿي وري فارسي يا اردو ۽ سنڌي شعرن سان پڻ سمجهايو اٿس. بهرحال سنڌس هي پورهيو صوفين جي ڌرتيءَ سنڌ جي ماڻهن جي دل وٽان آهي، جيڪي شاهه ڪريم، شاهه لطيف، سچل ۽ ٻين صوفين جي درگاهن تي ٿيندڙ راڳ ۽ سماع جي محفلن ۾ دلي عقيدت سان شريڪ ٿيندا آهن، پر انهن مان ڪن جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اٿاريل اهڙو سوال به هوندو آهي ته آخر سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت ڇا آهي!

سنڌي ماڻهو، خاص ڪري عالمَ ۽ اديبَ سنڌ جي صوفين ۽ عالمن جي وچ ۾ راڳ ۽ سماع بابت ٿيندڙ بحثن کان به واقف آهن. ۽ شاهه لطيف جي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ يا صوفي شاعر مخدوم محمد زمان لنواريءَ سان راڳ بنسبت اختلافن بابت پڻ ڄاڻن ٿا ۽ اهو بحث ڪو نئون ڪونهي. ان کان سواءِ مختلف صوفي سلسلن وچ ۾ به اهڙا اختلاف موجود آهن. ان حوالي سان هن ڪتاب جي اهميت تمام گهڻي آهي.

هن ڪتاب کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، اڳائن مذهبي ڪتابن کي ٻيهر شايع ڪرڻ ۽ انهن جي ٻوليءَ جي نمونن کي محفوظ ڪرڻ واري مقصد سان شايع ڪيو آهي. اسان کي اميد آهي ته پڙهندڙ هن ڪتاب مان گهڻو لاڀ پرائيندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن

19 آڪٽوبر 2011ع

# پيش لفظ

”فقير مسرور“ جتي عروضي صنفن ذريعي چيل ڪلام ۾ پنهنجي دور جي سماجي ذهني لاڙن تي تمام سير حاصل روشني وڌي آهي، سندس ان اصلاحي رويي سبب سندس دوست به مختلف موضوعن تي نظم ۽ نثر لکڻ جي فرمائش ڪندا هئا. جن مان ”مثنوي هير رانجهو“ سندس هڪ نهايت عظيم الشان تصنيف آهي. ان ڏس ۾ پاڻ ”قيامت نامو“ ۽ ٻيا به ڪجهه مقالا ۽ مسدس به لکيا هئائين. هي مضمون ”سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت“ به پنهنجي هڪ دوست جي فرمائش تي 29 آگسٽ 1925ع تي فيئر ڪيو هئائين، جنهن جو ذڪر سندس مضمون جي ابتدائي اکرن ۾ به موجود آهي. هي رسالو به پاڻ پنهنجي ئي هٿ اکرن سان لکي، ان جون ڪاپيون تيار ڪري، پنهنجي هم زبان دوستن کي ڏنيون هئائين. جن جي خوبصورت خطاطيءَ سان گڏ ان جو سرورق به نهايت وڻندڙ ٺاهيو هئائين، هي رسالو بنيادي طور تي حضرت ابو حامد بن محمد الغزالي رحمة الله عليه جي معروف ۽ معتبر تصنيف ”احياءُ علوم الدين“ جي جلد ٻئي جي اٺين باب ”وجد ۽ سماع“ جو ترجمو آهي.

هي رسالو مرحوم ڪريم بخش خالد صاحب شايع ڪرائڻ لاءِ راقم الحروف کان ورتو هو، جنهن جو پاڻ ماهوار رسالي ”پيغام“ ڪراچيءَ جي سالنامي (مئي جون 1981ع) ۾ هٿ اکرن واري مسودي جو فوٽو به شايع ڪيو هئائين، جنهن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”موجوده سماجي حالتن ۾ سماع ۽ وجد جي باري ۾ صحيح حقيقت ۽ ان جي شرعي حيثيت بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ هن رسالي جي اهميت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي، جيتوڻيڪ ”فقير مسرور“ ترجمو ڪندي، ڪي طويل عربي عبارتون ڇڏي ڏنيون آهن ۽ ڪٿي ڪٿي اختصار کان به ڪم ورتو اٿس، حديثن ۽ ٻين صوفين جي اقوال کي، اصل ماخذن سان ڀيٽيو نه اٿس، عربي ۽ سنڌي صورتخطيءَ جون ڪي

غلطيون بہ رهجي ويون اٿس، پر تنهن هوندي بہ سندس ترجمي جي رواني ۽ زبان جي سادگيءَ ۽ تاثير کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. فقير صاحب پنهنجي دور ۾، ڪن صوفي بزرگن بابت مشهور روايتون بہ نقل ڪيون آهن، جيڪي انهن بابت لکيل هاٿوڪن ڪتابن ۾ ڏنل ڪينهن. اهو ملفوظاتي ادب، ان وقت جي سماجي ماحول جي عڪاسي بہ ڪري ٿو ۽ مترجم ڪي پنهنجي موضوع جي وضاحت ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثئي ٿو.

فصل ٻئي کان "مسرور" جي طبعي جولانين جو ظهور ٿئي ٿو ۽ هو عربي شعرن جو اردوءَ ۾ منظوم مفهوم پيش ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح "بيدل فقير" جي ڪلام کي نهايت مناسب نموني ۾ دليل ۽ وضاحت طور پيش ڪيو اٿس ۽ پڻ ٻين درويشن جي ڪلام کي مضمون جي مالها جي موتين وانگر پرويو اٿس. جيڪو سندس وسيع مطالعي ۽ ديني توڙي صوفياڻي علوم جي ڳوڙهي اڀياس جو ثبوت آهي."

"فقير مسرور" هن رسالي جو ترجمو 29 آگسٽ 1925ع تي پورو ڪيو هو، پر قلمي مسودي جي زبون حاليءَ کي ڏسندي معلوم ائين ٿي ٿيو تہ "فقير مسرور" کي هن رسالي کي فيئر ڪرڻ جو وقت نہ ملي سگهيو هو، جو ٻين تصنيفن جيان ڪٽي گم ٿي ويو هو، ترجمي جي اصل نسخي ۾ رهجي ويل يا ڪاٽي ڇڏيل لفظن سبب، فقير مسرور جي لائق فرزند جناب احمد بخش بدويءَ عرف مٺل سائينءَ بعد ۾ پنهنجي هٿ اکرن ۾ اتاري هڪ ٻيو قلمي نسخو تيار ڪري رکيو هو، جيڪو ڪجهہ عرصو اڳ پاڻ مهرباني ڪري منهنجي حوالي ڪيو هئائين. ان حوالي سان هن مقالي کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ هڪ ياڳ واري ڳالهہ آهي، جو هن وقت جڏهن راڳ ويراڳ جي اصل حسن، طرب، روحاني جوش، جذب ۽ سڪون وارين خصلتن کي دقيانوسي سمجهي، تفريح جي جديد تقاضائن جي نالي ۾ فلمي گانن جي نقل شاعري نقل ڏنن ۾ ڳائجڻ واري ڪلام کي ترجيح ڏني ٿي وڃي، جنهن ۾ پاپ موسيقيءَ جي رنگينين کي ئي وڌيڪ پسنديده سمجهيو وڃي ٿو. ان حوالي سان "فقير مسرور" هن ڪتاب کي تيار ڪرڻ جو نهايت مفيد ۽ وقتائتو ڪم ڪيو آهي، جنهن جي مطالعي سان اميد تہ پڙهندڙن کي وڏو لاڀ حاصل ٿيندو.

_ بيدل مسرور

# تعارف

## سماع:

سماع جي معنيٰ آهي ٻڌڻ هي لفظ قرآن مجيد ۾ ڪونہ آيو آهي، پر قديم عربيءَ ۾ "ڳائڻ وڄائڻ" جي معنيٰ ۾ اچي ٿو. ديني اصطلاح ۾ "سماع" ۽ "سمع" ٻئي (هڪ ئي معنيٰ ۾) عقل جي مقابلي ۾ استعمال ٿين ٿا، پر حقيقت هيءَ آهي تہ سڀ کان زياده اصطلاحي معنيٰ ۾ ان جو استعمال تصوف ۾ ٿئي ٿو ۽ ان جي معنيٰ موسيقيءَ ۾ انهماڪ. ڳائڻ، جهونگارڻ ۽ مذهبي جوش ۽ وجد پيدا ڪرڻ لاءِ سرتار ۾ ڳائڻ آهي يا وري آواز ۽ ساز جي ذريعي ڳائڻ وڄائڻ.

اسلام جي چئن وڏن فقهي مڪتبن ۾ سماع يعني راڳ کي پسند ڪونہ ڪيو ويندو هو، ڇو تہ ان ۾ عام طور تي شراب ۽ عورت بہ شامل هوندا هئا. تنهنڪري اسلامي دنيا ۾ فقيهہ پنهنجي اثر رسوخ ۽ اقتدار کان ڪم وٺندي، هر ملڪ ۾، هر سلطان ۽ هر امير کي اڪثر افهام تفهيم سان مجبور ڪندا رهيا هئا تہ هو راڳ تي پابندي وجهن، پر انهيءَ سان گڏوگڏ صوفين دوريشن جا سلسلا بہ هئا جيڪي روحاني وجد ۽ حال حاصل ڪرڻ خاطر راڳ ۽ ناچ کان ڪم وٺندا هئا ۽ هو پنهنجي دعوت ۽ تبليغ جي اثر ۽ مريدن جي وسيع حلقي سببان گهڻو طاقتور ٿي پيا. جنهنڪري هڪ طرف موسيقيءَ جي ماحول کي روڪڻ لاءِ راڳ ٻڌڻ يا نہ ٻڌڻ بابت فقهي بحث مباحثا ٿيندا رهيا تہ ٻئي طرف علم ۽ فن جي حيثيت ۾ موسيقيءَ سان مسلمانن جي دلچسپي باقي رهي ۽ هي فن پابندين کان آجو رهيو.

جيتوڻيڪ سنسڪرت ادب، مذهبي موسيقي (صوتي ۽ آلاپي) جي تذڪري سان ڀريو پيو آهي، پر مسلمانن جي اچڻ کان پوءِ، هندستان جي غير مذهبي موسيقيءَ جي باري ۾ ڪا بہ معلومات نہ ٿي ملي. ان جي برعڪس سنڌ جي مند ۽ زط (جت) قبيلن کي غير مذهبي موسيقيءَ سان جيڪو شغف هو، سو چڱيءَ طرح ثابت آهي (تاريخي حقائق از فارس، ص 71 ۽ 171). سنڌ ۾ عربن جي شروعاتي فتوحات جي دوران انهن قبيلن سان ئي سنڌن واسطو پيو هو. انهن زطن (جتن) جي موسيقيءَ بابت هاڻي گهٽي

تحقيق ڪئي وئي آهي، جنهن جو عالمانه نمونو ۾ تفصيل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سنڌي ڪتاب ”سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“ (شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد 1978ع) ۾ جاچايل آهي. انهن ڪان علاوه ڊاڪٽر بلوچ سنڌي موسيقيءَ جي قدامت، ان جي عربي، ايراني، ترڪي ۽ ٻين پاڙيسري علائقن جي موسيقيءَ تي اثر يا انهن جي سنڌي موسيقيءَ يا سازن تي اثر جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. ان ڪتاب مان سنڌ جي صوفيانه راڳ جي سلسلن ۽ مختلف درگاهن تي سماع (سمهه) جي محفلن جي به معلومات حاصل ٿئي ٿي، ۽ اهي روحاني محفلون اڄ به ايتروئي مروج ۽ مقبول آهن. جيترو ستين صدي هجري (13 صدي عيسويءَ) ۾ شيخ الاسلام غوث بهاءُالدين زڪريا (وفات 661هه) جي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ ڏهين صدي هجريءَ ۾ ٺٽي جي سيد علي شيرازي اَنجوي (وفات 981هه) ۽ سندس ننڍي همعصر ميين شاهه ڪريم جي زماني ۾ هيون. مٽياريءَ ۾ سماع جون محفلون ٿينديون هيون ۽ شاهه ڪريم مڪتب ڇڏي انهن ۾ وڃي ويهندو هو.

صوفي بزرگن وٽ سماع جو سلسلو حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ڪندڙ پاڪيزه احساسن ۽ دلي سرور پيدا ڪرڻ لاءِ شروع ٿيو. پوءِ ڪي بزرگ سماع دوران وجد ۽ حال واري ڪيفيت ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳا. مولانا جلال الدين رومي (وفات 672هه) جي ”مولويه“ سلسلي ۾ نڙ وڄڻ ۽ حال وارو رقص بئي شامل هئا. جيئن ته غوث صاحب ۽ مولانا رومي همعصر هئا، ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته غوثيه طريقي واري سماع تي ”مولويه“ سلسلي واري سماع جو اثر ٿيو هجي. قلندر شهبازؒ جي باري ۾ به تاريخي شاهديون ملن ٿيون ته ملتان ۾ سماع جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو. سنڌي سماع جي طريقي (سمهه) بابت مير محمد معصوم ”بکري“ پنهنجي مشهور تصنيف ”تاريخ معصومي“ ۾ ذڪر ڪيو آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر مولوي محمد شفيع مرحوم لکيو آهي ته ”فقير الله ’راڳ درپن‘ ۾ شيخ الاسلام بهاءُالدين زڪرياؒ کي موسيقيءَ جي ماهرن ۾ شمار ڪيو آهي ۽ لکيو آهي ته امير خسرو وانگر هن به ڪي راڳ ۽ راڳڻيون ايجاد ڪيون. جهڙوڪ ملتاني ڏناسري سندس ئي ايجاد آهي، جنهن ۾ ڏناسري ۽ مالسريءَ کي پاڻ ۾ ملايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح شيخ الاسلام چند جي طرز تي ڪيترائي نغما اختراع ڪيا، جن ۾ واحد جي واکاڻ ۽ عشق جو داستان ۽ بندگيءَ جي طريقي ۾ نماڻائي ۽ نهٺائيءَ جي ڪيفيت بيان ڪئي آهي.“

## امام غزاليءَ جو ڪارنامو:

حجة الاسلام ابو حامد محمد بن محمد الطوسي الغزالي ﷫ (1058_1111ع) اسلام جو هڪ وڏو عالم ۽ فلسفي هو. طوس ۽ نيشاپور ۾ تعليم حاصل ڪيائين ۽ پوءِ امام الحرمين ابوالمعالي جويني ﷫ کان 1085ع تائين تعليم حاصل ڪيائين.

امام غزالي ﷫ جيتوڻيڪ صوفي سڳورن جي حلقي ۾ رهيو، پر فقهه ڏانهن زياده لاڙو رهيس. 1091ع ۾ بغداد ۾ استاد مقرر ٿيو، جتي هن فلسفو پڙهيو ۽ فقهه تي ڪتاب لکيائين. باطنيه، اسماعيليه ۽ اماميه فرقن جي رد ۾ پڻ گهڻو ڪجهه لکيائين. پوءِ درويشي اختيار ڪيائين ۽ نون سالن تائين سير ۽ سفر ۾ گذاريائين. انهيءَ زماني ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب 'احياءُ علوم الدين' لکيائين ۽ بغداد ۽ دمشق ۾ ان جو درس ڏيڻ شروع ڪيائين. ڪجهه وقت نيشاپور ۾ به استاد رهيو، پر وري طوس واپس آيو ۽ هڪ خانقاه ۾ رهڻ لڳو، تان جو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين.

امام غزالي ﷫ "علم الڪلام" کي ترقي ڏني ۽ ان جي مقابلي ۾ فقهه کي جيڪا اهميت حاصل ٿي هئي، اها گهٽ ٿيڻ لڳي. هو امام شافعي ﷫ جو پيروڪار هو، سندس تصنيفن جو تعداد 96 چيو وڃي ٿو جن مان 'الدرت الفاخره'، 'هدايت الهدايه'، 'ميزان العمل'، 'تحافته الفلاسفه'، 'مقاصد الفلاسفه' ۽ 'احياءُ علوم الدين' گهڻو مشهور آهن.

امام غزالي ﷫ پهريون مڪلم آهي، جنهن فلسفي جي رد ۾ مستقل ڪتاب لکيا. منطق سکڻ کي فرض ڪفايه ڄاڻايو ۽ فلسفي جو تجزيو ڪري، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان جا فقط ٿورا ڪي مسئلا مذهب جي مطابق آهن ۽ باقي سڀ اسلام جي خلاف آهن. سندس تجويز ڪيل تعليمي نصاب جي نتيجي ۾، امام رازي، شيخ الاشراق، علامه آمدي ۽ شيخ عبدالڪريم شهرستانيءَ جهڙيون عظيم القدر هستيون پيدا ٿيون.

"احياءُ علوم الدين" جو هڪ باب (رسم رواج جي حصي جو اٺون باب) "وجد ۽ سماع" بابت آهي، جنهن ۾ موسيقيءَ جي شرعي حيثيت تي بحث ڪيو ويو آهي ۽ سمجهايو ويو آهي ته موسيقي بذات خود مذموم يا ممنوع ناهي، پر راڳ ته هڪ قسم جي ڪسوٽي آهي، جنهن سان هر شخص جي دلي جذبن ۽ احساسن

ڪي پرکي سگهجي ٿو. بدڪار شخص جا جذبا بد هوندا تہ راڳ ڪيس برائيءَ ڏانهن ڇڪيندو پر نيڪ شخص جي پاڪيزه خيالن لاءِ روحاني تسڪين ۽ اطمينان قلب جو باعث ٿيندو. امام غزاليءَ جو نظريو آهي تہ انسان جي فطري احساسن ۽ جذبن جي مدنظر سماع يعني راڳ ٻڌڻ ممنوع نہ آهي.

هي رسالو، سماع جي سمورن پهلوئن تي روشني وجهي ٿو ۽ هي انهيءَ سموري ادب جو لب لباب آهي، جيڪو اسلام ۾، مجموعي طور تي هن مضمون بابت آهي، يعني انهن وسيلن جي ذريعي مذهبي جذبو پيدا ڪرڻ ۽ ان ڪان علاوه ان جي شرعي، نفسياتي، مذهبي ۽ جمالياتي پهلوئن (رخن) تي ضبط ۽ تصرف رکڻ جي باري ۾ آهي. الغزاليءَ هن موضوع تي هڪ محقق صوفيءَ، هڪ صاحب ڪمال ۽ راسخ العقيده اشهري ۽ شافعيءَ جي حيثيت ۾ غور ڪيو آهي ۽ هيءُ باب پنهنجي مضمون جي لحاظ کان "احياءُ علوم الدين" جو مغز آهي. الهجويريؒ جي "ڪشف المحجوب"، القشيريؒ جي "الرسالہ"، ابن تيميہؒ ۽ مجدد الف ثاني سرهنديءَ ؒ جي ڪتابن ۽ رسالن ۾ سماع جي باري ۾ بحث ملي ٿو. ابن بطوطہ جي سفرنامي ۾ رفاعي درويشن جي سماع ۽ وجداني ڪيفيتن بابت نهايت مڪمل ۽ مفصل تذڪرو موجود آهي. اهڙيءَ طرح طريقت جي مختلف سلسلن بابت لکيل مقالن ۾ پڻ اهڙو احوال ملي ٿو.

امام غزاليؒ جي زير بحث ذڪر مان هيءَ ڳالهہ صاف ظاهر ۽ ثابت ٿئي ٿي تہ راڳ جا چار قسم آهن:

(1) حرام، (2) مڪروهہ، (3) مباح ۽ (4) مستحب

حرام انهن ماڻهن لاءِ، جن تي شهوت غالب هجي ۽ راڳ سببان انهن جا حيواني جذبا مشتعل ٿيندا هجن. مڪروهہ انهن ماڻهن لاءِ، جيڪي ان کي هر وقت شغل بنائين ٿا. مباح انهن ماڻهن لاءِ، جن کي راڳ مان مزو ايندو هجي ۽ هو ان کي هڪ فن جي حيثيت ۾ ٻڌندا هجن ۽ انهيءَ ڪان علاوه هو موسيقيءَ مان ٻيو ڪو بہ تاثر نہ وٺندا هجن. مستحب انهن ماڻهن لاءِ، جن تي الله پاڪ جي محبت جو غلبو هجي ۽ راڳ جي ذريعي انهن ۾ چڱين صفتن ۽ نيڪ خصلتن ڪان سواءِ ٻيءَ ڪنهن چيز کي تحرڪ نہ ملي.

سنڌ ۾ شروع ڪان ئي شاعريءَ ۽ راڳ جو صوفياڻو طريقو رواج ۾ رهيو

آهي. جيڪو اڄ به نه فقط مقبول آهي، پر ان جي اثر کان به ڪو انڪار ڪري نه ٿو سگهي. اهو انسانيت جي شرف، سماجي پائيچاري ۽ امن سلامتيءَ جو نه فقط قوي مظهر آهي، پر اثرائتو ۽ پائدار ذريعو به آهي. ۽ اُها اسلام جي بنيادي تعليم آهي، جنهن جي ذريعي ڏکڻ ايشيا ۾ صوفي دانشورن، دعوت ۽ تبليغ جو اهم فرض پورو پئي ڪيو. واديءَ مهراڻ جي سيني بزرگ صوفين راڳ ۽ سماع جون محفلون رچايون ۽ ماڻهن جي دلين کي آسائتو ۽ سيتل بنايو. محبت اخوت جي جذبن کي اپاريو ۽ منجهن "الخلق عيال الله" جي احساس کي عملي شڪل ڏني.

## سنڌ ۾ غزاليءَ جو اثر:

الغزالي سنڌ وارن لاءِ اجنبي نه آهي. سنڌس ڪتابن خاص ڪري "ڪيمياءِ سعادت" جو مرزا قليچ بيگ مرحوم جهڙن بزرگن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ هجري صدي مطبوعات جي سلسلي ۾ ان ڪتاب جو مڪمل ترجمو، ضروري حاشين ۽ وضاحتن سان وفاقي حڪومت جي هدايتن پٽاندڙ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد طرفان شايع ڪيو پيو وڃي*. اهڙيءَ طرح "احياءَ علوم الدين" جا خاص حصا قديم دور کان مدرسن ۾ ديني نصاب طور پڙهايا وڃن ٿا.

علمي اوج جي زماني ۾، سنڌ مان غزاليءَ جي مخالفت ۾ به آواز اٿاريو ويو هو. الغزاليءَ جي استاد امام الحرمين الجوينيءَ هڪ ڪتاب جي ذريعي دنيا جي حنفين کي چئلينج ڏنو هو ۽ غزاليءَ به ان جي تائيد ڪئي هئي. ان ڪتاب جو مدلل جواب مسعود بن شيبہ السنڌي ڏنو هو. جنهن کي اسلامي دنيا ۾ گهڻو ساراهيو ويو هو. انهيءَ سنڌي بزرگ جي تصنيفن "ڪتاب التعليم" ۽ "مقدمہ ڪتاب التعليم" پڻ علمي دنيا ۾ نالو ڪڍيو. پوين ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويو آهي.

ويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ جو عظيم فلسفي علامہ آءِ. آءِ. قاضي مرحوم، امام غزاليءَ جي فلسفي جو وڏو داعي ۽ شارح هو.

شڪارپور جي "بدوي" خاندان جي ٻن بزرگن مرحوم امام بخش "خادم" ۽ فقير غلام علي "مسرور" علي الترتيب، "وصيعت نامن" ۽ "سماع ۽ وجد" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

---

* ذڪر ڪيل ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي چڪو آهي (تاج جويو)

## فقير مسرور:

مرحوم لطف الله بدوي جي روايت موجب سندن وڏا عراق جي لق دق بيابانن ۾ رهندا هئا. انهن مان هڪ شخص احمد بدوي بغداد ۾ اچي حضرت سيدنا عبدالقادر گيلاني جو مريد ٿيو ۽ وڏو روحاني مقام حاصل ڪيائين. احمد بدوي مرحوم جي اولاد مان هڪ شخص بغداد مان هجرت ڪري شايد ڏهين صدي هجريءَ ۾، اچ شريف آيو. هي خاندان اٽڪل هڪ صدي اچ شريف ۾ رهيو ۽ ان کان پوءِ ملتان ۾ آباد ٿيو. ملتان مان سندن هڪ فرد محمد بچل ولد احمد بدوي ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي پيو ۽ مائٽن جي ناروا هلت سببان سنڌ ۾ آيو. هي مير ڪرم علي ٽالپر جو دور هو. جنهن نيڪ ۽ فياض امير سندس سرپرستي ڪئي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ سندس والده کيس ڳولهيندي اچي حيدرآباد پهتي ۽ مير صاحب جي اجازت سان کيس واپس ملتان وٺي ويئي. مگر والده جي وفات کانپوءِ محمد بچل مرحوم وري ملتان کي الوداع چئي سنڌ آيو ۽ شڪارپور ۾ رهي پيو. سنڌ ۾ انگريز بهادر جو پير پهچي چڪو هو. البته شڪارپور ۾ مير سيد ڪاظم، ميرن جي طرفان شهر جو حاڪم هو. جنهن سندس سرپرستي ڪئي. انگريزن جي ڇانوڻي قائم ٿيڻ کانپوءِ به هو گھوڙن جو واپار ڪندو هو.

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان ڏهه سال پوءِ هن کي پٽ ڄائو. جنهن جو نالو رحيم بخش رکيو ويو. اٺن سالن کانپوءِ کيس ٻيو پٽ ڄائو جنهن جو نالو امام بخش رکيائين جيڪو اڳتي هلي پنهنجي وقت جو سٺو شاعر (تخلص: "خادم") استاد ۽ صوفي منش بزرگ ثابت ٿيو.

ميان رحيم بخش قرآن شريف پوري ڪرڻ کانپوءِ آخوند قمرالدين جي مدرسي ۾ سنڌي تعليم حاصل ڪئي. کيس 1893ع ۾ پٽ ڄائو جيڪو غلام علي "مسرور" جي نالي سان سنڌ جو وڏو صوفي ٿي گذريو آهي. "فقير مسرور" جو ننڍي هوندي کان ئي مجاز ڏانهن لاڙو هو. جنهن ڪري 1908ع ڌاري ميٽرڪ ۾ پهچندي ئي پڙهڻ ڇڏي ڏنائين.

انهيءَ دور ۾ "مسرور فقير" جا گھر جا ڀاتي حضرت "بيدل سائينءَ" جي درگاهه جا پانديئڙا هئا. انهن جڏهن "مسرور فقير" جي رغبت انهيءَ پاسي وڌيڪ ڏٺي ته کيس روهڙيءَ کان دور رکڻ لاءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو. پر سندس قلبي رغبت ۾ ڪو به ڦيرو نه آيو ۽ ڪراچي ڇڏي پنهنجي چاچي امام

بخش "خادم" وٽ منگهنواري تعلقي روهڙيءَ وٽي رهيو ۽ اتي ئي 1909ع ۾ ورنيڪيولر فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. جنهن جي ٻن سالن کان پوءِ تپيداريءَ جي نوڪري ڪيائين. 1923ع ۾ شادي ڪيائين 7 ـ 1948ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ڪيائين.

مسرور فقير جي صورت ۽ سيرت متعلق پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه " مسدس مسرور" جي مهڙ ۾ لکيو آهي:

"سالن جي عرصي جي ڳالهه آهي ته مون کيس بيدل جي درگاهه تي پنهنجي سنگت جي سرڪردي جي صورت ۾ ڏٺو هو. مسرور پنهنجي مذهب جي پابندي رکندي ٻين جي هر طرح عزت ڪندو هو. ائين نه آهي ته غلام علي (مسرور) گيڙوءَ رتي چولي وارو اوتاري جو مجاور هو. هو گهر ٻاري هو ۽ ڪڏهن به پنهنجي پريوار جي گهرجن جي پورائي لاءِ پگهر وهائڻ ۾ پير پوئتي نه رکيو. هو ڀاڻ کي خوديءَ کان خالي ڪرڻ جي خاص خدمت ۾ مشغول هوندو هو ۽ حياتيءَ جي ٿوري عرصي ۾ انهيءَ ورثي کي ماڻهپ ۾ مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪافي ڪئي. قدرت کيس فقيرن جي صحبت ۽ محبت ميسر ڪري ڏني. سنڌ جي بزرگن جون هن ڀلي ڀت زيارتون ڪيون، ڪلام ڪنو ڪيو، احوال ۽ روايتون سهيڙيون. "فقير بيدل" جو سمورو ڪلام هن فرصت جي وقت ۾ ويهي لکيو. جنهن کي هو ساهه سان سانديندو هو. اهڙيءَ طرح "ڪندڙيءَ وارن جو ڪلام" هٿ ڪرڻ لاءِ به هن وڏا وس ڪيا هئا مگر سندس مڙهه اجا زمين دوز نه ٿيو هو ته شايد سندس ڪو ويجهو عزيز اهو سيڪجهه گهر مان لمائي هليو ويو.

مسرور جي محبت مقناطيسي هئي. مروت ۽ فضيلت ته سندس ڏاج هئا. مردانه جسم رکندي به منجهس حسن جي مٺي هئي، جا قرب ڪٺي سان ملي کيس رمٽيڪ ٻٽائي ڇڏيندي هئي. هندن وٽ ته سندس هيڪار جهيجهيري هوندي هئي، ڪيترا ته کيس ادو ڪري سمجهندا هئا ته ڪي وري کي ابو."

ٽنڊوجهانيان جي صوفي درويش قطب شاهه به "مسرور فقير" جي عقيدت هوندي هئي ۽ ان وقت جي مشهور اديبن ۽ شاعرن جهڙوڪ: ته محمد بخش "واصف" ۽ حاجي محمود "خادم" سان سندس گهرا تعلقات هئا.

"فقير مسرور" پنهنجي وقت جو باڪمال صوفي شاعر هو. سندس گفتگوءَ مان قرآن، حديث ۽ تصوف جا جواهر پارا نڪرندا هئا. ڪلام چوڻ وقت مٿس سماع

جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي، ڇڙڪ سوزوگداز جو هڪ بحر بيڪران هجي، انهيءَ ئي بيخوديءَ واري ڪيفيت ۾ حج جي سڳوري رات، 19 آگسٽ 1953ع تي ٽنڊي آدم ۾ لاڏاڻو ڪيائين.

”فقير مسرور“ تمام سٺو ڳائيندو به هو ته تمام اعليٰ درجي جي ستار به وڄائيندو هو. سندس پين نشانين سان گڏ، جن ۾ ٻيا ساز سرود جا سامان به شامل آهن، سندس ستار، هارمونيم، حاسو، خرقو به موجود آهن. ”فقير مسرور“ جون لکڻيون ”اديب سنڌ“ ۽ ”سنڌو“ رسالن ۾ به ڪڏهن ڪڏهن شايع ٿينديون رهنديون هيون. پاڻ سنڌ جي تمام وڏن مشاعرن ۾ به شرڪت ڪندو هو خاص طور لاڙڪاڻي ۾ 22_23 آڪٽوبر 1949ع تي ڪوٺايل ”ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس“ وارو مشاعرو سندس ادبي اڻٽي ويهڻي جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ۾ مسدس پڙهيو هئائين ۽ اهو ”تحفہ لاڙڪاڻہ“ رسالي ۾ شايع ٿيل آهي، مصرح طرح هئي!

قوم ٿي زنده رهي پرجي زبان زنده رهي.

”مسرور فقير“ جو لکيل اثاثو گهڻو گم ٿي ويو ۽ جيترو محفوظ رهيو آهي، ان ۾ به جيترو هٿ اچي سگهيو، ان ۾ راڳ متعلق هن ڪتابڙي ڪانسواءِ ”سائينءَ جي سوڪڙي“، ”مسدس مسرور عرف هيرن جو هار“ ، ”مثنوي هير رانجهو“، ”دشمن“، ”من جي مستي“، ”سلطاني سهاڳ“، ”فقير واليڏني جو ڪلام“، بيدل سائينءَ جو ”سرود نامو“ ۽ ”ڪليات مسرور“ بي بها تصنيفون آهن.

موجوده سماجي حالتن ۾ سماع ۽ وجد جي باري ۾ صحيح حقيقت ۽ ان جي شرعي حيثيت بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ هن رسالي جي اهميت ڪان انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي، جيتوڻيڪ ”فقير مسرور“ ترجمي ڪندي، ڪي طويل عربي عبارتون ڇڏي ڏنيون آهن ۽ ڪٿي ڪٿي اختصار ڪان به ڪم ورتو اٿس، حديثن ۽ ٻين صوفين جي اقوال کي اصل ماخذن سان پيٽيو نہ اٿس، عربي ۽ سنڌي صورتخطيءَ جون ڪي غلطيون به رهجي ويون اٿس، پر تنهن هوندي به سندس ترجمي جي رواني ۽ زبان جي سادگي ۽ تاثير ڪان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. فقير صاحب پنهنجي دور ۾، ڪن صوفي بزرگن بابت مشهور روايتون به نقل ڪيون آهن، جيڪي انهن بابت لکيل هاڻوڪن ڪتابن ۾ ڏنل ڪينهن. اهو ملفوظاتي ادب، ان وقت جي سماجي ماحول جي عڪاسي به ڪري ٿو ۽ مترجم کي پنهنجي موضوع جي وضاحت ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

فصل ٻئي ڪان ”مسرور“ جي طبعي جولانين جو ظهور ٿئي ٿو ۽ هو عربي

شعرن جو اردوءَ ۾ منظوم مفهوم پيش ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح "بيدل فقير" جي ڪلام کي نهايت مناسب نموني ۾ دليل ۽ وضاحت طور پيش ڪيو اٿس ۽ پڻ ٻين درويشن جي ڪلام کي مضمون جي مالها جي موتين وانگر پرويو اٿس، جيڪو سندس وسيع مطالعي ۽ ديني توڙي صوفياڻي علوم جي ڳوڙهي اڀياس جو ثبوت آهي.

"فقير مسرور" جي مسودي کي سندس ئي اکرن ۾ شايع ڪندي اسان سنڌي ٻوليءَ جي هڪ آڳاٽي ڪتاب کي نه فقط محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ويهين صدي عيسويءَ جي شروعاتي دور ۾ تصنيف و تاليف جي تاريخ جو هڪ يادگار نمونو نئين نسل جي رهنمائيءَ لاءِ پيش ڪيو آهي.

ــ ڪريم بخش خالد

ماهوار پيغام ' ڪراچي

مئي ــ جون 1981ع

# مقدمو

يڪتار دل جو چائي، ممتا ۽ موهه متائي،
ان پر چڱو جڳائي، ناتو نماز سان.

## فقير مسرور جا علمي ادبي ڪارناما:

صوفين آڏو سمورين ظاهري توڙي باطني سرگرمين ۾ پاڻ سنوارڻ ۽ دين دنيا جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ جاکوڙڻ ۽ آخرت جي ثمر گڏ ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي راغب ڪرڻ جا عنصر ڪارفرما رهيا آهن. ان حوالي سان ”فقير مسرور“ جي سموري ڄمار ”هٿ ڪار سان دل يار سان“ واري قول تي قائم هئي. سنڌي ادب ۾ ”فقير مسرور“ هڪ صوفي شاعر جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندس شاعري ۽ ڪجهه نثري تصنيفون جيئري ته ڪجهه سندس وصال کان پوءِ اشاعت هيٺ آيون آهن.

سندس شاعري ناصحاڻي، اخلاقي، مدحيه، سماجي ۽ وطني موضوعن تي مشتمل آهي، ”پر پاڻ نثر ۾ به سُني طبع آزمائي ڪئي اٿس. جن مان ڪي طبعزاد تصنيفون آهن ته ڪي ترجما ۽ تاليفون آهن. ”فقير مسرور“ جون اهي سموريون نثري تحريرون به سندس صوفياڻي مسلڪ جو نهايت دلپذير آئينو آهن. جنهن جي ذريعي پاڻ ساري عمر قرآن پاڪ، حديث شريف ۽ پنهنجي مرشد شهنشاهه ”فقير قادر بخش بيدل“ ﷫ جي ڏسيل حڪمن ۽ هدايتن مطابق، پنهنجي قلم کي انساني غمخواريءَ سان گڏ اخلاقيات، حڪمت، دانش ۽ انساني روحاني ترقيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ان حوالي سان سندس مسدس جو هڪ بند آهي ته:

ڪٿي عملي قدم مان پس پيل قسمت متائيندس
قلم تي پڻ رهي قابض، قوي قوت رکائيندس،
مصيبت تي اکر عشرت لکي قدرت ڪمائيندس،
سدائي ناد نصرت جو پليري پٽ وڃائيندس،
محبت ميٽ ڏاران ڪونه آهي ڪم ڀيو پنهنجو،
هلي عرش اتان آيس، هتي ڪو دم ڀيو پنهنجو.

انگريز بهادر جي سماجي نظرين تحت، صوفين تي قنوطيت ۽ فراريت جي

الزام کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي ابتدائي ايام ۾ ئي فقير مسرور ملازمت (1912ع) سان گڏ سماجي ڪمن ۾ به حصو ورتو. اٽڪل 1917ع واري پليگ جي بيماريءَ دوران، خلقت جي ڀلي جا ڪم ڪيائين. گڏوگڏ سماج لاءِ تصوف جي ضرورت کي محسوس ڪندي، شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ راڳ سماع جون محفلون شروع ڪيائين، درگاهن ۽ خانقاهن تي پنهنجي فقرائي ٽولي سميت چونڪين ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيائين. حضرت قادر بخش بيدل رحمة الله عليه، حضرت محمد محسن بيڪس رحمة الله عليه، جناب صوفي قطب شاه رحمة الله عليه، حمل فقير رحمة الله عليه، محمد صديق فقير سومري رحمة الله عليه، فقير واليڏني رحمة الله عليه، انور شاهه رحمة الله عليه، دلبر شاه رحمة الله عليه، ميرڻ شاهه رحمة الله عليه، ۽ ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام گڏ ڪري ان وقت جي نوجوان تحقيق نگارن: پروفيسر لطف الله بدوي، پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه، بولچند وسومل راجپال، جي حوالي ڪيائين. اهڙن نوجوان شاعرن خاص طور پروفيسر لطف الله بدوي، احسان احمد بدوي، شفيع احمد اوج علوي، لعل محمد لعل، الله بخش انيس انصاري ۽ شيخ اياز جي ادبي رهنمائي ڪيائين. شڪارپور، لاڙڪاڻي، شهداد ڪوٽ، ٺٽي، دادو ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ سطح تي ٿيندڙ مشاعرن ۾ شرڪت ڪيائين. لاڙڪاڻي جي ماهوار رسالي "اديب سنڌ" سان وابستگي قائم رکيائين. سنڌي، هندي، اڙدو ۽ فارسي زبانن ۾ تصوف جي رمزن سان گڏوگڏ سماجي موضوعن تي شاعري ڪيائين.

سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪليات مسرور" راقم الحروف ٻن حصن ۾ ترتيب ڏنو آهي جن مان پهريون حصو مسرور پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران مارچ 2000ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي ٻيو حصو سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيڻ وارو آهي.

"فقير مسرور جي ان ضخيم ڪلام کانسواءِ تصوف جي حوالي سان سندس ڪجهه ٻيون تصنيفون به آهن، جهڙوڪ:

1. سندس دعائيه مدح "ستگرو سائينءَ جي سوکڙي."
2. پنهنجي وطني ڀائرن لاءِ نصيحت آموز طويل مسدس، "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار."
3. انبياءَ ڪرام کي مليل سماجي تڪليفن ۽ ڏکن بابت "مسدس اسرار حسيني."
4. پنجاب جي مشهور عشقيه داستان "هير رانجهو" جو قصو مثنويءَ جي صنف ۾ تصنيف ٿيل آهن، جيڪي سنڌي ادب جا نهايت انمول شاهڪار آهن.

انهن سان گڏ، نثر ۾ به طبع آزمائي ڪئي اٿائين، جن مان ڪجهه طبعزاد ته

ڪجهه ترجما آهن جن ۾ :

1. ”سلطاني سهاڳ“: (حضرت ابو حامد بن محمد الغزالي رحمة الله عليه جي معروف تصنيف ”احياءُ علوم الدين“ ۽ ٻين معتبر ڪتابن ۽ بزرگن جي مقولن جي مدد سان لکيل). مڪمل ڪرڻ جي تاريخ: 22 ربيع الاول 1344هجري مطابق 11 آڪٽوبر 1925ع، بروز آچر.
2. ”من جي مستي“ (طبعزاد) مڪمل ٿيڻ جي تاريخ: 13 آڪٽوبر 1925ع اڳاري ڏينهن، سادي چئين وڳي منجهند.
3. ”دشمن“: (طبعزاد) مڪمل ڪرڻ جي تاريخ: 29 فيبروري 1944ع.
4. ”قيامت نامو“ (ترجمو) حضرت شاهه رفيع الدين دهلوي رحمة الله عليه جي معتبر تصنيف ”قيامت نامہ“ جو ترجمو
5. ناٽڪ ”واڇوڙو مل“.

اهڙي قسم جون لکڻيون، غريباڻي حال سبب، پريس مان شايع ڪرائي نہ هئڻ سبب، گهڻو ڪري ”فقير صاحب“ پنهنجي هٿ اکرن سان سپر باند جي اوچي پني تي اتاري، ان جون ڪاپيون تيار ڪري دوستن ۾ ورهائيندو هو، جن جي آخر ۾ يادگيريءَ طور تاريخ بہ لکي ڇڏيندو هو.

## تصنيف، تاليف ۽ ترجمي جا محرڪ:

”فقير مسرور“ جنهن دور ۾ ۽ جنهن مقصد کي اڳيان رکي تصننيف ۽ تاليف يا ترجمن جو ادبي فرض نباهيو آهي، اهو هو پنهنجي فقيري طبع ۽ عرفان سان، ان دور جي سياسي اٿل پٿل ۽ سنڌ اندر رونما ٿيندڙ مذهبي ڀيد ڀاءُ، سماجي ۽ ثقافتي تبديليءَ سبب مستقبل جي خطرن کي محسوس ڪرڻ. خود سنڌس جنم ڀومي وارو شهر شڪارپور جتي فن، فنڪار ۽ هنرمند هئا، با غ باغيچا هئا، اوطاقون ۽ اوتارا هئا، مندرن ۽ مسجدن جو احترام هو، جنهن شهر جو سموري دنيا سان وڻج واپار هو، ان جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ راڳ جي روايتن ۾ پيدا ٿيندڙ تبديليءَ ۽ پاڻ کان پوءِ جي دور بابت دوراندیشي ۽ سنڌ جي اوائل کان هلندڙ صوفي راڳ جي تحريڪ، انساني آفاقي قدرن ۽ ثقافت جي پائدار اثرن ۾، جدت ۽ جديد جي نالي ۾ غير سماجي ۽ غير اخلاقي جذبن جي شامل ٿي وڃڻ جي الميي جي احساس کيس ان پيشقدميءَ تي اياريو ۽ سنڌس صوفي مسلڪ کيس سير سفر جي شوق، گهر ٻار جي خبرچار، ملازمت ۽ مرشد جي درگاهه تي چونڪين ڏيڻ سان گڏوگڏ تصنيف، تاليف ۽ ترجمن ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو.

فقير مسرور جي انهيءَ علمي ادبي پورهيي تي ڪيترن حلقن طرفان واکاڻ ۽ سرهائيءَ جو اظهار بہ ڪيو ويو تہ ساڻ ساڻ سندس ويجهن دوستن راڳ جي سعل بابت بہ ڪنهن مقالي لکڻ جي فرمائش بہ ڪئي، جنهن سبب پاڻ راڳ بابت حجة الاسلام ابو حامد محمد بن محمد الطوسي الغزالي ﷺ جي تصنيف ”احياءِ علوم الدين“جي هڪ باب ”وجد ۽ سماع“ (رسم رواج جي حصي جي باب اٺين) جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ انمول اضافو ڪيو.

هي اهو دور هو جڏهن سنڌ کي پاڪستان جي صوبي بنائڻ لاءِ نئين قومي نظريي کي روشناس ڪرايو ٿي ويو ۽ سنڌ جي پنهنجي انسان دوستي ۽ تصوف واري روشن خيالي ۽ ثقافتي نياز نوڙت کي دقيانوسي قرار ڏنو ٿي ويو. حالانڪ ان دور ۾ راڳ سماع جي فقهي بحثن ۾ ڪافي گهٽتائي اچي وئي هئي پر راڳ ويراڳ جي تصوف واري معنوي مقصد ۾، تفريح ۽ شغل جو عنصر وڌڻ لڳو هو. ان حوالي سان فقير مسرور، امام غزالي ﷺ جي هن مذهبي، سماجي ۽ معاشي حوالي سان فقهي ۽ شرعي موضوعن بابت نهايت مدلل ۽ باڪمال ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ ضروري ڄاتو ۽ شڪارپور جي معروف عالم جناب ابو غلام بطول فقير، غلام رسول صاحب چشتي ﷺ جي مشورن سان هي ترجمو 29 آگسٽ 1925ع تي لکي پورو ڪيو ۽ سندس عنوان ”راڳ جي شرعي حيثيت“ رکيو.

”فقير مسرور“ جي ٿي هٿ اکرن ۾ لکيل هي رسالو محترم ڪريم بخش خالد صاحب مرحوم شايع ڪرائڻ لاءِ راقم الحروف کان ورتو هو. جنهن پاڻ ماهوار رسالي ”پيغام“ ڪراچي جي سالنامي (مئي، جون 1981) ۾ فقير مسرور جي هٿ اکرن واري مسودي جو فوٽو شايع ڪيو.

## امام غزالي ﷺ جو مختصر سوانحي خاڪو:

امام ابو حامد الغزالي (450_ 505 هجري، عيسوي سن مطابق 1058_ 1111) ٻارهين صديءَ جي قانون جي تمام وڏن ماهرن مان هڪ هو. هو الاهي حڪومت جو پرچارڪ ۽ روحاني فڪري سوچ جو عظيم پيشوا هو. هن فقہ، اصول فقہ، منطق، فلسفي، علم ڪلام، علم اخلاق ۽ تصوف جي موضوعن تي نهايت سنجيدگيءَ سان قلم کنيو ۽ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا.

**نالو:** سندس نالو محمد هو، جڏهن تہ سندس والد ۽ ڏاڏي جو بہ نالو محمد هو. احمد غزالي نالي کيس هڪ ننڍو ڀاءُ بہ هو.

**سندس وڏن جو پيشو:** سندس وڏا سٽ ڪتڻ (غزال) جو ڪم ڪندا هئا. سندس نانو

نانوائي هو.

**جنم:** 450 هجري مطابق 1058ع طوس ۾.

**دور:** طغرل بيگ سلجوقي حڪومت.

**ابتدائي تعليم:** پنهنجي ڳوٺ غزال (طوس) ۾ ورتائين. فقه جو ابتدائي نصاب "احمد بن محمد رازڪاني" جي درسي سلسلي ۾ ختم ڪيائين.

بعد ۾ طاهران ۾ استاد احمد بن محمد. بعد ۾ جرجان جي مدرسي ۾ ابو نصر اسماعيليءَ وٽ تعليم حاصل ڪيائين. ان زماني ۾ شاگرد گهڻو ڪري پنهنجي استادن جون تقريرون لکندا هئا. جيڪي "تعليقات" جي نالي سان منسوب هونديون هيون. امام غزالي رحمة الله عليه به امام ابو نصر جي تقريرن جو مجموعو تيار ڪيو هو. پر اهو سفر دوران ڌاڙيلن ڪانئس ڦري ورتو. ان نقصان جي صدمي سبب پاڻ بي خوف ٿي ڌاڙيلن جي سردار وٽ ويو. جنهن ڪان رڳو ان مجموعي جي گهر ڪندي چيائين:

"توهان ڇا ڏوڙ سکيو آهي، جيڪڏهن ان جو هڪڙو ڪاغذ به نه بچندو ته سمجهو اوهان به اٽيڙهيل رهجي ويندا."

ڌاڙيلن جو سردار سندس ان طعني ڪان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ڪيس ڪتاب موٽائي ڏنائين. پر وطن واپس اچي امام صاحب اهو سڄو مجموعو برزبان ياد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٽن سالن ۾ اهو واقعي ياد به ڪري ورتو.

بعد ۾ نيشاپور جي مدرسي نظاميه ۾ امام الحرمين ابوالمعليٰ الجويني وٽ علم حاصل ڪيائين. (1).

چون ٿا ته اسلام جو پهريون مدرسو "بهقيه" هو. جنهن ۾ خود امام الحرمين علم حاصل ڪيو هو. جڏهن ته تاريخن ۾ پهريون مدرسو بغداد جو "نظاميه" ليکجي ٿو. پر اها به حقيقت آهي ته شهرت وري به نيشاپور جي مدرسي "نظاميه" جي هئي. حالانڪ نيشاپور ۾ ٻيا به ڪيترا مدرسا هئا. جهڙوڪ: مدرسو سعديه ۽ نصريه. جيڪي سلطان محمود جي ڀاءُ نصر سبڪتگين جوڙايا هئا.

478 هجري، 1085ع امام الحرمين ابوالمعالي جويني رحمة الله عليه جو انتقال ٿيو ته ان وقت جي نظام ملڪ ڪيس نهايت عزت ۽ احترام سان امام الحرمين جو جانشين مقرر ڪيو.

478 هجريءَ کان 484 هجريءَ تائين درباري مصروفيتن دوران تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به شروع ڪيائين.

484 ۾ بغداد جي نظامي مدرسي جي مدرس اعليٰ علامه حسن بن علي

طبري جي وفات سبب ان جي جاءِ تي "ناظم" ۽ "مفتيءِ اعظم" مقرر ڪيو ويو. جنهن تي پاڻ 487 هجريءَ تائين فائز رهيو.

484 هجري، 1091ع ۾ بغداد جي نظاميہ مدرسي ۾ استاد رهيو. حالانڪ سلاطين خاندان سلجوقي سندس وڏي عزت ڪندو هو پر نظامي مدرسي جون ذميداريون سندس روحاني ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجڻ لڳيون تہ 488 هجريءَ ۾ مدرسہ نظاميہ کي خيرباد چئي حرمين شريفين جي زيارت تي ويو.

488 کان 498 هجريءَ تائين ڏهہ سال سانده شام، بيت المقدس ۽ حجاز ۾ بسر ڪيائين ۽ زهد عبادت سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو شغل بہ جاري رکيائين. آهستي آهستي ماڻهن کي سندس علم ۽ فضل جي خبر پئي تہ وقت جا وڏا وڏا عالم وٽس اچڻ لڳا.

498 هجري 1105ع ۾ طوس موٽي آيو. جتي هن فقهہ جو مشهور ڪتاب "احياءُ العلوم" تصنيف ڪيو.

حڪومت جي وڏي اصرار تي ذيقعد 499 هجريءَ 1106ع ۾ نيشاپور جي نظاميہ مدرسي ۾ تدريس جي ذميداري سنڀاليائين. هي عهد سلطان سنجر ولد ملڪ شاهہ سلجوقيءَ جو هو، ۽ امام غزالي رحمة الله عليه جي معروف سرپرست خواجا نظام الملڪ جو فرزند فخرالملڪ ان جو وزير هو.

500 هجريءَ ڌاري امام صاحب "المنقذ من الضلال" تصنيف ڪيو، جنهن ۾ سندس زندگيءَ جا اهم واقعا درج آهن.

امام غزالي رحمة الله عليه جيئن تہ شافعي مسلڪ جو هو، پر حڪومت حنفي مسلڪ جي هئي ان ڪري حاسدن سندس خلاف سازشون ڪيون تہ ان ڇڪتاڻ دوران پاڻ "ڪيميائي سعادت" مان ڪجهہ حصا ڪڍي سلطان سنجر سلجوقيءَ جي خدمت ۾ پيش ڪيائين ۽ مدرسي کان علحدگي اختيار ڪري ورتائين.

14 جماد الآخر 505 هجري 1111ع ۾ امام صاحب جو طوس ۾ انتقال ٿيو. سندس ڀاءُ شيخ احمد الغزاليءَ لکيو آهي تہ: "پاڻ سومر جي ڏينهن صبح جو وضو ڪري نماز فجر ادا ڪيائين، پوءِ پنهنجو ڪفن گهرايائين ۽ ان کي چمي ڏئي اکين سان لڳايائين ۽ "سمعاً و طاعةً" چئي قبلي جي پاسي منهن ڪري پير ڊگها ڪري ڇڏيائين".

سندس مزار طوس ۾ مشهور شاعر "فردوسيءَ" جي پرسان آهي.

امام غزالي رحمة الله عليه کي پٽ جو اولاد ڪونہ ٿيو، البت ڪجهہ نياڻيون هئس.

امام غزالي رحمه الله جي شاگردن جو تعداد اٽڪل هڪ هزار هو، جن مان ڪيترن ئي شهرت حاصل ڪئي، جن ۾ "محمد بن تومرت" (جنهن اسپين ۾ تاشقين خاندان کي متائي هڪ عظيم الشان سلطنت جو بنياد وڌو هو). ان ڪانسواءِ علامہ ابوبڪر رحمة الله، قاضي ابو ظفر رحمه الله، ابوالفتح رحمه الله، نصر بن محمد رحمه الله، ابوطالب رحمه الله، عبدالڪريم رازي رحمه الله، ابوالحسن رحمه الله، علي محمد جويني رحمه الله، ابوالحسن علي بن مظهر دنيوري رحمه الله وغيره آهن.

حڪيم سنائي جيڪو ابو شيخ يوسف همدانيءَ جو مريد هو، ابو يوسف همداني، شيخ ابو علي مارمدي جو مريد هو، جيڪو امام غزالي رحمه الله جو مرشد هو.

1269 هجري، 1853ع ۾ پهريون ڀيرو سندس تصنيف "احياءُ العلوم الدين" پريس جي ٽائيپ سان ٻن جلدن ۾ مصر ۾ شايع ٿي.

1864ع ۾ "احياءُ العلوم الدين" آفسيٽ تي چئن جلدن ۾ لکنوءَ هندستان ۾ شايع ٿي.

2001ع (جون) کان سندس نالي جي ويب سائيٽ شروع ڪئي وئي آهي.

حيرت انگيز ڳالهہ اها آهي تہ امام غزالي رحمه الله پنهنجي عمر جي چونجاهہ سالن جي عرصي (450_ 505 هجري، عيسوي سن مطابق 1058_ 1111) ۾ ڪهڙا نہ عظيم ڪم ڪيا آهن. ويهن سالن جي عمر کان تصنيف ۽ تاليف شروع ڪيائين، ڏهہ ٻارهن سال سير سفر ۾ گذاريائين، تعليم تدريس جو شغل قائم رکيائين، شاگردن جي ذهني فڪري تربيت ڪيائين، پري پري کان آيل فتوائن جا جواب ڏنائين، مناظرن ۽ مباحثن ۾ شرڪت ڪيائين. ان جي باوجود فقہ، اصول فقہ، منطق، فلسفي، علم ڪلام، علم اخلاق ۽ تصوف بابت سوين ڪتاب بہ لکيائين جن مان ڪيترا تہ اسلامي ملڪن ۾ ناپيد آهن (2).

## راڳ جي شرعي حيثيت (ڪتاب) جي اهميت:

تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عقلي علمن جي ابتدا عباسين جي خلافت واري دور ۾ ٿي ۽ چوٿين صديءَ تائين مسلمانن ۾ وڏا وڏا حڪيم ۽ عالم پيدا ٿيا، پر عقلي علمن جي اصل ترقي پنجين صديءَ ۾ ٿي، ۽ ان صديءَ ۾ خاص طور امام غزالي رحمه الله ۽ امام رازي رحمه الله جن انهن علمن ذريعي غير معمولي شهرت حاصل ڪئي. هن صديءَ کان اڳ مسلمانن ۾ جيڪي مشاهير پيدا ٿيا هئا، انهن مان ڪجهہ عالمن خالص فلسفي ۽ حڪمت ۾ نالو ڪڍيو هو، پر انهن جيڪي بہ ڪتاب لکيا اهي انتهائي پيچيده ۽ مبهم هئا ۽ انهن علمن جي متعلق سندن خيال

۽ نظريا نہ سمجھ ۾ ايندڙ ۽ نامڪمل هئا. ان حوالي سان پهريون شخص امام غزالي رحمة الله عليه هو جنهن انهن پيچيده معاملن کي کوليو ۽ انهن وڪريل ۽ نامڪمل خيالن جي رد ۾ قلم کنيو جنهن ڪانپوءِ امام رازي رحمة الله عليه پيدا ٿيو جنهن بہ نهايت وضاحت ۽ تفصيل سان ڪم ڪيو ۽ فلسفي ۽ علم ڪلام جي مسئلن بابت جيڪي خيال ۽ نظريا ڦهليل هئا انهن تي تنقيدي نظر وڌي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪا وضاحت ۽ جامعيت انهن جي تصنيفن ۾ ملي ٿي، اها انهن کان اڳ وارن فلسفين ۽ عالمن جي ڪتابن ۾ نہ ٿي ملي. خاص طور مولانا شبلي رحمة الله عليه جيڪا امام غزالي رحمة الله عليه جي فلسفي ۽ نظريي متعلق تشريح ڪئي آهي، اها بہ پنهنجي جاءِ تي نهايت اهم آهي." (3).

امام غزالي رحمة الله عليه جي اٽڪل 96 تصنيفن مان "احياءُ علوم الدين" تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ ديني ۽ دنيوي معاملن بابت نهايت حڪمت واريون ڳالهيون آندل آهن. شيخ ابو محمد گازروني رحمة الله عليه جو چوڻ آهي تہ: "جيڪڏهن دنيا جا سمورا علم متجي وڃن تہ احياءُ العلوم جي ذريعي ان کي زنده ڪري سگهجي ٿو."

امام غزالي رحمة الله عليه جي هيءَ بيش بها تصنيف چئن جلدن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي پهرين جلد ۾ علم ۽ ان جي فضيلت، قاعدن ۽ عقيدن تي بحث، طهارت، نماز، زڪوات، روزي، حج، تلاوت جي آداب ۽ ذڪر ۽ دعائن جي اسرارن بابت مواد آندل آهي، اهڙيءَ ريت ٻئي جلد ۾ کائڻ جا آداب، نڪاح، معاشي ڪسب، حلال ۽ حرام، الفت ۽ ڀائيچارو، گوشي نشيني، سفر جا آداب، معشيت ۽ اخلاق ۽ سماع ۽ وجد بابت سير حاصل بحث آيل آهي. ٽيون جلد نفس، روح، قلب ۽ عقل جي تمام اهم عجائبن بابت مضمونن تي مشتمل آهي، ۽ چوٿون جلد توبہ، صبر، شڪر، فقر، زهد، توحيد، توڪل، محبت، شوق، انس، رضا، نيت، اخلاص، مراقبي ۽ محاسبي، فڪر، عبرت، موت ۽ ان کان پوءِ جي معاملن تي مشتمل آهي.

امام غزالي رحمة الله عليه جي هن تاريخي تصنيف جي جلد ٻئي جو باب ائون "راڳ" کي حرام قرار ڏيڻ جي سلسلي ۾ پيدا ٿيل فقهي فتوائن جي روشنيءَ ۾ تصنيف ٿيل آهي، جنهن ۾ امام غزالي رحمة الله عليه تاريخي دليلن سان، شاعري ۽ راڳ ذريعي پيدا ٿيندڙ انهن منفي ۽ مثبت ڪيفيتن ۽ لاڙن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن جي ڪري شاعري، راڳ يا رقص، سماجي ۽ اخلاقي ڏيوالي جو سبب بڻجي ٿو.

سماع ۽ وجد بابت امام غزالي ﷫ جي تحرير ڪيل هن باب جي اهميت جو خاص سبب بہ اهو آهي جو هن ۾ ترتيبوار راڳ ۽ وجد جي تشريح ڪندي انهن بنهي موضوعن متعلق منع يا مباح جي باري ۾ عالمن جا اختلاف، راڳ ۽ وجد جا فائدا، نقصان، ادب ۽ حالتون تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن. ان سلسلي ۾ قاضي ابوطيب طبري، امام شافعي ﷫، امام مالڪ ﷫، امام اعظم ﷫، سفيان ثوري ﷫، ابو طالب مڪي ﷫ ۽ ابو سليمان ﷫ جي فتوائن، قولن، قرآني آيتن ۽ حديثن جا حوالا ڏنل آهن. جن ۾ انبياءَ ڪرام ۽ خاص طور سرڪار دو عالم ﷺ، صحابہ ڪبائر ۽ ٻين اصحابين، صالحين ۽ تابعين سڳورن جا مثال ڏئي انتهائي مشڪل ۽ طويل تاريخ کي هڪ جاءِ تي قلمبند ڪيو ويو آهي.

موجوده سماجي حالتن ۾ هن ڪتاب جي اهميت ان ڪري بہ آهي ڇاڪاڻ تہ اڄ جو انسان تيزي رفتاريءَ جي دور مان گذري رهيو آهي، اڄ اهو وقت نہ رهيو آهي جو ڪبوتر جي ٽنگ ۾ چٺي ٻڌي محبوب ڏانهن اماڻجي، يا خط ذريعي مائٽن جو احوال وٺجي، هاڻي تہ ٽپال ڪاتي واري تار جو نظام بہ متروڪ ٿي چڪو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٽيليفون جهڙي ڪارائتي ۽ بروقت ملاقات ۽ پيغام رسانيءَ جي ايجاد ڪان پوءِ هن وقت، انٽرنيٽ، ٽي وي چينل، ريڊيو ۽ اخبارن ذريعي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جون خبرون گهر ويٺي ڏسي، ٻڌي ۽ پڙهي سگهجن ٿيون، ساڳيءَ ريت موبائيل فون ۽ ڪمپيوٽر تي تصوير ۽ آواز (Audio_ video) بہ وقت ۽ وڇوٽيءَ کي مختصر ڪري ڇڏيو آهي.

پر جتي تيز رفتاريءَ جا مثبت نتيجا انساني زندگيءَ تي اثرانداز ٿي رهيا آهن تہ ساڳئي وقت انهن جديد ايجادن، انسان کي منفي ۽ غير سماجي ميدان هموار ڪري ڏيڻ جي آساني بہ فراهم ڪري ڏني آهي. انهن منفي لاڙن جي اثر سبب عام ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تہ تمام گهڻو منفي ڦيرو اچي ويو آهي پر ان اثر کان پڙهيل لکيل يا دانشور بہ بچي نہ سگهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ سماج هڪ عجب بيوسيءَ جي حالتن جو شڪار ٿي ويو آهي.

اڳ تعليم پرائڻ جو مقصد سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائڻ هوندو هو، نوجوان نسل، رول ماڊل استاد ٿيڻ لاءِ پڙهندو هو تہ ڪو سنو انجنيئر تہ ڪو سنو ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ پاڻ کي تعليم جي زيور سان سينگاريندو هو. اها تعليم، جنهن کي انسان جي ٽين اک ليکيو ويندو هو، جنهن جو سارو دارومدار سماجي ترقيءَ تي رکيل هوندو هو، اڄ انساني روشنيءَ جو اهو بنياد، ڪاپي ڪلچر ۽ سفارش سان ملازمتن،

ترقين، عهدن ۽ خطابن وٺڻ جي اونداهي ۾ انڌي کوهه ۾ اڇي ڪريو آهي. اڳ سماج پنهنجي باڪردار شخصيتن جي اصولن جا مثال ڏئي، اخلاقيات کي قائم رکڻ ۾ رڌل هوندو هو، پر هن وقت اخلاقي فقدان ايترو وڌي ويو آهي جو تيزيءَ سان ترقي ڪندڙ سماج به لاقانونيت جي شڪنجي ۾ ڦاسي پيو آهي.

هي اهو دور آهي جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي آسانين لاءِ وقت ۽ وڇوٽيءَ کي مختصر ڪندڙ تيز ترين ايجادون ڪيون ويو آهن، پر انهن ايجادن ۽ آسانين، اڄ جي انسان جي ذهني ۽ جسماني مدافعت به گهٽائي ڇڏي آهي، هاڻي هو زندگيءَ جي آسائشن لاءِ ڪيل ايجادن مان حياتياتي ڪارج حاصل ڪرڻ بجاءِ ان مان تفريح ۽ ذهني سڪون حاصل ڪري رهيو آهي، ۽ تفريح ۽ سڪون جي ان تلاش ۾ زندگيءَ جي منفي لاڙن کي پنهنجي جياپي جو بنياد بڻائي ورتو آهي. اخلاق سان پيش اچڻ بجاءِ بداخلاقيءَ جو رحجان پيدا ٿي ويو آهي، ننڍي وڏي جي عزت هڪ پراڻو قصو بڻجي ويو آهي، اڳي ور ۾ چاقو کڻي هلندڙ شخص، بدمعاش ليکبو هو پر هاڻي سرِ عام ڪلاشنڪوف کڻي هلندڙ کي هرڪو نوڙي سلام ٿو ڪري. چور، ڌاڙيل جيڪو نياڻين ڏانهن هٿ وڌائڻ بجاءِ رئو کڻي انهن جي مٿي تي رکندو هو، انهن جا اهي ٻه چار اخلاقي اصول به هاڻي ختم ٿي ويا آهن.

ساڳيو حال شاعريءَ، موسيقيءَ، ثقافت يا علم ادب جي ٻين شعبن جو به ٿي ويو آهي. اڳ دنيا جو هر ملڪ پنهنجي خاص تهذيب، تمدن يا ثقافت تائين محدود هوندو هو پر هاڻي ان جي جاءِ تي اليڪٽرانڪ انقلاب، ريڊيو، ٽي وي، وي سي آر، ڪمپيوٽر، موبائيل فون ۽ انٽرنيٽ ساري دنيا جي وچ ۾ هڪ مضبوط رابطو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ٽي ويءَ جي نشريات دنيا کي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪري هاڻي قومن جو پنهنجو ثقافتي مزاج تبديل ٿي رهيو آهي ۽ ان جاءِ تي سموري دنيا هڪ نئين تهذيب جي محور تي گهمڻ شروع ڪيو آهي.

اڳ واپرائڻ جي شين ۾ ملاوٽ جو رڳو تصور ڪرڻ به گناهه سمجهيو ويندو هو، پر هن دور ۾ هر شيءِ ۾ ملاوٽ جو رحجان اڄ جي انساني صحت لاءِ مفيد سمجهيو ٿو وڃي، جنهن ڪري انساني جسم جي اعصابي مدافعت ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽتائي ايندي ٿي وڃي. اڳ ٻين جو استحصال ڪري مال ملڪيت گڏ ڪرڻ ۽ غلط طريقن سان وڏا عهدا ماڻڻ عيب ليکيو ويندو هو ۽ اهڙن ماڻهن جي عزت به ڪانه هوندي هئي، پر مال ملڪيت گڏ ڪرڻ، ٻين جو استحصال ڪرڻ ۽ پئسي ۽ سفارش جي زور تي وڏا عهدا ماڻڻ، اڄ جي دور جي اهم مجبوري بڻجي ويو آهي. اڳ بندوق،

پستول يا چاقو شيل شڪار يا پنهنجي حفاظت لاءِ استعمال ٿيندو هو، پر هاڻي بيگناهه انسانن کي مارڻ، چورين، ڌاڙن ۽ ڦرين لاءِ هٿيارن جو استعمال عام جام ٿي پيو آهي.

اخبارون سياسي تعلق سبب پنهنجي خاص پارٽيءَ جي نظريي جي پرچار ۾ رڌل آهن، ۽ خبرن وسيلي به جانبداريءَ جي اظهار کي پنهنجو حق سمجهڻ لڳيون آهن. ڇپجندڙ رسالن ۾ علم ادب جو وڏو فقدان آهي، جن ۾ به گهٽو ڪري اشتهارن کي اهميت ڏني ٿي وڃي ۽ اشتهارن کي ئي رسالي جو معيار سمجهيو وڃي ٿو، ۽ اشتهار وري، پڙهندڙن جي ذهني لذت لاءِ پيش ڪيل مواد ۽ تصويرن جي شرطن تي شايع ٿين ٿا، ۽ پڙهندڙ ان کي پنهنجي دور جو علم ادب ۽ ثقافت سمجهي قبول ڪري ويٺو آهي، نتيجي ۾ خالص علمي ادبي رسالن جي اشاعت ۾ گهٽتائي اچي وئي آهي، هڪ ته اهڙا ڪتاب يا رسالا ڇپجن گهٽ ٿا متان پنجهاهه لک پڙهيل لکيل ماڻهن مان علمي ادبي رسالن يا ڪتابن خريد ڪري پڙهندڙن جو تعداد هڪ هزار به نه رهيو آهي.

ريڊيو تان غير ملڪي گانن جي ڌنن تي راڳ پيش ٿيڻ عام ٿي ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ خود صوفياڻو راڳ، جيڪو ماڻهوءَ جي روحاني ترقيءَ جي لحاظ کان مخصوص ڍار ۽ ديسي راڳن ۾ ڳائبو هو اهو به نقلي ڌنن جي ور چڙهي ويو آهي. شاهه لطيف جو ميلو هجي يا ڪنهن ٻئي بزرگ جو، اتي به انهن بزرگن جي آفاقي ۽ انساني فڪري سوچ جي اڏام ۾ اضافو ڪندڙ ڪلامن بجاءِ فلمي گانن جي نقلي ڌنن تي، نهايت سطحي شاعريءَ وارا ڪلام پيش ٿيڻ لڳا آهن. جيڪي عام اسٽيج پروگرامن ۽ نجي محفلن ۾ ور ور ڪري ڳائجڻ لڳا آهن. جن تي ماڻهو هنبوڇيون هڻي، جهمريون پائي يا ڪلاشڪوف جا برسٽ هلائي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ لڳا آهن. ساڳيءَ ريت شادين مرادين ۾ جتي دهل ۽ شهنائي وڄڻ جو آواز ايندو هو اتي هاڻي ڪلاشنڪوف ۽ پمپ گن جا برسٽ ۽ ٺي ٺي پستولن جا ٺڪاءَ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

اهڙي صورتحال لاءِ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه "پرياتي" ۾ نهايت درست فرمايو آهي:

اڄ نه سڄي اڳهين، ڪا تنبيرن تنوار،
مڙهيون مڳٿهار، پوري ڪنهن پار ويا.

سينيما جي پردي تي، زندگيءَ سان ڀرپور ۽ سبق آموز فلمون نظر اينديون هيون، پر وقت گذرڻ سان سينيمائن تي هلندڙ غنده گرديءَ سبب ماڻهن وي سي آر

خريد ڪري، سينيما گهرن تي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڌڪن ڪائڻ بجاءِ، گهر ۾ فلم ڏسڻ کي ترجيح ڏني، گڏوگڏ فلمي موضوعن ۾ به سماجي ناسور کي پيش ڪرڻ جا طريقا تبديل ٿي ويا. هاڻي اها فلم هٽ ليکي وڃي ٿي جنهن ۾ رنگين روشنين ۾ نظر ايندڙ اگهاڙن جسمن ۽ انتهائي قيمتي لباس، بگڙيل ٻولي ۽ لهجي، ڪردارن جي شراب پيئڻ، نچڻ، وڙهڻ ۽ مڪالمن جو چشڪو وڌيڪ هجي ٿو.

اڳ جڏهن سينيما هائوس ۾ فلم لڳندي هئي ته فلمن جو خاص شوق رکندڙ تماشبين، سينيما ۾ فلم ڏسڻ ويندا هئا. پر هاڻي جڏهن کان اليڪٽرانڪ ميڊيا جو رواج پيو آهي ته گهر گهر ٽي وي هلي رهي آهي، جنهن جي اسڪرين تي هاڻي رڳو فلمي دنيا جون رنگينيون نه ٿيون ڏيکاريون وڃن. پر ان اسڪرين ذريعي، سماجي، اخلاقي، علمي معلومات بجاءِ بيهودي ناچ، جنسي رغبت پيدا ڪندڙ منظر، عياش طبقي کي هرڪائڻ لاءِ اڌ اگهاڙين عورتن جا فيشن شو، محتاجيءَ ۽ درد کي اڀاريندڙ شاعري، رقص لاءِ اڀاريندڙ موسيقي ۽ غير اخلاقي مزاح ۽ هرڪنهن جو پٽڪو لاهڻ واري طنز جي پروگرامن جي ڀرمار ذريعي اڄ جي انسان کي تفريح مهيا ڪئي وڃي ٿي.

هي ڪتاب ظاهري طور تي راڳ سماع يا وجد جي سلسلي بابت سمجهاڻين تي ٻڌل آهي پر هن ڪتاب جي مطالعي کي زندگيءَ جي ٻين شعبن سان به سلهاڙيو ته يقينن ان مان اسان جي نسل کي تمام وڏو لاڀ حاصل ٿيندو. ۽ بنيادي ڳالهه به اها ئي آهي، جا هن ڪتاب جي مطالعي سبب واضع ٿي سامهون اچي ٿي ۽ اسان هن ڪتاب جي مطالعي ذريعي انهن شرعي پابندين جي لاڳو ٿيڻ واري اصل حقيقتن کان آگاهه ٿيون ٿا ته:

آخر شاعريءَ، راڳ يا رقص تي پابندي وجهڻ جو مقصد ڪهڙو هو؟

ان ۾ شڪ نه آهي ته اهو ڪارنامو حضرت امام غزالي ﷫ جي راڳ متعلق ڏنل ڪسوٽين (حرام، مڪروه، مباح ۽ مستحب) سبب رونما ٿيو آهي، جو هڪ طرف فقهي پابندين جو جواز سامهون آيو ته ٻئي طرف علم ۽ فن جي حيثيت ۾ موسيقيءَ سان مسلمانن جي دلچسپيءَ جي اثر هيٺ صوفين کي پنهنجي سماع ۽ وجد واري عمل ذريعي، انساني شرف، سماجي ڀائيچاري ۽ امن سلامتيءَ جي ان سموري عمل جو جواز مليو، جنهن جي سمجهاڻيءَ لاءِ ”فقير مسرور“ جي غزل جي هيءَ هڪ سٽ نهايت مناسب آهي:

ڏس ذريعي ضرب مضرب سان وڃي ٿو جيئن رباب.

حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته:

”هڪ جماعت جي خيال ۾ راڳ ڪرڻ وارن جا ٻه قسم آهن: هڪڙا کيل تماشي وارا ۽ ٻيا الله سان لاڳاپي رکڻ وارا. پهرئين قسم جا ماڻهو فتني وارا هوندا آهن ۽ خوف ۾ مبتلا رهندا آهن. الله پاڪ سان لاڳاپي رکڻ وارا پنهنجي مجاهدي، رياضت ۽ لاڳاپن لاهڻ جي ڪري فتنن کان بچيل هوندا آهن. ڪين ڪوبه خوف نه هوندو آهي. مٿين ٻنهي جماعتن مان پهرينءَ کي ”لاهي“ ۽ ٻيءَ کي ”الاهي“ چوندا آهن. اسان ”لاهي“ نه آهيون تنهن ڪري راڳ کي ترڪ ڪرڻ اسان لاءِ بهتر آهي ۽ اسان اهڙي شيءِ ۾ مشغول رهڻ چاهيون ٿا. جيڪا اسان جي وقت سان موافق هجي.“

هڪ ٻي جماعت جو خيال آهي ته جڏهن عام ماڻهو لاءِ راڳ ۾ فتنو آهي ۽ اسان جي راڳ جي ڪري ماڻهو بي دين ۽ محجوب ٿين ٿا ته اسان عام ماڻهن کي نصيحت ڪريون ٿا ۽ غيريت جي ڪري ڪنارو ڪريون ٿا. اهو طريقو تمام سٺو آهي. هڪ ٻي جماعت جي عقيدي موجب حضور سرور ڪونين صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته:

”مِنْ حُسْنِ إِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْكُهُ مَا لَا يَعْنِيْهِ“ يعني ماڻهوءَ جو سولو اسلام اهو آهي ته اهڙين ڳالهين کي ڇڏي ڏي، جن جي کيس ضرورت نه هجي.“

يعني ان شيءِ کان منهن موڙي ڇڏي، جنهن کان پري ٿيڻ لازم هجي، ڇو جو غير ضروري ۽ بي سود ڳالهين ۾ مشغول هجڻ وقت وڃائڻ آهي. پنهنجي ساٿين جو قيمتي وقت برباد نه ڪريو. ڪجهه خاص صوفين چيو آهي ته: ”راڳ جي حيثيت ”خبر“ واري آهي ۽ ان جي لذت حاصل ڪرڻ ”ٻاراڻو کيل“ آهي، مشاهدي ۾ خبر جي ڪا قيمت نه هوندي آهي. فقط مشاهدي سان واسطو رکڻ گهرجي.“(4).

صوفي سڳورن سماع کي نه رڳو روح جي غذا طور قائم رکيو پر انهن، وحدت ڪثرت جي سمجهاڻين کي به پنهنجي شعر جو موضوع بڻايو آهي. پر سنڌ جي ڪيترن ئي نامور شاعرن، ”سماع ۽ وجد“ جي ان معاملي جي وضاحت جي سلسلي ۾ شاعريءَ، راڳ ۽ سازن کي باطني فڪري پرواز جي علامت طور (رڳون ٿيون رباب. وڄن ويل سڀ ڪنهين) پيش ڪري انهن جي حرام ۽ حلال واري معاملي کي ئي مڪائي ڇڏيو آهي. خود فقير مسرور جي خيال جي پرواز ۽ قلبي وارداتن لاءِ سماع ۽ وجد کي ضروري ڄاڻيندي فرمايو آهي:

مرغ لاهوتيءَ سندي لتڪار ۽ للڪار ٻڌ،
طبع کي جا تر ڪري، سا تال واري تال ٻڌ.

ان سلسلي ۾ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه فرمائي ٿو:

جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين،
وڃيو لنوَ لائين، ڀريان سندي ڀار ڏي.

اهڙيءَ ريت ذڪر ۽ عبادت کي راڳن ۽ سازن جي علامت ڪري سر آسا ۾ لطيف سائينءَ فرمايو آهي تہ:

تن تسبيح، من مٽيو، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن،
وحده لا شريڪ لہ، اهو راڳ رڳن،
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت جن جي.

امام غزالي ﷫ پنهنجي تصنيف "مڪاشفة القلوب" ۾ لکي ٿو تہ:

"قاضي ابو طيب الطبري ﷫: حضرت امام شافعي ﷫، امام ابو حنيفہ ﷫، امام مالڪ ﷫، حضرت سفيان ﷫، حسنين ڪريمين ۽ عالمن سڳورن جي هڪ جماعت جا اهي قول نقل ڪيا آهن، جن مان واضح ٿئي ٿو تہ اهي سماع جا قائل نہ هئا:

"امام شافعي ﷫ پنهنجي ڪتاب "آداب القضاءِ" ۾ لکي ٿو تہ: "غنا هڪ نامناسب ۽ مڪروهہ چيز آهي، جيڪو ان ۾ مشغول هوندو اهو بي سمجهہ آهي ۽ ان جي شاهدي قبول نہ ڪئي ويندي."

قاضي ابو طيب ﷫ چيو تہ: "امام شافعي ﷫ ۽ ان جي ڀوئلڳن چيو آهي تہ غير محرم عورت کان راڳ ٻڌڻ، ڀلي تہ اها ڀردي ۾ هجي يا سامهون، آزاد هجي يا ٻانهي، هر صورت ۾ ناجائز آهي."

قاضي صاحب، امام شافعي ﷫ جو قول نقل ڪيو آهي تہ: "ٻانهيءَ جو مالڪ جيڪڏهن ان جي راڳ ٻڌڻ لاءِ ڪنهن کي گڏ ڪري تہ اهو بيوقوف آهي، ان جي شاهدي مردود آهي."

امام شافعي ﷫ ڪاٺيءَ جي ٻن ڏوڪلن کي وڄائي آواز پيدا ڪرڻ کي مڪروهہ قرار ڏنو آهي ۽ فرمايو آهي تہ اها بي دينن جي ايجاد آهي، تہ جيئن ماڻهن جو ڌيان قرآن حڪيم کان هٽائجي.

امام شافعي ﷫ وٽ ڳوٽڻن سان کيڏڻ، کيڏڻ جي سڀني راندين کان بري راند آهي. پاڻ فرمايائون تہ مان شطرنج کي تہ پسند نہ ڪندو آهيان، پر جيڪي اها راند کيڏندا آهن مان انهن کي بہ پسند نہ ڪندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ اهو نہ رڳو سٺن ماڻهن جو ڪم نہ آهي پر اهو دين جي سلسلي ۾ بہ خراب آهي.

امام مالڪ ﷫ موسيقيءَ کان منع فرمايو آهي ۽ سندس قول آهي تہ جڏهن ڪو شخص ڪا ٻانهي خريد ڪري ۽ ڪيس بعد ۾ خبر پوي تہ اها ڳائڻي آهي تہ ان کي واپس ڪرڻ جو حق آهي.

حضرت ابراهيم بن سعد ﷫ کان علاوه مديني جي سمورن رهاڪن جو اهو عقيدو آهي.

امام ابو حنيفہ ﷫ بہ راڳ کي مڪروھ ڀائيندو هو. هن وٽ راڳ ٻڌڻ گناه ۾ شامل آهي ۽ تمام عالمن، ڪوفي جي رهاڪن، حضرت سفيان ثوري ﷫، شيخ حماد ۽ ابراهيم ﷫ جو اهو مسلڪ هو.

## سماع جي جواز جا دليل:

حضرت ابو طالب مڪي ﷫ هڪ جماعت جي سماع کي جائز قرار ڏيڻ جو جواز نقل ڪيو آهي. هن جي قول مطابق صحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ اجمعين مان حضرت عبدالله بن جعفر ﷜، عبدالله بن زبير ﷜ مان عبدالله هادي ۽ مهدي حضرت معاويہ ﷜ کان راڳ جي جائز هجڻ جو نقل ڪيو آهي. حضرت ابوطالب مڪي ﷫ بہ نقل ڪيو آهي تہ: ”سلف الصالحين منجهان اصحاب سڳورن ۽ تابعين جي وڏي جماعت سماع کي سٺو ڀائيندي هئي ۽ اسان وٽ حجاز وارا مڪي معظم ۾ سال جي وڏن ڏينهن تي سماع ٻڌندا هئا. وڏن ڏينهن مان مراد اهي ڏينهن جن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن لاءِ عبادت جو ذڪر ڪيو آهي ۽ عبادت جو حڪم ڏنو آهي، جهڙوڪ: ايام تشريق وغيره. ۽ اسان جي زماني تائين مديني وارا بہ مڪي وارن جيان سدائين پابندي سان سماع ٻڌندا هئا.

حضرت ابو طالب مڪي ﷫ اهو قول نقل ڪيو آهي تہ: ”ابوالحسن بن سالم ﷫ کي چيو تہ سماع کان ڪيئن ٿو انڪار ڪرين، ڇاڪاڻ تہ حضرت جنيد بغدادي ﷫، ذوالنون مصري ﷫ ۽ سري سقطي ﷫ راڳ ٻڌندا هئا ۽ انهن ان جي اجازت ڏني آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ حضرت عبدالله بن جعفر طيار ﷜ سماع ٻڌندا هئا، ۽ سماع دوران فضول گفتگو جي بہ منع فرمائي هئي.

حضرت يحيٰ بن معاذ ﷫ کان روايت آهي، پاڻ فرمايائون تہ: ”اسان ٽن شين کي گم ڪري ڇڏيو آهي، جن کي اسان وري نہ ڏٺو آهي، جيئن جيئن وقت گذرندو ويو اهي گم ٿينديون ويون. يعني اهي حسين چهرا جيڪي پاڪباز هجن، سچي ڳالھ، جنهن ۾ ديانت جي جهلڪ نمايان هجي، بهترن ڀائي چارو، جنهن ۾ وفا ئي وفا هجي.“

ڪيترن ڪتابن ۾ اهو قول بلڪل ان ريت ئي جناب حارث محاسبي رحمة الله عليه سان بہ منسوب ڪري، نقل ڪيل بہ ملي ٿو ۽ ان ۾ اهڙي ڳالهہ بہ نظر اچي ٿي، جا ان جي زهد، پاڪبازي ۽ ديني معاملن ۾ سندس جدوجهد ۽ اهتمام جي باوجود ان امر تي دلالت ڪري ٿي تہ هو سماع لاءِ ڏنل جوازن جو قائل هو.

حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه جو ارشاد آهي تہ: "ان گروهہ تي خاص ٽن موقعن تي الله پاڪ جي رحمت نازل ٿيندي آهي،

هڪ ڪاڌي ڪائڻ وقت، ڇاڪاڻ تہ اهي بک ڪانسواءِ نہ ڪائيندا آهن.

ٻيو گفتگو ڪرڻ وقت، ڇاڪاڻ تہ اهي صديقن جي مقامن ۽ حالتن ڪانسواءِ ٻي ڪا گفتگو نہ ڪندا آهن. ٽيون سماع جي وقت، ڇاڪاڻ تہ اهي جذب ۽ شوق سان ٻڌندا آهن ۽ حق جي گواهي ڏيندا آهن." (5).

فقهہ جي امامن ڪانسواءِ بہ راڳ جي باري ۾ وڏن وڏن مشائخن پنهنجا رايا ظاهر ڪيا آهن، جن مان ڪجهہ اهم خيال حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه پنهنجي تصنيف "ڪشف المحجوب" ۾ بہ آندا آهن جيڪي هن ڏس ۾ نهايت اهميت رکن ٿا:

"حضرت ذوالنون مصري رحمة الله عليه فرمايو آهي:

"(السماع وارد حق يزعج القلوب إلى الحقِّ فمن أصغى إليه بحق تحقق ومن أصغى إليه بنفس تزندق! ) راڳ الله جو انعام آهي، جيڪو دلين کي الله ڏانهن ڌيان ڏياريندو آهي. جنهن حقيقت کي نظر ۾ رکيو اهو الله ڏانهن هليو ۽ جنهن جي آڏو نفساني خواهش رهي اهو ڀٽڪي ويو."

حضرت شبلي رحمة الله عليه جو قول آهي: "(السماع ظاهره فتنة وباطنه عبرة. فمن عرف الإشارة حل له السماع وإلا فقد استدعى الفتنة وتعرض للبلية) راڳ ظاهر ۾ فتنو آهي ۽ باطن ۾ عبرت، جيڪو اشارو سمجهندڙ آهي ان لاءِ عبرت وٺڻ مباح آهي، ٻي حالت ۾ سموري طلب فتنو آهي ۽ مصيبت کي دعوت ڏيڻ آهي."

حضرت ابو علي رودباري رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ " ليتنا تخلصنا راس براس" يعني ڪاش اسان راڳ کان سراسر بچي نڪرون، ڇو جو انسان هر شيءِ جو حق ادا ڪري نہ ٿو سگهي." (6).

انهن حوالن جي روشنيءَ ۾ ڏسبو تہ اصل ۾ شرعي پابنديون صوفي بزرگن جي سماع جي سلسلي يا حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ڪندڙ پاڪيزه احساسن ۽ دلي سرور پيدا ڪرڻ وارن صوفي بزرگن لاءِ نہ هيون، پر هڪ اهڙي طبقي جي غير سماجي

عمل جي ڪري وجود ۾ آيون هيون. جن جي راڳ، رقص ۽ شراب جي استعمال سبب معاشري ۾ اخلاقي بگاڙ پيدا ٿي رهيو هو. ۽ "انهن فقهي پابندين جو بنيادي مقصد به سماجي ۽ اخلاقي بگاڙي کان بچڻ هو."

ايتري حد تائين جو جيڪي ساز سرود انهيءَ عياشيءَ دوران وڄايا ٿي ويا، يا شراب لاءِ استعمال ٿيندڙ جيڪي ٿانوَ هئا، انهن کي به حرام قرار ڏنو ويو هو. حالانڪ اهي ساز ۽ ٿانوَ پاڻ بي جان هئا پر جيئن ته اهي گناهه جي ارتڪاب ۾ استعمال پئي ٿيا، ان ڪري اها سختي انهن تي به لاڳو ڪئي وئي هئي.

احياءِ علوم الدين جي هن "سماع ۽ وجد" واري باب ۾ به ان ڳالهه تي بحث ڪيل آهي ته اهي ساز شراب خوري ۽ زنا جي عمل ۾ لطف ۽ سرور پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيڻ سبب حرام قرار ڏنا ويا هئا. ان سلسلي ۾ سيدنا حضرت شاهه محمد عبدالشڪور قادري چشتي جهانگيري رحمة الله عليه جو فرمان آهي ته:

"جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن تي شراب جي ممانعت بابت وحي نازل ٿي ته جيئن ته شراب خوريءَ وقت مزامير وڄايا ويندا هئا، ان ڪري انهن جو وڄائڻ به حرام قرار ڏنو ويو. مطلب ته شراب جي ياد ڏيارڻ لاءِ انهن جي وڄائڻ کي حرام قرار ڏنو ويو، نه ڪي اهي ساز پاڻ حرام آهن. پر جڏهن سبب ختم ٿي ويو ته اهي ئي دف، جهانجهه، لڙائين ۽ شادين ۾ وڄائڻ مباح ٿيا. اهڙيءَ ريت الله پاڪ جي قدرت ۽ فطرت جا مشاهدا ماڻڻ لاءِ مزامير، نفس جي ڪدورت کي صاف ڪرڻ وارا بڻايا ويا، انهن جي وڄائڻ کي اسفل کان اعليٰ جي طرف ترقي ڏياري وئي، آواز کي روح جي حسن ۽ قوت جو باعث بنايو ويو. (7).

امام غزالي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته: " مزامير وڄائڻ کان منع جا ٽي سبب هئا، هڪ ته اسلام کان اڳ اهي شراب خوريءَ سبب وڄايا ويندا هئا، ٻيو ته انهن جي وڄڻ سان شراب خوريءَ ۾ اضافو ٿيڻ لڳو هو، جنهن ڪري ماڻهو شراب خوري، ڪوڙ ۽ منافقيءَ جي چار ۾ جڪڙيا ٿي ويا ۽ ٽيون ته اجتماع ۽ اجماع دوران به انهن سازن جي وڄائڻ سان لطف اندوز ٿيندا هئا. پر اها منع رڳو مسلمانن کي ڪئي وئي هئي، ڪافرن کي نه (8).

ساڳي صورتحال اڄوڪي دور جي جديد ايجادن سان به لاڳو آهي، ڇاڪاڻ ته اخبار، ريڊيو، ٽي وي، وي سي آر، ڪمپيوٽر يا موبائيل فون به جيڪڏهن، سماجي، ديني يا اخلاقي علم، فڪري مطالعي، ثقافتي ترقيءَ يا هڪ ٻئي سان فوري رابطي بجاءِ، جنسي عياشي، جبر ۽ ظلم يا سستيءَ، وانڊڪائيءَ ۽ ونڊر جي رحجانن کي

وڌائيندڙ آهن. وڏي ڳالھ اها آهي تہ انهن سائنسي ايجادن جو غلط استعمال، ذهني نشو ونما ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري رهيو آهي، اهڙي صورتحال ۾ انهن سمورن فني مهارت رکندڙ ماڻهن جي ان منفي عمل سان گڏ انهن مشيني اوزارن تي بہ اخلاقي ۽ سماجي پابندي لاڳو ٿئي ٿي.

راڳ جي حرام قرار ڏيڻ بابت وڏن وڏن مشائخن فتوائون ڏنيون آهن، انهن اختلافي روايتن مان ڪجھ روايتون "ڪشف المحجوب" ۾ بہ آيل آهن، جهڙوڪ:

"جناب رسول الله ﷺ جن حسان بن ثابت جي ڪنيز کي ڳائڻ کان تنبيھ ڪئي هئي. حضرت عمر رضي الله عنه هڪ صحابيءَ کي درا هنيا هئا، ڇاڪاڻ تہ هو ڳائي رهيو هو. حضرت علي ڪرم الله وجھ جو معاويہ تي ان ڳالھ جي ڪري اعتراض هو تہ هن ڳائڻ واريون لونڊيون ڇو رکيون هيون. پاڻ پنهنجي فرزند حضرت حسن رضي الله عنه کي هڪ حبشي عورت جي ڏسڻ کان منع فرمائي هئائون، جيڪا ڳائي رهي هئي ۽ جنهن لاءِ چيائون تہ: "شيطان جي سنگتياڻي آهي." اهڙيون ڪيتريون شيون آهن جيڪي شعرن ۽ قصيدن ڳائڻ جي منع تي گواهي ڏين ٿيون. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ ڳائڻ کي مڪروھ سمجهڻ لاءِ سڀ کان وڏو دليل امت جو اجماع آهي. هڪ جماعت تہ هن کي بلڪل حرام سڏيو آهي. ان باري ۾ حضرت ابوالحارث کان روايت آهي تہ:

"هو راڳ لاءِ گهڻو زور ڏيندو هو. هڪ رات ڪو ماڻهو سندس عبادت خاني ۾ آيو ۽ چيائين :

"الله وارن جي هڪ جماعت ڪٺي ٿي آهي، اهي سڀ اوهان جي ديدار جا مشتاق آهن، مهرباني ڪري هلندا تہ ڪرم سمجهنداسون."

شيخ چيو: "مان اچان ٿو."

ٻاهر نڪري هو ان جي پٺيان هليو، ٿورو اڳتي هليو تہ ڪجھ ماڻهو مليس، جيڪي حلقو ٻڌيو ويٺا هئا. انهن جي وچ ۾ هڪ پوڙهو بہ موجود هو. انهن سندس وڏي تعظيم ڪئي. پوڙهي چيو:

"اجازت هجي تہ ڪجھ شعر ٻڌايان."

شيخ عرض قبول ڪيو، ماڻهو سٺي سر سان شعر پڙهڻ لڳا، اهي اهڙا شعر هئا جيڪي شاعر عام طور جدائيءَ ۾ لکندا آهن. سڀ ماڻهو وجد ۾ اچي بيهي رهيا ۽ نعرا هڻڻ ۽ اشارا ڪرڻ لڳا. حضرت ابوالحارث رحمه الله کي سندن حال تي تعجب ٿيو، مگر خوشيءَ جي محفل گرم رهي، ايتري تائين جو صبح ٿي ويو. ان وقت پوڙهي چيو:

"اي شيخ تو اهو بہ نہ پڇيو آهي تہ مان ڪير آهيان ۽ هيءَ جماعت ڪهڙن

ماڻهن جي آهي؟“

شيخ چيو: مان تنهنجي رعب جي ڪري سوال ڪري نہ سگهيو آهيان.“

هن چيو: ”مان عزازيل آهيان ۽ هي سڀ ماڻهو منهنجا فرزند آهن. اهڙيءَ طرح ويهڻ ۽ ڳائڻ ۾ مون ڪي بہ فائدا آهن: هڪ تہ مان پنهنجي جدائيءَ جي مصيبت ۾ رئان ٿو ۽ پنهنجي عزت وارن ڏينهن ڪي ياد ٿو ڪريان ۽ ٻيو اهو تہ عابد ماڻهن ڪي الله جي رستي کان دور ڪريان ٿو ۽ غلط رستي تي آڻيان ٿو.“

حضرت ابوالحارث چيو تہ ان وقت ئي منهنجي دل مان راڳ جو شوق ختم ٿي ويو.“

مون (علي بن عثمان) شيخ ابوالعباس الشقاني کان ٻڌو. هن فرمايو:

”مان هڪ ڏينهن هڪ ميڙ ۾ هئس. ڪجهہ ماڻهو راڳ ڳائي رهيا هئا. مون ڏٺو تہ اگهاڙا جِنَ نچي رهيا هئا، ۽ سڀ ماڻهو انهن ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ جوش ڏيکاري رهيا هئا.“

هڪ ٻي جماعت ان لاءِ راڳ جي قائل نہ آهي تہ متان سندن مريد مصيبت ۽ بيڪاريءَ ۾ مبتلا ٿي وڃن. سندن پيرويءَ کان هٽي وڃن ۽ توبهہ جو خيال ڇڏي گناهن ۾ مشغول ٿي وڃن يا نفساني خواهش سندن ارادن کي ٽوڙي ڇڏي. اهي ماڻهو راڳ (سماع) جا قائل نہ آهن ۽ نہ ئي وري راڳ وارن وٽ ويهندا آهن.“(9).

راڳ جي ان بحث جي سلسلي ۾ خود امام غزالي ﷫ هڪ جاءِ تي سمجهائيندي نهايت سولو مثال ڏنو آهي تہ: ”مثال طور هڪ شخص فرض حج ادا ڪيو آهي ۽ هاڻي ان کي ماءُ پيءُ وڃڻ جي اجازت نہ ٿا ڏين تہ ان کي حج تي وڃڻ حرام آهي، ۽ پڻ راڳ سان ان جو شوق، بہ حرام آهي. انهيءَ سبب ڪري تہ حرام ڳالهہ جو شوق وڌائڻ بہ حرام آهي.“

ان سموري صورتحال ۾ فقهہ جي پابند، شرعي عالمن، صوفي عارفن تہ پنهنجي پرهيزگاريءَ ۽ پارسائيءَ جو ثبوت هر دور ۾ پئي ڏنو آهي پر ڏٺو اهو ويو تہ اسلام جي اچڻ کانپوءِ بہ، هيترين سارين سماجي، اخلاقي يا ديني پابندين جي باوجود، هڪ اهڙو طبقو سماج ۾ وري بہ موجود رهندو آيو آهي، جنهن جي غير سماجي عمل ۾ ڪابہ گهتتائي اچي ڪانہ سگهي آهي. شرعي طور رقص سرود کي ناجاز قرار ڏيڻ بہ اصل ۾ شراب پيئڻ ۽ زنا ڪرڻ جي ارتڪاب سبب هو، پر ان خاص طبقي پنهنجي مال دولت جي فراوانيءَ سبب نہ شراب پيئڻ ڇڏيو آهي، نہ ئي پنهنجي انسان هجڻ واري حيثيت ۾ ڪڏهن معاشرتي پابندين جي پرواهہ ڪئي آهي!

اتلو ان طبقي سماج کي پنهنجي عادتن تي هيرائڻ جو ڪم پئي ڪيو آهي ۽ وڏي ڳالهه ته هو ان ڪم ۾ ڪاميابيون به ماڻيندو رهيو آهي، ۽ عوام کي ڀنگ، چرس، شراب، هيروئن، زناڪارين ۽ هٿيارن جون عياشيون ڪرائي انهن جو دين ايمان غارت ڪري رهيو آهي. نتيجي ۾ اڄ کلهه به رقص يا سنگيت کي ذهني ۽ جسماني عياشيءَ لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي.

زندگيءَ ۾ قباحت جي عنصرن کي سونهن جي نالي ۾ سماج تي اثرانداز ٿيڻ واري ان طبقي لاءِ ئي حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه فرمايو آهي ته:

جو فرمودو فائق جو تاڏي ڪن نه ڪن،
وَفِي اَنفُسِكُم اَفَلَا تُبصِرُون، هن ويسهه نه وسهن،
ٻين ٻين معنائن ۾ ڪاهت ڪيون ڪهن.
پڙهيون سمجهيون علم تي، عمل نه آڻن،
مَن تَعلَم العِلم لِلمَنَاظِره وَالمَڪَابِره. اهي منافق مرن.
ڪي دنيا جي طلب ۾، هنيا حرص هَڄن،
طالب دنيا مخَنِث، محبت ناهي تن،
ڪي ڪوڏيا عقبىٰ جا ٿيا، هنيا لاءِ حورن،
طالب العقبيٰ مونث، مٽرس نه سي چئجن،
عاشق جي الله جا، سي سائين سيبائين،
لاَ مَوجود اِلا الله حاضر ڪيو وتن،
طالب الموليٰ مذڪر، هن رسيا رمزن،
اصلئون اختيار ڪيو فقر فقيرن،
الفَقر خزينَة خزَائن الله، بعضن کي بخشن،
الفَقر لاَ يحتَاج اِلا الله، ٻيو ڏنائون ٻن،
الفَقر فَخري الفَقر مِني، اي اتو عجيبن،
راتيان ڏينهان روح ۾، چپ نه چورن،
مَن عَرَفَ نفسه فقد عرف رَبه، ٻڌي زبان انهن،

حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه فرمايو آهي ته:

”راڳ الله جو فيض آهي ۽ انساني نفس کي اجائي بڪواس ۽ راند روند کان پاڪ ڪندو آهي. طالبن کي راڳ پڇتائڻ ۾ مدد ڏيندو آهي، شوق وارن لاءِ ديدار جو سبب بڻجندو آهي، يقين وارن لاءِ يقين جي تائيد ڪندو آهي. اصل ۾ راڳ سچ

وانگر آهي ۽ سيني شين تي چمڪندو آهي، مگر هرشيءِ تي سندس ظرف (ٿانوَ) مطابق گرمي، ذوق ۽ مشرب حاصل ٿيندو آهي. تحقيق جي لحاظ کان راڳ کي ٽن درجن ۾ ورهائي سگهبو: هڪڙا سيڪڙاٽ ٻيا وچولي درجي وارا ۽ ٽيان ڪامل. (10).

انسان تي راڳ (موسيقيءَ) جي ان اثر بابت جديد تحقيق پڻ اهڙا انڪشاف ڪيا آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو ته قدرت انساني دماغ (ميڄالي) اندر هر شيءِ کي محسوس ڪرڻ وارو هڪ انتهائي اهم مادو تخليق ڪيو آهي، جنهن کي "ڊوپامائين" (DOPAMINE) سڏجي ٿو. جيڪو انسان جي داخلي توڙي خارجي درد ۽ خوشيءَ جي جذبن کي ساجاهي، ردعمل طور دل جي چرپر ۽ خون جي گردش ۾ اضافي جو سبب بڻجي ٿو ۽ جنهن سان ماڻهوءَ جو ظاهري توڙي باطني رويو اجاگر ٿئي ٿو. ڊوپامائين جي ان ڪيميائي عمل جي حوالي سان وڻندڙ موسيقيءَ جي ذريعي انساني جسم ۾ فرحت وارا احساس پيدا ٿين ٿا ته ان جي ابتڙ اڻوڻندڙ آوازن سان، جسم اندر گهبراهٽ ۽ ڪاوڙ جا جذبا پيدا ٿين ٿا. (11).

حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري ﷺ فرمايو آهي ته:

"روح هڪ لطيف شيءِ آهي، سريلي آواز ۾ به سوين دفعا وڌيڪ لطافت هوندي آهي. روح جڏهن سريلو آواز ٻڌندو آهي تڏهن جنسي لاڙو ظاهر ٿيندو آهي ... سر ۽ سرود سيني جان وارن تي اثر ڪندا آهن ... جيڪڏهن ڪو نغمي، سرود يا ساز جي دل تي اثر ڪرڻ جي ڳالهه کي نه ٿو مڃي ته پڪ سمجهو ته ڪوڙ ٿو ڳالهائي ۽ منافقي ڪري رهيو آهي، يا ڪيس ڪو احساس ئي ڪونهي. تنهن ڪري انسانيت ۽ تصوف کان ٻاهر آهي. ڪي ماڻهو الله جي حڪم جو خيال رکي راڳ کان منع ڪندا آهن، مگر گهڻا فقيهه هن ڳالهه تي متفق آهن ته جيڪڏهن کيل تماشو مقصود نه هجي ۽ سر فحش ڳالهين ۾ نه ڦاسائي ته ان جو ٻڌڻ روا آهي ... مشائخ سڳورن جو مقصود ٻيو آهي. فقيهن واري اجازت عام ماڻهن جو ڪم آهي. صوفين لاءِ اجازت آهي، جيڪا اعمالن لاءِ فائديمند هجي، هوش وارن لاءِ لازم آهي ته اهڙن ڪمن جو پيڇو ڪن، جن ۾ ڪو فائدو هجي ... جيڪڏهن راڳ جو دل تي اثر ٿيڻ روا آهي ته راڳ به روا آهي، جيڪڏهن راڳ جو اثر حرام آهي ته راڳ به حرام آهي. مطلب ته هر اها شيءِ جيڪا ظاهر ۾ فسق (بيحيائي) جهڙي آهي ۽ باطن ۾ ان جو اثر مختلف شڪلين ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته اها هڪ قطعي فيصلي هيٺ اچي نه ٿي سگهي." (12).

سماع جو تعلق به ٻڌڻ جي حس سان آهي ۽ ٻڌڻ جي فضيلت بابت حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري ﷺ فرمايو آهي ته:

”ٻڌڻ، ڏسڻ، چکڻ، سنگھڻ ۽ ڇهڻ الله تعاليٰ جا عطا ڪيل پنج دروازا آهن، جن جي وسيلي هر قسم جو علم انساني باطن ۾ داخل ٿيندو آهي ... انهن پنجن حواسن مان چئن حواسن (ٻڌڻ، ڏسڻ، چکڻ ۽ سنگھڻ) لاءِ پنهنجو پنهنجو خاص مقام آهي پر هڪڙو حواس (ڇهڻ) سيني عضون تي پکڙيل آهي ... ٻڌڻ جي حواس کي ڇڏي، باقي حواسن ذريعي وري عقل جي رهنمائيءَ جا سبب پيدا ٿيندا آهن ۽ انهن حواسن ذريعي عقل تي ظاهر ٿي ويندو آهي ته هيءَ ڪائنات فنا ٿيندڙ آهي ۽ تبديلي ۽ قير قاران فنائيت جو دليل آهي. هن ڪائنات جو ڪو پيدا ڪندڙ آهي، جيڪو هن جو جزو ناهي ... ڪائنات جو جسم عالم آهي، الله جي ذات پاڪ آهي ۽ جسم جوڙيندڙ آهي، سدا قائم دائم آهي جڏهن ته ڪائنات فاني آهي ... هن پنهنجي سچين نشانين سان پيغمبر موڪليا آهن، انهن تي ايمان آڻڻ تڏهن لازم ٿيو جڏهن الله جي معرفت جا ڪلما ۽ دين ۽ شريعت جا باقي حڪم، انهن جي زبان کان ٻڌا ويا. اهو ئي سبب آهي جو اهل سنت و الجماعت ٻڌڻ کي ڏسڻ کان پلو سمجهندا آهن. شريعت جا حڪم ٻڌڻ سان واسطو رکن ٿا، اهي قائم ئي ٻڌڻ سان ٿيندا آهن، جيڪو ٻڌڻ جي فضيلت کان انڪار ڪندو، اهو يقين سان شريعت جو منڪر ٿيندو. (13).

هن بحث مان ثابت ٿئي ٿو ته صوفياڻو سماع انهن فقهي فتوائن جي گھيري کي ٽوڙڻ جي ڪوشش نه آهي، بقول فقير مسرور جي:

هر هر مرن، هر هر جيئن، سوَ رنگ صاحب جا ڏسن
آلاپ طبلي تال ۾ غوطا هڻي غازي غواص.

۽ جيئن ته ڏنو اهو ويو آهي ته راڳ سماع يا حال ۽ وجد سندن روح جي غذا جيان ساهه پساهه ۾ توڙي سندن عارفاڻي نگاهه ۽ خيال ۾ هردم رچيل ۽ سدا برقرار رهي ٿو ۽ ان ڪري، فقهي اعتراضن جو اشارو به گھٽو ڪري انهن جي پاسي سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي حوالي سان شريعت جي صاحبن کي اهو به اعتراض رهندو آيو آهي ته ڳائڻ ۽ قوالين ٻڌڻ کان ته بهتر آهي ته اهي صوفي سگھورا قرآن مجيد جي تلاوت ٻڌن ۽ انهيءَ تي وجد ڪن.“

حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه فرمايو آهي ته:

”ٻڌڻ جهڙين سيني ڳالهين مان زياده اهم، دل کي فائدو ڏيندڙ، ظاهر ۽ باطن لاءِ ترقيءَ جو سبب ۽ ڪنن کي لذت ڏيندڙ الله پاڪ جو ڪلام آهي. قرآن پاڪ جي معجزن مان هڪ اهو به معجزو آهي ته ان جي ٻڌڻ سان طبيعت ڪڪ نه ٿيندي آهي. انسانن ۽ جنن ٽولا ٽولا ٿي حضور پاڪ ﷺ جن کان قرآن ٻڌو ۽ چوڻ لڳا: ”اِنَّا

سَمِعۡنَا قُرۡاٰنًا عَجَبًا" [اسان عجب ڪلام پڙهندي ٻڌو]. قرآن جي نصيحت ٻين نصيحتن کان بهتر آهي، ان جو حڪم هر حڪم کان وڌيڪ لطيف آهي، ان جو هر خوف سيني خوفن کان وڌيڪ جان ڳارينڌڙ آهي، ان جو هر قصو سيني قصن کان وڌيڪ اثرائتو آهي، ان جو هر مثال سيني مثالن کان فصيح آهي، هزارين دليون ان جو شڪار آهن، هزارين جانيون ان جي لطيف مضمونن جي اثر هيٺ پامال آهن." (14).

اُن ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ قرآن مجيد بهرحال ڳائڻ کان گهڻو مٿانهون ۽ عظيم آهي، ۽ ماڻهن جي ان اعتراض جي جواب ۾ حضرت امام غزالي رحمة الله عليه پنهنجي معروف تصنيف "ڪيمياءِ سعادت" ۾ بہ بحث ڪيو آهي پر ان موضوع تي امام صاحب هن ڪتاب ۾ "وجد" وارين وضاحتن دوران قرآن پاڪ ۽ راڳ بابت خاص طور ستن دليلن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو پڙهندڙ لاءِ بہ دلچسپيءَ جو باعث ثابت ٿيندو ۽ جيئن تہ صوفي سڳورا گهڻو ڪري پنهنجي باطني ڪيفيت جي اجاگر ڪرڻ لاءِ راڳ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن، ان ڪري اهو مقام، خاص طور صوفي سڳورن لاءِ بہ اهميت جو حامل آهي، ۽ اهو ئي هن ڪتاب جو مرڪزي نڪتو آهي، جنهن جي بنياد تي امام غزالي رحمة الله عليه پنهنجي علم ۽ فضل جو اپٽار ڪيو آهي، فرمائي ٿو تہ:

جيڪو وجد سچو ٿيندو آهي ۽ الله تعاليٰ جل شانه جي زيادتي محبت سچي ارادي ۽ ان جي شوق ديدار سان پيدا ٿيندو آهي، تہ اهڙيءَ طرح جو وجد قرآن شريف جي ٻڌڻ سان بہ جوش ڪندو آهي، پر جو وجد خلق جي محبت ۽ مخلوق جي عشق کان ٿيندو آهي، اهو البت قرآن شريف جي ٻڌڻ سان بہ جوش ۾ نہ ايندو آهي. جيڪي شخص قرآن شريف ٻڌڻ سان وجد ۾ ايندا آهن، اهڙن عظيم انسانن جي تعريف خدا تعاليٰ جل شانه، سورة المائده آية 83 ۾ هن ريت ڪئي آهي: "وَاِذَا سَمِعُوۡا مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَى الرَّسُوۡلِ تَرٰۤى اَعۡيُنَهُمۡ تَفِيۡضُ مِنَ الدَّمۡعِ مِمَّا عَرَفُوۡا مِنَ الۡحَـقِّ" [۽ جڏهن ٻڌن، جو نازل ٿيو رسول تي، تہ ڏسندين انهن جون اکيون ڇلن ٿيون ڳوڙهن ۾، ان تي، جيڪي سڃاڻن تا سچي ڳالهہ].

ان حوالي سان امام غزالي رحمة الله عليه "وجد ۽ سماع" جي هن سلسلي ۾ ڪجهہ مستند قصا ۽ نهايت مفيد نڪتا بہ بيان ڪيا آهن. جيئن تہ تصوف جي سلسلي ۾ اهو موضوع نهايت اهم رهيو آهي، جنهن سبب حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه بہ پنهنجي مشهور تصنيف "ڪشف المحجوب" ۾ اهڙا ڪافي واقعا بيان ڪيا آهن، خاص طور باب پنجٽيهون: "راڳ ۾ صوفين جي مقامن" بابت

آهي، جيڪو عشق ۾ اضافي جي طالبن، ۽ وصل جو ذوق رکندڙن کي ضرور پڙهڻ گهرجن. جيئن هڪ هنڌ فرمايو اٿس:

احمد بن ابي الحواري رڻ ۾ هڪ جوان کي ڏٺو جنهن کي ٽلها ڪپڙا ۽ گودڙي هئي. هڪ کوهہ تي بيٺو هو. هن چيو: "اي احمد، وقت تي اچي ويو آهين. مون کي هن وقت سماع (راڳ) جي ضرورت آهي تہ جيئن پنهنجي جان الله پاڪ جي حوالي ڪري سگهان. حضرت احمد کي غيبي اشارو ٿيو ۽ هي آيت پڙهيائين: اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا: [تحقيق اهي ماڻهو جن چيو الله اسان جو رب آهي ۽ ان ڳالهہ تي ثابت قدم رهيا].

جوان چيو: " تو اها ئي آيت پڙهي جيڪا فرشتا منهنجي اڳيان پڙهي رهيا هئا. هو ائين چئي اتي جو اتي مري ويو. (15).

جيسيتائين قرآن پاڪ جي ٻڌڻ جو تعلق آهي تہ حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه جو فرمان آهي تہ: "ٻڌڻ وارو پنهنجي حال ۾ پڙهڻ واري کان ڪامل هوندو آهي." ان ڏس ۾ نبي پاڪ ﷺ جن بابت روايت رقم ڪندي فرمايو اٿس تہ:

"هڪ دفعي پاڻ سڳورن ﷺ جن حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کي قرآن پاڪ پڙهي ٻڌائڻ لاءِ فرمايو تہ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه عرض ڪيو تہ:

"قرآن تہ حضور جن تي نازل ٿيو آهي، مان اوهان کي ڇا ٻڌايان؟"

پاڻ فرمايائون تہ: "مان ٻين کان ٻڌڻ پسند ڪندو آهيان."

اهو ان ڳالهہ جو پڪو دليل آهي تہ قاري حال يا غير حال جي حالت ۾ پڙهندو هجي، مگر ٻڌڻ وارو هميشہ حال جي حالت ۾ ٻڌندو آهي، ڳالهائڻ ۾ هڪ قسم جو تڪبر جو شڪ هوندو آهي ۽ ٻڌڻ ۾ نوڙت جي ڳالهہ هوندي آهي. (16).

ٻئي هنڌ فرمايو اٿس تہ:

"معلوم هئڻ گهرجي تہ راڳ جي باري ۾ مختلف طبيعتن لاءِ مختلف حڪم آهن. طبيعتن جا لاڙا مختلف هوندا آهن. تنهنڪري سڀني لاءِ هڪ جهڙو حڪم ظلم ٿيندو. راڳ ٻڌڻ وارا ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن: هڪڙا اهي جيڪي معنيٰ ڏانهن ڪن ڏيندا آهن، ۽ ٻيا اهي جيڪي آواز تي جهومندا آهن. ٻنهي جا سٺا ۽ خراب پهلو آهن. ٻنهي ۾ ڪجهہ فائدا ۽ ڪجهہ نقصان آهن. سريلو آواز ٻڌڻ انساني فطرت ۾ داخل آهي، اهو معنيٰ جي غلبي کان ٻڌبو آهي، جيڪڏهن معنيٰ حق واري هوندي تہ راڳ بہ حق وارو ٿيندو. جيڪڏهن معنيٰ باطل هوندي تہ راڳ بہ باطل ٿيندو.

ان لحاظ کان جنهن ماڻهوءَ جي طبيعت ۾ فساد هوندو، اهو جو ڪجهه پڙندو، سو فساد ٻڌجي ويندو ۽ اهي سڀ معنائون حضرت دائود عليه السلام جي حڪايتن ۾ آيل آهن.“ (17).

شرعي پابندين جو معاملو رڳو مسلمانن سان ئي لاڳو نه آهي پر دنيا جي سمورين قومن ۽ مذهبن سان لاڳو آهي، ڇاڪاڻ ته هر مذهب، هر قوم توڙي هر سماج، اخلاقي اصولن ۽ قانون جي پابندين تحت ئي ترقي ڪري سگهندو آهي، پر اهو خاص طبقو جيئن ته پنهنجي مال ملڪيت سبب سماج ۾ وڏن وڏن رتبن تي فائز رهيو آهي، جن جي مالي اڊمبر جي انتها اها آهي جو سندن شان شوڪت سبب، انهن جي نوڪرن چاڪرن، گڏهن، گهوڙن ۽ ڪتن کي به سماج ۾ وڏي حيثيت حاصل رهندي آئي آهي، جن جو راڳ، سماع يا وجد بابت ٿيل انهن فقهي بحثن سان ڪو به واسطو نه رهيو آهي.

ان باحيثيت ۽ بااختيار طبقي جي مسلسل غير سماجي عمل سبب هن وقت دنيا جي قومن، سندن ٻولين ۽ ثقافتن ۾ اها تبديلي رونما ٿيڻ لڳي آهي، جنهن سان معاشرو ترقيءَ جي ناليءَ ۾ تنزل ڏانهن گهلبو ٿو وڃي. ان حوالي سان اڄوڪو دور انتهائي مشڪل دور آهي.

هن مشڪل ترين دور ۾ ڪنهن کي ڪجهه سمجهائڻ به ڏکيو ڪم آهي، حالانڪ خود مسلمانن لاءِ اهي امور جن کي، اسلام جائز قرار ڏنو آهي، اهي ئي ڪرڻ گهرجن ۽ جن جي نه ڪرڻ جي هدايت ڪيل آهي انهن کان يقيني طور تي پاسو ڪرڻ گهرجي، ان حوالي سان دنيا جي به هر انسان تي اهو فرض عائد ٿو ٿئي ته ان کي جائز ۽ ناجائز قرار ڏنل معاملن تي ثابت قدم رهڻ گهرجي. انهيءَ ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جي عمل (Does & Don'ts) کي ترڪ ڪندڙ نه رڳو الله پاڪ جي حڪمن جو نافرمان آهي پر هو ان سماج جو به گناهگار آهي، جنهن ۾ هو رهي ٿو. الله پاڪ جو فرمان آهي ته: اي مخلوق توهان مان هڪ گروهه اهو عمل اختيار ڪري ته دنيا وارن کي نيڪين جو رستو ڏيکاري، ۽ خراب ڪمن کان پرهيز جي هدايت ڪري.“

اهو فرمان صرف مذهبي معاملن تي لاڳو نه ٿو ٿئي پر اهو، هر انساني سماج جي بهتريءَ لاءِ اولين ۽ بنيادي حيثيت رکي ٿو ۽ ان فرمان جي حوالي سان اسان کي پنهنجون ديني توڙي سماجي ذميداريون ضرور ادا ڪرڻ گهرجن ٻي صورت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جو اهو ارشاد به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته: ”امر بالمعروف ڪريو نه ته توهان کان به بدتر ماڻهو توهان تي حڪومت ڪرڻ لڳندا.“

۽ اهو دور اچي ويو آهي، ۽ اهڙي دور ۾ هر باشعور انسان تي ڀيٽي ذميداري عائد ٿئي ٿي، بقول حضرت حسن بصري ﷬ جي تہ: ”ماڻهو ڀهرين پاڻ کي پاڪ صاف ڪري، ان کان پوءِ احتساب ڪري. جاڪاڻ تہ شيطان ان کي گمراهہ ڪري رهيو آهي تہ جيئن احتساب جا درواز ڀيڪڙيل ٿي هجن.“

پاڻ سڳورن ﷺ جن هڪ ٻئي هنڌ تي فرمايو آهي تہ: ”جيڪڏهن ڪنهن جي سامهون گناهہ ڪندا هجو ۽ اهو شخص اوهان کان ناراض ٿي وڃي تہ اهو پنهنجي ذميداريءَ کان بچي ويو پر جيڪڏهن اهو اوهان جي گناهہ کي ڏسندو رهيو تہ اهو پاڻ بہ ان ۾ شامل ٿي ويو.“

حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري ﷬ فرمائي ٿو تہ:

”راڳ جي حالت ۾ حال جو غلبو اهڙو هئڻ گهرجي جو بدڪارن کي بدڪاريءَ کان بچائي سگهي. هن زماني ۾ گمراهہ موجود آهن. جيڪي بدڪارن جي راڳ ۾ شامل ٿيندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ اسان الله جي راهہ ۾ راڳ ٿا ڳايون. فاسق ۽ فاجر (بيحيا) ماڻهو ان جا همخيال بڻجي، وڏيڪ بي حيائيءَ ۾ مبتلا ٿيندا آهن.“ (18).

راڳ جي ادب آداب بابت حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري ﷬ بہ تمام ڪارائتيون ڳالهيون لکيون آهن. جيڪي موضوع جي اهميت سبب هت ڏجن ٿيون. فرمائي ٿو تہ:

”راڳ جا ڪجهہ شرط آهن. جيستائين ضرورت نہ هجي، تيستائين نہ ڪيو وڃي، ان کي عادت ۾ شامل نہ ڪيو وڃي، دير دير سان ڪيو وڃي ، جيئن ان جو احترام گهٽجي نہ وڃي، راڳ جي وقت مرشد جو هجڻ ضروري آهي، راڳ واري جاءِ عام ماڻهن کان خالي هجڻ گهرجي. قوال شريعت جو احترام ڪرڻ وارا هجن. دل دنيا جي مشغلن کان خالي هجي، طبيعت کيل تماشي ڏانهن مائل نہ هجي ۽ تڪلف کان نفرت ڪندڙ هجي. جيستائين دل ۾ راڳ ٻڌڻ جي طاقت نہ هجي تہ ان جو ٻڌڻ ۽ ان ۾ مبالغو ڪرڻ ضروري نہ آهي. طاقت ظاهر ٿئي تہ ان کي رد ڪرڻ نہ گهرجي، پر انهيءَ طاقت جي پيروي ڪجي. جيڪڏهن حرڪت جي تقاضا ڪري تہ حرڪت ڪرڻ گهرجي ٻي حالت ۾ آرام (سڪون) سان رهڻ گهرجي، ۽ اهو بہ ضروري آهي تہ حرڪت، وجد ۽ طبيعت جي قوت ۾ فرق برقرار رکڻ گهرجي. راڳ ٻڌڻ واري کان الله جي قبوليت واري ظرف (ٿانءَ) موجب فيض ملندو آهي، ۽ اهو انهيءَ مطابق داد ڏئي سگهندو آهي. جڏهن ان جو غلبو طاري ٿئي، تڏهن تڪلف وچان ان کي دور ڪرڻ نہ

گهرجي ۽ غلبو گهٽ ٿئي ته به تڪلف سان جذب ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ نه گهرجي. حرڪت جي حالت ۾ ڪنهن به ٽيڪ جي اميد نه رکجي. جيڪڏهن ڪو ٽيڪ (سهارو) ڏئي ته منع نه ڪجي. سماع ۾ ڪنهن کي به دخل انداز ٿيڻ نه گهرجي، وجد واري جي حالت ۾ دخل ڏيڻ نه گهرجي، وجد واري جي نيت کي به ٽوڙڻ نه گهرجي، ڇو جو ان جي آزمائش واري لاءِ تمام گهڻي پريشاني ۽ بي برڪتي هوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن جماعت تي سماعت طاري ٿي وڃي. ۽ ڪنهن به هڪ کي ان مان حصو نه ملي ته محروم رهڻ واري لاءِ جائز نه آهي ته هو پنهنجي سڪر واري حالت کي صحو جي انداز سان ڏسي، ڪيس پنهنجي وقت تي آرام (اطمينان) سان رهڻ گهرجي، جيئن ان کي به حصو ملي ۽ هو به برڪت مان فيض وٺي.

مان (عليٰ بن عثمان) هن ڳالهه کي عزيز رکندو آهيان ته سيڪڙات راڳ نه ٻڌي، جيئن سندس طبيعت پريشان ٿي نه وڃي. سماع ۾ وڏا خطرا ۽ خرابيون آهن. عورتون مڪانن جي ڇتين تان درويشن کي سماع جي حالت ۾ ڏسنديون آهن. ان ڳالهه مان سماع وارن تي وڏا حجاب پئجي ويندا آهن. بهتر آهي ته اتي جوانن کي ويهڻ نه ڏجي، ڇو جو جاهل صوفين سيني ڳالهين کي پنهنجو طريقو بنائي ڇڏيو آهي، ۽ سچائيءَ کان پري هٽي ويا آهن." (19).

ائين به نه آهي ته دنيا ۾ قانون موجود نه آهي يا مذهبن جي پاسداري نه آهي! پر ان جي باوجود دنيا جي ترقي پذير ملڪن ۾ ڪيترائي ملڪ ان سامراجي طبقي جي مفادن ۽ نظرين پٽاندر هلي رهيا آهن. جتي جو باشعور طبقو به ان جي پروپئگنڊا جي ذريعن سان اختلاف ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ئي لوڪ شاعري، موسيقي (راڳ ۽ ناچ) جي تاريخي ۽ ڪلاسڪي روايتن تي قدامت پسندي ۽ رجعت پسنديءَ جا لقب ٿو لائي، پنهنجي سماجي، اخلاقي يا ثقافتي روايتن ۽ قدرن کي ڪکيءَ جو ڪارو ٿو سمجهي ۽ جديد ۽ جدت جي نالي ۾ پنهنجي تخليقي صلاحيتن کان پنهنجو پاند پالهو ڪندو ٿو وڃي. جنهن جي نتيجي ۾ شاعري يا موسيقيءَ جي اها سماجي ۽ ثقافتي حيثيت، سطحي تفريح جي ان تاثر تي قائم ٿيڻ لڳي آهي، جنهن جي خلاف فقهي پابنديون لڳڻ شروع ٿيون هيون.

ائين به ناهي ته وقت گذرڻ سان اهي فقهي پابنديون به هٽي ويون آهن!

۽ ائين به ناهي ته دنيا ۾ انساني سماج جي ان ڏک کي محسوس ڪندڙ انسان دوست ختم ٿي ويا آهن، يا خاموش ٿي ويا آهن. ۽ ائين به ناهي ته انسان کي باشعور ڪندڙ ادب تخليق ٿيڻ بند ٿي ويو آهي!

۽ اٿين به نه آهي ته عالمن يا صوفين پاران بقا بخشيندڙ ذڪر ۽ فڪر جو بخرو بند ٿي ويو آهي!

۽ اٿين به نه آهي ته دل کي سڪون ۽ راحت ڏيندڙ يا روحاني جذبا اڀاريندڙ راڳ ويراڳ صفا ختم ٿي ويو آهي!

انسان جي خوشيءَ ۽ ڏک جي ان فطري حقيقت کان ڪو به انڪار نه ٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته شاعري، راڳ، مصوري يا رقص، بنيادي طور انساني جذبن جي بي اختيار اظهار سبب وجود ۾ آيا آهن. امام غزالي رحمة الله عليه جو فرمان آهي ته:

"جنهن شخص تي راڳ ذريعي دل تي چرپر پيدا نه ٿئي اهو ناقص ۽ صحيح جاڻ ۾ گهٽ آهي. روحانيت جي درجي کان دور آهي. اٺن ۽ پکين بلڪ تمام ساهوارن کان به طبيعت ۾ نيچ ۽ غليظ آهي. اهو ان ڪري جو موزون آلاپ سڀ تي اثر ڪري ٿو."

قدرت، انسان ۾ ظاهري توڙي باطني ڪيفيت جي اظهار لاءِ تخيلاتي قوت ۽ پرواز جي نهايت گوناگون وسعت عطا ڪئي آهي، جنهن جي ڪري انساني تخيل، پاڻمرادو تخليقي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي، پوءِ اهو لفظن ذريعي اظهارجي، شاعريءَ جو روپ ڌاري پوندو آهي يا سرن جي سرجنا جو سبب بڻجي پوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ابتدا کان ئي انسان خوشي، درد، اوسيئڙي يا وڇوڙي وچان يا مندن موسمن جي مستيءَ ۽ ناز پرين نيڻن ۽ قدرتي نظارن جي حسن کي محسوس ڪري بي اختيار جهونگاريندا، ڳائيندا ۽ نچندا آيا آهن. جيئن برسات ۾ ڀارن جي مستيءَ جو هڪ عجب عالم هوندو آهي تيئن ماءُ جي لوليءَ تي ٻار نهايت سڪون واري انداز ۾ ننڊ جي وادين ۾ هليو ويندو آهي، ساڳيءَ ريت روحاني غلبي ۾ اولياءَ الله يا صوفي سڳورا، حسين بن منصور رحمة الله عليه، بايزيد بسطامي رحمة الله عليه، فريدالدين عطار رحمة الله عليه، خواجه نظام الدين اولياءَ رحمة الله عليه ۽ سچل سرمست رحمة الله عليه جيان، برهه جي پڙڪا ڏيندڙ جذبي وچان وجد ۾ اچي ويندا آهن.

وجد جي وضاحت ڪندي حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته:

"وجد ۽ وجود ٻئي مصدر آهن. هڪڙي جو مطلب "غم" ۽ ٻئي جو مطلب "حاصل ڪرڻ" آهي، ٻنهي جو فاعل هڪ آهي. صوفين جي نظر ۾ وجد ۽ وجود ۾ ٻن حالتن جو اثبات آهي، جيڪي راڳ ۾ ظاهر ٿينديون آهن. هڪڙي حالت غم کي ته ٻي حالت غم حاصل ڪرڻ کي ويجهي هوندي آهي. غم جي حقيقت محبوب

کان دوري، مراد جو گم ٿيڻ آهي. وجد انهيءَ غم جو نالو آهي، جيڪو ٻئي کان محبت جي طور تي ملي. وجد جي ڪيفيت بيان ۾ اچي نہ سگهندي آهي، ڇو جو اهو ظاهر ۾ غم هوندو آهي ۽ غم کي قلم بيان ڪري نہ سگهندو آهي. مطلب تہ وجد طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ هڪ راز آهي جنهن جو بيان ڪرڻ ڪشف جي حالت ۾ غَيبت وانگر آهي. مون وٽ "وجد" جي هڪ غمناڪ ڪيفيت آهي، جيڪا فرحت يا سنجيدگيءَ سان، يا غم يا خوشيءَ سان ظاهر ٿيندي آهي، ۽ وجود دل تان غم جو دفع ٿيڻ يا مقصود حاصل ڪرڻ آهي. وجد وارو يا تہ شوق جي غلبي کان پريشان هوندو آهي يا مشاهدي مان آرام (سڪون) حاصل ڪري ڪشف جي ڪيفيت حاصل ڪندو آهي، يعني يا تہ رنج، فرياد يا روج کان پريشان ٿيندو آهي، يا خوشيءَ ۽ سرور کان آرام وٺندو آهي. صوفين جي هڪ جماعت جو خيال آهي تہ "وجود مريدن جي ۽ وجد عارفن جي صفت آهي." عارفن جو مقام مريدن کان مٿانهون هوندو آهي، تنهنڪري عارفن جي صفت بہ مريدن کان مٿانهين ۽ وڌيڪ ڪامل هوندي آهي. طالب جو ڪجهہ حاصل ڪندو آهي، اهو مشرب ۽ عمل کانسواءِ ڪجهہ نہ هوندو آهي. هڪ جماعت جو خيال آهي تہ "وجد مريدن جو سوز آهي، ۽ وجود محبن جو تحفو." محبن جو مقام مريدن کان مٿانهون آهي، تنهنڪري تحفي جو سڪون، سوز کان وڌيڪ ڪامل هوندو آهي. ان کي هڪ حڪايت جي وسيلي ظاهر ڪري نہ ٿو سگهجي.

هڪ ڏينهن حضرت شبلي رحمة الله عليه پنهنجي حال جي جوش ۾ حضرت جنيد رحمة الله عليه جي خدمت ۾ آيو. حضرت جنيد رحمة الله عليه کي غمگين ڏسي پڇيائين:

"اي مرشد، ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

حضرت جنيد رحمة الله عليه فرمايو: "جنهن طلب ڪئي اهو غمگين ٿيو."

حضرت شبلي رحمة الله عليه جواب ڏنو: "نہ مگر جيڪو غمگين ٿيو، تنهن طلب ڪئي."

حضرت جنيد رحمة الله عليه جو اشارو وجد ڏانهن هو ۽ حضرت شبلي رحمة الله عليه جو وجود ڏانهن. منهنجي خيال ۾ حضرت جنيد رحمة الله عليه جو قول وڌيڪ پختو هو، ڇو جو جڏهن انسان سمجهندو آهي تہ خالق سندس جنس مان نہ آهي تڏهن سندس غم الم وڌي ويندو آهي. مشائخن جو اتفاق آهي تہ علم جو غلبو وجد جي غلبي کان مضبوط هوندو آهي، ڇو جو وجد جي حالت ۾ وجد وارو (واجد) خطري ۾ هوندو آهي، مگر علم جي طاقت سان عالم امن جي مقام تي هوندو آهي. انهن سيني ڳالهين مان اها مراد

ٿي نڪري تہ سيني حالتن ۾ طالب کي علم ۽ شريعت جو تابعدار ٿيڻ گهرجي، ڇو جو جيڪڏهن وجد جو غلبو هوندو تہ هو خطاب نہ ڪري سگهندو ۽ جڏهن خطاب ڪري نہ سگهندو تڏهن عذاب ۽ ثواب کان بہ آزاد ٿيندو. اهڙي حالت ۾ سندس شڪل ديوانن واري ٿي ويندي ۽ ڪيس الله جي ولين ۽ ويجهڙن ٻانهن سان ڪوبہ واسطو نہ رهندو. جيڪڏهن علم جو غلبو رهندو تہ ٻانهو الله جي حڪمن ۾ ۽ منع ڪيل شين کان پناهہ ۾ رهندو، ۽ عزت ۽ احترام سان هوندو. حال جي طاقت علم تي غالب ٿيندي آهي تہ ٻانهو الله جي حدن کان نڪري ويندو آهي ۽ خطاب ڪرڻ جي لائق نہ رهندو آهي. تواجد وجد ۾ آڻڻ لاءِ هڪ تڪلف هوندو آهي ۽ انعام ۽ الله جون گواهيون دل جي آڏو پيش ڪندو آهي، ان سان وصل جو خيال ۽ انساني تمنائون موج ۾ اينديون آهن. هڪ جماعت هن معاملي ۾ رسمن جي پابند هوندي آهي، اها صوفين جي ظاهري حرڪتن (چرپر) ۽ نچڻ جي ترتيب ۽ اشارن جي پيروي ڪندي آهي، اهو حرام آهي، هڪ ٻي حقيقت وارن جي جماعت آهي جيڪا انهن حرڪتن ۽ رسمن سان صوفين جي احوال ۽ سندن مقام جي طلبگار هوندي آهي.“ (20).

پر هاڻوڪي دور ۾ عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي تہ غير اخلاقي ۽ غير سماجي نظرين جي شدت سبب، شعر، راڳ ۽ رقص ساڳئي جهالت واري دور جي جنسي تفريح ۽ عياشيءَ ڏانهن موٽي رهيو آهي. اڳي سنڌ جو مڱڻهار راڄ پاڳ جي ”تياڳي“ سڏبو هو، ڇاڪاڻ تہ هو راڄ جي شادين مرادين ۾ ڪنهن پيشيور ڳائڻي وڄائڻي جي حيثيت ۾ شامل نہ ٿيندو هو، ۽ نہ ئي ڪي پئسا ٻولائي ايندو هو، بس هو انهيءَ گهور گهاٻار تي راضي ٿي ويندو هو، جا راڄ وارا پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجي پٽ يا ڌيءَ مٿان گهوريندا هئا. پر هاڻي راڳ ڳائڻ يا ساز وڄائڻ باقاعدي هڪ پيشو ٿي ويو آهي، جنهن بابت امام غزالي رحمة الله عليه هن ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ:

”امام شافعي رحمة الله عليه جي مسلڪ ۾ ائين نہ آهي، جو راڳ کي حرام چون، مگر انهن هي ظاهر ڪيو آهي تہ جو ڪوئي راڳ کي پنهنجو پيشو مقرر ڪندو، ان جي گواهي درست نہ آهي، ان جو سبب هي آهي تہ اهو هڪ قسم جو مڪروهہ آهي، جو ڪوڙ جي برابر آهي، ۽ جو شخص راڳ کي پيشو مقرر ڪندو اهو ڇڙ ڪمينو ۽ بي مروت آهي. جيڪڏهن ڪوئي شخص پاڻ کي راڳ وارو نہ سڏائيندو هجي، ان سبب کان نہ ڪوئي وٽس ايندو هجي، ۽ نہ پاڻ ڪنهن جي خاطر ٻئي وٽ ويندو هجي، بلڪ هيئن مشهور هجي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ ڳائي دل خوش ڪندو آهي تہ هي امر مروت کي ساڪت نہ ٿو ڪري، ۽ نہ ڪي ان جي گواهي باطل آهي.“

”مان چوان ٿو ته جيڪڏهن ڪوئي شخص تارن واري باجي ڪي بي وزن وڄائي جو ان مان لذت به نه اچي ته به اهو حرام ٿي آهي. ان مان هي ظاهر آهي ته ان ۾ فقط لذت نه آهي جنهن سبب ٿي حرام آهي ۽ نه ڪي خوش مزاجي آهي، پڻ قياس مقابل ته سڀ خوش مزاج تحفءِ حلال آهي، سواءِ انهن جي جن جي حلال هجڻ ۾ ڪي فساد هجي.“

شريعت ۽ طريقت ۾ ناچ ڪي به ڪا اهميت نه آهي، مشائخ سڳورن مان ڪنهن به ناچ کي تعريف لائق نه ڄاتو آهي، پر تاريخ شاهد آهي ته جيڪو شعر، راڳ يا وجد، محبت ۽ اخوت سان گڏ روحاني جذبن کي اڀاريندڙ صورت ۾ قائم رهيو آهي، جنهن جو تعلق انساني روحاني خوشيءَ ۽ سماجي ترقيءَ سان وابستا آهي، اهو ان شرعي پابندين جي دور ۾ به پنهنجي سماجي ۽ روحاني ضرورت سبب ترقي ڪندو رهيو آهي. شعر، راڳ يا وجد وارن مثالن سان خود اسلام يا ان کان اڳ جي تاريخ ڀري پئي آهي.

حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه شعر يا راڳ جي ٻڌڻ کي روا (مباح) قرار ڏنو آهي، ان ڏس ۾ فرمايو اٿس ته:

”پيغمبر ﷺ جن به شعر ٻڌا آهن، اصحاب سڳورن به شعر ٻڌا آهن، حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو آهي ته: ”ان من الشعر لحڪمة.“ يعني ڪنهن شڪ شبهي کان سواءِ شعر حڪمت آهي، ٻئي هنڌ فرمايو اٿن: ”الحِڪمة ضَالة المومن حَيث وَجدهَا فَهو احق بها.“ يعني حڪمت مومن جي وڃايل شيءِ آهي، جتي به ملي ته مومن ان جو وڌيڪ حقدار آهي.“ هتي شعر مان مراد اهو شعر آهي، جنهن ۾ حڪمت هجي ۽ حڪمت مومن جو حق آهي، پوءِ اها جتي به هجي.

اڳتي فرمائي ٿو ته: ”حضور پاڪ ﷺ جن ۽ اصحاب سڳورن وٽان اهڙيون ڪيتريون ئي روايتون آهن، مگر عام ماڻهن ۾ ڪجهه غلط فهميون آهن. هڪ جماعت هر قسم جي شعر ٻڌڻ کي حرام سمجهندي آهي ۽ انهيءَ بنياد تي اسلامي ڀائرن تي نڪته چيني ڪندي رهندي آهي. ٻي جماعت هر قسم جي شعر ٻڌڻ کي جائز سمجهندي آهي ۽ ڏينهن رات محبوب جي حسن ۽ زلفن متعلق غزلن ٻڌڻ ۾ مشغول رهندي آهي. ٻئي جماعتون هڪ ٻئي جي خلاف دليل پيش ڪنديون آهن، منهنجو مقصد انهن جي ترديد يا تائيد ناهي. مان ايترو ڪافي ٿو سمجهان ته صوفين سڳورن جو طريقو ٻيو آهي. حضور پاڪ ﷺ جن کان شعر جي باري ۾ پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون: ”ڪلام حسنه حسن و قبيحه قبيح.“ يعني جنهن شعر جو مضمون

سٺو آهي اهو سٺو آهي ۽ جنهن جو مضمون خراب آهي اهو خراب آهي.“

يعني جنهن شيءِ بابت نثر ۾ پڙهڻ حرام آهي مثال طور: گلا، بهتان، فحش ڪلامي، ڪفر جا ڪلما ته ان جو نظم ۾ پڙهڻ به حرام آهي. جنهن شيءِ جو نثر ۾ پڙهڻ حلال آهي، مثال طور: وعظ، حڪمت، الله پاڪ جي آيتن بابت دليل، الله پاڪ جي گواهين تي تبصرو ته اهڙو نظم ۾ پڙهڻ به حلال آهي. مطلب ته اهڙو حسن ڏسڻ، جنهن ۾ خرابي هجي، اهو حرام ۽ منع ٿيل آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح حسن متعلق نظم ۽ نثر به پڙهڻ حرام ۽ منع ٿيل آهي، ان جي تعريف پڙهڻ به حرام آهي. جيڪو ان جي تعريف پڙهڻ کي حلال مطلق سمجهندو، اهو لازمي طور تي ان کي ڏسڻ ۽ ڇهڻ کي به حلال سمجهندو. اهڙو چٽو ڪفر ۽ بي ديني ٿيندو. جيڪڏهن ڪو چوي ته مان اکين، وارن، خطن ۽ ترن جي تعريف ۾ الله جو آواز ٿو ٻڌان ۽ الله جو طالب آهيان ته پيو اهو به چئي سگهندو مان انهن شين جي ڏسڻ سان الله کي ٿو ڏسان ۽ ان جو طالب آهيان. ڇاڪاڻ ته اک، ڪن ٻئي آفت جي جاءِ ۽ علم جو مرڪز آهن. اهڙيءَ طرح ٽيون ائين چئي سگهندو ته مان سهڻي بدن کي ڇهان ٿو. چوٿون پيا ماڻهو ان جي ڏسڻ ۽ پڙهڻ کي جائز سمجهن ٿا، مان به الله جو طالب آهيان. سمورا حواس معنيٰ جي ڄاڻ ۾ هڪ جهڙي اهميت رکندا آهن. اهڙيءَ ريت سموري شريعت باطل ٿي ويندي.

جڏهن جاهل ماڻهو پنهنجي حال ۾ مست ٿيل صوفين کي ڏسندا آهن ته سمجهندا آهن ته شايد اهي ماڻهو به نفساني خواهشن ۾ قاتل آهن. انهن راڳ (سماع) کي به جائز ڄاتو آهي ۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن جائز نه هجي ها ته صوفي ان کي اختيار نه ڪن ها. جاهلن: صوفين جي ظاهري پيروي ڪئي آهي ۽ باطن کان پري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح پاڻ به هلاڪ ٿيا آهن ۽ پاڻ سان ٻين کي به هلاڪت ۾ وڌو اٿن. اها هن زماني جي سڀ کان وڏي مصيبت آهي.“ (21).

بخاري شريف جي حديث آهي ته: ”اِن مِنَ البَيَانِ لَسِحرًا يعني يقينًا بعض بيان سحر جو اثر رکي ٿو. ساڳئي وقت بخاري، مسلم، ترمذي، ابن ماجه ۾ هيءَ حديث به شامل آهي ته: ”اِنَ مِنَ الشِعرِ لَحِكمَة يعني بيشڪ بعض شعر حڪمت آهن.“ (22)

تاريخن ۽ حديثن جي انهن واقعن ۽ روايتن جي بنياد تي امام غزالي رحمة الله عليه ان کي ”راڳ سماع يا وجد“ جي باب ۾ سهيڙي انتهائي اهم قدم کنيو آهي، خود ”فقير مسرور“ به هن موضوع جي چونڊ ڪري سنڌي ادب ۽ تاريخ لاءِ هڪ انمول تحفو پيش ڪيو آهي.

هن ڪتاب (راڳ جي شرعي حيثيت) ۾ آيل مثالن ۽ دليلن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان قسم جو فن (شاعري، راڳ ۽ لوڪ ناچ) اڄ بہ پنهنجو خاص سماجي. اخلاقي ۽ ثقافتي ڪارج رکي ٿو. سماجي ڪارج واري ان نظرياتي فڪري سوچ جو اولڙو اسان کي پنهنجي سنڌي سماج ۾ بہ نظر اچي ٿو. جنهن جا بنيادي پاسبان اسان جا صوفي سگهڙا رهيا آهن. جن انسان جي وحشي، جهنگلي ڪردار کي انساني سماجي ڪردار ۾ تبديل ڪري، الوهيت جو اهو رستو ڏيکاريو آهي جيئن حضرت سچل سرمست ؒ فرمايو تہ:

ايجها ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ بڻيجي.

(يعني انسان کي پاڻ ۾ اهي خصلتون پيدا ڪرڻ گهرجن جيڪي، الله پاڪ پنهنجي اسماءِ حسنہ جي ذريعي ظاهر ڪيون آهن.)

## فنون لطيفہ جي اهميت:

انساني جيوت جي ابتدائي اهڃاڻن مان ئي ثابت ٿئي ٿو تہ حضرت انسان پنهنجي اظهار لاءِ تصويرن، اشارن ۽ جسماني چرپر ڪانپوءِ ئي زبان يا ٻوليءَ جو سهارو ورتو آهي، جن کي اسان مصوري، اداڪاري، رقص ۽ شاعريءَ جو اوئلي روپ چئي سگهون ٿا. اڳتي هلي اظهار جي انهن سمورن شعبن کي فنون لطيفہ جو نالو ڏنو ويو جنهن، وقت سان گڏ انتهائي ڪمال درجي جي ترقي ڪئي آهي.

هاڻوڪي دور ۾ فنون لطيفہ جي ان ڪمال جي تقاضا اها آهي تہ ان کي سماج جي سونهن ۽ اخلاقي عروج لاءِ استعمال ڪيو وڃي ۽ خاص طور هاڻوڪي دور ۾ انتهائي اهم ضرورت ان سنگيت، ان شاعريءَ، انهن لوڪ رقصن ۽ انهن تحريرن ۽ انهن ناٽڪن جي ئي آهي، جنهن سان اڄ جي دور جي وڌندڙ دهشتگرديءَ ۽ ظلم جو خاتمو آڻي سگهجي. ٽي وي، اخبارن يا نشرياتي چينلن تي بہ اهو اخلاقي ۽ سماجي فرض عائد ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي تاريخي ثقافت ۽ انساني قدرن جو خيال رکن، انهن صوفين تي بہ جيڪي محبتن جا مئخانا اڏي ويٺا آهن ۽ سماجي ڏاڍ ۽ مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف رياضت ۾ مشغول آهن. انهن تي بہ فرض عائد ٿئي ٿو تہ هو پاڻ جهڙي انسان کي هيڪڙائيءَ جو اهو سبق سيکارين جنهن سان انهن پاڻ عرفان جون منزلون ماڻيون آهن. ساڳيءَ ريت ديني رهنمائن، سماجواد توڙي قوم پرستن تي بہ ذميداري عائد ٿئي ٿي تہ هو انسان دوستيءَ ۽ روشن خيالي ۽ ساڻيهہ جي سونهن وڌائڻ واري بنيادي ديني ۽ دنيوي (فڪري) سوچ مطابق پنهنجي وطن وارن، محبتي منٺارن توڙي مظلوم انسانيت جي خدمت جو پڪو دليل ڏين.

ان حوالي سان امام غزالي ﷫ هن تصنيف جي ٻئي باب ۾ سماع جي آثارن ۽ ادبن جي عنوان هيٺ راڳ جي سمجهڻ بابت تمام سٺي وضاحت ڪئي آهي ته:

"اول درجو سماع جو آهي ته راڳ ٻڌو وڃي، اهو سمجهيو به وڃي ۽ جا ڳالهه ٻڌڻ واري جي ذهن ۾ اچي، اها سمجهي، ان ۾ محو ٿئي، سمجهڻ ۽ محويت ڪانپوءِ ئي وجد ٿيندو آهي، ۽ وجد دل ۽ عضون ۾ چرپر پيدا ڪندو آهي.

مان چوان ٿو ته تماشو دل کي راحت بخشي ٿو ۽ فڪر جو بار دل تان هلڪو ڪري ٿو. جيڪڏهن دلين کان زبردستيءَ ڪم ورتو ويندو، تڏهن به ڪم ته ڏينديون پر انهن کي راحت ڏيڻ سان ڪين ڇڻ وڏيڪ مدد ڏيٺي آهي، ته جيئن چڱي طرح محنت سان ڪم ڏين. مثال طور جو شخص فقهه پڙهندڙ آهي، ان کي گهرجي ته جمعي جي ڏينهن موڪل ڪري، انهيءَ ڪري ته هڪ ڏينهن جي موڪل ٻين ڏينهن لاءِ فرحت جو سبب ٿيندي، چاڪاڻ ته تماشو محنت ۽ سعي ڪاريءَ تي مدد ڪري ٿو ۽ محض سعي ڪاري ۽ تلخي امر حق تي سواءِ انبياءِ عليهم السلام جي نفس اقدس جي ٻيو ڪري نه ٿو سگهي، ۽ جيئن جو تماشو دل جي ٿڪجڻ ۽ مانداڻيءَ جو علاج آهي، انهيءَ ڪري مباح هئڻ گهرجي، مگر ڪثرت ڪرڻ نه گهرجي، جيئن دوا ڪثرت سان نه پيتي ويندي آهي.

راڳ ان شخص جي حق ۾ مستحب آهي، جنهن کي سواءِ لذت ۽ فقط آرام وٺڻ جي ٻيو ڪجهه فائدو نه ڪري، ۽ ڪيس جنهن صفت سگهوريءَ جي تحريڪ منظور هجي ته پل راڳ جي وسيلي سان منزل مقصود تي پهچي، مگر ان ۾ شڪ نه آهي ته هي امر رتبي ڪمال کان ناقص هجڻ تي دلالت ڪري ٿو. بلڪ ڪامل شخص اهو آهي جو پنهنجي نفس کي راحت ڏيڻ ۾ حق ڪانسواءِ ٻي چيز جو محتاج نه هجي.

جيئن جو حديث شريف ۾ آهي: "حسنات الابرار سَيئاة المقربين" يعني "نيڪ ٻندن جون نيڪيون، مقربن جي حق ۾ برايون آهن" ته راڳ به مقربن جي لحاظ ۾ خراب آهي، مگر ابرار يعني نيڪ ٻندن لاءِ ڪارآمد آهي، جو شخص دلين جي علاج جي علم ۾ ڪامل آهي ۽ "لطائف الحليل" يعني حلال لطيفن کان حق جي طرف دلين جو وٺي وڃڻ ڄاڻندڙ آهي ته اهو يقين سان ڄاڻندو آهي ته اهڙين ڳالهين سان دلين کي راحت ڏيڻ ڪيڏو نه مفيد ۽ مجرب دوا آهي، جو ان ڪانسواءِ جنهن جو ٻيو ڪوئي چارو نه آهي."

راڳ جي شرعي سلسلي ۾ البت مسلمانن، خاص طور ڳائڪن کي حضرت عثمان بن علي هجويري ﷫ جي آندل هن روايت تي به غور ضرور ڪرڻ گهرجي:

"الله تعاليٰ جڏهن حضرت دائود عليه السلام کي پنهنجو خليفو بڻايو ته کيس مٺو آواز عطا ڪيائين، کيس سندس ڳلو ساز بڻائي ڏنائين، هن جي آواز تي جبل جهومندا هئا، جهنگلي جانور، پکي، پهاڙ ۽ بيابان سندس نغمن جي جادوءَ هيٺ اچي ويندا هئا. هلندڙ درياهه بيهجي ويندا هئا، اڏامندڙ پکي ڪري پوندا هئا. جنهن جهنگل ۾ هو ڳائيندو هو اتي مهيني تائين جانور ڪجهه کائيندا پيئندا نه هئا. ٻار کير نه گهرندا هئا ۽ روئڻ ڇڏي ڏيندا هئا. ماڻهو رڳو راڳ ٻڌي موٽندا هئا ته انهن مان، ڪلام، آواز ۽ سر جي ڪيفيت کان مري ويندا هئا. هڪ دفعي سئو ڪنيزون ۽ ٻارهن هزار پوڙها مري ويا. الله تعاليٰ جي مرضي ٿي ته هَوَس وارن ڳائيندڙن ۽ عارف راڳيندڙن ۾ فرق قائم ڪيو وڃي، ابليس جي طبيعت ۾ پريشاني پيدا ٿي. هن انسانن کي وسوسن وجهڻ جو ارادو ڪيو. پنهنجي اٽڪلن جي اجازت گهريائين. اجازت ملي ويس. هن بانسري ۽ تنبور ناهي ورتا ۽ حضرت دائود عليه السلام جي مقابلي ۾ هڪ مجلس برپا ڪئي:

راڳ وارا ٻن جماعتن ۾ ورهائجي ويا. جيڪي شقي هئا، سي شيطاني بانسرين (مزامير) جا عاشق بڻجي ويا ۽ جيڪي نيڪ هئا. سي حضرت دائود عليه السلام جي سلامي ٿيا.

معنيٰ وارن آڏو نه حضرت دائود عليه السلام جو سر هو ۽ نه ٻي شيطاني جماعت جون بانسريون، اهي حق تي هئا. انهن لاءِ دائودي سر هدايت جو سرچشمو هو، ۽ ابليسي ساز فتنو ۽ فساد هئا. اهي سيني کان ڏار ٿي ويا ۽ سيني کان لاڳاپا لاهي وينا. هنن غلط کي غلط ۽ ٺيڪ کي ٺيڪ ڏسي ڇڏيو. جنهن کي اهڙي نموني جو راڳ حاصل ٿئي ٿو اهو روا آهي." (23).

ان روايت جي ڏيڻ جو مقصد خاص اهو ئي آهي ته بقول امام غزالي رحمة الله عليه هي ياد رکڻ گهرجي ته:

"ٻڌڻ وارو چوڻ واري جو شريڪ آهي. جيئن جو چوندا آهن ته ڳائڻ وارو بورچي آهي، نوشِ جان ڪندڙ ان طعام جو اهلِ معرفت جو درويش آهي. ۽ ٻيا ماڻهو ٻڌندڙ اٿين آهن، جهڙيءَ طرح سڪٽا يا بکيا ماڻهو فقط طعام جي خوشبو کان فرحت وٺن."

اڳتي فرمائي ٿو ته: "ياد رکڻ گهرجي ته راڳ صاحبِ معرفت کانسواءِ ٻئي جي لاءِ روح جي غذا نه ٿو ٿي سگهي، انهيءَ سبب ڪري هيءَ وصف سيني اعمالن کان باريڪ آهي، جنهن جي باريڪ هجڻ جو سبب طبيعت جي ئي رقت کان حاصل

ٿيندو آهي، تنهنڪري هي صاف ظاهر آهي ته سواءِ سر قلبي جي ٻي ڪنهن ڳالهه سان معلوم نه ٿيندو آهي.“

## ترجمي بابت:

”اصل ۾ امام غزالي رحمة الله عليه جي ڪتاب ”احياءُ علوم الدين“ جو هي اردو ترجمو مرحوم مولوي محمد احسن صديقي نانوتوي رحمة الله عليه ”مذاق العارفين“ جي عنوان سان ڪيل آهي، ۽ ”سماع ۽ وجد“ بابت ان جو جلد ٻيو، باب اٺون. منشي نول ڪشور لکنو پاران مارچ 1912ع ۾ شايع ٿيو هو. ۽ هي باب ان ڪتاب (ڊبل ڊيمي سائيز) جي صفحي 282 کان 321 تائين ڇپيل آهي.

۽ ترجمي جي آخر ۾ ڏنل تاريخ موجب فقير مسرور“ هن رسالي جو ترجمو 29 آگسٽ 1925ع تي پورو ڪيو آهي. ان اصل قلمي مسودي جي زبون حاليءَ کي ڏسندي معلوم ائين پئي ٿيو ته ”فقير صاحب“ کي هن رسالي جي فيئر ڪرڻ جو وقت نه ملي سگهيو هو. ڇاڪاڻ ته سندس ڪجهه ٻين تصنيفن جيان هن ترجمي جي ڪاپي، ”فقير مسرور“ جي ڪتابن جي پيٽيءَ ۾ پيل هئي، جيڪا سندس وصال جي ڪجهه سالن ڪانپوءِ صفائي ڪندي هٿ آئي هئي، جنهن کي پوءِ جيئن جو تيئن (سندس هٿ اکرن ۾) ٿي جناب ڪريم بخش خالد مرحوم، مئي، جون 1981ع جي ماهوار پيغام رسالي ۾ شايع ڪيو.

بعد ۾ (ڪجهه سالن ڪانپوءِ) انهيءَ قلمي نسخي تان ”فقير مسرور“ جي لائق فرزند جناب احمد بخش بدوي عرف مٺل مسرور سائين پنهنجي هٿ اکرن ۾ اتاري هڪ ٻيو قلمي نسخو تيار ڪري ورتو هو. جيڪو ”مسرور پبليڪيشن“ جي اشاعتي سلسلي سبب، اشاعت لاءِ مهرباني ڪري منهنجي حوالي ڪيو هئائين.

پر جيئن ته خود ”فقير مسرور“ جي ڪيل ترجمي جو اهو پهريون (اصل) نسخو اڃان ابتدائي مرحلي ۾ هو جيڪو ”فقير مسرور“ پوريءَ طرح فيئر به ڪونه ڪري سگهيو هو بقول محترم ڪريم بخش خالد صاحب مرحوم جي ته:

”ان جي اندر ڪي طويل عربي عبارتون ڇڏيل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي اختصار کان به ڪم ورتل آهي، گڏوگڏ حديثون ۽ ٻين صوفين جا اقوال به اصل ماخذن سان پيٽيل نه آهن“. جنهن ڪري ضروري هو ته مربي سائين احمد بخش بدويءَ جي فيئر ڪيل نسخي تي نظرثاني ڪري ان ۾ اهي سموريون رهجي ويل شيون شامل ڪجن. ان حوالي سان مربي سائين احمد بخش جي ان فيئر ڪيل نسخي کي ڪتاب جي ان ڇاپي سان ڀيٽيو ويو آهي، جنهن تان ”فقير مسرور“ صاحب ترجمو ڪيو آهي. ڀيٽڻ

دوران خاص طور اها ڳالهہ سامهون آئي تہ اڙدو ترجمي "مذاق العارفين" جي صفحن جي ساڄي کاٻي پاسي حاشيي طور تحرير ٿيل حوالا "فقير مسرور" متن سان گڏ تحرير ڪيا آهن.

ان جي باوجود تحقيق ۽ ترجمي جي ان ضرورت کي محسوس ڪندي مواد ۾ پيش ٿيل قرآني آيتن، حديثن ۽ ٻين صوفياڻن قولن جي ماخذن جا حوالا بہ شامل ڪيا ويا آهن.

امام غزالي رحمة الله عليه جي هن ترجمي ۾ ساز سرود بابت لفظ "مزامير" استعمال ڪيل آهي. فارسي زبان ۾ "مزامير" جي معنيٰ راڳ (جمع) حمد و ثنا، گيت ۽ مناجات ڏنل آهي، انگريزيءَ ۾ ان کي (Psalms) ٿا چون. جنهن جو مطلب بہ ساڳيو آهي، پر اردو لغت ۾ لفظ مزامير، "مزمور" جو جمع ۽ عربيءَ جو لفظ ڄاڻايو ويو آهي، جنهن ۾ سارنگيون بانسريون، ني (نڙ)، مرلي ۽ دائود عليه السلام جو "راڳ" ۽ "زبور" لکيو ويو آهي. ان حوالي سان "فقير مسرور" وري مزامير جو ترجمو "نڙ" ڪيو آهي، جيڪو ان وقت جي شادين مرادين ۾ وڄندڙ سازن بابت بہ اجتماعي طور تي "نڙ وڄائڻ = بانسريون ۽ باجا وڄائڻ" جي اصطلاح طور مشهور هو. ۽ هونئن بہ "مزامير" رڳو ڦوڪ وارن سازن لاءِ استعمال ٿئي ٿو. جنهن جو حوالو سيدنا حضرت شاهہ محمد عبدالشڪور قادري چشتي جهانگيري رحمة الله عليه بہ پنهنجي اردو ڪتاب مشعل راهہ ۾ لکيو آهي تہ:

"مزامير ۽ معازف" عام طور تي ڳائڻ سان گڏ وڄندڙ "سازن" لاءِ مشهور آهن. پر تحقيق ڪندڙ جو چوڻ آهي تہ "مزامير" اهي ساز آهن جيڪي ڦوڪ ذريعي وڄائبا آهن جهڙوڪ: بانسري، سرنو (نڙ) يا مرلي، ۽ "معارف" اهي ساز آهن جيڪي هٿ يا هٿ جي آڱرين ذريعي وڄايا ويندا آهن. جهڙوڪ: دف، طبل، يا تارجا ساز. (24)

"فقير مسرور" "مزامير" لاءِ "نڙ" جو لفظ ان ڪري بہ استعمال ڪيو آهي جو "قدرت انسان جو ڳلو بہ اهڙي حڪمت سان خلقيو آهي، جنهن مان هوا جو لنگهہ ٿئي ٿو. جيڪو نڙگهٽ وٽ لڳل پردي جي سوڙهي يا ويڪري ڪرڻ سان مختلف درجن جا آواز پيدا ٿين ٿا ۽ زبان ۽ چپن جي حرڪت سان هر قسم جا لفظ ۽ بانسريءَ وانگر وڄندڙ سيٽي وڄائڻ جو عمل ٿئي ٿو." ۽ ان ۾ ٿورو بہ شڪ نہ آهي تہ تخليقي ذهن رکندڙ ڪاريگرن، انساني نڙيءَ جي شڪل کي بانسريءَ ۽ نڙ جي صورت ۾ جوڙيو آهي، ۽ ان ئي حوالي سان "فقير مسرور" مزامير جو ترجمو "نڙ" ڪيو آهي.

اصل ۾ امام غزالي رحمة الله عليه راڳ ۽ سماع جي ساڳئي موضوع تي پنهنجي

معروف تصنيف ”ڪيميائي سعادت“ ۾ بہ ڪافي اهم مواد آندو آهي. جيڪو امام غزالي ﷫ ”احياءُ علوم الدين“ کانپوءِ تصنيف ڪيو آهي. جنهن بابت ڪجهہ عالمن جو خيال آهي تہ اهو ”احياءُ العلوم“ جو ”ضميمو“ آهي، پر ائين نہ آهي، ”ڪيميائي سعادت“ بہ امام صاحب جي هڪ مڪمل تصنيف آهي، جيڪو بہ انسان جي زندگيءَ متعلق نهايت حڪمت سان تحرير ڪيوآهي، جنهن ۾ ”راڳ، سماع ۽ وجد“ بابت بہ ڪجهہ اهڙيون وضاحتون آنديون آهن، جو انهيءَ جي مطالعي مان لڳي ٿو تہ: ”امام غزالي ﷫ ”احياءُ علوم الدين“ ۾ سماع ۽ وجد بابت لکڻ جي باوجود ان جي ڪيترن ئي فڪري پهلوئن جي وضاحت جي ضرورت کي محسوس ڪندي ”ڪيمياءِ سعادت“ ۾ خلاصي انداز سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جي متعلق منهنجو خيال آهي تہ ”ڪيميائي سعادت ۾ آندل اهو بحث ”احياءُ علوم الدين“ جي مطالعي سان گڏ هئڻ گهرجي.“

ان خيال کان راقم الحروف سعادت طور ان جو ترجمو ڪرڻ ضروري ڄاتي، هيٺ ڄاڻايل ڪجهہ ڇاپن جي مدد سان، ان حصي (باب ٽئين جو اٺون اصول: سماع ۽ وجد) جو ترجمو ڪري هن ڪتاب جي آخر ۾ ”ضميمي“ جي صورت ۾ شامل ڪيو آهي.

سنڌي ترجمو: غلام حسين جلباڻي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پهريون ڇاپو: 1960ع، ٻيو ڇاپو:1997ع.

اردو ترجمو: مولانا محمد سعيد نقشبندي، خطيب مسجد داتا گنج بخش لاهور، پروگريسو بوڪس يوسف مارڪيٽ، غزني

اسٽريٽ لاهور، جون 1999ع.

شاهراهِ هدايت (ترجمہ ڪيميائي سعادت) علامہ ابو صالح محمد فيض احمد اويسي رضوي، زاويہ پبلشرز داتا دربار مارڪيٽ لاهور، 2008ع

اڪيسر هدايت (ترجمہ ڪيميائي سعادت) پروفيسر ملڪ عنايت الله ايم اي، ملڪ دين محمد اينڊ سنز اشاعت منزل بل روڊ لاهور.

فارسي ترجمو: حسين خديوجم، شرڪت انتشارات علمي و فرهنگي تهران، نائون ڇاپو: 1380هہ انگريزي ترجمو: دي الڪيمي آف هيپينيس، ڪلائوڊي فيلڊ.

انگريزي ترجمو: دي الڪيمي آف هيپينيس، (ٻہ جلد) ڄي آر ڪروڪ، گريٽ بوڪ آف اسلامڪ ورلڊ، قاضي پبليڪيشن، 3023 ويسٽ بيل مائونٽ ايوينيو، شڪاگو، 2005ع.

”فقير مسرور“ جي هن ڪتاب ”احياءُ علوم الدين“ (ترجمي) کي سنڌي

ٻوليءَ جي بااختيار اداري ڀاران شايع ڪرڻ نهايت وقتائتي ڳالهه آهي، جو هن وقت جڏهن راڳ ويراڳ جي اصل حسن، طرب، روحاني جوش، جذب ۽ سڪون وارين خصلتن کي دقيانوسي سمجهي، تفريح جي جديد تقاضائن جي نالي ۾ فلمي ڳانن جي ترجمو ڪيل مايوسي ۽ داخليت کي اڀاريندڙ شاعري، سطحي فلمي ڳانن جي ڌنن جو نقل ڪري ڳائجڻ واري ڪلام کي ترجيح ڏني ٿي وڃي، جنهن ۾ شيطاني عمل وارين رنگينين کي ئي وڌيڪ پسنديده سمجهيو وڃي ٿو. ان حوالي سان "فقير مسرور" جو هي ترجمو نهايت مفيد ۽ وقتائتو ثابت ٿيندو. جنهن جي مطالعي سان اميد ته پڙهندڙن کي وڏو لاڀ حاصل ٿيندو.

بيدل مسرور بدوي

## ماخذ:

(1) ابوالمعليٰ الجويني جو اصل نالو عبدالملڪ ۽ لقب ضياءُ الدين هو. الب ارسلان سلجوقيءَ ڪيس حڪم ڏنو هو ته امام ابوالحسن اشعري تي لعنت پڙهي وڃي، جنهن ڳالهه تان ناراض ٿي وڃي حرمين ۾ رهيو. جتي سندس ڏاڍو قدر ٿيو. مڪي ۽ مديني جون فتوائون وٽس ايندئيون هيون، جنهن جي ڪري ڪيس "امام الحرمين" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي.

(2) شاهراهِ هدايت (تعارف، اردو ترجمو: ڪتاب ڪيمياءِ سعادت) علامہ ابو صالح محمد فيض احمد اويسي رضوي، زاويہ پبلشرز داتا دربار مارڪيٽ لاهور، 2008 ع، ۽ .... اڪسير هدايت (تعارف، اردو ترجمو: ڪتاب ڪيمياءِ سعادت) پروفيسر ملڪ عنايت الله ايم اي، ملڪ دين محمد اينڊ سنز، اشاعت منزل بل روڊ لاهور.

(3) امام رازي ﷫: تحرير ۽ ترتيب: مولانا عبدالسلام ندوي مرحوم، اداره اسلاميات انارڪلي لاهور، مارچ 1988 ع، (ديباچو).

(4) ڪشف المحجوب، حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، سنڌي ترجمو: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1988 ع باب پنجٽيهون راڳ ۾ صوفين جا مقام، ص: 465)

(5) مڪاشفة القلوب" امام غزالي ﷫، اردو ترجمو: علامہ عنصر صابري چشتي قادري، تصوف پبليڪيشنز لاهور، 1986 ع ص: 594 تا 598.

(6) ڪشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1988 ع باب ٽيٽيهون: سما ع، ص: 453، 454، 455، 456.)

(7، 8) مشعل راهہ (اردو) مصنف: سيدنا حضرت شاهہ محمد عبدالشڪور قادري چشتي جهانگيري مولف: حضرت جميل احمد شاه شڪوري قادري ناظم آباد: سيپٽمبر 2006ع صفحو 378، 379 .

(9) ڪشف المحجوب: باب پنجتيهون : راڳ ۾ صوفين جا مقام، ص: 463، 464)

(10) (ڪشف المحجوب، حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع، باب پنجتيهون، راڳ ۾ صوفين جا مقام، ص: 459)

(11) هن ڪيميائي مادي متعلق، پهريون ڀيرو 1910ع ۾ لنڊن (انگلينڊ) ۾"جارج برگر" (Gorge Barger) ۽ "جيمس ايوينس" (James Ewens) معلومات فراهم ڪئي، "ڊوپامائين" جي ان طلسمي اثر جي نتيجي ۾ ماڻهن هٿرادو طور فرحت ڏياريندڙ ذريعا استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا، ۽ گڏوگڏ نشي جون شيون به واپرائي، ان ذهني ڪيميائي مادي جي تحرڪ ذريعي لطف وٺڻ شروع ڪيو جنهن جو اثر دنيا جي ڀين ملڪن تي به پيو، ايتري قدر جو هاڻي عام ماڻهن به چرس، ڀنگ، هيروئن ۽ ٻيون نشي جون شيون استعمال ڪري، فرحت ۽ سڪون جو نشون ۽ آسان رستو ڳولهي ورتو آهي.

(12) ڪشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع، باب ٻٽيهون راڳ، آواز ٻڌڻ) ص: 449، 451، 452.

(13) ڪشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع، باب اٺتيهون (حجاب جو کلڻ: ٻڌڻ جي فضيلت:) ص: 438، 439.

(14) ڪشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع، باب ٽيهون (قران پاڪ جو ٻڌڻ). ص: 440، 441.

(15) ڪشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع، باب ٽيهون، قرآن پاڪ جو ٻڌڻ، ص: 445، 446).

(16) ڪشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع، باب ٽيهون: قرآن پاڪ جو ٻڌڻ. ص: 444).

(17) ڪشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع، باب ٽيتيهون (سماع) ص: 453).

(18) ڪشف المحجوب حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988ع باب پنجتيهون راڳ ۾ صوفين جا مقام، ص: 461)

(19) كشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988 ع، باب اوڻيتاليهون، راڳ جا آداب، ص: 474، 475)

(20) كشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988 ع، باب چٽيهون وجد وجود ۽ تواجد، ص: 466، 467، 468)

(21) كشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988 ع، (شعر پڙهڻ: ص: 447، 448.

(22) سوز و ساز رومي (اردو اندرونِ سرورق) پير عبداللطيف خان نقشبندي، فيروز سنز لميٽيڊ، لاهور، بار اول، 2008 ع.

(23) كشف المحجوب: حضرت ابوالحسن سيد علي بن عثمان هجويري، مترجم: عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو 1988 ع. باب ٽيٽيهون (سماع) ص: 453، 454).

(24) مشعل راهه (اردو) مصنف: سيدنا حضرت شاهه محمد عبدالشكور قادري چشتي جهانگيري مولف: حضرت جميل احمد شاه شكوري قادري ناظمر آباد: سيپٽمبر 2006 ع صفحو381.

# التماس

اهل علم ۽ اهل دل صاحبن جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان تہ فدويءَ ڪي ڪنهن بہ قسم جو علمي مايو نہ آهي، فقط محبت ۽ سڪ درويشيءَ جي سَڌ ڪندڙ آهيان، ڪيترن ڏينهن کان هڪ دوست ستائيندو رهيو تہ رقت حال جي سمجهاڻيءَ بابت، هڪ مضمون يادگار تيار ڪري ڏيو. هن وقت هر جاءِ راڳ جي شغل سبب، خيال ٿيو تہ راڳ جي باري ۾ دوستن ڪي خبردار ڪجي، انهيءَ خيال ۾ گذاريندي، ڳچ ڏينهن گذري ويا، هڪ ڏينهن ڪتاب فيض ماب، "احياءِ علوم الدين"، جناب امام غزالي صاحب ﷺ جن جو مطالعي ڪندي، سماع ۽ راڳ جي باري ۾ ڪجهہ ورق نظر آيا، جن جي مطالعي کان فدويءَ جي دل ڪي نهايت مزو آيو ۽ موافق حال جي مضمون ملڻ سبب، پنهنجي ناقص عقل ۽ علم آهر ترجمو ڪري، ان ۾ پنهنجي رهبرن جون ڪي هدايتون آميز ڪري، ڪتاب جي صورت ۾ تيار ڪري دوستن جي اڳيان پيش ڪريان ٿو.

جناب ابو غلام بتول فقير، غلام رسول صاحب چشتي، ساڪن شڪارپور جن جو تمام شڪرگذار آهيان، جن پنهنجو قيمتي وقت هن ڪتاب جي لکي پوري ٿيڻ بعد، پڙهڻ ۽ صلاح ڏيڻ ۾ صرف ڪيو آهي.

سيني صاحبن جي خدمت ۾ اڳي ئي عرض ڪري چڪو آهيان تہ فدويءَ ڪي ڪو علمي مايو نہ آهي ۽ ان کان سواءِ انسان اصل خطا ۽ ڀل جو گهر آهي، ان سبب ڀل يا چڪ ۽ ضعيف مضمون جو معافي طلب آهيان.

بنده

— مسرور شڪارپوري

# سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی رَسُوۡلِہٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ اَجۡمَعِیۡنَ

شڪرانو آهي، خالق حقيقي معبود جو جيڪو جهانن جو خلقيندڙ، رحمان ۽ رحيم آهي، جنهن جي قدرت بي پايان ۽ بي انت آهي، جنهن جي بيان ڪرڻ کان زبان قاصر، قلم لَنگ آهي، جيڪڏهن ساري جهان جا وهندڙ درياء سياهي هجن ۽ ڌرتيءَ جي ميدان جيڏا ڪاغذ هجن، تہ بہ سندس صفت- قدرت جو بيان تمام ٿيڻ جو نہ آهي.

انسان ويچاري کي ڪهڙي طاقت آهي، جو سندس ساراهہ ڪري سگهي، بعد ۾ درود ۽ سلام پياري حبيب حضرت محمّد مصطفيٰ ﷺ، اصحابن ۽ ان جي تمام اولاد تي پڙهڻ بعد، حبيب حقيقيءَ جي بي انت امرن ۽ اشارن مان هيءَ هڪ امر راڳ جي باري ۾ نقل ڪجي ٿو.

اسرار دل جو سارو ڪري راڳ ٿو آگاهہ،
آهي راڳ غذا روح جي اهو ادا ڪر ويساهہ،
شرطن جي موافق نہ آهي تہ پوءِ
تحقيق آهي ڏاڍو راڳ سو گناهہ.

معلوم هجي تہ جيئن لوهہ ۽ پٿر ۾ باهہ لڪل رهي ٿي، يا جيئن پاڻيءَ جي هيٺان مٽي ڍڪيل آهي. اهڙيءَ طرح باطن جا جواهر ۽ اسرار دلين ۾ لڪل آهن، انهن جي ظاهر ڪرڻ جو رستو راڳ کان وڌيڪ ٻيو ڪو نہ آهي. دلين جي طرف وڃڻ جو رستو، ڪن جي طرف کان سواءِ ٻيو ڪو نہ آهي. راڳ موزون ۽ لذيذ، ان جي اندر جا راز ظاهر ڪري ٿو، پوءِ اهي توڙي چڱا يا خراب آهن، چو تہ دل جو حال پريل ٿانوَ وانگر آهي، جڏهن ڪيس لوڏبو تڏهن منجهانئس اهو ئي نڪرندو، جنهن سان اهو ٿانءَ پريل آهي. اهڙيءَ طرح راڳ بہ دلين واسطي سچي ڪسوٽي آهي. جڏهن انهيءَ مان دل کي مزو ايندو تہ منجهانئس اُهي ئي ڳالهيون ظاهر ٿينديون، جي ان تي غالب هونديون. انهيءَ مان معلوم ٿيندو تہ دليون راڳ جون مطيع آهن، جو ان جي سبب کان پنهنجي برائي ۽ ڀلائي سڀ ظاهر ڪيو ڇڏين. انهيءَ سبب ضرور ٿيو تہ سماع، راڳ ۽ وجد جو ذڪر تشريح سان لکيو وڃي ۽ اِنهن ٽنهي جا فائدا، نقصان، ادب ۽ حالتون، عالمن سڳورن جا اختلاف، منع ۽ مباح جي باري ۾ تفصيلوار بيان ڪجن، هي ذڪر ٻن فصلن ۾ بيان ڪجي ٿو.

## فصل پهريون

### سماع ۽ راڳ جي مباح هجڻ ۾ - ۽ عالمن سڳورن جا اختلاف، جنهن ۾ چار بيان آهن.

واضح هجي ته اول راڳ ٿيندو آهي ۽ انهيءَ کان دل تي هڪ عجب حالت ٿيندي آهي، جنهن کي وجد چوڻ ۾ ايندو آهي. انهيءَ وجد جي سبب کان سيني عضون ۾ چرپر يا ڏڪڻي پيدا ٿيندي آهي. اها ڏڪڻي يا چرپر جيڪڏهن بي وزن ٿيندي آهي ته ان کي بيقراري چئبو آهي ۽ جڏهن موزون يعني وزن واري هوندي آهي ته تال ۽ ناچ سڏيو ويندو آهي.

### بيان پهريون

### عالمن ۽ صوفين جا قول- راڳ جي حلال ۽ حرام هجڻ بابت

قاضي ابو طيب طبري، جنهن امام شافعي ﷬، امام مالڪ ﷬، امام اعظم ﷬ ۽ سفيان ثوري ﷬ پڻ بين ڪيترن عالمن علمائن کان اِهي لفظ نقل ڪيا آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته اهي سڀ راڳ جي حرام هجڻ جا قائل هئا. امام شافعي ﷬ ڪتاب 'آداب القضا' ۾ فرمايو آهي ته ڳائڻ هڪ وڏو تماشو ۽ ڪوڙ جي مثال وانگر آهي، جو شخص ان کي گهڻو اختيار ڪندو، اهو بيوقوف آهي، ان جي شاهدي به قبول نه ڪئي ويندي، يعني ان جي شاهدي معتبر ۽ اعتبار جهڙي نه آهي ۽ جا عورت مرد سان محرم نه هجي، توڙي اُها پرده دار يا منهن اگهاڙي گهمندڙ هجي، خواه ٻانهي خريد ٿيل يا آزاد هجي. ان جو راڳ ٻڌڻ ڪنهن حال ۾ درست نه آهي.

حضرت امام شافعي ﷬ فرمائين ٿا ته جيڪڏهن انهيءَ ٻانهيءَ خريد ٿيل جو مالڪ ماڻهن کي ان جي راڳ ٻڌڻ واسطي گڏ ڪري يا سڏي ته اُهو ڪمينو ۽

نالائق آهي. ان جي شاهدي بہ قبول نہ ڪئي ويندي ۽ هي بہ انهن ڪان منقول آهي تہ پاڻ ڪائي وغيره سان گَتَ ڏيڻ خراب ڄاڻندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ هيءَ بي دين ڪافر بي ايمانن جي ايجاد آهي تہ اهي ان جي سبب ڪان عبادت الاهي ۽ قرآن شريف جي تلاوت ڪان غافل رهن. امام شافعيﷺ هي بہ فرمائين ٿا تہ ڳوٽ سان ڪيڏڻ زياده مڪره آهي. جيئن جو اِها ڳالهہ حديث شريف مان معلوم ٿئي ٿي تہ "مان شطرنج راند پسند نٿو ڪريان ۽ جن شين سان ماڻهو راند ڪيڏن ٿا، مان انهن سڀني کي مڪروه ڄاڻان ٿو ڇو جو ڪيڏڻ ديندار ۽ مروت وارن ماڻهن جو ڪم نہ آهي."

امام مالڪﷺ راڳ ٻڌڻ ڪان منع فرمائي آهي ۽ فتويٰ ڏني آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ٻانهي خريد ڪري، پوءِ ڪيس معلوم ٿئي تہ ڳائڻ واري آهي، تڏهن خريدار کي واجب آهي تہ ان کي يڪدم واپس ڪري ۽ اهو ئي مذهب سواءِ هڪ شخص اڪيلي ابراهيم بن سعد جي، سڄي مدينہ منوره جي رهاڪن جو آهي.

امام ابو حنيفہ ﷺ راند ڪيڏڻ ۽ ڪيڏڻ جي رانديڪن کي خراب ڄاڻيندا هئا ۽ هنن خاص طرح راڳ ٻڌڻ گناهہ فرمايو آهي.

هي سڀ اقوال ابو طيب طبريءَ نقل ڪيا آهن. ابو طالب مڪيﷺ گهڻن ماڻهن کي راڳ جي منع فرمائي آهي ۽ پڻ فرمايو آهي تہ اصحابن اڪرامن مان عبدالله بن جعفر رضہ، ابن زبير رضہ، مغيره بن شعبہ ۽ ٻين پڻ راڳ ٻڌو آهي ۽ گهڻن ئي صحابہ صالحين ۽ تابعين بہ راڳ ٻڌو آهي، ۽ هن ريت پڻ ذڪر ڪيو آهي تہ اسان جي ڏينهن ۾ مڪي جي اندر حجاز وارا سال جي وڏن ڏينهن تي راڳ ٻڌندا آيا آهن ۽ اُهي ڪي ٿورا ڏينهن آهن. جهڙيءَ طرح تشريق جا ڏينهن ذوالحج مهيني ۾ آهن. جن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي ذڪر جو حڪم فرمايو آهي ۽ فرمائين ٿا تہ مڪي معظمہ وارن وانگر مديني منوره جا ماڻهو بہ اسان جي وقت تائين راڳ ٻڌندا هئا. جيئن جو فرمائين ٿا تہ اسان ابو مردان قاضيءَ کي ڏٺو تہ ان وٽ بہ چار ٻانهيون ڳائڻ واريون هيون. جي صوفين جي واسطي رکيون هئائين ۽ اهي ماڻهن کي راڳ ٻڌائينديون هيون ۽ حضرت عطاءﷺ جن وٽ بہ ٻانهيون ڳائڻ واريون هيون. جو سندن دوست انهن جو راڳ ٻڌندا هئا ۽ هيءَ بہ ابو طالب ﷺ جن جو قول آهي تہ ابوالحسن بن سالم ﷺ کان ڪنهن شخص پڇيو تہ توهان راڳ جو ڇاڪاڻ انڪار ڪريو ٿا؟ حالانڪ حضرت جنيد ۽

سري سقطي ۽ ذوالنون رحمة الله عليه راڳ ٻڌندا هئا. پاڻ چيائون تہ مان ان جو ڇاڪوڻ انڪار ڪريان! جيئن جو عبدالله بن جعفر طيار راڳ ٻڌندا هئا ۽ چوندا هئا تہ مان فقط ڪيڏڻ ڪڏڻ يعني دل وندرائڻ لاءِ راڳ ٻڌندو آهيان ۽ يحيٰ بن معاذ رحمة الله عليه کان روايت آهي جو پاڻ فرمايو اٿن تہ ٽي چيزون مون کان وينديون رهيون ۽ اُهي هاڻي مون کي هميشه گهٽ ٿي نظر اچن ٿيون. (1) خوبصورت ٿيڻ ۽ سالم رهڻ (2) خوبي گفتار ايمانداريءَ واري (3) ڀائي بندي وفائيءَ واري- ۽ فرمائين ٿا تہ مان هي قول پنهنجين اکين سان بعضي ڪتابن ۾ حارث محاسبي رحمة الله عليه کان ڏٺا آهن ۽ انهن مان هيءُ معلوم ٿيو تہ حارث محاسبي رحمة الله عليه جيتوڻيڪ زهد عبادت ۽ دين جي حفاظت ۾ تمام سعيو ڪندا هئا، تڏهن بہ راڳ کي جائز سمجهندا هئا ۽ ابن مجاهد رحمة الله عليه جن جو دستور هوندو هو تہ دعوت تڏهن منظور ڪندا هئا، جڏهن راڳ بہ ان مجلس دعوت ۾ هوندو هو.

هڪ بزرگوار درويش کان نقل آهي تہ هڪ دفعي مان هڪ دعوت تي ويس جنهن ۾ ابوالقاسم منيع جو ڏوهٽو ۽ ابوبڪر بن ابي دائود، ابن مجاهد رحمة الله عليه ۽ ٻيا ان جا دوست شريڪ هئا، ايتري ۾ مجلس راڳ جي تيار ٿي، ابن مجاهد رحمة الله عليه منيع جي ڏوهٽي کي اشارو ڏنو تہ ابن دائود کي راڳ ٻڌڻ واسطي چؤ. ابن دائود چيو تہ مان پنهنجي پيءُ کان ٻڌو آهي تہ حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه راڳ کي خراب ڄاڻندا هئا، پڻ ابو القاسم چيو تہ منهنجي ناني احمد بن منيع مون کي راڳ ٻڌڻ کان منع فرمائي آهي. ابن مجاهد رحمة الله عليه، ابن ابي دائود کي چيو تہ تون مون کي پنهنجي پيءُ جي قول کان معافي ڏي ۽ ابوالقاسم کي چئو تہ تون مون کي پنهنجي ناني جي قول کان معاف رک. پوءِ ابوبڪر جي طرف منهن ڦيرائي چيائين تہ جيڪڏهن ڪو ٿي شخص تنهنجي اڳيان هڪ شعر پڙهي تہ اهو تو اڳيان حرام آهي ڇا؟ ابن دائود چيو تہ، وري پڇيائون تہ اُهو شخص پڙهڻ وارو جيڪڏهن خوش آواز هجي تہ ان کي شعر چوڻ حرام ٿي ويو ڇا؟ ابن دائود چيو تہ، وري پڇيائون تہ شعر کي جيڪڏهن اهڙيءَ طرح پڙهي، جو دراز يعني وڏايل اکر گهٽيل ٿي وڃن ۽ گهٽيل اکر دراز ٿي وڃن تہ پوءِ ان ۾ شعر حرام ٿي ويو ڇا؟ تنهن تي ابوبڪر رحمة الله عليه چيو تہ "مان هڪ شيطان تي ئي غالب نہ ٿيو آهيان، سو هاڻي ٻين تي غالب پئجي سگهندس!

ابوالخير سقلاني مسود رحمة الله عليه، جيڪي ولي زماني جا هئا، سي بہ راڳ ٻڌندا

هئا ۽ راڳ ۾ بيهوش ٿي ويندا هئا. انهن راڳ جي باري ۾ هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو آهي. ان ۾ راڳ کان انڪار ڪندڙن کي ناجائز ڪيو آهي ۽ پڻ ڪيترن ئي عشاقن اهڙن انڪار ڪندڙن جي رد ۾ ڪتاب تصنيف ڪيا آهن.

هڪ بزرگوار درويش کان نقل آهي ته مان حضرت خضر عليه السّلام جن کي ڏٺو ۽ کين عرض ڪيو ته توهان جو راڳ جي باري ۾ ڪهڙو ارشاد آهي؟ جنهن لاءِ اسان جا دوست اختلاف ڪن ٿا. حضرت خضر عليه السّلام فرمايو ته اهو صفا ظاهري ته سواءِ عالمن جي قدم جي، ٻئي جو پيراتي بيهي نه سگهندو.*

ابن جريح کان نقل آهي ته حضرت جنيد رحمة الله عليه راڳ ٻڌڻ جي اجازت ڏيندا هئا. ڪنهن شخص کانئن پڇيو ته "قيامت جي ڏينهن راڳ توهان جي نيڪين مان ٿيندو يا گناهن مان" فرمايائون ته نه ثوابن ۾ هوندو نه گناهن ۾. ڇاڪڻ جي بي هودائپ وانگي آهي ۽ الله تعاليٰ جلشانهٗ قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمائي ٿو. لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ [1] (يعني نه تو پڪڙي توهان کي الله توهان جي بيهودن قسمن تي). قياس جو (يعني جو بلڪل چيري ڦاڙي تحقيق ڪيو وڃي) ضروري خيال ڪجي، نهايت تائين وڃڻ ۾. منهنجي فقط هيءَ مراد آهي ته جنهن کي آنحضرت ﷺ جن پنهنجي قول يا فعل سان ظاهر ڪرڻ فرمايو ۽ قياس جي مراد هيءَ آهي ته جا ڳالهه پنهنجي ڳالهائڻ ۽ فعلن سان سمجهه ۾ اچي. هي قول راڳ جي باري ۾ نقل آهي، جو شخص هن جي پيرويءَ ۾ حق جو طالب ٿيندو آهي، سو جڏهن هي قول ڏسندو آهي ته بعضي وقتن تي هڪ ٻئي جا اعتراض ٻڌي حيران ٿي ويندو آهي، يا جنهن پاسي طبع جي رغبت ڏسندو آهي، انهيءَ طرف مائل ٿي ويندو آهي. پر هي خيال نقصان ۾ داخل آهي. گهرجي ته حق کي حق جي وسيلي لهجي، يعني جيترين ڳالهين راڳ جي منع ۽ مباح بابت معلوم آهن، تن سڀني جو حال دريافت ڪري ته پوءِ سچو اسرار ظاهر ٿئي، جيئن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

* هن ڪانپوءِ ٻه پئرائون حذف ڪيون ويون آهن. (ادارو)

(1) سورة البقره: آيت 225، سيپارو 2

## بيان ٻيو

## سماع ۽ راڳ جي مباح هجڻ جي دليلن ۾

معلوم هجي تہ جو شخص سماع ۽ راڳ کي حرام چوي ٿو انهيءَ جي هيءَ مراد آهي تہ خدا تعاليٰ جلشانہٗ سماع ۽ راڳ ٻڌڻ ۽ چوڻ واري تي عذاب ڪندو. پر هيءَ ڳالهہ اهڙي نہ آهي، جو فقط عقل سان معلوم ڪجي، مگر ان واسطي ڪي وڏا دليل گهرجن. پڻ شريعت جو لحاظ بہ واجب آهي، ان ۾ ٻن ڳالهين جو بلڪل ضرور آهي.

هڪ ان جي نهايت يعني آخرين مراد تائين وڃڻ گهرجي. ٻيو هاڻي سماع ۽ راڳ جو اسان ڏسون ٿا تہ ان جي حرام هجڻ تي نہ تہ ڪو ئي نهايت تائين وڃڻ جو دليل ڪري ٿو، نہ ڪوئي قياس ئي ڪري ٿو.

جيئن جو هي امر بيان چوٿين ۾ پورو ڪيو ويندو. جنهن ۾ اسان سماع ۽ راڳ جي حرام هجڻ جي قائل شخصن جي دليلن جا جواب لکيا آهن. مگر هاڻي هي ٻيو رستو ظاهر ڪريون ٿا.

”نهايت تائين وڃڻ“ ۽ ”قياس“ . انهن ٻنهي جي سماع ۽ راڳ جي مباح هجڻ تي دلالت ڪجي ٿي.

قياس هن طرح آهي تہ راڳ ۾ ڪيئي ڳالهيون ڪنيون ٿين ٿيون. اول انهن ڳالهين کي جدا جدا ڏسڻ گهرجي ۽ پوءِ سڀني مجموعي جو لحاظ رکجي تہ راڳ ڇا آهي؟ راڳ هڪ خوش آواز جو ٻڌڻ آهي، جو وزن وارو هجي. جنهن جي معنيٰ سمجهہ ۾ اچي ۽ دل ۾ چرپر پيدا ڪري. تعريف ۽ وصف عام خوش آواز جي آهي. پر انهيءَ جا بہ ٻہ قسم آهن. (1) موزون (2) غير موزون.

موزون بہ ٻن قسمن جو آهي، هڪ اُهو جو سمجهہ ۾ اچي، جهڙي طرح شعر

(غزل- بيت) ٿيندا آهن. ہيو اهو جو سمجهہ ۾ نہ اچي. جهڙي طرح بي جان ۽ حيوانن جا آواز آهن. خوش آواز جو ٻڌڻ اهڙي شيءِ نہ آهي، جو حرام ٿي وڃي. پر ان جي آخرين مراد تائين وڃڻ ۽ قياس ڪرڻ بعد حلال آهي.

انسان جي واسطي هڪ عقل ۽ پنج حواس آهن ۽ هر هڪ قوت سامعہ جو هڪ بازو دريافت ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪي چيزون انهيءَ سان سمجهہ واريون هونديون آهن. انهن مان بعضي تہ انهن کي چڱو معلوم ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن خراب. جيئن مثال لاءِ اکين کي ساوڪ ۽ وهندڙ پاڻي، سفيد چهرو ۽ تمام خوبصورت رنگين تصويرون ڏسڻ سان مزو ايندو آهي، ميرن رنگن ۽ بڇڙين صورتن وغيره ڏسڻ سان ڪراهت ايندي آهي ۽ سنگهڻ جي قوت کي خوشبوئن کان فرحت ۽ بدبوئن کان نفرت ايندي آهي ۽ ذائقي کي لذيذ چيزون. گيهہ واريون ۽ مٺيون، چٽٽي دار چڱيون معلوم ٿينديون آهن ۽ ڪوڙيون بي مزي ۽ ڪساريون خراب معلوم ٿينديون آهن.

عقل کي علم ۽ معرفت مان لذت ايندي آهي. جهالت ۽ ڪند فهميءَ کان نفرت ايندي، اهو ئي حال انهن شين جو آهي، جي قوت سامعہ (يعني ٻڌڻ واري طاقت) سان معلوم ٿين ٿيون. جي بعضي لذيذ هونديون آهن. جهڙيءَ طرح بلبلن جي چهہ چهہ ۽ عمدن باجن جو آواز ۽ بعضي خراب هونديون آهن. جهڙيءَ طرح گڏهہ جو آواز (هينگ) آهي. هاڻي انهيءَ قوت سامعہ جي لذت تي قياس ڪرڻ تمام ظاهر آهي ۽ نص يعني ان ۾ نهايت تائين وڃڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ خوش آواز ٻڌڻ مباح آهي.

جيئن جو الله تعاليٰ جلشانہٗ پنهنجن ٻانهن تي خوش آواز سان احسان فرمايو آهي: يَـزِيْدُ فِي الْخَلْقِ مَا يَشَآءُ[1] (وڌائي ٿو پيدائش ۾ جو چاهي). جنهن مان خوش آواز مراد آهي. حديث شريف ۾ آيل آهي تہ مَا بَعَثَ اللهُ نَبِيًّا اِلَّا حَسَنَ الْوَجْهِ حَسَنَ الصَّوْتِ[2] يعني نہ موڪليو الله تعاليٰ جلشانہٗ ڪوئي نبي مگر خوش صورت ۽ خوش آوازُ. هڪ جاءِ حديث شريف ۾ ارشاد آهي تہ جو شخص قرآن شريف خوش آواز سان پڙهي ٿو، الله تعاليٰ جلشانہٗ ان جي تلاوت کي زياده ٻڌي ٿو ۽ هڪ جاءِ حديث شريف ۾ حضرت دائود عليه السلام جي باري ۾ ارشاد آهي تہ هو پنهنجي نفس تي روئندا هئا ۽ زبور جي تلاوت ۾ اهڙا تہ خوش آواز هئا. جو سندن خوش آواز

---

(1) سورة الفاطر: آيت نمبر-1، سيپارو 22 (2) فتح الباري: ابن حجر- ج21 ص 322

ٻڌڻ لاءِ انسان، جن، حيوان ۽ پکي اچي متئُون ميڙ ڪندا هئا ۽ سندن مجلس مان ڪيترن ئي وقتن تي چار سؤ لاشا کڄندا هئا.

آنحضرت ﷺ جن حضرت ابو موسيٰ اشعريءَ جي تعريف ۾ فرمايو آهي، لَقَدْ اُعْطِيْتَ مِزْمَارًا مِّنْ مَزَامِيْرِ آلِ دَاوُدَ[1] (ڏنو ويو ابو موسيٰ کي هڪ نغمي وارو ساز يعني دائود جي خوش آوازن مان) ۽ الله تعاليٰ جلشانهٗ قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمايو آهي. اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ[2] (بيشڪ بري ۾ برو آواز گڏه جو آهي) جنهن مان ثابت آهي تہ پاڪ پروردگار جلشانهٗ خوش آواز جي تعريف ڪئي آهي.

جيڪڏهن ڪوئي شخص هيئن چوي تہ آواز خوش انهيءَ حالت ۾ مباح آهي تہ اُهو فقط قرآن شريف جي تلاوت ۾ هجي. انهيءَ لاءِ هي جواب آهي تہ ڇا آواز بلبل جو ٻڌڻ بہ حرام آهي، ڇو جو اهو بہ قرآن پڙهڻ نہ آهي! جيڪڏهن بي معنيٰ آواز بلبل وارو ٻڌڻ درست آهي تہ پوءِ جنهن خوش آواز مان حڪمت ۽ صحيح معنيٰ پاتي وڃي ان جو ٻڌڻ ڪيئن ناجائز ٿيو!

هاڻي وري ٻي ڳالهہ جو بحث ڪيو وڃي ٿو. يعني خوش آواز سان وزن بہ هجي، ڇوجو وزن وري ٻي چيز آهي ۽ حسن ٻي چيز آهي. موزون آواز بہ ٽن قسمن جا آهن:

i. پهريون اُهو، جو ٻي جان مان نڪري، جهڙيءَ طرح بانسري، نڙ، باجو ۽ ستار يا تارن جو آواز ۽ ڪانيءَ سان گت ڏيڻ جو آواز ۽ ڍولڪ جو آواز آهي.

ii. ٻيو اهو جو انسان جي گلي مان نڪري.

iii. ٽيون اهو جو حيوانن جي گلي مان نڪري، جهڙيءَ طرح بلبلن، قمرين ۽ ٻين خوش الحان وارن جانورن جو آواز آهي.

جيئن جو انهيءَ قسم جا آواز چڱا ۽ موزون ٿيندا آهن ۽ انهن جي شروعات ۽ پڇاڙي هڪجهڙي ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري انهن جو آواز ٻڌڻ چڱو معلوم ٿيندو آهي.

آوازن ۾ اصل حيوانن جو گلو آهي. جيئن جو نڙ بہ انهن جي مشابهہ بڻايل آهي ۽ جيتريون بہ چيزون ڪاريگرن ايجاد ڪيون آهن. تن مان ڪائي بہ اهڙي ڪا نہ آهي، جنهن جو مثال خدا تعاليٰ جلشانهٗ جي مخلوق نہ آهي، جهان جي جوڙيندڙ احسان سان بني آدم کي نئين چيز ايجاد ڪرڻ جو علم بتايو. پوءِ جنهن کان ڪاريگرن سکي، خالق حقيقيءَ جي پيروي ڪئي.

(1) سنن ترمذي: ج 5 ص 355 (2) سوره لقمان: آيت نمبر19، سيپارو 21

حاصل الڪلام ته انهن آوازن جو ٻڌڻ حرام نه آهي، انهيءَ سبب ڪري ته چڱا يا موزون آهن، ڇوجو اهو ڪنهن جو به مذهب نه آهي ته بلبل جو يا ڪنهن ٻئي پکيءَ جو آواز ٻڌڻ حرام آهي، مگر ياد رکڻ گهرجي ته سيني پرندن جو گلو هڪ جهڙو آهي، تنهنڪري هڪ جو حرام ۽ ٻئي جو حلال، سو ايئن ٿي نٿو سگهي ۽ نڪي بي جان ۽ حيوان ۾ ڪجهه فرق آهي.

جيڪڏهن ڪوئي شخص چوي ته حيوان جو آواز ٻڌڻ درست آهي ۽ بي جان جو نا درست آهي، تنهن لاءِ گهرجي ته جيترا آواز تمام انسانن جي جسم مان سندن اختيار سان نڪرن ٿا، انهن جو بلبل جي آواز سان قياس ڪري ڏسي (جيئن مثال لاءِ آدميءَ جي حلق جو آواز، يا لڪڙيءَ سان گت وڃي يا ڍولڪ يا دف وڄائجي) ته سڀ جائز ٿي ويندا، پر اول ۾ انهن آوازن مان انهن سازن کي الڳ ڪيو وڃي، جن جي شروعات ۾ ئي منع ڪئي وئي آهي. يعني رانديڪا کيڏڻ جا ۽ تارن وارا باجا، ڇو ته انهن جي حرام هجڻ ۾ فقط لذت جو سبب نه آهي.

هاڻي جيڪڏهن لذت جي سبب ڪان هي چيزون حرام ٿيون ٿين ته پلا جن ٻين چيزن سان آدمي لذت حاصل ڪري ٿو، سي به حرام ٿيون ٿين! مگر ائين نه آهي. ان جي حرام هجڻ جو هي سبب آهي ته اوائل ۾ ماڻهن کي شراب جو گهڻو حرص هو ۽ شراب سخت حرام آهي. اوائل ۾ شراب جي مٿن پري رکڻ ۽ پيئڻ جو رواج هوندو هو ۽ نشي ۾ شراب جي اثر جي لحاظ کان جي ڳالهيون شرابي پنهنجن بيتن ۾ سازن تي مثلاً نڙ ۽ بانسري وغيره تي ڳائيندا هئا، سي ساز به حرام ٿي ويا، ڇوجو اهي چيزون ان جون تابع آهن. جهڙي طرح ڏاري عورت سان خلوت ڪرڻ حرام آهي ۽ ران اگهاڙي ڏسڻ حرام آهي، ڇاڪاڻ جو پيشاب ۽ پائخاني واري جاءِ سان لاڳاپو رکندڙ آهي ۽ شراب جو ٿورڙو قطرو يعني هڪ ڦڙو به حرام آهي، توڙي نشو نه به ڪري، معلوم هجي ته ٿورڙي جو عادي وڏي نوبت کي وڃي پهچندو آهي ۽ جيتريون چيزون حرام آهن، انهن سيني جي چوڌاري حد احاطو يعني ديوار نڪتل آهي، جا گهڻي ٿيڻ لاءِ تاڻيندي رهندي آهي. ٻيو سبب هي آهي ته جنهن کي شراب ڇڏي ڪي ٿورا ڏينهن ٿيا هوندا، ان کي اِهي اسباب، اُهي گذريل جلسا، شراب جي پيئڻ جي ڏينهن وارا ياد ڏياريندا. ڇو جو اِهي ياد ڏيارڻ جا سبب آهن. اِنهي ياد جي سبب شوق پيدا ٿئي ٿو،

شوق جڏهن زياده ٿئي ٿو. تڏهن انهيءَ ڪم ڪرڻ جي طاقت اپرندي آهي. انهيءَ عادت جي سبب ئي اوائل. جي رنگين خوبصورت ٿانوَ خاص شراب پيئڻ لاءِ هئا. سي استعمال ۾ آڻڻ ڪان منع ڪيا ويا. ڇاڪاڻ تہ انهن ٿانون ۽ پيالن جي ڏسڻ سان شراب پيئڻ ياد آيو ٿي.

هيءَ عادت پهرين عادت ڪان نرالي آهي. ڇو جو پهرينءَ ۾ ذڪر لذت جو معتبر نہ هو پر هن ۾ معتبر آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪو ئي شخص شراب پيئڻ سان راڳ ٻڌڻ جو عادي هجي ۽ راڳ ٻڌڻ سبب انهيءَ کي شراب جو پيئڻ ياد ڏياري تہ اهڙي شخص کي ان سبب ڪري راڳ ٻڌڻ ڪان منع ڪئي ويندي.

ٽيون سبب هيءَ آهي تہ انهن اسبابن کي ڪنو ڪرڻ فاسقن جي عادت آهي. انهيءَ ئي مشابهت ڪري منع ڪئي وئي آهي. ڇاڪاڻ تہ. جو شخص ڪنهن قوم سان مشابهت يعني هڪجهڙائي رکي ٿو اهو انهن مان ئي ٿيندو آهي. ان لاءِ حديث شريف ۾ هن ريت روشن آهي. مَنۡ تَشَبَّهَ بِقَوۡمٍ فَهُوَ مِنۡهُ[1] پڻ انهيءَ عادت جي سبب ڪان نڙ وڄائڻ حرام آهي. جو بندر ۽ درياءَ جي پروارا وڄائيندا آهن. جيڪي اول ۾ ڪدڙا وڄائيندا هئا. جيڪڏهن انهن ۾ هڪجهڙائي نہ هوندي تہ اُهي حاجين جي شاهين يا جنگي دهل وانگر هوندا. انهيءَ عادت تي هيءَ مثال آهي تہ هڪ مجلس ڪئي وڃي ۽ ان ۾ صراحيون ۽ پيالا شراب جا گڏ ڪيا وڃن ۽ ان شراب ۾ سرڪو شڪنجبين وجهي هڪ ساقي مقرر ڪيو وڃي تہ اهو سڄي مجلس وارن کي پري پٽاري ۽ مجلس وارا ساقيءَ ڪان پيالا وٺندا ۽ پيئندا وڃن ۽ پنهنجيون لاتيون شراب نوشيءَ بابت ڪندا رهن تہ اهڙو فعل حرام ٿيندو. جيتوڻيڪ شڪنجبين پيئڻ مباح آهي. مگر انهن فساد ڪندڙن جي صورت تي شراب پيتو. جنهن سبب ڪري ئي حرام ٿيو. انهيءَ ئي دستور پوشاڪ پهرڻ ۽ مٿي جي وارن جي پٽي رکائڻ. جتي هي دستور فساد ڪندڙن جو هجي اُتي بلڪل منع ڪئي وڃي. ڇو تہ هي دستور اهل- اصلاح جو ئي منع ڪرڻ جي باري ۾ سچو آهي.

حاصل ڪلام تہ انهن ٽنهي عادتن جي سبب ڪان نڙ ۽ تارن وارا باجا مثلاً چنگ. رباب ۽ سارنگي وغيره حرام سمجهيا ويا آهن. انهن ڪانسواءِ ٻيا باجا ۽ ساز پنهنجي اصل تي قياس ڪيا ويا آهن. جهڙيءَ طرح ناد جنگي ۽ ڏنارن جي بانسري ۽

(1) سنن ابو داؤد: ج2 ص441

حاجين جي شاهين ۽ جن سازن مان پاڻيهي موزون آواز نڪري- چو جو شرابين ۽ موالين جي عادت انهن سازن جي وڄائڻ جي نہ آهي. انهيءَ سبب ڪري مباح آهي، ڇاڪاڻ تہ نہ ڪي شراب سان تعلق رکندڙ آهن، نہ ان جي يادگيري ڏياريندا آهن ۽ نڪي ان جي شوق ڪرڻ وارن کي شراب خوريءَ جي عادت هوندي آهي، ۽ نڪي انهيءَ فرقي جهڙا آهن، انهيءَ ڪري اباحت ٿي. هاڻي مثال پرندن جي آواز جو اڃي رهيو آهي. پر مان چوان ٿو تہ جيڪڏهن ڪوئي شخص تارن واري باجي کي بي وزن وڄائي، جو ان مان لذت بہ نہ اچي تہ اهو حرام ٿي آهي. ان مان هي ظاهر آهي تہ ان ۾ فقط لذت نہ آهي، جنهن سبب ٿي حرام آهي ۽ نہ ڪي خوش مزاج آهي، پڻ قياس مقابل تہ سڀ خوش مزاج تحفا حلال آهن، سواءِ انهن جي جن جي حلال هجڻ ۾ ڪجهہ فساد هجي.

الله تعاليٰ جل جلاله عم نواله قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمائين ٿا تہ قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ [1] (تون چئو ڪنهن حرام ڪيو آهي، رونق الله جي کي، جو پيدا ڪئي انهي بندن جي واسطي ۽ چڱيون چيزون کائڻ جي واسطي) هاڻي جي آواز موزون آهن، انهيءَ سبب حرام نہ آهن، بلڪ انهن جو حلال هجڻ ابر بخشش جي سبب آهي، ۽ ٻيا حڪم بخشش جا، جن جي سبب راڳ حرام نٿو ٿئي، سي بہ پوءِ بيان ڪنداسون.

ٽين ڳالهہ راڳ ۾ هيءَ آهي، جا سمجهہ ۾ اچي ٿي، يعني شعر آهي ۽ انسان جي گلي مان نڪري ٿو، تنهنڪري بلڪل مباح آهي. سبب هتي فقط ايتري زيادتي ڪئي وئي تہ ڪلام سمجهيل آهي ۽ جو ڪلام سمجهہ ۾ اچي، سو حرام نہ آهي، تنهنڪري آواز خوش مزاج ۽ موزون بہ حرام نہ آهي. پوءِ جڏهن اهي الڳ اڪيلي سر حرام نہ ٿيا تہ مجموعي طور ڪهڙيءَ طرح حرام ٿيندا. (مگر هن ڳالهہ جو ويچار ڪرڻ گهرجي تہ شعر مان ڪهڙو مطلب سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن انهيءَ جي سمجهہ وارو حڪم منع ڪري ٿو تہ ان جو نثر توڙي نظم ۾ ٿي حرام آهن ۽ ان جو زبان تي آڻڻ يا ٻاهر ڪڍڻ بہ حرام آهي، توڙي آلاپ سان هجي يا نہ هجي. انهيءَ باري ۾ حضرت امام شافعيؒ جن حق فرمايو آهي تہ شعر هڪ ڪلام آهي، جيڪڏهن چڱو آهي تہ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن خراب آهي تہ خراب آهي. هاڻي جڏهن شعر پڙهڻ سواءِ آواز ۽ خوش

(1) سورة الاعراف: آيت32، سيپارو8

آلاپ، جيڪڏهن درست آهي تہ آلاپ سان بہ درست آهي. انهيءَ سبب ڪري تہ جڏهن اڪيلي سر مباح آهي تہ مجوعاً بہ مباح ٿيندو ۽ هڪ مباح کي جيڪڏهن ٻئي مباح سان ملائجي تہ ڪل حرام نہ ٿيندو. بشرطيڪ مجمعو شامل ڪنهن امر منع واري مان نہ هوندو،جو اڪيلي سر مباح نہ پاتو ويو آهي. هاڻي جڏهن راڳ ۾ ڪاٺي بہ منع واري ڳالهہ پاتي نہ ٿي وڃي تہ پوءِ شعر پڙهڻ... جيئن جو آنحضرت ﷺ جن جي روبرو ڪنهن اصحاب شعر پڙهيو هو تہ پاڻ فرمايائون إِنَّ مِنَ الشِّعْرِ لَحِكْمَةٌ[1] (هي حڪمت واري شعر مان آهي) ۽ حضرت عائشہ رضہ پڻ هن مضمون جو شعر چيو آهي.

ذَهَبَ الَّذِينَ يُعَاشُ فِي أَكْنَافِهِمْ

وَبَقِيتُ فِي خَلْفٍ كَجِلْدِ الأَجْرَبِ

ويا اهي شخص مون کي عيش هو جن جي حمايت ۾

مگر مان ان گرد ڳل وانگي پوئتي ٿي پئجي ويس

صحيح حديث ۾ حضرت عائشہ رضہ کان روايت آهي تہ جڏهن آنحضرت ﷺ جن مدينہ منوره تشريف فرما ٿيا تہ اُتي حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت بلال رضہ کي تپ ٿي پيو. ان وقت مديني منوره ۾ وبا جو بہ اثر هو. مون حضرت صديق رضہ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اي مهربان بابا سائين ڇا حال آهي ۽ حضرت بلال رضہ کان پڻ پڇيم تہ ڇا حال آهي، پوءِ جڏهن حضرت صديق اڪبر رضہ جن کي بخار ٿيندو هو تہ هن مضمون جو شعر پڙهندا هئا:

كُلُّ امْرِىءٍ مُصَبَّحٌ فِيْ أَهْلِهِ والمَوْتُ

أَدْنَى مِنْ شِرَاكِ نَعْلِهِ

سڀ ڪنهن کي آهي سانجهي صبح گهر ۾

پر بيٺي جتيءَ وانگر جان سان موت اٿس شامل.

۽ جڏهن حضرت بلال رضہ کي بخار لهندو هو تہ بلند آواز سان هن مضمون جو شعر چوندا هئا:

أَلاَ لَيْتَ شِعْرِى هَلْ أَبِيتَنَّ لَيْلَةً

بِوَادٍ وَحَوْلِي إِذْخِرٌ وَجَلِيلُ

(1) سنن ابن ماجہ: ج2 ص1235

وَهَلْ أَرِدَنْ يَوْمًا مِيَاهَ مَجَنَّةٍ
وَهَلْ يَبْدُوَنْ لِي شَامَةٌ وَطَفِيلُ

نتو ڄاڻان ڪڏهن ويندس وري ان وطن پنهنجي ڏي
اذخر هڪ طرف ڏسندس ۽ طرف ٻئي ڪان جليل
يا منجه جي تلاون ڏنهن ڪڏهن ٿيندو گذر منهنجو
يا ايندو نظر خدا يا شام ٻيو طفيل.

'اذخر' ۽ 'جليل' گاهن جا نالا آهن ۽ 'منجه' هڪ شهر جي وادي آهي، مڪه معظمه جي پسگردائيءَ ۾ شام ۽ طفيل پهاڙن جا نالا آهن، جي تلائن تان ڏسڻ ۾ ايندا آهن. حضرت عائشه صديقه رضه جن فرمائين ٿا ته اها سڄي ڳالهه مون آنحضرت ﷺ جن جي خدمت ۾ بيان ڪئي. هيءَ ڳالهه ٻڌي پاڻ هڪ دعا گهريائون ته يا الاهي "مدينو اسان کي اهڙو محبوب ڪري ڏي، جهڙي طرح اسان مڪي سان محبت رکندا هئاسين ۽ اجا ان کان به وڌيڪ محبوب ڪري ڏي".

آنحضرت ﷺ جن مسجد طيب جي جوڙڻ ۾ بين ماڻهن اصحابن سان گڏجي سرون ڍوئيندا هئا ۽ هن مضمون جو شعر پڙهندا هئا:

هَذَا الْحِمَالُ لَا حِمَالَ خَيْبَرْ
هَذَا أَبَرُّ رَبَّنَا أَطْهَرْ

هي اٽ اهڙا آهن جو نه هوندا اٽ خيبر جا.
هي ته بلڪل چڱا آهن نه هوندا ڪي اطهر ٻيا.

هڪ دفعي هن طرح به پاڻ فرمايو اٿن، جو صحيحين ۾ موجود آهي.

اَللّٰهُمَّ لاَ عَيْشَ إِلاَّ عَيْشُ الآخِرَةْ
فَارْحَمِ الأَنْصَارَ وَالْمُهَاجِرَةْ

عيش آهي جي الاهي ته بس عيش آهي آخرت.
اهل هجرت ۽ منهنجي انصار تي ڪر مرحمت.

مٿيان ڏيکاريل مضمون پڻ صحيحين ۾ آهن. آنحضرت ﷺ جن حسان بن ثابت رضه جن جي واسطي مسجد شريف ۾ منبر رکائيندا هئا ته هو ان منبر تي چڙهي آنحضرت ﷺ جن جي فخر جو بيان ڪن ۽ ڪافرن سان بيتن ۾

مباحثو ۽ دين مذهب وارو دشمنو رکن. آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ جلشانه حسان رضہ کي روح القدس يعني جبرئيل عليه السّلام کان مدد ڪري ٿو، جيئن جو هو فخريت رسول الله ﷺ جن جي طرف کان ڪري ٿو ۽ جڏهن قيس بن عبدالله پنهنجو شعر آنحضرت ﷺ جن جي روبرو پڙهيو تہ پاڻ دعا خير جيءَ سان فرمايائون تہ الله تعاليٰ جلشانه تنهنجا شل ڏند نہ ڀڃندو. حضرت عائشہ رضہ جن فرمائين ٿا تہ اصحاب رضہ جن جڏهن آنحضرت ﷺ جن جي اڳيئن شعر پڙهندا هئا تہ پاڻ ٿورو مشڪندا هئا.

عمرو بن شريد رضہ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ مان آنحضرت ﷺ جن جي روبرو شعر اميہ بن ابي الصلت جي شعرن مان پڙهيو تہ هر بار حضرت جن چيو تہ وري پڙهو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هي شاعر تہ پنهنجي شعر موجب چڻ مسلمان آهي.

حضرت انس رضہ جن کان روايت آهي تہ سفر ۾ آنحضرت ﷺ جن جي واسطي 'حدي خواني' ڪئي ويندي هئي. ابخشہ سندن غلام عورتن جي واسطي حدي خواني ڪندو هو ۽ براء بن مالڪ مردن جي واسطي.

آنحضرت ﷺ جن ابخشہ کي ارشاد فرمايو تہ اٺن هڪلڻ ۾ نرمي ڪر، ڇو جو انهن تي سوار شيشي جا برتن آهن.

'حدي خواني' بيت ٿيندا آهن، جي خوش آواز ۽ موزون سرن سان پڙهيا ويندا آهن. اصحابن سڳورن مان ڪنهن بہ ان جو انڪار نہ ڪيو آهي، بلڪہ بعضي وقتن اٺن کي ڇيڙائڻ ۽ تماشي ڏسڻ واسطي يا پنهنجي مزي وٺڻ واسطي التجا ڪندا هئا. راڳ انهيءَ سبب کان بہ حرام ٿي نٿو سگهي، ڇو جو اهو ڪلام لذيذ. سمجهہ وارو آهي ۽ خوش الحان ۽ موزون آواز يعني آلاپ سان ادا ڪيو وڃي ٿو.

چوٿين ڳالهہ راڳ ۾ هيءَ آهي تہ دل ۾ ڇرپر پيدا ڪري ٿو ۽ جا چيز دل تي غالب ٿئي ٿي ۽ ان کي اڀاري ٿي، انهيءَ ۾ اسان بہ هيئن چئون ٿا تہ الله تعاليٰ جلشانه جو هڪ ڀيد آهي، جو موزون سرن جي روحن سان مناسبت رکي وئي آهي، ڇا لاءِ تہ اهي روح ۾ عجيب تاثر پيدا ڪن ٿا. مثال بعضي ڪنهن آلاپ سان خوشي ۽ ڪنهن سان غم ٿئي ٿو، ڪنهن سان ننڊ ٿي اچي وڃي ۽ ڪنهن سان کل ٿي اچي. يعني هٿن

پيرن ۾ سر وغيره يعني سيني عضون ۾ وزن واري چرپر پيدا ٿئي ٿي.

هي گمان نہ ڪرڻ گهرجي تہ هيءَ ڳالھ فقط شعر جي معنيٰ ۾ سمجهڻ سان ٿئي ٿي. بلڪہ تارُن جي آلاپ سان بہ هي حال ٿئي ٿو جيئن جو چوندا آهن تہ جنهن کي بهار ۽ ان جو شگوفو ستار ۽ ان جي آلاپ جي چرپر خوشي نہ بخشي تہ اُهو شخص مزاج جو خراب آهي. انهيءَ جي ڀي ڪا ئي تدبير نہ آهي. پوءِ ڀلا فقط معنيٰ جي سمجهڻ سان ڪيئن چئي سگهندو؟ هي امر تہ ٻارن ۾ بہ موجود آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ٻار کي خوش الحان سان لولي ڏني ويندي آهي تہ روئڻ ڇڏي چپ ڪري اِهو آواز ٻڌندا آهن ۽ پوءِ ننڊ بہ وٺي ويندي اٿن.

اُٺ جيتوڻيڪ غبي طبع جو حيوان آهي تڏهن بہ حدي خوانيءَ جي اثر کان تمام ڀاري بار بہ هلڪو ڄاڻندو آهي...... ۽ ان شدت عيش جي ۾ وڏي وڏي مسافريءَ کي بہ ٿورو ڄاڻندو آهي ۽ حدي خوانيءَ جو نشو ان تي اهڙو چڙهي ويندو آهي، جو وڏن بيابانن ۾ جڏهن بار ۽ بوجھہ کان ٿڪبو آهي، تہ جنهن طرف کان، آواز حدي خوانيءَ جو ٻڌندو آهي، ان طرف ڳاٽ کڻي گيت کي ڪن لائي ٻڌندو آهي ۽ پوءِ اهڙو تہ تکڙو هلندو آهي جو ڪجاوا ۽ بار ۽ رسا لوڏن ۾ ڍرا ٿي ويندا آهن. بعضي وقتن بار جي گهڻائي ۽ تکڙي هلڻ کان هلاڪ بہ ٿيندو آهي. مگر ان وقت حدي خوانيءَ جي خوشيءَ ۽ نشي ۾ ان کي ڪجھہ بہ خيال نہ ٿيندو آهي. جيئن جو ابوبڪر محمد بن دائود دينوري جو رقيءَ جي نالي سان مشهور آهي. ڳالھہ ٿا ڪن تہ ’هڪ دفعي جهنگل ۾ هئس تہ هڪ قافلو عرب جو مون کي مليو. انهن مان هڪڙو شخص مون کي دعوت ڪري پنهنجي تنبوءَ ۾ وٺي ويو. مان تنبوءَ ۾ ويندي شرط ڏٺو تہ هڪ ڪارو غلام گرفتار ڪيو ويٺو آهي ۽ ڪيترائي اٺ تنبوءَ جي دروازي جي ٻاهران مئا پيا آهن ۽ انهن مان جو باقي هڪڙو جيئرو نظر آيو ٿي، سو بہ قريب المرگ پيو هو. ان غلام مون کي چيو تہ تون مهمان آهين ۽ توکي حق آهي تہ منهنجي سفارش منهنجي آقا کي ڪر. هو مهمان نواز ۽ مهمانن جي خاطرداري ڪندو آهي. تنهنجي سفارش ٿورڙي ڳالھہ جي واسطي رد نہ ڪندو ۽ ضرور مون کي قيد جي معافي ڏيندو. پوءِ اُهو شخص مهمان نواز کاڌڻ جي واسطي ڪجھہ طعام کڻي آيو. مگر مون کاڌڻ کان صفا انڪار ڪيو ۽ ان کي چيم تہ جيسين تون هن غلام جي باري ۾ منهنجي سفارش قبول نہ ڪندين، تيسين هي

طعام مان بلڪل نہ کائيندس. ان تي مهمان نواز چيو تہ اي جوان. هن غلام مون کي محتاج بڻائي ڇڏيو آهي ۽ منهنجو سارو مال ماري ڇڏيو آهي. مون کانئس پڇيو تہ هن ڇا ڪيو آهي؟ ان وراڻيو تہ منهنجو گذران انهن جي ڀاڙي ڪمائڻ تي آهي. هن غلام هڪ تہ انهن تي تمام گهڻو بار لڏيو ۽ ٻيو تہ هن جو آواز يعني آلاپ ڏاڍو مزيدار ۽ چڱو آهي ۽ جڏهن هن حدي خواني ڪئي تہ ٽن ڏينهن جو پنڌ هڪ ڏينهن ۾ پورو ڪري اچي هت منزل ڪيائون ۽ جڏهن انهن تان ڪجاوا ۽ بار لاٿا ويا تہ سڀ مرندا ويا. فقط هي هڪ اُٺ بچيو آهي، جو پڻ قريب المرگ آهي. تون منهنجو مهمان آهين ۽ تنهنجي خاطر مان هن غلام کي بخشيو مون کي بہ دل ۾ ڏاڍو خيال ٿيو تہ جيڪر هن غلام جو آواز ٻڌان. صبح جو مون اُن مهمان نواز کي غلام جي آواز ٻڌڻ جو خيال ڏيکاريو. منهنجي خاطر ان شخص غلام کي چيو تہ حدي (گيت) پڙهہ. ان وقت اِهو غلام کوهہ تان پاڻيءَ جو اُٺ ڀري تي آيو. جڏهن ان خوش الحان سان گيت ڳاتو تہ اهو اُٺ هيڏي هوڏي ڀڄڻ ۽ ٽپڻ لڳو ۽ سڀ رسيون ڇنائي ڇڏيائين ۽ مان بہ منهن ڀر ڪري پيس، جو اهڙو آواز مون ساري ڄمار ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو'

انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ راڳ جو اثر دلين ۾ آهي. جنهن شخص تي راڳ مان دل تي ڇرڪ پيدا نہ ٿئي، اهو ناقص ۽ صحيح چاڻ ۾ گهٽ آهي، روحانيت جي درجي کان دور آهي. انهن ۽ پکين بلڪ تمام ساهوارن کان بہ طبيعت ۾ نيچ ۽ غليظ آهي. اهو ان ڪري جو موزون آلاپ سڀ تي اثر ڪري ٿو. جيئن جو شيخ سعدي رحمة الله عليه فرمائي ٿو.

اشتر بشعر عرب در حالت ست و طرب
گر ذوق نيست تر اکثر طبع جانوري.

معلوم هجي تہ انهيءَ سبب ڪري پکي بہ حضرت داؤد عليه السلام جي آواز ٻڌڻ واسطي هوا ۾ بيهي ويندا هئا ۽ هن صورت ۾ راڳ جو دل ۾ تاثير ڪرڻ جي لحاظ سان خيال ڪجي ۽ ان تي مطلق انڪار ڪرڻ يا مطلق حرام هجڻ جو حڪم ڪرڻ درست نہ آهي. بلڪ هي امر احوال ۽ شخصن جي اعتبار کان ۽ طريقي نغمات جي لحاظ کان مختلف ٿيندو آهي ۽ ان جو حڪم اهو ئي آهي، جو دل جي اندر واري چيز جو حڪم آهي.

ابو سليمان رحمة الله عليه فرمائين ٿا تہ راڳ دل ۾ اُها ڳالهہ پيدا نہ ٿو ڪري، جا ان

۾ موجود نہ هجي، بلڪ جا ڳالهہ دل جي اندر هوندي آهي، ان کي حرڪت بخشي ٿو. مطلب تہ ڪلمات موزون ۽ مقفہ گهڻن موقعن تي خاص غرضن جي واسطي هجڻ جي دستور آهي، جنهن ڪان دل تي اثر ٿيندو آهي. اهي ست جايون آهن.

اول حاجين جو ڳائڻ، جن جي منزل تي نقاره يا شاهين وڄائيندا آهن ۽ راڳ ڳائيندا ڦرندا آهن. هيءَ ڳالهہ انهن کي مباح آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن شعرن ۾ تعريف ڪعبہ ۽ مقام ابراهيم، زمزم، حطيم ۽ ٻين مقامن متبرڪن ۽ جهنگل وغيره جو ذڪر هوندو آهي. ۽ ان جو اثر هي هوندو آهي تہ جيڪو شوق اول هوندو آهي، سو ان جي ٻڌڻ سان ٻيڻو ٿيندو آهي. جهڙيءَ طرح حج ڪرڻ ثواب آهي ۽ ان جو شوق رکڻ بہ چڱو آهي ۽ شوق جو پيدا ڪرڻ خواهہ ڪنهن چيز سان هجي تہ چڱوئي آهي. جهڙيءَ طرح واعظ ڪرڻ واري کي جائز آهي. هت واعظ ۾ ڪلام منظوم پڙهي، ڪعبہ ۽ حج ڪرڻ جو ثواب بيان ڪري ان طرف وڃڻ جو شوق اياري. انهيءَ سبب ڪري تہ وزن ۽ قافيو جنهن ڪلام ۾ هوندو آهي تہ ان ڪلام جو تاثير دل ۾ زياده ٿيندو آهي ۽ جڏهن وري ان ۾ خوش الحان ۽ وٺندڙ سر زياده هوندو آهي تہ وڌيڪ اثر ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن وري نقاره يا شاهين يا گت هوندو آهي تہ تاثير ٽيڻو ٿيندو آهي. هي سڀ امر جائز آهن، بشرطيڪہ انهن ۾ نڙ يا تار وارو باجو، جو شراب خورن جي وڄائڻ جي عادت آهي، داخل نہ هجي. مگر جيڪڏهن راڳ سان ان شخص جو شوق وڌائڻ منظور هجي، جنهن کي حج تي وڃڻ جائز نہ هجي، مثلاً هڪ شخص حج جو فرض ادا ڪيو آهي ۽ هاڻي ان کي ماءُ پيءُ وڃڻ جي اجازت نہ ٿا ڏين تہ ان کي حج تي وڃڻ حرام آهي ۽ پڻ راڳ سان ان جو شوق، حج جو وڌائڻ بہ حرام آهي. انهيءَ سبب ڪري تہ حرام ڳالهہ جو شوق وڌائڻ بہ حرام آهي. پوءِ اهو توڙي جو راڳ ڪان هجي يا ڪنهن ٻي چيز ڪان هجي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن رستو خوف وارو آهي، تڏهن بہ تحريڪ ۽ تشويق جائز نہ آهي.

ٻيو اهي بيت، جن جا غازي عادتي آهن ۽ ماڻهن کي لڙائيءَ لاءِ اياري واسطي ڇون تہ اِهي بہ مباح آهن. مگر جاڻڻ گهرجي تہ غازين جا شعر ۽ انهن جي ڳائڻ جو طريقو حاجين جي طريقي ڪان نرالو هجي. ڇو جو لڙائيءَ جي شوق جو بيان بهادري ۽ ڪافرن تي ڪاوڙ ۽ غضب جي تحريڪ (نفس ۽ مال کي لڙائي جي اڳيون نيچ جاڻڻ ڪان) ۽ بهادريءَ جي بيتن سان هوندو آهي. جهڙي طرح هڪ شاعر هن مضمون جو شعر چيو آهي.

نامرد بزدلی کو سمجھتے ہیں احتیاط
پر اصل میں دھوکا ہے طبع لئیم کا۔

ٻئي هڪ شاعر جو شعر پڻ هن مضمون جو آهي:

اے برادر تو حدیثِ نبوی کو سن لے
باغ فردوس بھی ہے تلواروں کے سایہ تلے

غرض تہ بهادريءَ وارن بيتن جو طريقو جدا نموني آهي ۽ شوق وارن بيتن جو طريقو ۽ مضمون بہ ٻئي نموني آهي. بهادر بڻجڻ ۽ بنائڻ امر مباح آهي. پر جنهن وقت لڙائي مباح آهي، تنهن وقت وڌيڪ مستحب آهي ۽ ڄاڻڻ گهرجي تہ هي امر انهن ماڻهن جي حق ۾ آهي جن کي لڙائي ۾ وڃڻ جائز هجي. تيون اهي بيت جي بهادر، دشمن سان مقابلي وقت چوندا آهن. جن جي مضمون جي هيءَ مراد آهي تہ نفس بهادريءَ سبب لڙڻ ۾ ان کي جوش واري خوشي بخشي. انهن بيتن ۾ بهادري ۽ فتح جي تعريف هوندي آهي، جيڪڏهن لفظ عمدا ۽ آواز چڱو هوندو آهي تہ دل تي ڏاڍو اثر ٿيندو آهي. اِهي مباح بيت لڙائي ۾ چوڻ مباح آهن ۽ مستحب لڙائي ۾ مستحب آهن. مگر ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام وارن سان جنگ ڪرڻ منع آهي ۽ اهڙيءَ طرح اهل ڪتاب وارا، جن کي اسلام جي بادشاهيءَ ۾ پناهہ ڏني ويئي هجي، انهن سان ۽ ٻين لڙاين جي منع ڪيل آهن. تن ۾ انهن بيتن جو پڙهڻ منع آهي. ڇاڪاڻ تہ منع ڪيل ڳالهين جو شوق وڌائڻ بہ منع آهي ۽ جائز لڙائيءَ ۾ انهن بيتن جو پڙهڻ اصحابہ ڪرام رضہ ۽ بهادرن کان منقول آهي. جهڙيءَ طرح حضرت امام الاشجعين علي بن ابي طالب رضہ ۽ حضرت سيف الله المسلول خالد بن وليد رضہ ۽ پڻ ٻيا اثين ڪندا هئا. ساڳئي وقت ان باري ۾ سندن فرمودو آهي تہ غازين جي لشڪر ۾ شاهين وڄائڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ان جو آواز دل کي نرم ڪندڙ، رنج بخشيندڙ آهي ۽ اداس ڪندڙ آهي. عقد بهادريءَ جو ان جي ٻڌڻ کان ڊرو ٿي ويندو آهي ۽ نفس جي چستي، سستيءَ سان مبدل ٿي ويندي آهي. جنهن کان اهل عيال ۽ وطن جو شوق پيدا ٿيندو آهي ۽ جنگ ۾ رنڊڪ پئجي ويندي آهي. انهيءَ طرح جيترا بہ آواز ۽ سر يا ساز، جي دل کي نرم ڪن ۽ ڏک ۾ مبتلا ڪن ۽ بهادر ٿيڻ وارن بيتن جي مخالف هجن، تہ جيڪو شخص اِهي راڳ

جنگ ۾ فتور وجهڻ ۽ بهادرن جي دلين کي ڦيرائڻ جي نيت سان پڙهندو ته اهو گنهگار ۽ نافرمان آهي. مگر جيڪڏهن قتل منع ڪيل آهي ۽ ان ڪان سندن دل هٽائڻ جي نيت سان ڪندو ته فرمانبردار آهي.

چوٿون – روئڻ جا آواز ۽ راڳ آهن. انهن جو هي تاثير آهي ته ڏک وڌائيندا آهن ۽ رئارڻ ۽ دل اداس ڪرڻ انهن جو خاص اثر آهي. اِهو ڏک ٻن قسمن جو آهي. هڪ چڱو آهي ۽ ٻيو خراب آهي. خراب ڏک اُهو آهي. جو مئل چيز لاءِ ڪجي، جيئن جو خدا تعاليٰ جلشانهٗ انهيءَ قسم جي غم نه ڪرڻ لاءِ ارشاد فرمايو آهي: لِّكَيْلَا تَأْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ [1] (ته توهان غم نه ڪريو ان تي جو هٿ نه آيو) مئل عزيزن لاءِ غم ڪرڻ به انهيءَ ۾ داخل آهي، جيئن ته چڻ حڪم الاهيءَ تي ناراض ٿيڻو آهي، ۽ اهڙيءَ چيز لاءِ افسوس ڪرڻ آهي، جنهن جي واسطي ڪجهه به بدلو نه آهي.

هاڻي معلوم ٿيو ته اهڙيءَ طرح جو ڏک ڪرڻ خراب آهي، انهيءَ طرح روئڻ سان اهڙو ڏک، اپارڻ به خراب آهي. چڱو ڏک اُهو آهي، جو آدمي امر دين جي ۾ قاصر هجڻ سبب ۽ پنهنجي خطائن کي ياد ڪري ان تي ڏک ڪري ۽ ان جي واسطي روئي ۽ روئڻ جهڙي صورت بڻائي ته اهڙيءَ طرح جو غم ڪرڻ ۽ غم جهڙي صورت ڪرڻ چڱي آهي. جيئن جو اهڙيءَ طرح حضرت آدم عليه السّلام روئندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح جي غم ڪرڻ جو تحرڪ وٺڻ چڱو آهي، چو جو انهيءَ مان بدلي ملڻ جي اميد آهي. پڻ انهيءَ سبب ڪري حضرت دائود عليه السّلام جو روئڻ چڱو هو، ڇاڪاڻ ته سندن ڏک ڪرڻ ۽ روئڻ خطائن ۽ گناهن جي سبب ڪان هو، جيئن جو پاڻ غم ڪندا هئا ته ٻين کي به غمگين ڪندا هئا. پاڻ به روئيندا هئا ته ٻين کي به روئاريندا هئا. سندن روج جي مجلس مان پڻ ڪيئي جنازه ڪڇندا هئا. اِهو روج لفظن ۽ آلاپن سان ڪندا هئا. هاڻي ڄاڻڻ گهرجي ته سچ پچ اهڙيءَ طرح جو روئڻ، جو چڱي ڳالهه جي طرح پهچائي، اُهو چڱو آهي. اِنهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو ٺي واعظ ڪندڙ خوش الحان، منبر تي چڙهي سُر سان ڪجهه بيت غم ۾ وجهندڙ ۽ دل کي نرم ڪندڙ پڙهي روئي يا روئارڻ جهڙي صورت ڪري، انهيءَ نيت سان ته جيئن ٻيا ماڻهو پنهنجي خطائن ۽ گناهن کي ياد ڪري روئن ته اِهو فعل هرگز حرام نه آهي.

---

(1) سورة الحديد: آيت 23، سيپارو 27

پنجون – خوشيءَ جي وقتن ۾ خوشي ملهائڻ لاءِ ڳائڻ مباح آهي. بشرطيڪ اها خوشي ڪرڻ مباح هجي. جهڙيءَ طرح عيد جا ڏينهن، شاديءَ جي ويجهڙائيءَ جا ڏينهن ۽ ڪو ماڻهو گهر تي ويو هجي، ان جي ليڻ جي خبر ٻڌڻ يا اچڻ وقت. شاديءَ جي دعوت وقت، عقيقي وقت، پٽ ڄمڻ وقت يا طهر وقت ۽ قرآن شريف جي حفظ مڪمل ڪرڻ وقت، خوشيءَ جي سبب ڳائڻ مباح آهي- تہ سبب هن راڳ جي جائز هجڻ جو هي آهي تہ خوش الحان بيتن مان بعضي اهڙا بيت بہ آهن، جن جي ٻڌڻ سان خوشيءَ جا خيال ابرن ٿا. هاڻي جاڻڻ گهرجي تہ جن موقعن تي خوشي ڪرڻ جائز آهي تہ پوءِ ان خوشيءَ جو اپارڻ بہ بلڪل درست آهي. هن ڳالهہ جي درست هجڻ جي تصديق هن طرح آهي تہ جڏهن آنحضرت ﷺ جن پنهنجا قدم مبارڪ مدينہ منوره منجهہ تشريف فرمايا تہ مديني منوره جي عورتن ڪوٺن تي چڙهي دف تي هن طرح جا گيت تي ڳايا.

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ
وَجَبَ الشُّكْرُ عَلَيْنَا مَا دَعَا لِلّٰهِ دَاعٍ

بدر طالع گشت برما از ثنيات و وداع
شکر واجب هست برما تا دعا داعي ڪند.

جيئن جو هي بيت آنحضرت ﷺ جن جي تشريف آوريءَ جي خوشيءَ ۾ هئا ۽ خوشي ڪرڻ ضروري ۽ مباح هئي، تہ ان جو ظاهر ڪرڻ، بيت توڙي سر يا ڪنهن ٻئي حيلي سان پڻ چڱو هو. بعضي تہ ان بابت اصحابہ رضہ ڪان اِها بہ روايت آهي تہ اُهي هڪ جنگهہ خوشيءَ ڪان متي ڪٽي ٽپيون ۽ نچيون بہ پئي. ان مان جاڻڻ گهرجي تہ انهن عورتن جو هي حال حڪم رقص جي ۾ اچي ويندو ۽ اها ئي ڳالهہ گهر ٽيل ماڻهوءَ جي موٽي اچڻ جي باري ۾ بہ جائز آهي. جنهن جي اچڻ تي خوشي ڪرڻ درست هجي ۽ اسباب خوشيءَ وارن مان جهڙو سبب مباح هجي، ان ۾ بہ درست آهي.

ان تي اها روايت دلالت ڪجي ٿي، جا صحيحين ۾ حضرت عائشہ صديقہ رضہ جن ڪان روايت ڪيل آهي: جن پاڻ فرمايو آهي تہ مون آنحضرت ﷺ جن کي ڏٺو آهي تہ مون کي چادر هيٺان لڪائي چڏيندا هئا، مان حبشين کي ڏسندي رهندي هيس، جي مسجد ۾ کيل ڪندا هئا. اُهي ايڏو وقت تہ کيل ڪندا رهندا هئا جو مان

بلڪل ٿڪجي پوندي هيس.

هاڻي حضرت عائشہ صديقہ رضہ جي ننڍي عمر جي لحاظ تي (جو انهيءَ اوستا ۾ عورتون کيل، ڪيڏڻ ۽ ڪڏڻ جون حريص ٿينديون آهن) خيال ڪري ڏسبو تہ ڪيتري ئي دير تائين بيٺي هوندي، جو ٿڪجي بہ پوندي هوندي!

بخاري ۽ مسلم ۾ هيءَ حديث شريف عقيل بن زهريءَ کان ۽ انهن عروه کان ۽ انهن حضرت عائشہ صديقہ رضہ جن کان روايت ڪئي آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن حضرت عائشہ رضہ جن وٽ تشريف فرما ٿيا. ڏٺائون تہ انهن جي اڳيان ٻن ڇوڪرين، قربانيءَ وارن ڏينهن ۾ دف وڄايو ٿي ۽ نچيون بہ پئي. آنحضرت ﷺ پنهنجو سارو بدن مبارڪ چادر سان ڍڪيو لڪيو ويٺا هئا. انهن ڇوڪرين کي حضرت صديق رضہ جن جهڻڪيو تہ ايتري ۾ آنحضرت ﷺ جن پنهنجو چهرو مبارڪ ظاهر ڪري فرمايو تہ 'اي ابوبڪر رضہ هنن کي ڪجهہ نہ چئو! ڇوجو هي عيد جا ڏينهن آهن'. پڻ حضرت عائشہ رضہ جن فرمايو تہ "مان آنحضرت ﷺ جن کي بہ ڏٺو هو، جڏهن مون کي چادر هيٺان لڪائي ڇڏيو هئائون ۽ مون حبشين جو تماشو ڏٺو ٿي، جن مسجد شريف ۾ کيل ڪيو ٿي. ان تي حضرت عمر رضہ جن انهن کي جهڻڪيو. آنحضرت ﷺ جن حبشين کي فرمايو تہ 'اي حبشيو! بي خوف رهو!'"

عمرو بن حارث، جنهن ابن شهاب کان روايت ڪئي آهي، ان ۾ بہ هن طرح جو ذڪر آهي تہ ٻن ڇوڪرن ڳايو ۽ وڄايو ٿي، حديث ابو طاهر ۽ ابن وهب کان حضرت عائشہ صديقہ رضہ جن جو اهو قول آهي تہ 'مون کي خدا جو قسم آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي ڏٺو، جو منهنجي حجري جي دروازي تي بيهي رهندا هئا ۽ حبشي مسجد نبويءَ ۾ پنهنجي هٿيارن جو تماشو ڪندا هئا ۽ مون کي پنهنجي چادر سان ڍڪي ڇڏيندا هئا ۽ مان تماشو ڏسندي رهندي هيس، پوءِ منهنجي خاطر ايتري تائين بيٺا رهندا هئا، جيسين مان پاڻ ٿڪجي هلي نہ ويندي هيس'.

حضرت عائشہ صديقہ رضہ جن کان روايت آهي تہ 'مان آنحضرت ﷺ جن جي روبرو گُڏين راند ڪيڏندي هيس ۽ منهنجيون ساهيڙيون مون وٽ اينديون هيون ۽ اُهي گهٽو ڪري آنحضرت ﷺ جن کان حياءَ سبب ڪُنيءَ ۾ وڃي لڪنديون هيون. آنحضرت ﷺ جن انهن کي مون سان کيڏڻ لاءِ مون ڏانهن روانو ڪندا هئا'.

هڪ روايت ۾ ذڪر آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن هڪ ڏينهن حضرت عائشه رضہ جن کان پڇيو ته 'هي ڇا آهن؟' حضرت عائشه رضہ جن عرض ڪيو ته 'منهنجيون گُڏيون آهن'. حضرت جن فرمايو ته 'انهن جي وچ ۾ جو نظر اچي ٿو، سو ڇا آهي؟' انهن عرض ڪيو ته 'گهوڙو آهي'. حضرت جن فرمايو ته 'گهوڙي جي هيڏانهن ۽ هوڏانهن ڇا آهي؟' بيبي صاحبه عرض ڪيو ته 'اُڏرڻ جا پر آهن'. حضرت جن فرمايو ته 'گهوڙي کي به پر آهن!' جنهن تي حضرت عائشه رضہ جن عرض ڪيو ته 'توهان ٻڌو نه آهي ته حضرت سليمان عليه السّلام جي گهوڙن کي پر به هئا'- حضرت عائشه رضہ جن فرمايو ته 'آنحضرت ﷺ جن اِهو سخن ٻڌي ايترو ته خوش ٿيا ۽ کليا جو سندن ڪچون مبارڪ به ظاهر پئي ٿيون'.

هيءَ حديث ڇوڪرين جي عادت تي دليل ڪيل آهي. جيئن جو اِهي تصوير مٽيءَ يا ڪپڙي جي اٽپوري صورت ۾ ٺاهيندڙيون آهن. جيئن جو بعضي روايتن ۾ آيل آهي ته ان گهوڙي کي به پر ڪپڙي جا ٺهيل هئا.

حضرت عائشه رضہ جن کان روايت آهي ته 'مون وٽ آنحضرت ﷺ جن تشريف فرما ٿيا. ان وقت ٻن ڇوڪرين روز بعاث (جنگ جي ڏينهن) جو ذڪر ڳاتو ٿي. پاڻ ڪريم ﷺ ايندي شرط بستري تي آرامي ٿيا ۽ پنهنجو منهن مبارڪ ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيائون. ايتري ۾ حضرت ابو بڪر صديق رضہ جن آيا ۽ انهن کي ۽ انهن ٻنهي ڇوڪرين کي جهڙڪيو ته شيطان جو نڙ. آنحضرت ﷺ جن جي روبرو روا رکو ٿا. انهيءَ تي آنحضرت ﷺ، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن جي طرف متوجه ٿي فرمايو ته "هنن کي نه ڇئو" جڏهن حضرت صديق اڪبر رضہ انهن ڇوڪرين کان بي بر ٿيا ته مون انهن کي اشارو ڪيو ۽ اِهي ٻاهر هليون ويون'.

ٻي جاءِ تي ذڪر آهي ته 'عيد جو ڏينهن هيو ۽ انهيءَ ڏينهن حبشين تماشو ڪيو ٿي. مون کي گمان آهي ته مون آنحضرت ﷺ جن کي اول درخواست ڪئي هئي يا پاڻ فرمايو هئائون "ته توهان ڏسڻ گهرو ٿا ڇا؟" مون عرض ڪيو ته هائو. پوءِ مون کي پنيءَ جي پوئتان ڪري بيهاريائون. ان وقت، منهنجو رخسار سندن رخسار مبارڪ سان هيو ۽ پاڻ حبشين کي فرمايائون ته "تماشو ڪريو" انهن ايتري ته دير تائين تماشو ڪيو جو مان ٿڪجي پيس، تنهن تي پاڻ مون کان پڇيائون

تہ "بس" مون عرض ڪيو تہ مون کي هاڻي بس آهي. جنهن تي پاڻ فرمايائون تہ چڱو توهان هاڻي وڃو.

صحيح مسلم ۾ هن طرح آهي تہ مون پنهنجو مٿو سندن شاني مبارڪ تي رکي حبشين جو تماشو ڏٺو تي، ايتري تائين جو مان ٿڪجي پوئتي هٽي ويس.

هي سڀ روايتون صحيحين ۾ آهن، جن مان صاف ظاهر آهي تہ راڳ ۽ تماشو حرام نہ آهي ۽ انهن حديثن مان ڪيترن قسمن جي اجازت بہ پاتي وڃي ٿي.

پهريون ڪيڏڻ جي اجازت (جيئن جو حبشين جي عادت آهي تہ نچندا ۽ ڪيڏندا آهن) ٻيو ان تماشي جو مسجد ۾ هجڻ- ٽيون آنحضرت ﷺ جن جو حبشين کي اهڙيءَ طرح فرمائڻ تہ "تماشو ڪريو" (جنهن ۾ اجازت تماشي جي ۽ تماشي ڪرڻ جو حڪم آهي) پوءِ ان کي حرام ڪهڙي طرح ڪري سگهجي ٿو؟ چوٿون حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جن کي روڪڻ سبب منع فرمائڻ ۽ ساڳئي وقت ان جو سبب بہ بيان فرمائڻ تہ "عيد جو ڏينهن آهي" ۽ "هي خوشيءَ جو وقت آهي" ۽ ڳائڻ وڄائڻ خوشيءَ جي اسبابن منجهان آهي. پنجون گهڻي دير تائين حضرت عائشہ صديقہ رضہ جن جي خاطرداريءَ لاءِ تماشي جي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ بيهي رهڻ ۽ ان مان هيءَ بہ اجازت پاتي وڃي ٿي تہ عورتن ۽ ڇوڪرين يا ٻارن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ خوش خلقي ڪرڻ يا تماشو ڏسڻ بهتر آهي. ڇهون آنحضرت ﷺ جن جو شروع ۾ ئي، حضرت عائشہ صديقہ رضہ جن کي هي فرمائڻ تہ "توهان ڏسڻ گهرو ٿا ڇا؟" هي گفتگو ڪجهہ اهل خانہ جي مجبوريءَ ڪان نہ هئي، اهل خانہ جي اڪيلائي ۽ غضي جي خوف ڪان بہ نہ هئي. انهيءَ سبب ڪري جيڪڏهن اول انهن جي درخواست هجي ها ۽ پاڻ منظور نہ فرمائن ها تہ عجب نہ هو، جو سبب اڪيلائي ۽ خفگيءَ جو ٿئي ها، مگر ابتدا سوال ڪرڻ ۾ تہ ڪوئي خدشوئي ڪو نہ هو. ستون ڳائڻ ۽ دف وڄائڻ بہ ٻنهي ڇوڪرين جو جائز ٿيو، جيتوڻيڪ "شيطان جي نڙ" سان تشبيهہ ڏني ويئي هئي. انهيءَ مان هي بہ معلوم ٿيو تہ حرام نڙ ڪا ٻي چيز آهي.

انون ٻنهي ڇوڪرين جو آواز آنحضرت ﷺ جن جي ڪنن مبارڪن تي پيو ٿي ۽ پاڻ سمهيا پيا هئا. حالانڪ ڪنهن جڳهہ تي تارن جا باجا وڄندا هئا تہ پاڻ اتي ويهڻ ۽ ڪنن ۾ اُن جو آواز اچڻ هرگز روا نہ رکندا هئا.

انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ عورتن جي آواز جي حرام هجڻ جي حالت، نڙ جي آواز جي حرام هجڻ جي حالت وانگر نہ آهي. بلڪ عورتن جو آواز انهيءَ جاءِ تي حرام آهي جتي فتني جو خوف هجي، مطلب ڳالهہ جو هي آهي تہ هي قياس ۽ تصديق دلالت ڪري ٿو تہ راڳ، ناچ ۽ دف وڄائڻ، ڍال ۽ هٿيار سان کيڏڻ، حبشين ۽ زنگين جو ناچ ڏسڻ، سيني خوشين جي وقتن ۾ مباح آهي، بقياس عيد جي ڏينهن جي. جيئن جو اهو بہ خوشيءَ جو ڏينهن آهي. اهڙيءَ طرح جيئن شادي ۽ شادي جي دعوت، عقيقہ، طهر، ڪنهن عزيز مسافر جو گهر ۾ اچڻ وارو ڏينهن ۽ تمام اسباب خوشيءَ جا يعني جن لاءِ خوشي ڪرڻ درست آهي. انهن جو بہ ساڳيو ئي مثال آهي ۽ پڻ يارن جو ڪنهن جاءِ تي گڏجي ملاقات ڪرڻ يا گڏجي کائڻ ۽ گفتگو ڪرڻ وقت بہ خوشي ڪرڻ جائز آهي ۽ موقعو راڳ ٻڌڻ جو بہ آهي.

ڇهون، عاشقن جو راڳ، شوق جي چرپر، عشق جي ڀڙڪي ٿيڻ ۽ نفس جي دلاسي لاءِ آهي، جيڪڏهن معشوق جي سامهون هوندو آهي، تڏهن بہ لذت جي زياده هجڻ کان چرپر ٿيندي آهي، جيڪڏهن معشوق جي جدائيءَ ۾ هوندو آهي تہ نيت شوق اڀارڻ جي ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ شوق ۾ ڪيترو بہ رنج آهي، مگر ان ۾ وصال جي اميد ملندڙ آهي. توڙي جو لذت نہ بہ ڏيندو آهي. مگر اميد خود لذيذ ٿيندي آهي. نااميدي ڏک ڏيندڙ آهي. پر لذت اميد جي ايتري تہ زياده ٿيندي آهي، جيترو شوق زياده هوندو آهي. مطلب تہ هن راڳ ۾ عشق وڌائڻ ۽ شوق کي ڀڙڪو ڪرڻ يا اميد وصال جي لذت جو حاصل ڪرڻ آهي. ان ۾ محبوب جي حسن جو بيان بہ ڪيو ويندو آهي. ان طرح جو راڳ بہ حلال آهي، بشرطيڪ معشوق بہ انهن شخصن مان هجي، جن جو وصال مباح آهي.

مثلاً ڪوئي شخص پنهنجي حرم تي عاشق ٿئي ۽ ان جي راڳ تي ڪن ڏئي تہ اکين کي ان جي ديدار ۽ ڪنن کي ان جي آواز کان لذت اچي ۽ معنيٰ وصال ۽ فراق جي دل سمجهي وڃي ۽ پوءِ هن لذت جا اسباب هڪ ٻئي پويان ٿيندا رهندا ۽ هي قسم لذت دنيا جي جائز حڪمن ۽ متاع کان فائدو وٺندڙ آهن، مگر متاع دنيا جا بيهودا بہ آهن.

هي حڪم اهڙيءَ طرح آهي، جهڙيءِ طرح ڪنهن کان زال کسجي وڃي يا ڪنهن ٻئي سبب کان جدائي درپيش اچي تہ ان کي جائز آهي تہ پنهنجي شوق جو

تحرڪ راڳ سان ڪري ۽ سماع ڪان لذت اميد وصال جي اياري. مگر جيڪڏهن زال ڪي وڪٽي يا ان ڪي طلاق ڏئي ڇڏي تہ انهيءَ صورت ۾ راڳ سان شوق اپارڻ جو تحرڪ ڪرڻ ان تي حرام آهي، ڇو جو جنهن جاءِ تي وصال ۽ ديدار جائز ناهي، اتي تحرڪ شوق جو اپارڻ بہ جائز نہ آهي. جو شخص پنهنجي دل ۾ ڪنهن عورت يا ڇوڪريءَ جي صورت جو خيال ڪري، جنهن جي طرف ڏسڻ ان ڪي حلال نہ آهي، جيڪڏهن هو ڪجهہ راڳ ٻڌي ان جي صورت تي ڪم آڻي تہ اِهو بہ حرام آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ مان فڪر وارو افعال منع ڪيل پيدا ٿئي ٿو.

اڪثر عشاق اجوڪا ۽ بي وقوف جوان غلبي شهوت ۾ هن خيال ڪان خالي نہ آهن ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ مڙئي دل ۾ رکندا آهن. هي امر انهن جي باري ۾ بلڪل منع ڪيل آهي. انهيءَ ڪري تہ انهن ۾ هڪ بيو راڳ مخفي آهي ۽ انهيءَ سبب ڪري بہ تہ خود راڳ ۾ ڪائي ڳالهہ نہ آهي. انهيءَ قسم جي راڳ ٻڌڻ ۽ خيال ڪرڻ ۾ طالب ڪي ڏاڍو نقصان ۽ گناهہ آهي. ان بابت جڏهن ڪنهن حڪيم ڪان پڇيو ويو تہ عشق ڪهڙي چيز آهي؟ تنهن جواب ۾ چيو تہ عشق هڪ دونهون آهي، جو آدميءَ جي دماغ ۾ چڙهي ويندو آهي ۽ جماع سان لهي ويندو آهي، پر راڳ سان وري اڀرندو آهي.

پڻ ان باري ۾ مرشدنا مولانا هادي مهدي حضرت قادر بخش فقير روهڙي شريفﷺ جن ڪان منقول آهي، فرمائين ٿا: حَرالطَّالب عَليٰ وَجْهِ حُبّ الشَّهَوَاتِ. يعني منهن پر ڪرڻ طالب جو شهوت جي دوستيءَ جي سبب ڪان آهي.

ستون، انهن شخصن جو راڳ، جيڪي الله تعاليٰ جا عاشق ۽ ان جي ديدار جا مشتاق آهن. جيڪي جنهن بہ چيز تي نظر ڪن، ان مان ان جو نور پاڪ پسن ۽ جو آواز ٻڌن، اُهو انهيءَ مان يا ان جي حق ۾ سمجهن. اهڙن ماڻهن جي حق ۾ راڳ، انهن جي شوق ڪي اپاري ٿو ۽ سندن عشق محبت ڪي پختو ڪري ٿو. انهن جي دلين تي چقمق پهڻ جهڙو اثر ڪري ٿو. انهن جي دلين مان اُهي اسرار ۽ لطيفہ ظاهر ڪري ٿو جي خراب حالتن جي حد ۽ احاطي ڪان ٻاهر آهن ۽ جو شخص اِن رزق جو مزو چکي ٿو، اهو ئي ان ڪي ڄاڻي ٿو. پلا جنهن جي قوت ان ذوق جي چکڻ ڪان خراب ٿي ويئي آهي. اُهو ان ڪي ڇا ڄاڻندو!

هاڻي معلوم هجي تہ انهن حالتن جو نالو ارباب- تصوف وارن لاءِ وجد آهي، جو وجود ڪان ورتو ويو آهي. يعني پنهنجي نفس ۾ اهو احوال موجود پائن ٿا. جو راڳ

ڪان اڳ معلوم نٿي ٿيو ۽ راڳ جي سبب ڪان وجد جا خيال اهڙا ته جوش وارا پيدا ٿيندا آهن، جو سندن دلين کي پنهنجي باهہ سان پرپور ڪري، اونداهيءَ ڪان ڪڍي اهڙو ته صاف ڪري ڇڏيندا آهن، جهڙيءَ طرح سوني ۽ چانديءَ جو باهہ ۾ وجهڻ سان مَٽُ نڪري ويندو آهي. ان صفائيءَ ڪان پوءِ مشاهدو ۽ مڪاشفو ٿيندو آهي، جنهن مان خدا جي عاشقن جو فائدو ۽ سندن سڀني عبادتن جو ڦَرُ يعني ميوو آهي.

هن مان معلوم ٿيندو آهي ته انهن چيزن جو ذريعو بہ عبادتن سان آهي، جنهن ۾ گناهہ نہ آهي. دل کي راڳ ڪان اِهي حالتون حاصل ٿين ٿيون، تن جو سبب هي آهي تہ موزون سرن ۽ روحن ۾ مناسبت جو خدا تعاليٰ هڪ راز رکيو آهي ۽ روحن کي الله تعاليٰ سرن تي عاشق ڪيو آهي، جنهن جي اثر ڪان شوق، خوشي، غم، ڪيڏڻ ۽ ڪڏڻ ۽ وجد واري چرپر روح ۾ پيدا ٿيندي آهي ۽ آواز ڪان روحن تي تاثير هجڻ جو سبب علم اسرار جي اصطلاح ۾ آهي.

غبي آدمي پٿر طبيعت جو تڙيل راڳ جي لذت ڪان محروم آهي ۽ شخص ٻڌڻ واري کي جا لذت محسوس ٿيندي آهي، تنهن ڪان وجد جي حالت ۾ ان جو حال دگرگون ٿي ويندو آهي. ان جو رنگ بدلجي ويندو آهي، جنهن کي ڏسي تعجب لڳندو آهي. مگر اهو تعجب ڪرڻ اهڙو آهي، جهڙوڪ چوپايو جانور بادامن جي تيار ٿيل طعام جي لذت ڪان تعجب ڪري، يا نامرد لذت جماع جي ڪان ۽ ڳيرو ڇوڪرو عيش جي سامانن ۾ ڏوڪڙن جي داشت ڪان تعجب ڪري. يا جاهل آدمي لذت معرفت الاهي ۽ ان جي جلالِ عظمت ۽ عجائب صنعت جي دريافت ڪرڻ جي لذت ڪان تعجب ڪري، انهن سڀني جو سبب هڪڙو ئي آهي يعني لذت هڪ قسم جي دريافت ڪرڻ آهي، جا قوت سمجهڻ واري کي گهڻو چاهيندي آهي. پوءِ جنهن جي قوت دريافت ڪرڻ واري پوري نہ آهي تہ ان کي لذت ڪهڙي طرح معلوم ٿيندي. مثلاً جيڪڏهن ڪنهن شخص ۾ قوت ذائقي جي نہ آهي، اُهو ڪهڙيءَ طرح طعام جو مزو معلوم ڪري سگهندو. جيڪو ٻوڙو هوندو آهي، ان کي آواز جي لذت ڪيئن معلوم ٿيندي ۽ جنهن کي عقل نہ هوندو، اُهو عقلي چيزن جي ڪيئن دريافت ڪندو.

اهڙيءَ طرح ڪن ۾ آواز پهچڻ ڪان راڳ جو حظ دل جي اندر واريءَ باطني طاقت سان معلوم ٿيندو آهي، پر جنهن کي اها معلوم ڪرڻ واري اندرين طاقت

ميسر نہ آهي، ان کي راڳ جي لذت نہ ايندي.

هاڻي شايد توهان هيئن چوندا تہ جو راڳ تحريڪ ڪرڻ وارو آهي، سو خدا تعاليٰ جي حق ۾ ڪيئن ٿي سگهندو؟ ان جو جواب هي آهي تہ جو شخص الله تعاليٰ جلشانہٗ کي ڄاڻي ۽ سڃاڻي ٿو، سو انسان بالضرور محبت رکي ٿو ۽ جنهن جي معرفت پختي ٿي ويندي آهي ان جي محبت بہ پختي ٿي ويندي آهي، جڏهن محبت زياده پختي ٿي ويندي آهي تہ ان کي "عشق" چوندا آهن، ڇو جو عشق جي معنيٰ زيادتي محبت ۽ ان کي تاڪيد ڪرڻ جي آهي.

انهيءَ سبب کان جڏهن عرب جي ماڻهن آنحضرت ﷺ جن کي ڏٺو تہ غار حرا ۾ عبادت الاهيءَ جي واسطي اڪيلا رهن ٿا، تڏهن چوڻ لڳا تہ محمد ﷺ جن پنهنجي رب تي عاشق ٿي پيا آهن.

هي پڻ ڄاڻڻ گهرجي تہ جمال جنهن دريافت ڪرڻ واري قوت سان معلوم ٿيندو آهي، ان جي ويجهڙو محبوب ٿيندو آهي. هي پرتوو خالق جلشانہٗ جو آهي، جو خود جميل آهي ۽ جمال کي محبوب رکي ٿو. جيئن جو حديث شريف ۾ آنحضرت ﷺ جن فرمائن ٿا: اِنَّ اللهَ جَمِيْلٌ وَّ يُحِبُّ الْجَمَالَ [1].

جيڪڏهن جمال ظاهري آهي، يعني آدمي ڊولائتو آهي ۽ رنگ وغيره صاف سهڻو اٿس تہ اهو اک جي دريافت ڪرڻ واري قوت سان معلوم ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن جمال باطني آهي يعني جلال، عظمت ۽ مرتبو يا صفات ۽ اخلاق چڱا آهن ۽ ساري خلق سان نيت خير جي ۽ هميشہ مخلوق تي خيرات جاري رکڻ جي آهي تہ اهو دل جي دريافت ڪرڻ واري قوت سان معلوم ٿيندو آهي. لفظ جمال ڪڏهن ڪڏهن صفات باطنيءَ جي خوبيءَ کي بہ چوندا آهن. جيئن جو ماڻهو چوندا آهن تہ فلاڻو شخص جميل آهي. جيتوڻيڪ ان جي صورت هن مطلب واري نہ هوندي آهي. بلڪ هي غرض هوندو آهي تہ جميل اخلاق، محمودالصفات ۽ سيرت جو چڱو آهي. جيئن جو بعضي وقتن تي هڪ شخص جي هٿي سان انهيءَ صفات، باطنيءَ جي سبب کان محبت ٿي ويندي آهي، جهڙيءَ طرح ظاهر جي خوبصورتيءَ جي سبب کان محبت ٿيندي آهي.

هيءَ محبت وڌندي وڌندي پاڻ کي عشق چورائڻ جي حقدار ٿي ويندي

(1) صحيح ابن حبان: ج17 ص245

آهي. جيئن جو امام شافعي رحمه الله، امام مالڪ رحمه الله ۽ امام اعظم رحمه الله جن جي محبت ۾ گهٽائي ماڻهو آهن. جن پنهنجي جان ۽ مال سندن طرفداريءَ ۽ ياريءَ ۾ لٽائي ڇڏيو ۽ انهن جهڙي محبت ۽ تعريف ڪرڻ جو شوق ڪنهن به عاشق ۾ نه هوندو. تڏهن ته وڏي تعجب جي ڳالهه آهي، جو اهڙن ماڻهن تي عاشق ٿيڻ، جن جي صورت ڪڏهن به نه ڏٺي ويئي ته خوبصورت هئا يا بدصورت ۽ جيڪي انتقال به ڪري ويا آهن. فقط سندن جمال باطني، سهڻين خصلتن ۽ ديني علم جي خيرات جاري ڏسڻ مان سمجهه ۾ اچي ٿو ۽ ممڪن به آهي. پوءِ جنهن ذات پاڪ جو هيءَ حال آهي جو دنيا ۾ جيترين خيراتون، جمال ۽ محبوب آهن. اُهي سڀ ان جي خوبيءَ جو پرتوو آهن ۽ ان جي ڪرم واري اثر جي علامت جو درياهه ۽ درياهه- جود جو قطرو بلڪه تمام حسن ۽ جمال جو عالم ۽ عقل سان خواهه حواس ظاهريءَ اک ۽ ڪن وغيره سان، شروع پئدائش دنيا جي کان آخر تائين ۽ ستارن کان وٺي ذرتيءَ تائين معلوم ٿيندو آهي. سو ان جي خزاني جو هڪ قطرو ۽ ان جي انوار حبيب عليه السلام جو هڪ چمڪارو آهي. جنهن ذات پاڪ جي هيءَ وصف آهي ته پوءِ مون کي معلوم نه ٿو ٿئي ته ان جي محبت ڪيئن سمجهه ۾ نٿي اچي، پر جي شخص ان ذات پاڪ جي وصفن ۽ صفتن کان واقف آهي، تن جي دلين ۾ تحقيق هيءَ محبت ايتري زياده ٿي ويندي آهي، جو ان کي عشق چوڻ به خطا آهي، يعني لفظ عشق به ان تمام زياده محبت هجڻ واري سمجهه کان قاصر ٿي ويندو آهي.

سبحان الله! عجب ذات پاڪ آهي، جو شدت ظهور ٿي ان جي ظاهر ٿيڻ جو حجاب آهي. اُها ذات پاڪ جيڪڏهن نور جي ستر پردن ۾ پوشيده نه هجي ها ته سندس چهري مبارڪ جو انوار ان جي جمال پاڪ جي ڏسڻ وارن جون اکيون اُڏائي ڇڏي ها ۽ جيڪڏهن ان جو ظاهر ٿيڻ، سندس مخفي هجڻ جو سبب نه هجي ها ته عقل حيران، دل پريشان، قوت ابتر ۽ عضوا ڍرا ٿي وڃن ها. پوءِ توڙي ڪٺي دل پٿر ۽ لوهه جي هجي ها ته به ان جي حيثيت انوار تجلي جي اڳيان چڪنا چور ٿي وڃي ها؛ ڇو جو سچ جهڙي نور جي تاب سهڻ جي طاقت ويچاري ڪانڊاٽي ۾ ڪا ٿي سگهندي آهي؟

هاڻي معلوم ٿيندو ته محبت سواءِ الله جلشانهٗ جي گناهه ۽ جهالت آهي، پر معرفت جو حقدار، پڪ ڪري ڄاڻڻ گهرجي ته سواءِ خدا تعاليٰ جلشانهٗ جي ٻي ڪنهن کي نه سڃاڻندو آهي. ڇو جو حقيقت ۾ سواءِ الله تعاليٰ جلشانهٗ ۽ ان جي افعال جي ٻي

ڪائي چيز موجود نہ آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪوئي افعال جي معنيٰ، هن نظر سان ڏسندو تہ هي افعال آهن ۽ افعال جي معرفت فاعل کان اڳتي نہ وڌندي ۽ ٻئي طرف نہ ويندي. ان جو جواب هي آهي تہ مثلاً جو شخص امام شافعي رحمة الله عليه يا امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جن ۽ انهن جي علم ۽ تصنيف کي هن لحاظ سان سمجهندو تہ هي سندن تصنيفات آهن ۽ انهيءَ قطع نظر سان ڏسندو تہ هي ڪاغذ مجلد ۽ سياهي، ڪلام سچو ۽ صحيح آهي ۽ زبان عربي آهي تہ ان جي معرفت امام شافعي رحمة الله عليه يا امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جن کان ٻئي جي طرف نہ ويندي ۽ انهن کانسواءِ ٻئي جي محبت دل ۾ نہ ايندي. هاڻي دنيا جي موجودات کي جو ڏسجي ٿو تہ ڪل موجودات الله تعاليٰ جلشانہٗ جي ڪاريگري آهي تہ ان ڪاريگريءَ ۾ فقط ڪاريگر جي صفات ڏسندو. جهڙيءَ طرح خوبي تصنيف جي کان مصنف جي فضيلت ۽ ان جي بزرگيءَ جو قدر معلوم ٿيندو آهي. جنهن جي معرفت ۽ محبت بہ خدا تعاليٰ جلشانہٗ تي ئي منحصر آهي. جا ٻئي طرف حد کان لنگهي نہ ويندي. هن عشق جي تعريف هيءَ آهي جو شراڪت قبول نٿو ڪري ۽ ان کانسواءِ ٻيا جيترا بہ عشق آهن، اُهي شراڪت قبول ڪندا آهن. ڇو جو خدا تعاليٰ جلشانہٗ جو ثاني وجود خواه امڪان ۾ نہ ٿي سگهندو آهي.

انهيءَ مان معلوم ٿيندو تہ ٻئي جي محبت جو عشق چوڻ مجازي آهي، نہ حقيقي، پر جو شخص ڪم عقل حيوانن سان رهي ٿو، اهو لفظ عشق مان مراد وصال جي سمجهي ٿو جنهن جي معنيٰ ظاهري جسمن جي ملڻ ۽ شهوت جماع جي پوري ڪرڻ جي آهي. انهن ڳڏهن جهڙن ماڻهن اڳيان لفظ عشق، شوق، وصال ۽ انس چوڻ نہ گهرجي، بلڪ انهن لفظن جي استعمال کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، جهڙيءَ طرح چوپائي جي اڳيان نرگس ۽ ريحان نہ ٿي رکجي، مگر فقط گاهہ بوسو ۽ وڻن جا پن رکي ڇڏيندا آهن. انهي ڪري الله تعاليٰ جلشانہٗ جي حق ۾ انهن لفظن جو چوڻ جائز آهي. جنهن کان ٻڌڻ وارن کي انهن ڳالهين جو وهم نہ ٿئي، جنهن کان الله تعاليٰ جلشانہٗ جو پاڪ چوڻ واجب آهي. اسان ماڻهن منجهان جيڪڏهن ڪوئي ان سمجهہ جي برعڪس اختلاف ڪري تہ اهڙن ماڻهن سان گفتگو ڪرڻ وقت هي بيت ياد رکڻ گهرجي.

باهيچ نفسهم لاف معني چہ زني
طفلانہ بطفل گفتگو بايد ڪرد

پر عجب نہ آهي تہ صفات الاهيءَ جي ٻڌڻ سان ئي دل تي اُهو وجد غالب

ٿئي، جنهن جي سبب کان دل ڦاٽي پوي. جيئن جو ابوهريره رضہ، آنحضرت ﷺ جن کان روايت ڪن ٿا، تہ بني اسرائيلن مان هڪڙو ڇوڪرو پنهنجي ماءُ سان ڪنهن پهاڙيءَ تي ويٺو هو، ان پنهنجي ماءُ کان پڇيو تہ امان! آسمان ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ماڻس چيو تہ الله تعاليٰ جلشانهٗ پيدا ڪيو آهي. وري ان پڇيو تہ اي امان! زمين ڪنهن پيدا ڪئي آهي؟ ماڻس چيو تہ زمين الله تعاليٰ جلشانهٗ پيدا ڪئي آهي. وري پڇيائين تہ امان! هي پهاڙ ۽ جبل ڪنهن ٺاهيا آهن؟ ماڻس چيو تہ الله تعاليٰ جلشانهٗ پيدا ڪيا آهن. وري ان ڇوڪر پڇيو تہ امان اهي جهڙ جا ڪڪر ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟ سندس ماءُ چيو تہ الله تعاليٰ جلشانهٗ پيدا ڪيا آهن. ان ڇوڪر چيو تہ مار! الله تعاليٰ جلشانهٗ جو هي نشان! ائين چئي پاڻ کي پهاڙ تان ڪٽي ڇڏيائين ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. ان جو سبب هي معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن ان ڇوڪر اهي ڳالهيون ٻڌيون جي الله تعاليٰ جلشانهٗ جي جلال ۽ ڪامل قدرت جا دليل هئا تہ ان کي خوشيءَ ۾ وجد ٿيو ۽ وجد جي حالت ۾ ان پنهنجو پاڻ کي ڪيرائي ڇڏيو. ڪتاب آسماني سڀ انهيءَ سبب لاءِ لٿا آهن تہ الله تعاليٰ جلشانهٗ جي ذڪر کان ماڻهو خوشي ڪن.

بعضي اڪابر فرمائن ٿا تہ اسان انجيل ۾ لکيل ڏٺو آهي تہ مان توهان جي اڳيان ڳاتو، مگر توهان خوشي نہ ڪئي. مان توهان جي واسطي نڙ وڄايو، مگر توهان نہ نچيو يعني مان الله تعاليٰ جلشانهٗ جي ذڪر جو شوق توهان کي ڏيکاريو، مگر توهان مشتاق نہ ٿيئہ.

اسان راڳ جا قسم ۽ اسباب ۽ جن مطلبن جو ذڪر ڪرڻ گهرون ٿا. تن جو بيان ڪيوسين، جنهن مان يقين سان معلوم ٿي ويو تہ بعضي راڳ مباح آهي ۽ بعضي مستحب آهي، هاڻي اسان اُهي علامتون لکون ٿا، جن کان راڳ حرام ٿي ويندو آهي.

—

## بيان ٽيون

### انهن علامتن جي ذڪر ۾، جن ڪان راڳ حرام ٿي ويندو آهي، اهي پنج آهن.

اول هي آهي تہ ڳائڻ واري عورت هجي، جنهن جي طرف ڏسڻ حلال نہ هجي ۽ ان جي راڳ ٻڌڻ مان فتني جو خوف هجي. هي حالت حرام هجڻ، راڳ جي سبب ڪان نہ آهي، مگر فتني جي خوف هجڻ سبب حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن عورت سان ڳالهائڻ ۾ ۽ ان جي آواز ڪرڻ مان فتني جو خوف هجي تہ ان جو ڳالهائڻ بہ درست نہ آهي. نڪي تلاوت ۾ ان جو آواز ٻڌڻ جائز آهي. اِهو ساڳيو حال ان ڇوڪر جو بہ آهي، بشرطيڪہ فتني جو خوف هجي. هاڻي جيڪڏهن هيئن چئبو تہ توهان ان کي هر حال ۾ حرام چئو ٿا؟ يا حرام ان جاءِ تي چئو ٿا، جتي فتني جو خوف هجي، يا جنهن شخص جي حق ۾ فتني جو خوف هجي؟

ان جو جواب هي آهي تہ فقہ جي حڪمن موجب هيءُ مسئلو ٻن ڳالهين جي سمجهڻ لائق آهي. هڪ هيءُ آهي تہ ڌاري عورت سان خلوت ڪرڻ ۽ ان جي صورت ڏسڻ حرام آهي، توڙي فتني جو خوف هجي يا نہ هجي. انهيءَ سبب ڪري تہ هن مان هرگز فتني جو خوف آهي ۽ شريعت پڻ ان ڳالهہ جي بند ڪرڻ لاءِ حڪم فرمايو آهي، ۽ عورتن جي طرف متوجہ ٿيڻ کان منع ڪئي آهي ۽ اصول هي آهي تہ ڇوڪرن جي طرف ڏسڻ مباح آهي، مگر فتني جو خوف نہ هجي. هاڻي ان مان معلوم ٿيندو تہ ڇوڪرن جو حال عورتن جي حال وانگر نہ آهي. بلڪ ان جي باري ۾ خوف ۽ فتني جي پيروي ڪئي ويندي آهي ۽ عورت جو آواز بہ انهن ٻنهي اصولن تي منحصر ٿي سگهندو آهي، پر جيڪڏهن انهن جي ڏسڻ جي مراد هجي تہ ان جو آواز ٻڌڻ ئي نہ

گهرجي. مگر ڏسڻ ۽ آواز ٻڌڻ ۾ به فرق آهي. انهيءَ ڪري جو شهوت اول ئي ڏسڻ جي خواهشمند ٿيندي آهي ۽ آواز ٻڌڻ جي طلب ڪندڙ نه ٿيندي آهي. انهيءَ ڪانسواءِ آواز چڱو به نه آهي. ان مان معلوم ٿيندو ته سواءِ راڳ جي عورت جو آواز ٻڌڻ چڱو آهي، ڇو جو عورتون اصحابن رضہ جن جي وقت ۾ مردن سان ڳالهائينديون هيون. يعني السلام عليڪم، سوال ۽ مشورا وغيره ڪنديون هيون.

مگر راڳ ڪي شهوت جي چرپر ڪرڻ ۾ زياده اثر آهي ته آواز ٻڌڻ جي قياس موجب ڇوڪرن جو ڏسڻ به بهتر آهي. انهيءَ سبب ڪري، جو جهڙيءَ طرح عورتن ڪي آواز مخفي رکڻ جو حڪم نه آهي، تهڙيءَ طرح مردن ڪي به پردي ڪرڻ جو حڪم نه آهي. هاڻي انهيءَ صورت ۾ فقط خوف فتني تي حرام هجڻ منحصر هئڻ گهرجي. منهنجي نزديڪ ته قرين قياس اهو ئي آهي ۽ حديث ٻنهي ڇوڪرين جي، جن حضرت عائشہ صديقہ رضہ جن جي گهر ۾ ڳاتو ٿي، ان باري ۾ مدد ڏيندڙ آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته آنحضرت ﷺ جن انهن جو آواز ٻڌو ٿي ۽ آواز ڪان پرهيز نه ڪئي، ڇاڪاڻ فتني جو خوف ڪين ٻنهي کو نه هو.

مطلب ڳالهہ جو ته ان جو حال عورت ۽ مرد جي احوال جي لحاظ ڪان مختلف ٿيندو. يعني جوان لاءِ ٻيو حڪم ٿيندو ۽ ٻڍي لاءِ ٻيو حڪم ٿيندو. هن طرح جي ڳالهين ۾ حڪمن جو مختلف هجڻ ڪجهہ بعيد نه آهي. مثال لاءِ اسان چئون ٿا ته جيڪڏهن روزو رکندڙ ٻڍو شخص هجي ۽ اهو پنهنجي بيويءَ ڪان بوسو وٺي ته ان کي جائز آهي ۽ جوان کي ناجائز آهي. انهيءَ سبب ڪري جو ڇمي روزي جي حالت ۾ جماع جي طلب ڪندڙ ٿيندي ۽ اهو فعل منع ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح راڳ به طلب ڪندڙ ڏسڻ ۽ ويجهڙائيءَ جو ٿيندو آهي. هاڻي ياد رکڻ گهرجي ته راڳ به هر شخص جي حق ۾ جدا جدا حڪم رکندڙ آهي.

ٻيو سبب هي آهي ته راڳ جا ساز چڱا نه آهن، مثال لاءِ شرابين ۽ ڪڏڻ جي پيشي وارا هجن، جهڙيءَ طرح نڙ، ڪنجري ۽ تار جو باجو.

ٽيون سبب هي آهي ته نظم ۾ خرابي هجي، يعني: شعر ۾ جيڪڏهن اگهاڙپ، بيهودگي، ٺٺول ۽ جي ڳالهيون الله تعاليٰ جلشانہٗ ۽ ان جي رسول ﷺ تي ۽ اصحابن تي ڪوڙيون آهن (جهڙيءَ طرح رافضي اصحابن رضہ جي شان ۾ ٺاهيندا

هئا) تہ اهڙين ڳالهين جو ٻڌڻ هر طرح، گيت جي صورت ۾ يا ٻي ڪنهن حالت ۾ حرام آهي. هي ياد رکڻ گهرجي تہ ٻڌڻ وارو چوڻ واري جو شريڪ آهي. اهڙيءَ طرح اُهي شعر، جن ۾ ڪنهن خاص عورت جي وصف هجي (چو جو عورتن جو ذڪر مردن جي اڳيان جائز نہ آهي، جنهن مان ان جي بدن ۽ عضون جو حال معلوم ٿئي) بلڪل چوڻ يا ٻڌڻ خواهہ زبان تي آڻڻ نہ گهرجن. ليڪن ڪافرن ۽ بدعتين تي هجو ڪرڻ جائز آهي. جهڙي طرح حسان رضہ. آنحضرت ﷺ جن جي طرف کان ڪافرن سان خصومت رکندا هئا ۽ ڪافرن جي هجو بيان ڪندا هئا ۽ آنحضرت ﷺ، ان ڪي اجازت ڏئي ڇڏي هئي.

شعر مشابهت ڏيندڙ يعني احوال خط، حال ۽ قد وغيره بابت نظم ۾ آواز سان، يا بنا آواز ٻڌڻ حرام آهي، پر ٻڌڻ واري ڪي گهرجي تہ اُهي اوصاف ڪنهن حسين (حسن واري) عورت تي نہ اچلائي. جيڪڏهن اچلائي بہ تہ اهڙي عورت تي اچلائي، جا لئہ ڪي حلال هجي. مثال لاءِ پنهنجي مڱينديءَ يا گهر واريءَ تي، جيڪڏهن ڌاري عورت تي اچلائيندو تہ انهيءَ اچلائڻ ۽ ان باري ۾ فڪر ڊوڙائڻ کان گنهگار ٿيندو. جنهن شخص جي سڀ ڪنهن شعر جي مضمون ڪي ڌاري عورت تي اچلائڻ جي عادت هجي. ان ڪي لائق آهي تہ بلڪل راڳ نہ ٻڌي، چو جو اهڙو شخص، جو ڪجهہ ٻڌندو آهي، سو پنهنجي معشوق تي اچلائيندو آهي. پوءِ اُهي لفظ توڙي مناسب يا نامناسب هوندا آهن ۽ پڻ ڪوئي لفظ اهڙو نہ آهي، جنهن جي معنيٰ پري پري جي احوالن جي گهر ڪندڙ نہ آهي.

مثلاً، جنهن جي دل تي عشق الاهي غالب ٿيندو آهي، اُهو زلفن جي سياهيءَ کان ڪفر جي اونداهيءَ جو خيال وٺندو آهي. سفيد ۽ چلڪندڙ تازي رخسار مان نور، ايمان ۽ وصال جي مراد سمجهندو آهي. فراق جي مضمون مان مردودن جي جماعت ۾ لڪل هجڻ جي معنيٰ سمجهندو آهي ۽ رقيب يعني وصال جي خلل وجهندڙ کان دنيا ۽ ٻيون آفتون (جي الله تعاليٰ جلشانہٗ سان دائمي محبت ۾ خلل وجهندڙ آهن) ڄاڻندو آهي، ۽ انهن لفظن جو متينءَ مراد تي اچلائڻ يا خيال ڪرڻ ۾ ان ڪي ڪجهہ صبر، فڪر يا مهلت جي ضرورت نہ ٿيندي آهي.بلڪ جي ڳالهيون ان جي دل تي غالب هونديون آهن، اِهي لفظن ٻڌڻ سان ئي جهٽ پٽ سمجهہ ۾ اينديون آهن،

جيئن جو ڪنهن بزرگ جو ذڪر آهي ته بازار مان لنگهيا تي ۽ ڪنهن ڪان هي هوڪو ٻڌائون ته "خيار" پئسي جا ڏهه. اِهو ٻڌندي ئي وجد ۾ اچي ويا. بعد ۾ ڪنهن شخص ڪانئن حال پڇيو. جنهن جي جواب ۾ فرمايائون ته جڏهن 'خيار' پئسي جا ڏهه آهن، تڏهن "اشرار" يعني شرن ۽ فسادن جي ڇا قيمت هوندي! 'خيار' عربي لفظ آهي، جو ونگي کي سڏيو ويندو آهي. مگر هن درويش "خيار" جو لفظ جمع 'خير' جو سمجهي، چڱي معنيٰ خير جي جاتي ۽ هڪ ٻئي بزرگوار جو بازار ۾ وڃڻ ٿيو. ڪنهن پڙيءَ ڪان هي هوڪو ٻڌائون. "سعتربري" (ڦودنو) اهي لفظ ٻڌي، کين وجد آيو. ماڻهن ڪانئس دريافت ڪئي، جنهن تي چيائون ته مان ائين سمجهيو ته هي شايد "اسع تربري" ٿو چوي يعني تون ڪوشش ڪر ۽ منهنجي سلوڪ جو مزو ڏسندين.

اجا تائين فارس وارن کي عربن جي اشعارن ڪان ڪڏهن ڪڏهن وجد اچي ويندو آهي، انهيءَ سبب ڪري جو بعضي عربي لفظ فارسي لفظن جهڙا هوندا آهن. مگر انهن لفظن کي پنهنجي ٻوليءَ موجب ٻيو سمجهندا آهن. جيئن جو ڪنهن شخص هي شعر پڙهيو. "وما زارني في اليل الا خياله" (نه آيو رات ۾ منهنجي اڳيان سواءِ خيالِ يار جي) اِن تي هڪ فارسي کي وجد آيو بعد ۾ ماڻهن سندس وجد جو سبب پڇيو. تنهن تي ان فارسي چيو ته هي چوي ٿو "مازاريم" يعني لفظ 'زار' فارسي ۾ ضعيف ۽ قريب المرگ کي چوندا آهن ۽ "مانافيه" کي فارسيءَ جو ضمير جمع متڪلم سمجهي هي خيال ڪيو آهي ته هي شخص چوي ٿو ته "اسان سڀ آماده هلاڪ آهيون" ۽ ان وقت منهنجي دل ۾ انديشه آخرت جي هلاڪيءَ بابت هو. جو باعث وجد جو ٿيو ۽ سچ پچ جو شخص باهه محبت الاهيءَ جي ۾ جلي رهيو آهي. ان جو وجد به ان سمجهه جي موافق آهي. اهو ضروري نه آهي ته ڪنهن جو خيال شاعر جي مراد جهڙو ٿئي يا شعر جي زبان سمجهي ته ان طرح جو وجد حق ۽ درست آهي. مطلب ته حقاني وجد وارن جي واسطي مشابهت ڏيندڙ لفظن جي ڦيرائڻ ۾ ڪجهه وڏو فائدو نه آهي. اُهي ته جهڙو لفظ جنهن ٻوليءَ جو ٻڌندا ان مان پنهنجو ئي مطلب ڪيندا. جهڙيءَ طرح شيخ سعدي رحمه الله فرمائن ٿا:

چو شوريدگان مي پرستي کنند

بر آواز دولاب مستي کنند

هاڻي ياد رکڻ گهرجي ته جنهن شخص تي مخلوق جو عشق غالب آهي، ان کي کو به راڳ جو لفظ ٻڌڻ نه گهرجي ۽ ان کان پرهيز ڪندو رهي.

چوٿون سبب هي آهي ته ٻڌڻ واري ۾ خرابي هجي، يعني ان تي شهوت غالب هجي، ۽ عين بهار جوانيءَ ۾ هجي ته ان کي راڳ ٻڌڻ حرام آهي، پوءِ توڙي جو ان جي دل تي ڪنهن به مدد ڪندڙ شخص جي محبت غالب هجي، يا نه هجي. ڇو جو جڏهن صفت زلف، رخسار، فراق ۽ وصال جي ٻڌندو ته ان جي شهوت جنبش ڪندي ۽ انهن لفظن کي ڪنهن اهڙي صورت تي اچلائيندو جنهن جي شيطان ان جي دل ۾ اڳئي ڦوڪ ڏئي ڇڏي هوندي.

انهيءَ صورت ۾ شهوت جي باهه پڙڪو ڏئي اٿندي ۽ شر کان اسباب تيز ٿي ويندا ۽ انهيءَ سبب کان شيطان جي لشڪر کي مدد ڏيڻ ۽ عقل کي (لشڪر الاهي) شڪست ڏيڻي آهي ۽ دل جي اندر شيطان جي لشڪر (شهوت) ۽ الله تعاليٰ جلشانهٗ جي لشڪر (نور عقل) جي وچ ۾ سدائين لڙائي رهندي آهي. جيستائين جو هڪ لشڪر جي فتح ٿي وئي هجي ۽ ٻيو صفا جيتيو ويو هجي.

هاڻي ته اڪثر اهڙيون دليون آهن، جن کي لشڪر شيطان جي جيتيو آهي ۽ انهن تي اِهو ئي غالب آهي. انهيءَ صورت ۾ ضروري آهي ته منڍ کان وٺي ئي اهڙو جنگ جو سامان موجود ڪيو وڃي، جو دل تان شيطان جي لشڪر جا پير ڪڍي ڇڏجن، ۽ نه شيطان جا هٿيار گهٽا ڪجن ۽ ان کي تلوارون، ڀالا ۽ ڍالون وڙهڻ لاءِ گڏ ڪري ڏجن. انهيءَ قسم جي ماڻهن جي حق ۾ راڳ اهڙو ئي آهي،جهڙو شيطاني لشڪر کي هٿيار موجود ۽ تيز ڪري ڏجن. اهڙو آدمي راڳ جي مجلس مان نڪري وڃڻ گهرجي، نه ته راڳ مان ان کي وڏو نقصان پهچندو ۽ سخت گنهگار ٿي ويندو.

پنجون سبب هي آهي ته راڳ ٻڌڻ وارا عام ماڻهو هجن ۽ انهن تي نڪي محبت خدا تعاليٰ جلشانهٗ جي غالب آهي، جو راڳ انهن کي چڱو معلوم ٿئي ۽ نڪي انهن تي شهوت ئي غالب آهي، جنهن سبب ڪري ان جي حق ۾ راڳ ٻڌڻ منع آهي، ته پوءِ اهڙي شخص جي واسطي راڳ ٻين مباح لذتن جهڙو آهي، پر جيڪڏهن عام شخص راڳ کي پنهنجي عادت ڪندو ۽ پنهنجو گهڻو وقت ان ۾ صرف ڪندو ته احمق آهي، جنهن جي شاهدي به قبول ۽ معتبر نه ٿيندي. انهيءَ ئي سبب ڪري ته

تماشي لاءِ هميشہ هڪ جهڙي چال رکڻ گناهہ آهي ۽ جهڙيءَ طرح صغيرا گناهہ ڪندي ڪبيرا گناهہ ٿي ويندا آهن، اهڙيءَ طرح مباح تي اصرار يعني هميشہ تاڪيد ڪرڻ ڪان گناهہ ٿي ويندو آهي. مثلاً زنگين ۽ حبشين جي پوئتان پيو رهڻ ۽ انهن جو سدائين ڪيل تماشو پيو ڏسڻ منع آهي، جيتوڻيڪ اصل ان جي منع نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ آنحضرت ﷺ جن تماشو ڏٺو آهي.

اهڙيءَ طرح شطرنج ڪيڏڻ بہ مباح آهي، پر هميشہ ڪيڏڻ سخت مڪروهہ آهي ۽ مباح وري انهيءَ صورت ۾ آهي، جڏهن دل کي ان جي تماشي ۽ لذت ڪان آرام ڏيڻ جي مراد هجي. بعضي وقتن تي دلين کي راحت ڏيڻ ان جو علاج ٿيندو آهي تہ ڪجهہ وقت فرحت وٺي. باقي وقت دنيا جي ڪمن ۾ سعي ڪار رهي. مثلاً واپار جي ڪمن يا ديني ڪمن يا عبادتن ۾ مشغول رهي، يا گهٽي محنت ڪرڻ جي سبب ڪان ٿورڙو تماشو!

ائين سمجهڻ گهرجي جيئن پيشانيءَ تي تِر ٿيندو آهي، جو ڪيترو بہ ڪارو هوندو آهي، مگر چڱو معلوم ٿيندو آهي. جيڪڏهن پيشانيءَ تي تمام گهٽا تر ٿي وڃن، جو ٻئي ترجي جاءِ ئي نہ رهي، پوءِ ظاهر آهي تہ منهن تمام بدصورت ٿي ويندو. ياد رکڻ گهرجي تہ جا چيز حسن واري آهي، ڪثرت جي سبب ڪان قباحت واري ٿي ويندي آهي، پوءِ هيءَ ڳالهہ واجب نہ آهي تہ جا چيز چڱي هجي، اها گهٽي انداز هجڻ ڪان پوءِ بہ چڱي هجي يا جا چيز مباح آهي، اُها گهٽي بہ مباح رهي. بلڪ اڪثر هيئن ئي آهي تہ ڪثرت جي سببئون ڪراهت ۽ حرام هجڻ جي درجي کي بہ پهچي ويندي آهي. مثلاً ماني مباح آهي ۽ ڪثرت سان کائڻ حرام آهي تہ راڳ بہ بين مباحن وانگر آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن ٻڌجي تہ وهم نہ آهي، مگر روز مره ٻڌڻ مڪروهہ ۽ حرام آهي. هاڻي جڏهن انڪار ڪرڻ جي حال جا دليل معلوم ٿي ويا تہ پوءِ ان شخص جي بلڪل پرواهہ نہ آهي، جو دليل ظاهر ٿيڻ ڪان پوءِ بہ ڪجهہ خلاف چوي. امام شافعي رحمه الله جي مذهب ۾ ائين نہ آهي، جو راڳ کي حرام چون، مگر انهن هي ظاهر ڪيو آهي تہ، جو ڪوئي راڳ پنهنجو پيشو مقرر ڪندو، ان جي گواهي درست نہ آهي. ان جو سبب هي آهي تہ اِهو هڪ قسم جو مڪروهہ آهي، جو ڪوڙ جي برابر آهي ۽ جو شخص راڳ کي پيشو مقرر ڪندو، اُهو چڻ ڪمينو ۽ بي مروت آهي.

جيڪڏهن ڪوئي شخص پنهنجو پاڻ کي راڳ وارو نہ سڏائيندو هجي. ان سبب ڪان نہ ڪوئي وٽس ايندو هجي ۽ نہ پاڻ ڪنهن جي خاطر ڪٿي وڃي ويندو هجي. بلڪ هيئن مشهور هجي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ ڳائي دل خوش ڪندو آهي تہ هي امر مروت کي ساقط نٿو ڪري ۽ نڪي ان جي گواهي باطل آهي. ان باري ۾ دليل، امام شافعي ﷫ جن جي اهائي حديث، ٻن ڇوڪرين جي آهي، جا مٿي بيان ڪيل آهي. يونس بن عبدالعلي چوي ٿو تہ مان امام شافعي ﷫ جن ڪان پڇيو تہ مديني منوره جا ماڻهو راڳ مباح چوندا آهن، تنهنڪري ان حال ڪان تہ ڪجهہ آگاهہ فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ حجاز جي عالمن مان مون ڪي تہ اهڙو ڪو نہ سجهي، جنهن راڳ کي مڪروهہ چيو هجي. سواءِ انهيءَ راڳ جي جو اوصاف جي باب ۾ آهي. حدي خواني ۽ منزلن ۾ ڳائڻ، جو شعر ۾ سرن وانگر آهي، ان جي مباح هجڻ ۾ ڪو بہ رد نہ آهي.

امام شافعي ﷫ جن هيئن جو فرمايو آهي تہ راڳ هڪ تماشو ڪوڙ جي مثال وانگر آهي، سو ٻڻ چوڻ درست آهي، مگر تماشو (جهڙي طرح حبشين جو تماشو ۽ نچڻ بہ هڪ تماشو آهي، جنهن کي آنحضرت ﷺ جن ڏٺو ۽ خراب نہ ڄاتو) ٻڻ حرام نہ آهي، تحقيق تماشي جي هيءَ معنيٰ سمجهڻ گهرجي تہ تماشو اُهو ڪم ڪرڻ آهي، جنهن ۾ ڪجهہ فائدو نہ آهي، تہ ان تي خدا تعاليٰ جلشانہٗ بہ حساب جو حڪم نہ فرمائيندو. مثلاً ڪوئي آدمي ساري ڏينهن ۾ سؤ دفع پنهنجو هٿ پنهنجي مٿي تي پيو رکي، تہ هيءَ حرڪت ان جي بيهودي ۽ بيفائدي آهي، مگر ان تي پڪڙ پڇاڙ نہ آهي. جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جلشانہٗ فرمايو آهي، لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيٓ اَيْمَانِكُمْ [1] (نٿو وٺي الله جلشانہٗ ناڪار قسمن تي توهان جي) پوءِ جڏهن خدائي امر موجب ناڪار قسمن تي پڪڙ پڇاڙ نہ آهي تہ شعر ۽ ناچ تي ڪهڙي پڪڙ پڇاڙ آهي.

انهيءَ سبب ڪري تہ ڪوڙ وانگر آهي، جنهن مان ڪجهہ فائدو نہ آهي، مثلاً ڪوئي شخص پنهنجي بيويءَ کي چوي تہ مان پنهنجو پاڻ توکي وڪيو ۽ اِها جواب ڏئي تہ مان خريد ڪيو تہ هي معاملو ڪوڙو آهي، بشرطيڪ نيت دل لڳي لاءِ هجي تہ ائين ڪرڻ حرام نہ آهي. جيڪڏهن ان گفتگوءَ مان سچي مراد جي معنيٰ وٺندو ۽ پنهنجو پاڻ کي ٻانهو بڻائيندو تہ حرام ٿيندو. جنهن جي شريعت جي حڪمن

(1) سورة البقره: آيت 225، سيپارو 2

موجب پڻ منع آهي. حضرت امام شافعيؒ پڻ فرمايو آهي ته راڳ مڪروهه آهي، سو پڻ درست ۽ سندن ارشاد به درست آهي، مگر مڪروهه انهن تورين جاين تي آهي، جن جو اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي ۽ جهڙيءَ طرح پاڻ شطرنج راند ڪيڏڻ جي باري ۾ فرمايو اٿن ته مان هر هڪ تماشو مڪروهه ڄاڻان ٿو. جنهن لاءِ سبب ڪراهت جو فرمائين ٿا، ته هي امر ديندارن ۽ مروّت وارن ماڻهن جي لائق وٽان نه آهي. جنهن مان ڪراهت تنزيهي (حلال جي طرف لاڙو رکندڙ ڪراهت) معلوم ٿي ٿئي ۽ هميشه راڳ ٻڌڻ کان جو شاهدي نامنظور ڪرڻ جي باري ۾ ارشاد فرمايو آهي. تنهن مان به حرام هجڻ جي حالت پاتي نٿي وڃي. ڇو ته شاهدي بازار ۾ ڪائڻ واري ماڻهوءَ جي به معتبر ۽ قبول ڪرڻ جهڙي نه ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ ان کان مروت قطع نه ٿي ٿئي. مگر مروت وارن ماڻهن جي شان لائق هي نه آهي. اهڙيءَ طرح شاهدي ته ڪڏهن ڪڏهن خسيس (نيچ پيشي ڪرڻ وارن) کان به معتبر ۽ قبوليت جهڙي ڄاتي ويندي آهي. مطلب ڳالهه جو ته بيان علت مان هي معلوم ٿو ٿئي ته ڪراهت کان ڪراهت تنزيهي مراد آهي، ۽ هي گمان غالب آهي ته بين امامن سڳورن به هن مان مڪروهه تنزيهي مراد ورتي آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ثابت ڪري ته حرام هجڻ جي مراد ورتي اٿن ته اسان جو ڪجهه لکيو آهي، اُهو ئي ان جو جواب آهي.

—

# بيان چوٿون

## انهن ماڻهن جي دليلن جي ذڪر ۾، جي راڳ جي حرام هجڻ جا قائل آهن

اول حجت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ جلشانهٗ قرآن مجيد ۽ فرقان حميد ۾ فرمائن ٿا. "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ" [1] (ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جي خريدار آهن، کيل جي ڳالهين جا) حضرت ابن مسعود رضه ۽ حسن بصري رضه انهن کان علاوه نخعي رضه فرمايو آهي ته لهو الحديث راڳ آهي ۽ حضرت عائشه رضه فرمايو ته آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي ته الله تعاليٰ جلشانهٗ ڳائڻ واري عورت کي ۽ ان جي فروخت کي، ان جي دام ۽ تعليم کي حرام ڪيو آهي. جنهن جو جواب هي آهي ته انهيءَ حديث شريف ۾ ڳائڻ واري عورت اُها آهي، جا شراب جي مجلس ۾ مردن جي سامهون ڳائي، جيڪو اسان پهريون ئي بيان ڪري چڪا آهيون ته ڌاري عورت جو ڳائڻ فاسقن ۽ اهڙن ماڻهن جي اڳيان ڳائڻ، جنهن کان فتني جو خوف هجي بلڪل حرام آهي.

جيڪڏهن مالڪ پنهنجي سامهون ڳائڻ لاءِ وٺي ته هن حديث کان ان جي حرام هجڻ جي حالت سمجهي نه ويندي. بلڪ غير مالڪ کي به ان جو راڳ ٻڌڻ درست آهي، بشرطيڪ فتني جو خوف نه هجي، ان جو به دليل اُهائي حديث ٻن ڇوڪرين واري آهي، جن حضرت عائشه رضه جن جي مڪان ۾ ڳايو ٿي، ۽ آيت شريف ۾ اهو لهو الحديث جي خريد ڪرڻ جو ذڪر آهي. ان جي اڳيان هي به آهي ته مبادا ان کي الله تعاليٰ جي راهه کان گمراهه نه ڪري، صرف انهيءَ سبب ڪري ئي اصل حرام ۽ خراب آهي. مگر سيڪو سرود اهڙو نه آهي، جو دين ۽ الله تعاليٰ جلشانهٗ جي راهه کان گمراهه ڪرڻ لاءِ خريد ڪيو وڃي ٿو مراد آيت شريف ۾ حرام هجڻ بابت

(1) سوره لقمان: آيت 6، سيپارو 21

راڳ جي آهي. بلڪ راڳ تي ئي موقوف آهي. پر جيڪڏهن ڪو شخص قرآن مجيد ۽ فرقان حميد هن نيت سان پڙهي ته ماڻهو گمراهه ٿين ته ان جو پڙهڻ به حرام ٿيندو، جيئن جو ڪنهن منافق جو ذڪر آهي ته اُهو ماڻهن جو پيش نماز هو ۽ نماز ۾ سورة عبس ڪانسواءِ ٻيو نه پڙهندو هو. انهيءَ نيت سان ته ان ۾ آنحضرت ﷺ جن تي عتاب آهي. انهيءَ ڪري حضرت عمر رضه جن ان جي اهڙي فعل ۽ نيت ڪي حرام ڄاتو ۽ ان جي قتل جو ارادو ڪيو، ڇاڪاڻ ته ان جي نيت ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ جي هئي. هاڻي جيڪڏهن شعر ۽ راڳ مان مطلب گمراهه ڪرڻ جو آهي ته بطريق اوليٰ حرام آهي.

ٻي حجت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ جلشانهٗ فرمايو آهي: أَفَمِنْ هَٰذَا الْحَدِيثِ تَعْجَبُونَ ○ وَتَضْحَكُونَ وَلَا تَبْكُونَ ○ وَأَنْتُمْ سَامِدُونَ ○[1] (توهان هن ڳالهه کان تعجب ڪريو ٿا، ۽ کلو ٿا ۽ رئو نٿا ۽ توهان کيڏ ڪريو ٿا) حضرت ابن عباس رضه جن فرمائن ٿا ته حمير قبيلي جي زبان ۾ 'سمود' راڳ کي چوندا آهن، جنهن مان 'سامدون' نڪتو آهي. ان جو جواب هي آهي ته جيڪڏهن آيت شريف ۾ ان جو ذڪر هجڻ جي سبب کان حرام هجڻ جي حالت آهي ته پوءِ واجب آهي ته کلڻ ۽ روئڻ به حرام آهي، ڇو جو هي به ٻي آيت شريف ۾ ذڪر ڪيل آهي.

جيڪڏهن هيئن چئو ته کلڻ مان کلڻ خاص ڪيل (مخصوص) مراد آهي، يعني مسلمان تي مسلمان هجڻ جي سبب کان کلڻ- ته اسين به هيئن چونداسين ته راڳ کان اشعار ۽ راڳ مخصوص مراد آهي. جو اسلام وارن کي تابع ۽ پنهنجي طرف ڪرڻ جي باري ۾ آهي. جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جلشانهٗ فرمائي ٿو: وَالشُّعَرَاءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوُونَ ○[2] (يعني شاعرن جي راهِ اُهي هلندا، جي ٻي راهه آهن) جو ان ۾ شعراء، ڪفار جي مراد آهي، ۽ هي نٿو ملي ته شعر جو نظم ڪرڻ في نفسهٖ حرام آهي.

ٽين حجت هيءَ آهي ته حضرت جابر رضه جن کان روايت آهي ته آنحضرت ﷺ فرمايو آهي ته سڀ کان پهرين شيطان رنو ۽ ان ئي پهريون راڳ ڳاتو. هاڻي هن حديث ۾ راڳ ۽ روئڻ ڪٺو ڪيل آهي. ان جو جواب هي آهي ته ڪجهه وهم نه آهي،

(1) سورة النجم: آيت 59 کان 61، سيپارو 27 (2) سورة الشعراء: آيت 224، سيپارو 19

چاڪاڻ تہ روئڻ جي قسم ۾ حضرت دائود عليہ السلام جو روئڻ ۽ گنهگار جو روئڻ الڳ ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح راڳ مان بہ اُهو راڳ الڳ ڪيل آهي، جنهن ڪان خوشي، مزي ۽ شوق جو واڌارو آهي ۽ مباح چيزن جي طرف مراد آهي. جيئن جو عيد جي ڏينهن آنحضرت ﷺ جن جي گهر ۾ ٻن ڇوڪرين ڳاتو ٿي ۽ جنهن ڏينهن پاڻ مدينہ منوره ۾ رونق افروز ٿيا تہ انهن عورتن جو ان قسم جي مضمون جو ڳائڻ بہ الڳ ڪيل آهي.

چوٿين حجت هيءَ آهي جو حضرت ابو امام رضہ جن روايت ڪن ٿا تہ آنحضرت ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ڪوئي شخص پنهنجو آواز راڳ ۾ بلند ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ جلشانہٗ بہ شيطان اِن جي ٻنهي ڪلهن تي موڪلي ٿو. جيئن جو اُهي شيطان پنهنجيون ڪڙيون ان جي سيني تي زور سان هڻندا رهن ٿا. جيستائين چپ ڪري. ان جو جواب هيءُ آهي تہ هن حديث شريف ۾ راڳ تي گمان ڪيل آهي. يعني جنهن راڳ مان شيطان جي مراد چرپر هجي. يعني شهوت ۽ ملوق جو شوق وڌي. مگر جنهن راڳ مان شوق خدائي، عيد جي خوشي، پٽ ڄمڻ جي خوشي يا ڪنهن گم ٿيل جي اَچڻ جي خبر پاتي وڃي تہ هي سڀ عمل شيطان جي مراد جي مخالف آهن. جنهن جو دليل انهن ٻن ڇوڪرين جو قصو ۽ حبشين جو کيل آهي.

ڇاڻ گهرجي تہ جو ڪم ڪرڻ حرام آهي، سو فقط زبردستيءَ جي خيال کان حلال ٿيندو آهي ۽ جو ڪم ڪرڻ مباح آهي، اُهو گهٽي عارضي ڪان نيتن ۽ دلي مطلبن سبب حرام ٿي ويندو آهي.

پنجين حجت هيءَ آهي جو عقبہ بن شبيب جن ڪان روايت ڪئي آهي تہ آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي تہ جيترين چيزن سان ماڻهو کيڏندا آهن، سي سڀ باطل آهن. ان جو جواب هي آهي تہ باطل جي فرمودي مان حرام هجڻ جي حالت پاتي نہ ٿي وڃي، بلڪ بي فائدي آهي. جيڪڏهن تسليم بہ ڪيو وڃي تہ حبشين جي طرف ڏسڻ جو تماشو انهيءَ ۾ داخل ٿيندو بلڪ حرام نہ ٿيندو. پکين جو آواز ٻڌڻ ۽ ٻيا رانديڪا جن سان آدمي کيڏندا آهن، انهن مان ڪوئي بہ حرام نہ آهي. اگرچہ انهن کي باطل بہ چئي سگهجي ٿو.

ڇهين حجت هيءَ آهي، جو حضرت عثمان غني رضہ جن فرمائن ٿا تہ جڏهن کان ونئي آنحضرت ﷺ جن جي بيعت ڪئي آهي، ان ڏينهن کان ونئي نہ مان ڪڏهن

گيت ڳايو آهي، نہ ڪوڙ ڳالهايو آهي، تہ جيڪڏهن هي قول، دليل حرام هجڻ جو بہ آهي تہ انهيءَ جاءِ ڪانسواءِ هي ڪٿان ثابت ٿيو تہ حضرت عثمان رضہ جن جنهن چيز کي حرام ڪيو ٿي، اُها حرام هئي.•

ستين حجت هيءَ آهي جو حضرت ابن مسعود رضہ جن فرمايو آهي تہ راڳ دل ۾ نفاق پيدا ڪري ٿو ۽ بعضي ايترو زور زياده ڪري ٿو، جيئن پاڻي سائي ڀاڄي کي وڌائي ٿو. ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪي ماڻهو حضرت ابن عمر رضہ جن جي اڳيان احرام ٻڌيو ٿي ويا. انهن مان هڪ شخص راڳ ٿي ڳاتو، پاڻ فرمايائون تہ شل خدا تعاليٰ جلشانہٗ توهان جي دعا نہ ٻڌي.

نافع کان روايت آهي تہ حضرت ابن عمر رضہ جن سان گڏجي هڪ رستو ورتيون پئي وياسين تہ پاڻ هڪ ڌنار جي بانسريءَ جو آواز ٻڌي، ٻئي آڱريون ٻنهي ڪنن ۾ ڏئي اهو رستو ڇڏي، مون کي ٻئي رستي سان وٺي هليا ۽ مون کان پڇندا هليا تہ اي نافع! اُهو آواز ٻڌين ٿو يا نہ. جڏهن مون چيو تہ اِهو آواز ٻڌڻ ۾ نٿو اچي، تڏهن آڱريون ڪنن مان ڪڍيائون ۽ فرمايائون تہ مان آنحضرت ﷺ جن کي ڏٺو هو جو پاڻ بہ ائين ڪندا هئا.

فضيل بن عياض رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ راڳ زنا جو منتر آهي، بعضي سياڻن فرمايو آهي تہ راڳ بدڪاريءَ جو ايلچي آهي.

يزيد بن وليد رضہ فرمايو آهي تہ راڳ کان پاسو ڪريو، ڇو جو اهو شهوت کي وڌائي ٿو ۽ مروت کي گهٽائي ٿو ۽ شراب جو قائم مقام آهي، نشي جهڙو اثر رکي ٿو. جيڪڏهن اوهان خواهہ مخواهُ ٻڌو بہ ڪٿي تہ عورتن جو نہ ٻڌو، ڇو جو اِهو زنا جي طلب ڪندڙ آهي. انهن سينني قولن جو هي جواب آهي تہ حضرت ابن مسعود رضہ جو قول آهي تہ راڳ نفاق وڌائي ٿو. ان مان هيءَ مراد آهي تہ اهو ڳائڻ واري جي حق ۾ تاثير ڪري ٿو، ڇو جو ان جي خاص مراد هيءَ هوندي آهي تہ پاڻ تي ٻين کي موهي ۽ پنهنجو آواز انهن کي ٻڌائي ۽ باطن سان ميل ميلاپ انهيءَ ڪري رکندو آهي تہ ان جي راڳ ڏانهن راغب ٿين ۽ ريجهن. هيءَ نفاق جي ڳالهہ آهي، مگر ان مان حرام هجڻ ثابت نٿو ٿئي. ڇو جو نفاق ۽ ريا عمدي پوشاڪ پائڻ، خوب رفتار گهوڙن تي سوار

•هتي ڪجهہ سٽون حذف ڪيون ويون آهن (اداريو).

ٿيڻ، سينگار جي قسمن، ڪيتي ۽ انعام وغيره جي فخر ڪرڻ ڪان بہ دل ۾ پيدا ٿيندو آهي. مگر انهن سيني شين کي مطلق حرام چيو نہ ٿو وڃي. ياد رکڻ گهرجي تہ مباح چيزون مخلوق جي ڏسڻ جي سبب ڪان باعث نفاق ٿي ويندون آهن. انهيءَ سبب ڪان حضرت عمر رضہ جن جي هيٺيان جڏهن گهوڙو پاڻ جمائي پيچ متي ڪٽي چگي رفتار ناز نخري واري سان هليو ٿي، تہ انهيءَ تان يڪدم پاڻ لهي سندس پيچ ڪپي ڇڏيائون، ڇو جو انهيءَ جي خوش رفتاريءَ ڪان پنهنجي دل ۾ تڪبر معلوم فرمايائون تہ هي نفاق مباح ڪان بہ ٿيندو آهي، پر خاص ڪري حرام بہ نہ آهي.

ابن مسعود رضہ جو قول آهي تہ راڳ حرام آهي ۽ حضرت ابن عمر رضہ جو فرمودو آهي "خدا توهان جي دعا قبول نہ ڪري". ان مان بہ حرام هجڻ جي حالت معلوم نٿي ٿئي. پر جيئن جو اِهي ماڻهو احرام ۾ هئا ۽ انهن کي عورتن جو ذڪر مناسب نہ هو. جنهن مان ڪين معلوم ٿيو تہ هي راڳ وجد ۽ زيارت بيت الله جي واسطي نہ آهي، پر فقط کيل جي لاءِ آهي. انهيءَ سبب ڪان منع ڪيو ويو. چاڪاڻ تہ انهن جي احرام واري حال جي لحاظ موجب خراب هو. ظاهر آهي تہ جيتريون حالتون زياده ٿينديون آهن، اوتريون ئي بار سهڻ جون صورتون بہ زياده ٿينديون آهن. پر ٻنهي ڪنن ۾ آگريون ڏيڻ ڪان بہ حرام هجڻ ثابت نہ ٿو ٿئي، ڇو جو انهيءَ ئي قصي ۾ ان جو جواب موجود آهي، چاڪاڻ تہ نافع کي ارشاد نہ ڪيائون تہ تون بہ ڪن بند ڪر ۽ نہ ٻڌ. پر پاڻ جو هي حڪم ڪيائون، جنهن جو سبب هي آهي تہ پنهنجي دل کي هٽ ڏئي. اهڙيءَ آواز جي ٻڌڻ ڪان پاڪ رکيائون تہ عجب نہ آهي. جو متان ڪيڏڻ ۽ ڪڏڻ جي چرپر پيدا ڪندڙ هجي، يا جنهن فڪر ۾ پاڻ هئا، ان ڪان منع ڪندڙ هجي. اهڙي طرح آنحضرت ﷺ جن جو فعل آهي، جو پاڻ بہ حضرت ابن عمر رضہ کي منع نہ فرمايائون تہ سندن ان فعل ڪان بہ حرام هجڻ جي حالت ثابت ٿي وڃي. بلڪ هي معلوم ٿو ٿئي تہ ان جو ترڪ ڪرڻ اوليٰ آهي. منهنجي نظر ۾ بہ ان جو ترڪ گهڻين حالتن ۾ بهتر آهي. بلڪ دنيا جي اڪثر مباح شين جو بہ ترڪ بهتر آهي. بشرطيڪ گمان غالب هجي تہ ان جو اثر دل ۾ ٿيندو. جهڙيءَ طرح آنحضرت ﷺ جن نماز ڪان فارغ ٿيڻ بعد ابي جهم جو موڪليل پهراڻ لاهي ڇڏيو، جو ان ۾ چٽسالي هئي، جنهن سان سندن دل مشغول ٿي وئي هئي.

هاڻي ڇا توهان ان مان ائين سمجهندا ته ڪپڙي تي نقش حرام آهن يا شايد آنحضرت ﷺ جن به اهڙي حالت ۾ هوندا، جو ڌنار جي بانسريءَ جو آواز سندن حالت کان رد ڪيل هوندو. جهڙي طرح چتسالي نماز ۾ ڪامل حضور کان روڪيو. پر ياد رکڻ گهرجي ته جن شخصن کي هميشه حق جي حضوري حاصل آهي. انهن کي راڳ جي حيلي سان پنهنجي دلين ۾ شريف احوال پيدا ڪرڻ گناهه آهي. جيتوڻيڪ هيءَ تدبير ٻين جي واسطي چڱي آهي. انهيءَ سبب کان هڪ درويش خصيريءَ چيو آهي ته مان ان راڳ کي ڇا ڪندس، جوڳائڻ وارو مري وڃي ته قصوئي موقوف ٿي وڃي.

انهيءَ ۾ هي اشارو آهي ته الله تعاليٰ جلشانهٗ کان هميشه جو ٻڌڻ ڪافي آهي. جيئن جو انبياءَ عليهم السلام هميشه ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي لذت ۾ رهندا هئا. جن کي ڪنهن به حيلي سان تحرڪ جي حاجت نه هئي.

قول جو فضيل ﷫ جن کان آهي ته راڳ زنا جو منتر آهي ۽ اهڙي طرح ٻيا قول، جي مٿي لکيل آهن ته اِهو فاسقن ۽ شهوت پرستن جو حال آهي. پر جيڪڏهن سيني راڳن جو هي حال هجي ته آنحضرت ﷺ جن جي خاندان اقدس ۾ انهن ٻن ڇوڪرين جو راڳ ڪيئن ٻڌو وڃي ها. هي ذڪر پاڪ ڪتاب ۽ سنتن جي دليلن جو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص جو آخر مطلب هي هجي ته جيئن تار جا باجا حرام آهن، اهڙيءَ طرح راڳ به حرام آهي. تنهن لاءِ راڳ ۾ ۽ تارن جي باجن ۾ فرق بابت پهريائين ذڪر ڪيو آهي. يا هيئن چيو وڃي ته راڳ کيڏڻ کڏڻ يا تماشي وانگر آهي ته ان جو جواب هي آهي ته ائين به برابر آهي. اهڙيءَ طرح دنيا ساري کيڏڻ ۽ کڏڻ آهي. جيئن جو حضرت عمر رضہ جن پنهنجي اهليه کي فرمايو ته تون گهر جي ڪنڊ ۾ هڪ کيڏوڻو آهين. اهڙيءَ طرح عورتن سان هر طرح جي خوش طبعي ڪرڻ کيل آهي. سواءِ قربت جي، جو پٽ ڄمڻ جو سبب هجي. اهڙيءَ طرح کلڻ جنهن ۾ اگهاڙپ نه هجي، حلال آهي. اهڙيءَ طرح آنحضرت ﷺ ۽ اصحابن اڪرامن کان به فرمايل آهي. ڏنو وڃي ته حبشين ۽ زنگين جي کيل کان وڌيڪ کهڙو کيل ٿي سگهي ٿو جنهن جو انڪار به نفس سان ثابت ٿي چڪو آهي. انهيءَ کانسواءِ، مان چوان ٿو ته تماشو دل کي راحت بخشي ٿو ۽ فڪر جو بار دل تان هلڪو ڪري ٿو جيڪڏهن دلين کان زبردستيءَ ڪم ورتو ويندو، تڏهن به ڪم ته ڏينديون. پر راحت ڏيڻ سان ڪين جڻ وڌيڪ مدد ڏيئي آهي،

تہ جيئن چڱيءَ طرح محنت سان ڪم ڏين. مثلاً جو شخص فقه پڙهندڙ آهي. ان ڪي گهرجي تہ جمع جي ڏينهن موڪل ڪري: انهيءَ ڪري تہ هڪ ڏينهن جي موڪل، ٻين ڏينهن لاءِ فرحت جو سبب ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ تماشو محنت ۽ سعي ڪاري تي مدد ڪري ٿو ۽ محض سعي ڪاري ۽ تلخي امر حق تي سواءِ انبياء عليهم السلام جي نفس اقدس جي ٻيو ڪري نٿو سگهي ۽ جيئن جو تماشو دل جي ٿڪجڻ ۽ ماندائيءَ جو علاج آهي. انهيءَ ڪري مباح هئڻ گهرجي. مگر ان جي ڪثرت ڪرڻ نہ گهرجي. جيئن دوا ڪثرت سان نہ پيتي ويندي آهي.

راڳ ان شخص جي حق ۾ مستحب آهي، جنهن ڪي سواءِ لذت ۽ فقط آرام وٺڻ جي ٻيو ڪجهہ فائدو نہ ڪري ۽ ڪيس جنهن صفت سڳوريءَ جي تحريڪ منظور هجي تہ پل راڳ جي وسيلي سان منزل مقصود تي پهچي. مگر ان ۾ شڪ نہ آهي تہ هي امر رتبي ڪمال ڪان ناقص هجڻ تي دلالت ڪري ٿو. بلڪ ڪامل شخص اُهو آهي، جو پنهنجي نفس ڪي راحت ڏيڻ ۾ حق ڪانسواءِ ٻي چيز جو محتاج نہ هجي. جيئن جو حديث شريف ۾ آهي. حَسَنَاتِ الْاَبْرَارِ سَيِّئَاتِ الْمُقَرِّبِيْنَ (يعني نيڪ بندن جون نيڪيون، مقربن جي حق ۾ برايون آهن). تہ راڳ بہ مقربن جي لحاظ ۾ خراب آهي، مگر ابرار يعني نيڪ بندن لاءِ ڪار آمد آهي. جو شخص دلين جي علاج جي علم ۾ ڪامل آهي ۽ لطائف الحليل يعني حال لطيفن ڪان حق جي طرف دلين جو وٺي وڃڻ ڄاڻندڙ آهي تہ اهو يقين سان ڄاڻندو آهي تہ اهڙين ڳالهين سان دلين ڪي راحت ڏيڻ ڪيڏي نہ مفيد ۽ مجرب دوا آهي. جو ان ڪانسواءِ جنهن جو ٻيو ڪوئي چارو نہ آهي.

—

# فصل ٻيو

## سماع جي آثار ۽ ادبن جي بيان ۾

واضح هجي تہ اول درجو سماع جو هي آهي تہ جو راڳ ٻڌو وڃي، اُهو سمجهيو بہ وڃي ۽ جا ڳالهہ ٻڌڻ واري جي ذهن ۾ اچي، اُها سمجهي ان ۾ محو ٿئي. سمجهڻ ۾ محويت کان پوءِ ٿي وجد ٿيندو آهي ۽ وجد دل ۽ عضون ۾ چرپر پيدا ڪندو آهي. انهن ٽنهيءَ ڳالهين جو بيان ڌار ڌار ٽن مقامن ۾ ڪيو وڃي ٿو.

## مقام پهريون

### سمجهڻ جي بيان ۾

جيڪڏهن ٻڌڻ واري جي حالتن جي اختلاف جو موافق مختلف ٿيندو آهي، ٻڌڻ واري جون چار حالتون آهن:

حالت پهرين: هيءَ آهي تہ ٻڌڻ فقط طبعي هجي. يعني سواءِ سازن جي الحان جي ٻي ڪا ٿي بہ راڳ جي حقيقت نہ ڄاڻي. هي ٻڌڻ مباح آهي، پر سماع جي درجي ۾ سڀ کان نيچ آهي، ڇو تہ ان ٻڌڻ واري جهڙا تہ اُٺ ۽ چوپايا جانور بہ آهن، جو هر هڪ حيوان کي خوش آواز مان هڪ عجب طرح جي لذت ٿيندي آهي.

حالت ٻي: هيءَ آهي تہ سمجهہ سان ٻڌي مگر مضمون ڪنهن مدد ڪندڙ يا غير مدد ڪندڙ مخلوق تي خيال ڪري. اهڙيءَ طرح جو راڳ ٻڌڻ، جوانن شهوت وارن جو ڪم آهي، جيئن جو اُهي جو ڪجهہ ٻڌندا آهن. ان جي موافق پنهنجي شهوتن جي گهرجن تي خيال ڪندا آهن. هيءَ حالت اهڙي نہ آهي، جو ان جو ڪجهہ بيان

ڪجي، بلڪ خراب هجڻ سبب بس ڪرڻ چڱي آهي.

حالت ٽين: هيءَ آهي تہ جو ڪجهہ ٻڌي، سو پنهنجي حال تي خيال ڪري، يعني خدا تعاليٰ جلشانہٗ جي معاملي ۾ جيئن جيئن ان جون حالتون بدلجن ٿيون. انهن تي خيال ڪري، جيئن جو ڪڏهن قراري ٿيندو آهي تہ ڪڏهن معذور رهندو آهي. هن قسم جو راڳ ٻڌڻ مريدن، مبتدين يعني نون طالبن جو ٿيندو آهي، چاڪاڻ تہ مريد جو ڪوئي نہ ڪوئي مطلب ضرور هوندو آهي ۽ ڪجهہ حالتون آهن، جن تي قبضو بہ ڪري ٿو. ان کان سواءِ بہ ڪجهہ حالتون آهن، جي ان جي پيش اچن ٿيون.

جڏهن ڪتاب يا خطاب جو ذڪر ٻڌندو آهي يا امر آمين، يا منع، وصل يا هجر، ويجهڙائي يا وڇوڙي، يا افسوس مثل چيز جو، اشتياق اميد رکڻ جو، شوق ڪنهين اچڻ واري جو، طمع، خوف يا گهبرائڻ وعدي وفائي يا عهد شڪني، خوف فراق يا خوشي وصال، حبيب جو ڏسڻ، دشمن جو چٽ ٿيڻ، هنجن هارڻ يا هڪبئي پٺيان مصيبتون اچڻ، وڏو وڇوڙو يا وعدو وصال جو، يا ٻئي ڪنهن اهڙي قسم جي ڳالهہ جو ذڪر ٻڌي ٿو، جن جو بيان بيتن ۾ هوندو آهي. ان مان پڪ آهي تہ بعضي حالتن ۾ ڪي مريد جي حال جهڙيون هونديون آهن. تنهنڪري انهن بيتن جو ٻڌڻ اهڙو تہ اثر وارو ٿيندو آهي. جهڙو چقمق مان باهہ چڻڪون ڪيو نڪرندي آهي. تهڙي ئي طرح بيتن جي ٻڌڻ سان دل جي باهہ جهٽ پٽ ڀڙڪو ڏيئي اٿندي آهي ۽ شوق جو غلبو خوب زور وٺندو آهي ۽ بعضي ان سبب کان ڪي حالتون ان جي عادت جي برخلاف بہ ان تي انبوهہ ڪنديون آهن. جنهن ڪري اُهي لفظ پنهنجي حال تي خيال ڪرڻ ۾ ان کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي. پر هن ڳالهہ جو بلڪل ضرور نہ آهي تہ بيتن مان اُهائي معنيٰ سمجهي، جا شاعر جي مراد هجي، بلڪ سڀڪو ڪلام ڪيترين ئي صورتن تي منحصر ٿي سگهي ٿو ۽ سڀڪو ئي سمجهہ وارو داناءُ ان مان پنهنجي سمجهہ موافق معنيٰ ڪڍي سگهندو آهي.

هاڻي اسان ڪجهہ مثال لکون ٿا، جن ۾ ماڻهن، لفظن کي پنهنجي مراد تي ڪهڙيءَ طرح خيال ڪيو آهي. جيئن جو ڪوئي جاهل هي گمان نہ ڪري تہ جن بيتن ۾ ذڪر غم، زلف ۽ رخسار جو هوندو آهي. ان مان تہ ظاهري معنيٰ سمجهہ ۾ ايندي. ٻي ڳالهہ ڪو ڇا سمجهندو. تنهنڪري اسان کي انهيءَ بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ

آهي. بيتن جي سمجهڻ جي حقيقت جو به بيان ڪجي. چوٿون امر سماع وارن جي ڳالهين کان ئي معلوم ٿيندو.

عيان را چہ بيان

جيئن جو چوندا آهن ته ڪنهن صوفيءَ هڪ شخص کان هي شعر چوندي ٻڌو:

مجھ سے کہا رسول نے کل ملو گے تم (ترجمو)

هن آواز ٻڌڻ سان ئي ان کي روشنائي ٿي ۽ وجد ۾ اچي پهرين مصرعه هر هر چوڻ لڳو ۽ صغير مخاطب جي بدران متڪلم چوڻ لڳو. جنهن جي لذت ۽ خوشيءَ ۾ بيهوش ٿي ويو جڏهن هوش ۾ آيو. تڏهن ان کان وجد جو سبب دريافت ڪيو ويو. جنهن جواب ۾ چيو ته مون کي رسولِ خدا ﷺ جن جو ارشاد ياد آيو ته بهشتي پروردگار جي زيارت سڀ ڪنهن هفتي ۾ هڪ دفعو ڪندا ۽ ابن دراج کان رقيءَ نقل ڪيو آهي، جن چيو آهي ته مان ۽ ابن فوطي بصري ۽ ابله جي وچان دجله ڊانهن ٿي وياسون ته واٽ تي هڪ هنڌ دلڪش ۽ خوبصورت نظر آيو جتي هڪ شخص ويٺل هو. جنهن جي اڳيان سندس ٻانهي هي شعر ڳائو ٿي:

ہے تغیر تیرے احوال میں روز نیا
تجھ کو تو اس کے سوا اور بھی کچھ ہے زیبا (ترجمو)

ته اوچتو هڪ جوان رنگين پيالي هٿ ۾، گودڙي ڳچيءَ ۾ پيل ان جاءِ جي اڳيان لنگهيو ته هي آواز ان جي ڪن تي پيو. جنهن ان ٻانهي کي چيو ته توکي قسم خدا جو ۽ پنهنجي خاوند جي حياتيءَ جو ته اِهو شعر وري ٻيهر ٻڌاءِ. ان ٻانهي ساڳيو شعر ٻيهر ڳاتو. تنهن تي ان جوان چيو ته مون کي قسم خدا جو آهي ته حق سان منهنجي حال جو رنگارنگ هجڻ به اهڙوئي آهي. ان بعد جگر ڦاڙي دانهن ڪيائين ۽ مري ويو. ابن دراج چيو ته هاڻي اسان کي هت ترسڻ فرض آهي. تنهنڪري اسان ان جي دفن ڪفن لاءِ ترسياسين، جاءِ جي مالڪ ان جوان جي جنازه نماز پڙهي، جڏهن دفن کان فارغ ٿياسين ته صاحب مڪان، اسان کي چيو ته مان توهان کي شاهد ٿو ڪريان ۽ وصيت ٿو ڪريان ته جيتريون چيزون هن جاءِ سميت منهنجي ملڪيت آهن. سي وقف ٿو ڪريان. ان کان سواءِ منهنجون سڀ ٻانهيون آزاد آهن. ائين چئي پنهنجا سڀ

ڪپڙا لاهي فقط هڪ چادر جو اڌ هيٺيان ٻڌي، ٻيو اڌ پٺن تي وجهي، جنهن طرف سندس منهن هيو، هليو ويو. ماڻهو ڪيس ايستائين ڏسندا رهيا، جيستائين نظر کان غائب ٿي ويو. سڀ ان جي فراق ۾ رنا ٿي، مگر هن جو ڪو بہ حال معلوم ٿي نہ سگهيو، تہ ڪا ڏي ويو ۽ ڪيئن ٿيو.

مطلب هي آهي تہ اِهو جوان هر وقت پنهنجي حال ۾ حق سان مستغرق هيو ۽ حقيقت ۾ حسن ادب تي ثابت رهندي پاڻ کي عاجز ڄاڻندو هو. پنهنجي خيال جي مضبوط نہ هجڻ سبب بہ افسوس ڪندڙ هو. پر جڏهن ان جي ڪنن ۾ اُهائي ڳالهہ آئي، جا هن جي حال موافق هئي ۽ جنهن مان هي خيال ڪيائين تہ الله تعاليٰ جلشانهٗ جي طرف کان مون کي هن طرح جو خطاب آهي تہ "تون هر روز نوان رنگ بدلائين ٿو" "جيڪڏهن ائين نہ ڪرين تہ تنهنجي حق ۾ چڱائي آهي."

جنهن شخص جو راڳ مِن الله (الله کان ) يا، عَلي الله (الله تي) يا في الله (الله ۾) هجي، ان کي گهرجي تہ اول معرفت الاهي ۽ ان جي صفات جي معرفت جي علم تي خوب ضبط ڪري، نہ تہ راڳ مان ان کي خطرو آهي، مبادا جهالت سبب الله تعاليٰ جلشانهٗ جي حق ۾ اهڙي ڳالهہ تصور ڪري وجهي، جا ان جي حق ۾ محال آهي يا جنهن کان ڪافر ٿي وڃي. جو مريد مبتدي (نئون) هجي، ان کي سماع ۾ خطرو آهي، پر جي راڳ ٻڌي تہ اهڙيءَ طرح ٻڌي، جو خدا تعاليٰ جلشانهٗ جي وصف سان تعلق رکندڙ نہ هجي ۽ فقط پنهنجي حال تي خيال ڪري تہ پوءِ تہ فڪر نہ آهي، نہ تہ ٻي حالت ۾ دقت آهي.

ذڪر ڪيل شعر مان خطا هن طرح ٿيندي آهي تہ پاڻ کي متڪلم سمجهي ۽ خدا تعاليٰ کي مخاطب ڄاڻي، جنهن جي طرف رنگ برنگ جي نسبت ڪري تہ ڪافر ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح عموماً غلطي بہ جهالت کان ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪا بہ سچائيءَ جي جلاوت نہ هوندي آهي. ڪڏهن تہ اهڙي جهالت کان بہ غلطي ٿي ويندي آهي، جو ڪنهن ۾ رنگ سچائيءَ جو بہ آهي، جنهن جي صورت هيءَ آهي:

مثلاً، پنهنجي حالتن جو بدلجڻ، بلڪ تمام عالم جو بدلجڻ، خدا تعاليٰ جلشانهٗ جي طرف کان ڄاڻين تہ هيءَ ڳالهہ حق آهي، ڇو جو خدا تعاليٰ جلشانهٗ ڪڏهن آدميءَ جي دل ڪشادي ڪري ٿو، ڪڏهن تنگ تہ ڪڏهن نوراني فرمائي ٿو. ڪڏهن

ظالماتي، ڪڏهن سخت، ڪڏهن نرم ڪري ٿو. ڪڏهن ان کي پنهنجي عبادت تي ثابت ۽ محڪم ڪري ٿو. ڪڏهن ان تي شيطان زوراور غالب ڪري ٿو. هي سڀ ڳالهيون الله تعاليٰ جلشانهٗ جي طرف کان آهن. جنهن شخص کان مرڻ وقت مختلف احوال اوچتي ظاهر ٿيندا آهن. تنهن کي عادت ۽ سمجهه ۾ ڪچو يا رنگ اختيار ڪرڻ وارو سڏيندا آهن. گهڻو ڪري شاعرن ٿي پنهنجي محبوب کي رنگارنگ هجڻ جي طرف نسبت ڪئي آهي، انهيءَ نظر سان. جو ڪڏهن قبول ڪندو آهي، ڪڏهن قبول نه ڪندو آهي، ڪڏهن ڪيس ويجهو ڪندو آهي ۽ ڪڏهن دور ڇاڻندو آهي. مگر راڳ کان هي امر خدا تعاليٰ جي طرف نسبت ڪرڻ محض ڪفر آهي. بلڪ الله تعاليٰ جلشانهٗ جي طرف هي عقيدو گهرجي ته هو بين کي بدلائي ٿو ۽ پاڻ نه بدلبو آهي. سڀ ڦيرگهير ان جي طرف کان آهي. هي علم مريد کي اعتقاد. پيروي ڪرڻ ۽ ايمان کان ٿي حاصل ٿي سگهندو آهي ۽ عارف کي يقين ڪشف حقيقي کان حاصل ٿيندو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته جيترا به بدلائڻ وارا الله تعاليٰ جلشانهٗ کان سواءِ آهن، اُهي جنهن وقت ٻئي کي بدلائين ٿا ته ان وقت پاڻ به بدلجي ويندا آهن. ڪي ته ارباب وجد جا به آهن. جن تي اهڙو حال غالب ٿيندو آهي، جهڙي طرح نشو بيهوش ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ انهن جي زبان الله تعاليٰ جلشانهٗ سان ڪلام ڪرڻ ۾ کلي ويندي آهي ۽ سندن دل ۽ زبان تابعدار نه رهندي آهي، انهن حالتن جي الله تعاليٰ جلشانهٗ ڌار ڌار قسمن ۾ تقسيم ڪئي آهي، جيئن جو سچن جي دلين کي صفائي ۽ حضوري عنايت ڪئي. منڪرن ۽ معذورن جي دلين کي دوري ۽ مهجوري بخشي، سندس ڏنل چيز جي نه ڪوئي جهلڻ وارو ۽ نه ڪوئي ان جي روڪيل چيز جو ڏيڻ وارو آهي.

ڪافرن کان جو توفيق الله تعاليٰ جلشانهٗ منقطع ڪئي آهي، سا ڪنهن پهرين قصور سبب نه آهي ۽ انبيا عليهم السلام جن کي جو پنهنجي توفيق ۽ نور کان مدد ڪئي آهي، ته ڪنهن وڏي ۽ قديم هجڻ جي سبب کان نه آهي. بلڪ الله تعاليٰ جلشانهٗ فرمايو آهي: وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِينَ[1] (پهريون ئي چڪو منهنجو حڪم، پنهنجي بندن جي حق ۾، جي منهنجا رسول آهن) ۽ پڻ فرمايو آهي ته: وَلَٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ مِنِّي لَأَمْلَأَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ[2] (مگر سچي

(1) سورة الصّافات: آيت 171، سيپارو 23 (2) سورة السجده: آيت 13، سيپارو 2

ٿي منهنجي ڳالهہ. جو مون کي دوزخ پرٽو پيو جنن ۽ ماڻهن سان گڏ) ۽ فرمايو آهي تہ: إِنَّ الَّذِينَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنَىٰ أُولَٰئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُونَ[1] (جن کي اول ملي چڪي منهنجي طرف کان نيڪي، اُهي ان کان دور رهندا).

هاڻي جيڪڏهن اوهان جي دل تي هي خطرو گذري تہ تقدير سابق چو ڏار ڏار ٿي، جيئن جو بندن جي هجڻ ۾ تہ سڀ شريڪ آهيون تہ توهان کي پردي جلال کان هيءَ للڪار ايندي تہ حد ادب جي کان ٻاهر نہ وڃو. هيءَ اُها ذات آهي، جنهن جي شان ۾: لَا يُسْأَلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ يُسْأَلُونَ[2] (يعني ان کان پڇيو نہ وڃي تہ اهو ڪري ۽ ٻيءِ انهن کان پڇيو وڃي) آهي. اصل حقيقت هيءَ آهي تہ زبان سان ۽ ظاهر ۾ اُهي شخص ادب تي اڪثر قادر آهن. مگر دل ۾ اهڙي ظاهري اختلاف جي معلوميت نہ آهي. جيئن تہ ڪو ٿي هميشہ شڪي آهي، ۽ تڙيل درگاهہ جو آهي، ۽ ڪوئي سدا سڳورو مقبول بارگاهہ جو آهي. انهيءَ امر تي سواءِ مضبوط علماءَ يا عارف باالله جي ٻئي کي قدرت نہ آهي. انهيءَ سبب کان حضرت خضر عليه السلام جن کان ڪنهن خواب ۾ راڳ جو حال دريافت ڪيو. جو پاڻ فرمايائون تہ "اِهو بلڪل چڱو آهي. بلڪ ان تي سواءِ علماءَ ۽ عارف باالله جي ٻين ماڻهن جا پير بيهي نہ سگهندا. هي سڀ انهيءَ سبب کان فرمايائون تہ راڳ دلين جي اسرار مخفيءَ کي چرپر ڏئي ٿو ۽ جهڙيءَ طرح نشو بيهوش ڪرڻ واري آدميءَ کي پريشان ڪري ٿو ۽ ادب جا عقده کولي ٿو. اهڙيءَ طرح عجب نہ آهي تہ راڳ ٻڌڻ کان دل اهڙي پريشان ٿي وڃي، جو ادب باطني هليو وڃي.

انهيءَ سبب کان ڪنهن درويش چيو آهي. جيڪڏهن مان راڳ کان جهڙو جو تهڙو بچي وڃان تہ مون کي نہ ڪجهہ عذاب آهي نہ عتاب آهي. مطلب ڳالهہ جو تہ شهوت جي چرپر پيدا ڪندڙ آهي، ان ۾ زياده خطرو آهي. تنهنڪري انسان سخت گنهگار ٿي ويندو. پر ائين بہ نہ آهي تہ جا راڳ جي مراد آهي. ان موجب ڪافر ٺهرايو وڃي.

هاڻي هي معلوم ڪرڻ گهرجي تہ سمجهہ، ڪڏهن ڪڏهن ٻڌڻ واري جي حالت جي لحاظ کان بہ نرالي ٿي ويندي آهي. جيئن جو هڪڙي بيت جي ٻن ٻڌڻ وارن کي وجد ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ هڪڙي جي سمجهہ درست تہ ٻئي جي غلط ٿيندي آهي. يا ٻنهي جي سمجهہ درست ٿيندي آهي. مگر هڪڙي هڪ معنيٰ پنهنجي حال

(1) سورة الانبياء: آيت 101، سيپارو 17 (2) سورة الانبياء: آيت 23، سيپارو 17

موافق سمجهي، ٻئي ڪجهه ٻي معنيٰ سمجهي ۽ ڪيترو ئي هي ٻئي معنائون هڪ ٻئي جي مخالف هونديون آهن. مگر انهيءَ ٻنهي شخصن جي حالتن جي لحاظ کان خراب نه هوندو آهي.

جهڙي طرح عتبہ غلام کان روايت آهي ته هن ڪنهن شخص کان هي شعر ٻڌو:

پاک ہے قدوس ذاتِ کبریا

رنج میں رہتا ہے عاشق مبتلا (ترجمو)

هي سخن ٻڌنديئي چيائون ته سچ ٿو چوي، ساڳيو شعر ڪنهن ٻئي شخص جو ٻڌو سو چوڻ لڳو ته ڪوڙ ٿو چوي. جنهن لاءِ ڪنهن صاحب دل چيو ته ٻيئي برابر آهن ۽ سچ ٿا چون. اول قول ان عاشق جو آهي، جنهن کي مطلب تي پهچ نه آهي. منهن مٺڻ ۽ انڪار محبوب جي سبب کان فراق ۾ قاتل آهي ۽ ٻيو سخن ان عاشق جو آهي، جنهن جو محبوب سان پيار آهي ۽ عيش محبت ۾ جو به دوست جي طرف کان ان تي وارد ٿئي ٿو، سيوئي چڱو ڄاڻي ٿو. جيڪو درد ۽ تڪليف جي اثر کان تنگ نه ٿو ٿئي پر ان مان مزو ۽ لذت وٺي ٿو يا اهڙي عاشق جو سخن آهي جو پنهنجي مراد تي في الحال فتح مند ٿي ويو آهي ۽ آئينده جي منهن مٺڻ جي ڊپ کان به واقف نه آهي. يعني اميد ۽ گمان حسن جو ان جي دل تي اهڙو ته غالب آهي، جو منهن مٺڻ جي ڊپ کان به بلڪل غافل آهي. اهڙيءَ طرح حالتن جي نرالي هجڻ کان به سمجهه ۾ اختلاف پئجي ويندو آهي. ابو قاسم بن مروان جو ابو سعيد جي صحبت ۾ رهندو هو جنهن گهڻن سالن کان راڳ ٻڌڻ ڇڏي ڏنو هو. ان جي ڳالهه آهي ته هڪ ڀيري دعوت تي ويو، جتي هڪ شخص کان هيءُ شعر ڳائيندي ٻڌائين:

بر لب جو تشنہ لب اُستادہ ام

جام از دستش نمی یابم هنوز

جنهن تي حاضرين مجلس اٿيا ۽ وجد ۾ پئجي ويا. جڏهن قرار ڪري ويٺا. تڏهن هن ماڻهن کان پڇيو ته هن شعر جي توهان ڇا معنيٰ سمجهي. سيني چيو ته احوال شريف جو اشتياق آهي ۽ جيتوڻيڪ ان جي سامان موجود هجڻ جي محرومي آهي. ان جواب کان هن کي تسلي نه ٿي. ماڻهن چيو ته توهان ان شعر جي ڪهڙي مراد ڄاڻو ٿا.

فرمايائون تہ هيءَ مراد آهي تہ هي حال ان شخص جو آهي، جو حال جي وِچ ۾ آهي، جنهن کي بزرگي بخشش ٿيل آهي. مگر اصل حقيقت کان ان کي ڪجهہ بہ عطا ٿيل نہ آهي. هن ۾ هي بہ اشارو آهي تہ حقيقت احوال ۽ ڪرامت ڪانسواءِ ٻي چيز ان کان پوءِ آهي. جنهن کان اڳ ۾ احوال ٿيندو آهي. ڪرامات هن جي شروعات آهي. ڪرامت هجڻ سبب بہ حقيقت وصول نٿي ٿئي ۽ منزل مقصود ڪرامات سبب دور ٿي ويندي.

هاڻي انهن معنائن ۾ جو ابو القاسم سمجهيو ۽ ٻيو جيڪي انهن حاضر مجلس وارن سمجهيو، تنهن ۾ ايترو ئي فرق آهي. جيترو انهن ماڻهن ٻيءَ جاءِ جو اشتياق بيان ڪيو ٿي ۽ ابو القاسم ٻئي رتبي جي تشنہ لبيءَ جو بيان ڪيو. جيڪي ٻئي صحيح آهن. جو شخص احوال شريف کان محروم ٿيندو آهي. اهو اول ان جو مشتاق ٿيندو آهي ۽ جڏهن ان تي دسترس ٿي ويندي اٿس تہ ان کان پوءِ جي مقامن جو اشتياق ٿيندو اٿس. جنهن مقام تي سالڪ پهچندو آهي تہ ان جي گذريل مقامن جو ڪيس اشتياق نہ رهندو آهي، پر مٿين درجي جي مقام ڏانهن راغب ٿيندو آهي.

شبلي رحمه الله اڪثر هن مضمون جي شعر تي وجد ڪندا هئا:

*هجر است الفت تو محبت عداوتی*

*وصل تو قطع باشد و صحت ستیزه*

هي شعر بہ اڪثر ماڻهو ڪيترين ئي ڏار ڏار صورتن ۾ سمجهندا آهن. جو ان مان ڪي حالتون بعضي درست هونديون آهن ۽ بعضي باطل هونديون آهن. سڀ کان چٽو ۽ ظاهر سبب هي آهي تہ هي شعر خلق جي باب ۾ بلڪ تمام دنيا ماسويٰ الله جي باب ۾ سمجهيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ هي حال دنيا جوئي آهي، جا دغاباز، فريبي ۽ پنهنجي ارباب جي قاتل، باطن ۾ دشمن ۽ ظاهر ۾ دوست آهي. جنهن مقام ۾ ان جي سبب کان عيش مالا مال آهي، پر آخر ۾ ان جو حال برو آهي. اِنهي ئي گهڙي مڪان وارا شادان ۽ فرحان آهن ۽ ساڳيءَ ئي ساعت وٽندڙ ۽ مٿو پٽيندڙ آهن. جيئن جو حديث شريف ۾ ان جو انقلاب مذڪور آهي: اَلدُّنْيَا قَوْسٌ وَّحَوَادِثُهَا سِهَامٌ وَّالْإِنْسَانُ فِيْهَا اِمَاجٌ (يعني دنيا هڪ ڪمان وانگر آهي ۽ ان جا حادثا تيرن وانگر آهن ۽ انسان ان ۾ چٽڻ جي جاءِ آهي).

هڪ شاعر ان باري ۾ هي شعر چيو آهي:

بھاگ دنیا سے نہ کر نسبت کا ان سے تو خیال
قائل شوہر جو بیوی ہو نہ دے اس کو تو پیام۔
اس کے خوفوں کی مقابل میں ہیں امیدیں قلیل
سختیاں زائد اسی کا ہے تردد لاکلام۔
خوب کثرت سے کہی ہے واصفوں نے اسکی وصف
لیک میں کہتا ہوں اس کے حق میں یہ تشبیہ تام۔
بادہ گلگوں ہے وہ لیکن موت ہے اس کا خمار
باد پائی پر چڑھو اس پر تو ہوگی بدل جام۔
ہے وہ مہپارہ کہ جس کا حسن ہے ہر دم فریب
لیک باطن میں وہ رکھتی ہے خباثت با بعام۔

اهڙيءَ طرح پڻ هڪ، بئي درويش جو سخن آهي.

دنيا دي دعويٰ ڇوڙ، وي مستانا جانان! ڇڏي ڏي دنيا، وڃي درحق ڻيندين.
دنيا ڌوتي وحدت لُوٺي، عالم نون ڪريندي هَٿي ڪور، وي مستانا جانان!
دنيا دي طالب ڦرن اداسي، لڙدي زوران زور، وي مستانا جانان!
دنيا دورنگي سات نہ چلٽي، تتهن ڪنون منهڙا موڙ، وي مستانا جانان!
آکي اميد علي گهن راه رباني، ول ول پاٽي نہ ولوڙ، وي مستانا جانان!

مطلب ڳالهہ جو تہ مٿين شعرن جو سارو مضمون دنيا جي باري ۾ آهي ۽ بي معنيٰ هيءَ آهي تہ انهن شعرن کي پنهنجي نفس تي چڱيءَ طرح خيال ڪري تہ خدا تعاليٰ جلشانهٗ جي حق ۾ نفس جو هي حال آهي. مثلاً لن جي معرفت جهالت آهي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جلشانهٗ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: وَمَا قَدَرُوا اللهَ حَقَّ قَدْرِهٖ[1] (انهن نہ سڃاتو الله تعاليٰ جلشانهٗ جي شان کي، جهڙي طرح سڃاڻڻ واجب هو)

اطاعت يعني تابعداري نفس جي ريا (جا ڳالهہ هجي، لن جي برخلاف ڪري ڏيکارڻ) وانگر آهي. انهيءَ سبب ڪري الله تعاليٰ جلشانهٗ کان ڊڄي نہ ٿو. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جلشانهٗ جي محبت ۾ هو ڪا ئي شهوت پنهنجين شهوتن مان نٿو ڇڏي. اهڙيءَ طرح بين ڪمال وصفن جو قياس ڪرڻ گهرجي تہ جنهن شخص سان

(1) سورة الزمر: آيت 67، سيپارو 23

الله تعاليٰ جلشانهٗ کي بهتري منظور هوندي آهي. ان کي سندس نفس جي عيبن تي واقفيت ڏئي ٿو. اهو انهن شعرن کي پنهنجي حال جو مصداق سمجهي ٿو. توڙي غافلن جي نظر ۾ اهو عالي رتبه هجي.

انهيءَ سبب کان آنحضرت ﷺ جن فرمائين ٿا: لَا أُحْصِيْ ثَنَاءً عَلَيْكَ أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ[1] (نه ٿو احاطو ڪريان مان توهان تي، تعريف ته اهڙي آهي جهڙي طرف توهان پاڻ پنهنجي نفس جي تعريف ڪئي) ۽ ٻي جاءِ حديث شريف ۾ فرمائن ٿا: إِنِّيْ لَأَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ فِي الْيَوْمِ وَاللَّيْلَةِ سَبْعِيْنَ مَرَّةً[2] (مان الله تعاليٰ کان بخشش گهران ٿو. رات ڏينهن ۾ ستر بار) سندس هر وقت بخشش گهرڻ جو سبب هي هو. جو هر وقت مقامن ۽ احوالن جون منزلون طئي فرمايائون ٿي ۽ وڏي درجي جي نسبت انهن مقامن کي بعيد سمجهي، استغفار ڪيائون ٿي. جڏهن ته اهي مقام سندن ماقبل جي نسبت ڪري درجات قرب مان هيا. مگر قرب ۽ بعد امور اضافي آهن. ڪو به قرب اهڙو نه آهي، جو ان جي اڳيان ٻيو قرب نه هجي. هي لاڳ ڪٽ درجا آهن. جهڙيءَ طرح مولانا رومي فرمائن ٿا.

ای برادر بے نہایت درگہی است
ہرچہ بروی میرسی بروئی مائیست۔

پر درجات قرب جي اعليٰ درجي تي پهچڻ محال آهي. ٽين معنيٰ هيءَ آهي ته پنهنجي احوال جي شروعات کي ڏسي ان تي راضي رهي ۽ پسند ڪري، پوءِ ان جي انجامن کي ڏسي، انهن حالتن مان هر هڪ کي ڪجهي غلطيءَ ۾ وجهندڙ سمجهي نيچ ڄاڻي ۽ هي امر جيڪڏهن خدا تعاليٰ جي طرف کان ڄاڻي قضا و قدو جي شڪايت تي خيال ڪندو ته ڪفر ۾ داخل ٿيندو. جهڙيءَ طرح اسان مٿي لکيو آهي ۽ ڪو ئي بيت اهڙو نه آهي، جنهن جي معنيٰ ڏار ڏار صورتن ۾ وزن نه ٿي وٺي. هي امر ٻڌڻ واري جي ڪثرت عمل ۽ دل جي صفائي تي موقوف آهي.

حالت چوٿين: هيءَ آهي ته راڳ ٻڌڻ وارو احوالن ۽ مقامن کي طئي ڪري ويو هجي (خدا تعاليٰ جلشانهٗ کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ڄاڻي) ۽ پنهنجي نفس، احوال ۽ معاملي ۾ سڀ کان اهڙو مدهوش ۽ بي خبر هجي، جڏهن عين مشهود جي درياءَ ۾ مستغرق آهي ۽ ان جو حال انهن عورتن جهڙو هجي، جن حضرت يوسف عليه السلام

(1) مسند امام احمد: ج1 ص 118 (2) نسائي: سنن ڪبريٰ ج6 ص 104

جي حسن ۽ جمال جي ڏسڻ وقت پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيا ۽ اهڙيون ته مدهوش هيون. جو هٿن جي وڍجڻ جو به معلوم نه ٿين. اهڙيءَ حالت کي صوفي 'فنا في النفس' يعني پاڻ کان نڪري وڃڻ چوندا آهن ۽ سالڪ صوفي جڏهن پنهنجي نفس کان فنا ٿي ويندو آهي، تڏهن اُهو بلڪل ذات واحد مشهود جي ٻين سيني چيزن کان ۽ پڻ مشاهدي ڪرڻ کان به فنا ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن سندس دل مشاهدي جي طرف مائل ٿيندي يا نفس جي طرف متوجهه ٿيندي ته مان مشاهدو ڪري رهيو آهيان، تڏهن يقين ڄاڻو ته مشهود کان غافل رهندو. هن حالت کي 'پاڻ پاڻئڻ' چئبو آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته مشهود جي عاشقن کي مشاهدي سان ڪجهه به لاڳاپو نه آهي، جهڙيءَ طرح ڪوئي مثل چيز جو حريص جڏهن ان مثل چيز جي ڏسڻ ۾ زياده مستغرق ٿيندو آهي ته ان کي نه پنهنجي طرف ڏسڻ جو ميلاپ رهندو آهي نه اک جي طرف ڇنيڻ کان رويت ٿيندي آهي ۽ نه ڪي دل جي طرف (جنهن کان لذت معلوم ٿيندي آهي) خيال رهندو آهي. اهڙيءَ طرح چرئي کي پنهنجي نشي جي خبر نه هوندي آهي ۽ نڪي لذت وٺڻ واري کي لذت وٺڻ جي طرف توجهه هوندو آهي. پر جنهن چيز کان لذت ٿيندي آهي، فقط ان جو حال ڄاڻندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن به چيز جو ڄاڻڻ ٻي ڳالهه آهي ۽ ان جي ڄاڻڻ جو علم وري ٻي ڳالهه آهي. مثال لاءِ جو شخص هڪ چيز جو عالم آهي ۽ جڏهن ڪيس ڪنهن چيز جي عالم هجڻ جو علم هوندو ته اُهو ان کان رؤگرداني ڪندو. هيءَ حالت 'فنا في النفس' جي ڪڏهن ته مخلوق جي حق ۾ اوچتي ظاهر ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن خدا تعاليٰ جلشانهٗ جي حق يعني مشهود ۾ ٿيندي آهي. مگر گهڻو ڪري هتي حالت بجليءَ وانگر فقط چمڪو ڏيندي آهي. بلڪ ثابت ۽ سدائين نه رهندي آهي. پر جيڪڏهن ثابت رهي ته ان جي بردباريءَ جو تاب انساني قوت ۾ بلڪل نه آهي. بعض وقتن ۾ ان جو تاب اهڙو هلاڪ ڪندو آهي، جو ان کان انساني نفس ڏاڍو هلاڪ ٿي ويندو آهي. جيئن جو ابو الحسن نوري جو قصو آهي ته هو هڪ راڳ جي مجلس ۾ حاضر هو، جتي هن مضمون جو شعر ٻڌايو:

پہنچتا ہوں تیری الفت سے دائم ایسی منزل میں<br>
اتر تے وقت جس میں ہوتی ہے عقلوت کو حیرانی (ترجمو)

سي سخن ٻڌڻ سان ڪين وجد آيو ۽ وجد جي حالت ۾ اٿيو. جنهن طرف سندس منهن هو، هليو ويو. اتفاقاً هڪ اهڙي جهنگ ۾ وڃي پهتو، جتان ماڻهو بانس وڍي ويا هئا. باقي ان جون پاڙون يعني ناڙ تيز ڌارن وارا بيٺا هئا. پوءِ ته انهيءَ جهنگل ۾ برابر ٻئي صبح تائين هيڏانهن جو هيڏانهن ڊوڙندو رهيو ۽ مٿيون شعر وري وري ورجائيندو رهيو. آخر ته پيرن مان رت وهڻ لڳس، تان جو ٻئي پير پنين تائين ڳري ويس، جنهن کان پوءِ پاڻ تمام ٿورا ڏينهن جيئرو رهيو ۽ آخر واصل بحق ٿيو.

اهڙيءَ طرح جي سمجهه ۽ وجد صديقن جو درجو آهي، هي درجو سيني درجن کان اعليٰ آهي، جنهن ۾ نه نفس جي يادگيري رهي، نه احوال جي يادگيري رهي ۽ نڪي ان جي طرف ميلاپ ئي رهيو. جهڙيءَ طرح مصر جي عورتن جو هٿن ۽ ڇريءَ تي ميلاپ نه رهيو هو. جو شخص راڳ للهِ (خدا جي واسطي)، بالله (خدا سان)، في الله (خدا ۾) رؤگرادني، من الله (خدا کان) ٻڌي، ته هي مرتبو به اهڙي ئي شخص جو آهي، جيڪو سمنڊ احوال ۽ اعمال جي کان پار ٿي بحر حقيقت ۾ ٽپيون هڻندڙ آهي ۽ صفا توحيد ۾ محض اخلاص ۾ رلي ملي ويو آهي ۽ خوديءَ جو نشان ان ۾ ڪجهه به نه رهيو آهي ۽ سندس انسانيت يا صفات بشريءَ کان يڪ قلم نفي ڪيل هجي. اسان جو مطلب فنا کان فنا جسم جي ناهي. بلڪ فنا دل مراد آهي. دل کان مراد گوشت ۽ رت جي نه آهي، بلڪ اُهو سرِ لطيف مراد آهي، جنهن جو قلب ظاهريءَ سان هڪ ڳجهو علائقو آهي. ان جي بعد ۾ سرِ روح آهي، جو خدا عزوجل جي حڪم سان آهي. ان کي جيڪو ڄاڻندو سو ئي سڃاڻيندو. جاهل ان جي ڄاڻڻ کان محروم آهي.

ان سر جي واسطي هڪ وجود آهي، جا ان وجود جي اصل صورت آهي، سا ان ۾ موجود آهي. جڏهن ان جي اندر غير چيز موجود هوندي ته سواءِ حاضر چيز جي ٻي چيز جو وجود نه رهندو. هن جو مثال روشن آئيني وانگر آهي، جو ان جي ذات کانسواءِ ان ۾ ٻيو ڪو ئي رنگ نه هوندو آهي، بلڪ جا چيز ان ۾ حاضر ٿيندي آهي، ته ان جي رنگ جهڙو آئيني جو رنگ ٿي ويندو آهي. ساڳيو ئي مثال شيشي جو به آهي جو خاص ان ۾ ڪو ئي رنگ نه هوندو آهي. بلڪ جا چيز ان جي اندر قرار وٺندي آهي، تنهن جي ئي رنگ سان رنگين ٿي ويندو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ان شيشي جو رنگ اهڙو آهي، جو سيني رنگن کي قبول ڪرڻ جو مادو منجهس موجود آهي، جيئن جو ڪنهن شاعر هن مضمون جو شعر چيو آهي:

صہبا اور آبگینہ مۓ دونوں ہیں رقیق
ہے ایک شکل دونوں کی اور ایک ہی آب و تاب
گویا کہ ہے شراب نہیں جام کا وجود
یا یہ کہو کہ جام ہے واں نہیں شراب۔

هي امر علم مڪاشفہ جو آهي، جنهن مقامات تي بعض درويشن حلول ۽ اتحاد، ذات حق جي دعويٰ ڪري، اناالحق چيو. جهڙيءَ طرح مرشد نا و مولانا حضرت فقير قادر بخش قدس سره حلول ۽ اتحاد جي حال ۾ فرمايو آهي.

مئن نون چاڪ نہ چاٽين، شاهہ هزارا بہ مئن هون.
ويس چاڪان دا پرتئون پهريم، ساڏا سر سجاٽين.
نور نيارا بہ مئن هون!
جنهن منصور نون بي سر ڪيتا، جي تون ويسهہ آٽين،
سو سر سارا مئن هون!
من خدايم موج ۾ آڪين، بي ڪنهن طرف نہ تاٽين،
حق اظهار بہ مئن هون!
بيدل بيشڪ ظاهر باطن، ذات ۾ ذات سجاٽين،
سچ چمڪارا مئن هون!

هن سخن جي برخلاف انصاري فرقي وارا، جي عالم لاهوت ۽ ناسوت جي اتحاد جي دعويٰ ڪندا آهن، سي ڪجهہ بيو پيا سمجهندا آهن. جهڙيءَ طرح انهن جي عبارت ۾ اختلاف آهي، پر هيءَ انهن جي غلطي آهي.

انهن عاشقن جو ڪلام اهڙو آهي، جهڙيءَ طرح ڪوئي آئيني جي اندران واري سرخي ڏسي، سرخ رنگ چوي ۽ ايتري خبر نہ رکي تہ هي رنگ آئيني جو نہ آهي، بلڪ ان چيز جو آهي، جا ان جي سامهون آهي، جنهن جو پرتوُ ان جي اندر پيل آهي. هن باري ۾ هڪ درويش جو سخن آهي.

من نمي گويم انا الحق يار مي گويد بگو
ورنمي گويم مرا دلدار مي گويد بگو.

ڳالهين لکندي اسان بين ڳالهين جو بہ بيان لکي ويا آهيون. هاڻي اصل مراد ڏانهن بہ رجوع ٿجي ٿو.

## مقام ٻيو
## وجد بابت

ٻيو مقام وجد آهي. جو سمجهڻ ۽ خيال ڪرڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. صوفي صاحب ۽ ٻيا حڪماءَ راڳ جي روحن سان هڪجهڙائي بنسبت سدائين تقريرون ڪندا آهن. ٻنهي فرقن جي وجد واري ماهيت بابت گهٽائي قول آهن. پهريائين اُهي قول نقل ڪجن ٿا، پوءِ جيڪي اهم محقق آهن، انهن جو بيان ڪنداسين.

صوفين جا قول هن باري ۾ هي آهن ته ذوالنون مصريﷺ سماع جي واسطي فرمائين ٿا ته اهو حق جو وارد آهي ۽ انهيءَ ڪري آيل آهي ته دلين جي چرپر حق جي طرف ڪري.

ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو راڳ حق جي طرف يا سبب کان ٻڌبو، سو محقق آهي، جيڪڏهن ڪوئي نفس جي سبب کان ٻڌندو ته اِهو زنديق ۽ ڪافر آهي. يعني وجد، راڳ ۾ دلين جو ميل حق جي طرف هجي ۽ جڏهن راڳ ٿئي ته حق موجود پائي ته پوءِ ان جو نالو وارد حق آهي. ابوالحسن دراج سماع ۾ وجد جو حال هن طرح فرمائين ٿا ته وجد ان حالت جو نالو آهي، جا سماع جي وقت ٿئي ۽ پڻ فرمائن ٿا ته سماع مون کي رونق جي ميدانن مان پڄائي وئي ويو ۽ عطا جي وقت حق وارد هجڻ تي مون کي وجد ۾ وڌو، جنهن کان پوءِ جام صفا مان ڀري مون کي پياريو. ان جي پيئڻ جي سبب کان مون کي رضا جو درجو حاصل ٿيو ۽ رياض نزاهت ۽ فضا ۾ مون کي سير ڪرايو.

شبلي ﷺ فرمائين ٿا ته راڳ ظاهر ۾ فتنو آهي، پر باطن ۾ عبرت آهي، جيڪو ان اشاري کي سڃاڻيندو، ان کي اهو عبرت وارو راڳ ٻڌڻ حلال آهي، نه ته اُهو شخص طلب ڪندڙ فتني جو آهي، جو نيٺ بلا (مصيبت) ۾ پوندو. بعضي اڪابرن جو فرمان آهي ته اهلِ معرفت وارن لاءِ راڳ روح جي غذا آهي. جيئن جو چوندا آهن ته

ڳائڻ وارو بورچي آهي، نوش جان ڪندڙ ان طعام جو اهلِ معرفت جو درويش آهي ۽ ٻيا ماڻهو ٻڌندڙ ائين آهن، جهڙيءَ طرح سڪٽا يا بکيا ماڻهو فقط طعام جي خوشبوءِ کان فرحت وٺن.

ياد رکڻ گهرجي تہ راڳ صاحبِ معرفت کانسواءِ ٻئي جي لاءِ روحي غذا نٿو ٿي سگهي، انهيءَ سبب ڪري هيءَ وصف سيني اعمالن کان باريڪ آهي، جنهن جي باريڪ هجڻ جو سبب طبيعت جي ئي رِقت کان حاصل ٿيندو آهي، تنهنڪري هي صاف ظاهر آهي تہ سواءِ سرِ قلبي جي ٻي ڪنهن ڳالهہ سان معلوم نہ ٿيندو آهي.

عمر بن عثمان مڪي ﷫ فرمائين ٿا تہ وجد جي ڪيفيت جي ڪوئي بہ عبارت ادا ڪري نہ سگهندو ڇاڪڻ جو هي ايماندار يقين وارن جي عبادات جي وقت جو الاهي راز آهي ۽ بعضي فرمائين ٿا تہ وجد حق جي طرف وارن مڪاشفات جو نالو آهي.

ابو سعيد بن اعرابي ﷫ فرمائين ٿا تہ وجد اُهو آهي، جنهن ۾ حجاب دور ٿي وڃي ۽ دوست جو مشاهدو ٿئي، فهم موجود ٿئي، غيب ڏسڻ ۾ اچي، رازِ قلبي سان گفتگو ڪيو وڃي ۽ گم ٿيل حال پنهنجي خوديءَ جي زائل ڪرڻ سان حاصل ٿي وڃي ۽ هي بہ سندن قول آهي تہ وجد گهٽِن ئي درجن جي درجات کان اول آهي. جڏهن سالڪ وجد جو مزو چاهيندا آهن ۽ انهن جي دلين تي الاهي نور چمڪندو آهي تہ انهن کي باقي ڪو شڪ شبهہ نہ رهندو آهي. هي بہ سندن قول آهي تہ پاڻُڻ ۽ ٻيا تعلقات يا اسبابن جو تعلق وجد کان منع ڪندڙ آهي، ڇاڪاڻ جو نفس پنهنجي اسبابن جي سبب کان محبوب آهي. پوءِ جڏهن ان جا اسباب منقطع ٿي وڃن ۽ ذڪر خالص ٿي وڃي، دل هوشيار، رقيق يعني باريڪ ۽ صاف ٿي وڃي، نصيحت ان تي اثر ڪري، يا مناجات جي اجنبي مقام تي پهچي وڃي ۽ ان طرف کان خطاب ٿيڻ لڳي، خطاب گوش، هوش ۽ دل حاضر، سر ظاهر سان ٻڌي ۽ جا ڳالهہ پاڻ ۾ موجود نہ هئس، ان جو بہ مشاهدو ڪري، ان جو نالو وجد آهي، يا جا ڳالهہ معدوم هئي، اُها موجود پاتي وڃي. هي بہ سندن قول آهي تہ وجد اُهو آهي، جو هيٺين وقتن تي هجي.

1. ذڪر محرڪ جي وقت،
2. خوف قلق (پريشاني) وقت،
3. ڪنهن لطيفي چوڻ يا ڪنهن فائدي جي طرف اشاري ڪرڻ يا غائب جي طرف مشتاق هجڻ جي وقت،

4. گم شده تي افسوس ڪرڻ وقت.
5. گم شده تي نادم ٿيڻ وقت.
6. ڪنهن حال جي طرف ڇڪجي وڃڻ وقت يا ڪنهن واجب جي طرف مائل هجڻ.
7. سر قلبي سان سرگوشي ڪرڻ وقت ٿئي.

يا وجد جي حقيقت هي آهي ته ظاهر کي ظاهر جي مقابل ڪرڻ، يا باطن کي باطن جي طرف، غيب کي غيب جي طرف ۽ سر کي سر جي طرف مقابل ڪيو وڃي.

هاڻي معلوم ٿيندو ته علم وجد جو اِهو ئي آهي، جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ ساڳئي وقت صوفين جا قول پڻ وجد جي باري ۾ اهڙي قسم جا گهٽائي آهن.

هاڻي حڪماء جا قول به ٻڌو، جو بعضي هيئن به چوندا آهن ته دل ۾ هڪ عمدي فضيلت موجود هئي، جنهن کي قوت نطق (ڳالهائڻ واري قوت). لفظن جي صورت ۾ چئي نه سگهي، جنهن کان پوءِ نفس ان کي راڳ جي وسيلي ٻاهر ڪڍيو. جڏهن اها حالت ظاهر ٿي ته نفس خوش ٿيو. جنهنڪري حڪماء جو قول آهي ته ظاهري مناجات کي ترڪ ڪريو.

بعضي چوندا آهن ته راڳ جي سبب کان جو طالب پرپور ٿي ويندو آهي. يعني جو فڪر کان خالي هجي، ان کي فڪر حاصل ٿئي ۽ جو ڪند فهم هجي، ان جي سمجهه تيز ٿي وڃي، جا ڳالهه صفا گم ٿي وئي هجي، اُها وري واپس حاصل ٿئي ۽ جيڪو ٿڪجي پيو هجي، سو چست ٿي وڃي، جو ميرو هجي، سو صاف ٿي وڃي، سڀ ڪنهن راءِ ۽ نيت ۾ جولاني ڪري درست چوي، خطا نه ڪري ۽ ڪم ڪري، مگر تاخير نه ڪري. ٻئي به هڪ حڪيم چيو آهي ته جهڙيءَ طرح فڪر، علم کي معلوميت جي راهه بتائي ٿو. اهڙيءَ طرح راڳ دل کي عالم روحانيءَ جي راهه بتائي ٿو.

ڪنهن شخص حڪيم کان پڇيو سازن جي وزن ۽ گت تي هٿن پيرن جو بالطبع (طبعاً) هلي وڃڻ ڪهڙي سبب کان آهي، جنهن تي هن چيو ته هي عشق عقلي آهي. جڏهن ته عاشق عقلي پنهنجي معشوق سان، زباني گفتگو ڪرڻ کان محتاج آهي. اهڙو انسان ڪلام سرگوشي، تبسم، ابرو ۽ اکين جي لطيف اشاري سان ڪندو آهي. جيڪي سڀ چيزون ڳالهائيندڙ آهن. مگر روحاني زبان ۾ آهن. جيڪو سواءِ عقل جي سمجهه ۾ نه ايندا. جيڪي عاشق فقط ڍورن جهڙا آهن اُهي پنهنجي زبان سان ئي گفتگو

ڪندا آهن، پنهنجي ضعيف شوق ۽ ڪوتي عشق جي تقرير زباني طور ڪندا آهن.

هڪ ٻئي حڪيم جو قول آهي تہ جو شخص غمگين هجي، ان کي نغمات ٻڌڻ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ جڏهن نفس تي غم غالب ٿئي ٿو، تڏهن ان جو نور وسامي وڃي ٿو ۽ جڏهن خوش ٿيندو آهي، تڏهن ان جو نور جرڪندو ۽ چمڪندو آهي. جنهن جي رونق کان جڳ مڳ ٿيندي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ جيتري قدر آدميءَ کي طاقت علميءَ جو مادو هوندو آهي ۽ ناپاڪائيءَ کان صفائي هوندي، اوتري قدر زياده اشتياق پيدا ٿيندو آهي.

معلوم هجي تہ سماع ۽ وجد جي باري ۾ گهڻائي قول آهن. انهن سڀني جي بيان ڪرڻ جو ايترو گهڻو ضرور نہ ٿو ڏسجي. ان ڪري اسان امر حق لکون ٿا. جنهن کي وجد چوڻ گهرجي.

هاڻي واضح هجي تہ وجد سماع جو ثمر يعني ڦر آهي. جا هڪ نئين حالت آهي. جا راڳ ٻڌڻ وارو، راڳ ٻڌڻ کان پوءِ پائي ٿو. هيءَ حالت ٻن قسمن کان خالي نہ آهي. يا تہ ان جو انجام اُهي مشاهدا ۽ مڪاشفا آهن جي منجملي علوم ۽ تنبيهات ۾ ڳڻيا وڃن يا تغيرات ۽ احوال ۾ ڳڻيا وڃن. جيڪي قبيل علوم کان نہ هجن. بلڪ مثال طور شوق، خوف، ڏک، بيقراري، خوشي، افسوس، شرمندگي، آزادي ۽ گرفتاريءَ جي سبب کان هجن. سماع هن حالت کي جوش ۾ آڻي ٿو يعني زياده ڪري ٿو.

پوءِ جيڪڏهن راڳ اهڙو ضعيف آهي، جو نڪي ظاهري بدن کي چرپر يا ماٺ بخشي يا ڪنهن ٻڌڻ واري جي حالت بدلائي (جو خلاف عادت هلڻ لڳي) گردن جهڪائي يا ڏسڻ ڳالهائڻ کان بس ٿي وڃي، تہ اهڙي حالت کي 'وجد' نہ چئبو. جيڪڏهن ظاهري بدن جو حال متجي ويندو تہ ان کي وجد چئبو.

جيتري قدر ظاهر بدن جو حال بدلبو، اوترو ئي وجد ذڪر ڪيل ضعيف يا قوي ٿيندو ۽ وجد جي چرپر بہ ايتري قدر زور واري ٿيندي. جيتري قدر قوت سان اُها حالت ايندي. ظاهر ۽ تغير کان محفوظ رهڻ بقدر وجد واري جي، زورآور هئڻ پيرن جي قابو ۾ رکڻ کان ٿيندي آهي. اڪثر ائين بہ ٿيندو آهي تہ وجد باطن ۾ قوي ٿيندو آهي، مگر ظاهر تغير نہ ٿيندو. ان جو سبب هي آهي تہ وجد وڻڻ وارو قوي ٿي ويندو آهي. بعضي وقتن تي وجد ان حالت جديد جي ضعيف هجڻ کان بہ ظاهر ۾ اثر نہ ڪندو آهي. ڇو جو اها حالت چرپر ڪرڻ ۾ ضبط ٿيل عقده کولڻ کان قاصر ٿيندي آهي.

ابو سعيد بن اعرابي ان باري ۾ وجد جي تعريف ڪن ٿا ته غيب جو مشاهدو، حضور فهم ۾ غيب جو ملاخطو ٿيندو آهي، جهڙي طرح مٿي بيان ڪيل آهي. بعيد نه آهي ته راڳ اهڙي چيز جي منڪشف هجڻ جو سبب هجي، جو پهريون مڪشوف نه هجي. چوته ڪشف ڪيترن ئي سببن ڪان ٿيندو آهي. اول ته تنبيهه ڪان به ٿيندو. ڪنهن حالت ۾ راڳ به تنبيهه ڪندڙ آهي. بيو احوال بدلجڻ ۾ ان جي مشاهدي ۾ دريافت ڪرڻ ڪان به آهي، چوجو ان جي دريافت ڪرڻ ۾ به هڪ علم آهي. هي اهڙيون ته ڳالهيون واضح ڪري ٿو، جي اڳ معلوم نه هيون.

ٽيون دل جي صفائيءَ ڪان آهي، ڇاڪاڻ ته راڳ به دل جي صفائيءَ جو سبب آهي.

چوٿون، دل جي قوي ٿيڻ ڪان آهي، سماع جي قوت ڪان دل جي خوشي ايتري قدر ايري ٿي، جو ان جي شدت ۾ اُهي مشاهدا ڪري سگهجن ٿا، جن جي مشاهدي ڪان اڳ ۾ عاجز هيو. جهڙي طرح اٺ راڳ جي سبب ايڏو بوجهه کڻي سگهي ٿو جنهن جي کڻڻ جي طاقت اڳ ۾ ان ڪي نه هئي.

جيئن جو دل ڪي عمل ڪشف هجڻ ڪان اسرار ملڪوت جو ملاخطو ٿيندو آهي، جنهن جو سبب هي آهي ته جڏهن دل قوي ٿيندي آهي ته ان جو عمل به زياده ٿيندو آهي، جهڙيءَ طرح اٺ جي دل قوي هجڻ ڪان ان جو عمل زياده ٿيندو آهي.

واضح هجي ته انهيءَ اسباب جي وسيلي ڪان به سماع ڪشف جو سبب ٿيندو آهي. بلڪ دل جڏهن صاف ٿيندي آهي ته بعضي وقت امر حق ان جي اڳيان صورت وٺي سوجهڻ لڳندو آهي، يا لفظ منظوم جي صورت ۾ اچي ان جي من ۾ پوندا آهن. اِنهيءَ آواز ۾ جيڪڏهن بيداري هوندي آهي ته آواز ڪي هاتفي آواز چئبو آهي، ننڊ جي حالت ۾ ڪيس خواب چئبو آهي. هيءَ حالت نبوت جي ڇائيتاليهن حصن مان هڪ حصو آهي، امر حق به اهڙيءَ طرح آدميءَ تي واضح ٿي ويندو آهي. جيتوڻيڪ علم معامله ڪان ان علم جي سچائي خارج آهي، مگر تجربو شاهد آهي ته صليحا (هدايت بخشيل ٻانهن) ڪي اهڙيءَ طرح جا معاملا پيش ايندا آهن. جهڙيءَ طرح محمد بن مسروق بغدادي چون ٿا ته جن ڏينهن ۾ مان جاهل هوس، ته هڪ رات نشي جي حالت ۾ هي شعر چوندو ٻاهر ميدان ۾ گهمڻ لاءِ ويس.

گذر کرتا ہوں جس دم باغِ زر پر طور سینا کے
عجب کرتا ہوں ان لوگوں پر جو پیتے ہیں پانی کو۔(ترجمو)

ان دم پريان ائين ٻڌڻ ۾ آيو ته جاڻ ڪوچوي ٿو ته:

جہنم میں وہ پانی ہے اگر کوئی پیئے اس کو
تو اک دم میں گلا ڈالے وہ معمارِ نہانے کو (ترجمو)

اهو آواز منهنجي لاءِ توبهه ڪرڻ ۽ علم عبادت ۾ مشغول هجڻ جو سبب ٿيو. هاڻي ڏسو ته راڳ ان جي دل جي صفائيءَ ۾ ڪهڙو اثر ڪيو. جو حقي ڳالهه جي حقيقت جهنم جي وصف ۾ صورت ڏاري ۽ موزون لفظ ٻڌجي، ان جي گوش هوش ۾ داخل ٿيا. مسلم عباداني چون ٿا ته مون وٽ هڪڙي ڀيري عتبه غلام، صالح مري، عبدالواحد بن زيد ۽ مسلم اسواري تشريف فرما ٿيا. جنهن ڪان پوءِ درياهه پر تي وڃي آسڻ ڪيو سون، مان هڪ رات انهن جي لاءِ ماني تيار ڪرائي ۽ دعوت ڪئي، جڏهن طعام آيو ته ان دم غيب مان هڪ آواز آيو.

یاد تم کو نہیں کہانیوں کے مزے میں عقبیٰ
کچھ کام آئے گی یہ لذتِ نفس آخر کار۔(ترجمو)

اهو ٻڌندي ئي عتبه غلام هڪ دانهن ڪئي ۽ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ سندس ٻيا دوست به روئڻ لڳا. طعام جيئن جو تيئن پيو رهيو. ڪنهن هڪ گرهه به نه کاڌو.

جهڙيءَ طرح قلب جي صفائيءَ وقت هاتف جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، اهڙيءَ طرح اکين سان صورت حضرت خضر عليه السلام جي به سوجهڻ ۾ ايندي آهي، ڇاڪاڻ ته هو اهل دل وارن اڳيان مختلف صورتن ۾ شڪل ڌاريندو آهي. يا پڻ اهڙين حالتن ۾ فرشتا انبياء عليهم السلام جن جي اڳيان صورت ڌاريندا آهن. پنهنجي حقيقي صورت ۾ يا اهڙي شڪل ۾ جو ڪجهه قدر ان جي اصلي صورت سان مشابهت رکندي آهي.

آنحضرت ﷺ جن جبرئيل عليه السلام کي ٻه ڀيرا سندن اصلي صورت ۾ ڏٺو ۽ ارشاد فرمايو ته اِنهيءَ افق آسماني کي روڪي ڇڏيو. هيئين آيت شريف مان

به اهائي مراد آهي: عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى○ذُوْ مِرَّةٍ فَاسْتَوٰى○وَهُوَ بِالْأُفُقِ الْأَعْلٰى○[1] (ان کي سيکاريو سخت قوتن واري زور آور، پوءِ سڌو ويٺو ۽ اُهو هيو اوچي ڪناري آسمان جو) ۽ اهڙي حالت ۾ آدميءَ کي دلين جو حال معلوم ٿي ويندو آهي. جنهن کي تفرس (ڏسڻ شرط سڃاڻي وٺڻ) چوندا آهن. انهيءَ سبب ڪري آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ اللهِ (ڊڄ مومن جي دانائيءَ ۽ عقلمنديءَ کان جو، اُهو ڏسي ٿو الله تعاليٰ جي نور سان).

چوندا آهن ته ڪو ئي يهودي مسلمان وٽ ويندو هو ۽ سدائين هن حديث جي معنيٰ پڇندو هو، ماڻهو جيڪا معنيٰ بيان ڪندا هئا، ان مان ڪيس تسلي نه ٿيندي هئي. هڪڙي ڀيري اُهو يهودي ڪنهن صوفي صاحب باطن واري وٽ ويو، جنهن کان هن اُهو ئي سوال ڪيو. جنهن فرمايس ته جو زنار تنهنجي ڪپڙن جي اندر چيلهه سان ٻڌل آهي، ان کي تون ڇني ڇڏ. يهوديءَ چيو ته توهان سچ ٿا چئو. انهيءَ حديث شريف جي تحقيق اِها معنيٰ آهي، ۽ مسلمان ٿيو. جنهن کان پوءِ چيائين ته هاڻي مون ڄاتو ته توهان ايماندار آهيو ۽ توهان جو ايمان سچو آهي.

اهڙيءَ طرح ابراهيم خواص فرمائين ٿا ته مان جامع مسجد بغداد ۾ ڪيترن ئي درويشن سان گڏ ويٺو هوس، ته ايتري ۾ هڪ جوان ظريف خوبصورت آيو. مون پنهنجي يارن کي چيو ته مون کي معلوم ٿو ٿئي ته هي شخص يهودي آهي. منهنجي سيني دوستن کي اِها ڳالهه نه وڻي. آخر مان اٿي ٻاهر ويس ۽ اهو شخص به هليو ويو، وري موٽي اچي، منهنجي دوستن کان پڇڻ لڳو ته شيخ منهنجي باري ۾ ڇا ٿي فرمايو. اِنهن سچي ڳالهه ٻڌائڻ کان نٽايو ٿي، مگر ان زور ڀريو ته سچي ڳالهه ڪريو. تڏهن انهن چيو ته شيخ تنهنجي لاءِ پئي چيو ته يهودي آهي. پوءِ اهو يهودي مون وٽ آيو ۽ منهنجا هٿ وٺي، نوڙي منهنجي مٿي تي چمي ڏنائين ۽ مسلمان ٿيو. چوڻ لڳو ته مان پنهنجن ڪتابن ۾ هي مضمون ڏٺو آهي ته صديق يعني سچي جي دانائي خطا نه ٿيندي آهي. تڏهن مون چيو ته اڄ مسلمانن جو امتحان وٺجي ۽ جيڪڏهن مسلمانن ۾ صديق هوندا ته درويشن جي فرقي مان هوندا. ڇاڪاڻ جو اِهي خدا تعاليٰ جلشانهٗ جو ذڪر ڪندا آهن. انهيءَ سبب ڪري مان توهان جي مجلس ۾ صورت

(1) سورة النجم: آيت 5 کان 7، سيپارو 27

بدلائي آيس ۽ جڏهن شيخ منهنجو احوال دريافت ڪيو، تڏهن مان ڄاتو تہ اِهو ئي صديق آهي. معلوم هجي تہ اُهو يهودي شخص بعد ۾ وڏو درويش، صوفي صاحب، واصل بالله ٿيو. هڪ حديث نبوي ﷺ آهي:

لَوْلَا اِنَّ الشَّيَاطِيْنَ يَحُوْمُوْنَ عَلٰى قُلُوْبِ بَنِيْ آدَمَ لَنَظَرُوْا اِلٰى مَلَكُوْتِ السَّمَاءِ[1]

(شيطان بہ جيڪڏهن بني آدم جي دلين جي چوڌاري نہ گهمي تہ بني آدم آسمان جي ملڪوت جو نظارو ڪري) شيطانن جو دورو بہ انهي وقت ٿيندو آهي، جڏهن انسان صفات بد سان ڀريل هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ شيطانن جو اِهو ئي تماشي گاهہ آهي. جو شخص انهيءَ صفات کان پنهنجي دل کي صاف ڪندو تہ شيطان ان جي دل جي چوڌاري نہ ڦرندو. جيئن جو الله تعالي جلشانہٗ فرمائي ٿو: إِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ[2] (مگر جي تنهنجا چونڊيل بندا آهن) ۽ فرمايو آهي تہ: إِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ[3] (جي منهنجا بندا آهن، تنهنجو انهن تي ڪجهہ زور نہ آهي) معلوم هجي تہ راڳ دل جي صفائيءَ جو سبب آهي ۽ صفائيءَ جي سبب ڪان حق جي جاري چوڻ ۾ ايندو آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ حق ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ سمايل نہ آهي. هن ڳالهہ تي هي قصو نقل ڪجي ٿو، تہ حضرت ذوالنون مصري رحمة الله عليه بغداد ۾ جڏهن آيا تہ انهن وٽ ڪجهہ صوفي ملڻ آيا، جن سان هڪ قوال بہ ساڻ هيو، جنهن لاءِ ڪانئن اجازت گهريائون تہ هي قوال ڪجهہ ڳائي؟ پاڻ اجازت ڏنائون، جنهن تي اُن قوال هن مضمون جو شعر چيو:

تیری چھوٹی سی الفت نے ستایا
بڑی ہوگی تو وہ ہوگی کس غضب کی
اکٹھی کردی تو نے دل میں میرے
محبت جو کہ باہم مشترک تھی
نہ آیا ترس تجھ کو اس حزیں پر
ہنسی ہے غم تو وہ کرتا ہے زاری۔ (ترجمو)

(1) تفسير الفخر الرازي الشافعي: باب سورة الفاتحة- ج1 ص 52 (2) سورة الحجر: آيت 40 سيپارو 14
(3) سورة الحجر: آيت 42 سيپارو 14

حضرت ذوالنون مصري ﷺ اهو ڪلام ٻڌندي ئي اٿي ڪڙا ٿيا ۽ منهن ڀر ڪري پيا، پوءِ هڪ ٻيو شخص مجلس مان اُٿيو جنهن تي پاڻ فرمايائون: اَلَّذِیۡ یَرٰىکَ حِیۡنَ تَقُوۡمُ[1] (جو ڏسي ٿو توکي، جڏهن تون اٿين ٿو) پوءِ اهو شخص ويهي رهيو جيئن جو ڪين ان جي دل جو حال معلوم ٿيو، تہ هي تڪليف سان وجد ڪري ٿو تنهنڪري ان کي منع ڪيائون تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي محبت ڪانسواءِ اٿندين تہ اُهو ئي تنهنجو مدعي ٿيندو، جو اٿڻ وقت توکي ڏسي ٿو. جيڪڏهن اُهو فرد سچو هجي ها تہ هرگز نہ ويهي ها. مطلب ڳالهہ جو تہ وجد يا مڪاشفي جو بيان، جو واجبي ۽ حقي هو، سو لکيوسون، هاڻي معلوم هجي تہ انهي حالت مان هر هڪ حالت جا ٻہ قسم آهن. هڪ اُها حالت آهي، جنهن جو فرحت ۾ اچڻ کان پوءِ بيان ڪري سگهجي، ٻي اُها آهي جنهن جو بيان ڪري نہ سگهجي.

شايد اوهان هي امر بعيد ڄاڻو تہ اهڙيءَ حالت ۾ علم ڪيئن هوندو. جنهن جو بيان ئي نہ ڪري سگهجي. تنهن جو جواب هيءَ آهي تہ اِها حقيقت اوهان کي پنهنجي حالات مان بہ ملي سگهندي. علم جو مثال هي آهي ۽ اڪثر ائين هوندو آهي تہ ڪنهن قاضيءَ وٽ ٻہ مسئلا هڪ ئي نوعيت جا پيش ٿيندا آهن ۽ اهو پنهنجي ذهن ۾ انهن ٻنهي جو فرق حڪم ۾ ڄاڻي ٿو. مگر جيڪڏهن ان کان ڪوئي فرق پڇندو تہ زبان چيو نہ ڪندي اٿس، جو فرق بيان ڪري سگهي. پوءِ توڙي ڪيترو بہ فصيح هجي، پر فرق معلوم ڪرڻ جو بہ هڪ علم آهي، جو ذوق سان دريافت صرف دل ڪندي آهي. ان ۾ بہ شڪ ڪري نٿو سگهجي تہ دل ۾ اهڙي فرق پوڻ جو ڪوئي سبب آهي. خدا تعاليٰ جلشانہٗ جي نزديڪ ان جي ڪا ئي حقيقت ضرور آهي، مگر ٻڌائي نٿو سگهجي، نہ انهيءَ ڪري تہ ان جي زبان ۾ ڪجهہ قصور آهي. بلڪ انهيءَ سبب ڪان تہ خود اِها معنيٰ دقيق آهي، جا لفظن ۾ اچي نہ ٿي سگهي. جي ماڻهو هميشہ ذڪيا ۽ مشڪلات جهڙا بحث ڪندا آهن، انهن کي هيءَ ڳالهہ معلوم آهي تہ ائين برابر ٿيندو آهي.

حال جو مثال هي آهي تہ اڪثر ماڻهن کي ڪنهن خاص وقت تي دل جي گرفتاري يا آزادي هوندي ئي معلوم ٿي ويندو آهي. مگر ان جو سبب نہ ڄاڻندا آهن ۽

(1) سورة الشعراء: آيت 218 سيپارو 19

بعضي وقتن آدمي ڪنهن چيز جو فڪر ڪندو آهي ۽ ان ڪان سندس دل تي اثر ٿيندو آهي. پوءِ انهيءَ سبب ڪان ڀلجي ويندو آهي ۽ فقط اثر دل ۾ محسوس ڪندو آهي.

ڪڏهن تہ هيءَ خوش حالت ٿيندي آهي، جو ڪنهن اهڙي سبب جي سوچڻ ڪان (جو باعث خوشيءَ جو هجي) دل کي قرار اچي ويندو آهي. يا ڏک جي حالت ۾ ڪنهن غم جي ڳالهہ ڪرڻ سان پيدا ٿيندي آهي ۽ جنهن ڳالهہ جو ذڪر ٿيو ٿي اُها يادگيريءَ ڪان لهي ويندي آهي. مگر ان ڪانپوءِ بہ ان جو اثر باقي رهندو آهي. هيءَ حالت ڪڏهن تہ اهڙي عجيب ۽ غريب ٿيندي آهي، جو ان کي نہ کي خوشي نہ کي ڏک چئي سگهبو آهي ۽ نہ وري ڪوئي بيو اهڙو لفظ ملندو آهي، جو ان جي پوري معنيٰ بتائي ۽ نيت ظاهر ڪري. بلڪ ذوق وزن واري شعر جو وزن واري ۽ بي وزن ۾ تميز ڪري تہ اهڙو آهي. جو ڪنهن ۾ هوندو آهي تہ ڪنهن ۾ نہ هوندو آهي ۽ هيءَ بہ هڪ حالت آهي جا ذوق وارا معلوم ڪندا آهن تہ هي وزن واري آهي ۽ هيءَ بي وزن آهي.

مگر جنهن کي ذوق نہ آهي، ان جي اڳيان اهڙيءَ طرح بيان ڪري نہ سگهبو، جنهن ڪان مراد روشن ٿي پوي. نفس ۾ جيڪي عجيب و غريب احوال آهن، انهن سيني جي بہ اِهائي حقيقت آهي، بلڪ خاص حالتون، خوف ۽ خوشيءَ جون تہ راڳ ڪان ٿينديون آهن. اهي جيڪر سمجهہ ۾ اچن، پر تارن جا باجا ۽ تمام ساز جي سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن، انهن ڪان بہ نفس ۾ عجب تاثير ٿئي ٿو ۽ ان عجيب اثر جو بيان لفظن ۾ ڪرڻ ممڪن نہ آهي. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن اِن کي شوق سان تعبير ڪندا آهن. پر جيڪڏهن تحفہ- شوق آهي تہ ان جو حال مشتاق کي بہ معلوم نہ آهي.

مثلاً جنهن جي دل تارن جي باجي، شاهين ۽ اهڙين چيزن جي ٻڌڻ سان بيقرار ٿيندي آهي، پر هُو اِهو نہ ڄاڻندو آهي تہ آخر ڪار دل کهڙي چيز جي مشتاق آهي يا جنهن لاءِ بيقرار آهي. دل ۾ وري اهڙي حالت پائي ٿو، ڄڻ ڪنهن ڳالهہ جي گهر ڪندڙ آهي. مگر هي معلوم نہ اٿس تہ اُها ڇا آهي؟ جيتوڻيڪ هيءَ حقيقت انهن عام ماڻهن جي بہ آهي، جن جي دل تي نہ آدميءَ جي محبت غالب ٿيندي آهي، نہ کي الله تعاليٰ جلشانہٗ جي محبت غالب ٿيندي آهي.

هن ڳالهہ ۾ هڪ ڀيد آهي، اُهو هي آهي تہ سڀ ڪنهن قسم جي شوق جا بہ

پهلو آهن هڪ صفت مشتاق جي يعني مشتاق ڪي رنگ- مناسبت واري طرف اشتياق هجي، ٻيو مشتاق اليہ جي صورت جو سڃاڻڻ ۽ ان جي طرف پهچڻ جي صورت معلوم هجي. پوءِ جيڪڏهن آدميءَ ۾ شوق جا ٻئي رڪن پاتا وڃن، تڏهن ظاهر آهي تہ شوق ۾ بيقرار هجڻ بعيد نہ آهي. جيڪڏهن صرف اِها صفت هجي، جنهن سان شوق آهي، مگر مشتاق اليہ جو علم نہ آهي، تہ پوءِ جنهن وقت اُها صفت (شوق بخشڻ واري) چرپر ڪندي ۽ ان جي باھ پڙڪو ڏئي اٿندي تہ دهشت ۽ حيرت جي مثال ٿيندي.

مثلاً، ڪو ماڻهو اهڙيءَ طرح پلجي ۽ نپجي، جو عورتن جي صورت نہ ڏسي ۽ نہ جماع جي صورت کان واقف هجي، پوءِ جڏهن اُهو بالغ ٿيندو تہ ان تي شهوت جي باھ اثر ڪندي، تڏهن پنهنجي نفس ۾ شهوت جي باھ محسوس ڪندو. مگر اِهو نہ ڄاڻندو تہ هي اشتياق جماع جو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو ان ڳالھ کان واقف نہ آهي ۽ نڪي عورت جي صورت ڏٺي اٿس.

اهڙيءَ طرح آدميءَ ۾ صفت شوق ڏيارڻ واري موجود آهي. يعني ان جي ملاء اعليٰ سان مناسبت آهي ۽ جن لذتن جو وعدو ان سان سدرة المنتهيٰ ۽ بهشت برين ۾ ٿيل آهي، اُهو ان جو مشتاق اليہ آهي، مگر ان جي خيالن ۾ انهن ڳالهين جو علم سواءِ صفات ۽ نالن جي ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. جهڙيءَ طرح ڪوئي لفظ جماع ۽ عورتن بابت ٻڌي يا ڪڏهن ڪنهن عورت يا مرد جي صورت نہ ڏٺي هجي ۽ نہ ڪا پنهنجي صورت آئيني ۾ ڏٺي هجي، جو ان تي قياس ڪري ڄاڻي سگهي.

هاڻي جيڪڏهن راڳ ٻڌڻ سان ڪنهن جو شوق چرپر ڪري ٿو مگر جيئن جو جِهل جي زيادتي ۽ دنيا ۾ مشغول هجڻ سبب اهو پنهنجي نفس ۽ پروردگار کان پلجي ويو آهي ۽ پنهنجو اهو ٺڪاڻو بہ ياد نہ اٿس، جنهن جي طرف ان جو شوق آهي. انهيءَ لاءِ هن جي دل ۾ اهڙي ڳالھ جي بہ طلب ٿيندي آهي، جا ڄاڻي نہ سگهندو آهي تہ اِها ڇا آهي، تنهنڪري پوءِ مدهوش، حيران ۽ بيقرار ٿيندو آهي، جنهنڪري اُهو گهٽن گهُٽي ماڻهوءَ وانگر ٿي ويندو آهي. جنهن کي ان درد جي نجات جي حقيقت معلوم نہ هجي، مطلب تہ اهڙيءَ طرح جي حالتن جي حقيقت پوريءَ طرح معلوم ٿي نہ سگهندي آهي، نڪي حال وارو ٽي ان بابت تقرير بيان ڪري سگهندو آهي.

انهيءَ تقرير مان معلوم ٿيندو تہ وجد ٻن قسمن جو آهي. هڪڙو اُهو جنهن

جو بيان لفظن ۾ ٿي سگهي، ٻيو اُهو جو بيان ٿي نہ سگهي. ان مان معلوم ڪرڻ گهرجي تہ وجد جا ٻہ قسم آهن. هڪڙو اُهو جو خود بخود دل تي انبوهہ ڪري. ٻيو اُهو جو تڪليف سان وجد ڪيو وڃي. ان ٻيءَ طرح جي صورت ڪي حال وٺڻ چوندا آهن. جيڪڏهن حال وٺڻ ۾ نيت، دل جي مراد جي برخلاف (ريا) هجي، يا پاڻ ۾ شريف احوال ظاهر ڪرڻ بابت هجي. توڙي اڳ ۾ ان ڪان مفلس آهي، تڏهن بہ خراب آهي، پر جيڪڏهن احوال شريف پنهنجي اندر اصل ڪرڻ ۽ ان جي ڪسب ڪرڻ جي تدبير سان ڇڪي وٺڻ گهري ٿو تہ چڱو آهي. انهيءَ نظر سان تہ آخر ڪسب ڪي احوال شريف جي ڇڪي وٺڻ ۾ دخل آهي.

آنحضرت ﷺ جن پڻ فرمايو آهي تہ قرآن شريف جي تلاوت ۾ جنهن ڪي روئڻ نہ اچي تہ هو روئڻ جهڙي صورت ڪري ۽ تڪليف وٺي ڏک ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، ڇو جو هي احوال شروع ۾ ڪيترو بہ تڪليف سان ڪيو وڃي ٿو، مگر پڇاڙيءَ ۾ حڪم، ثابت ۽ محقق ٿيندو آهي، جنهن جو انڪار ٿي نٿو سگهي. ڇو تہ جو شخص قرآن مجيد گهڻي تڪليف سان ياد ڪندو آهي، يا تڪليف سان ڏاڍو سوچي سوچي ڏيان ڏئي پڙهندو آهي. مگر ياد ٿيڻ ڪان پوءِ زبان تي اهڙو چڙهي ويندو آهي. ايتري قدر جو نماز وغيره يا غفلت جي حالت ۾ پڻ صحيح سورت پڙهي ويندي آهي ۽ ختم ڪرڻ بعد جڏهن هوشيار ٿيندو آهي، تڏهن وڃي خبر پوندي اٿس تہ غفلت جي حالت ۾ پڙهيم. اهڙيءَ طرح ڪاتب بہ اول ۾ لکڻ جي ڏاڍي محنت ڪندو آهي. پوءِ جڏهن مشق پڇي ويندي اٿس تہ لکڻ ۾ تڪڙو ۽ خوش خط ٿي ويندو آهي. ايتري قدر جو ورقن جا ورق لکندو ۽ نقل ڪندو ويندو آهي، توڙي جو دل ڪنهن ٻئي فڪر ۾ پئجي ويندي اٿس.

مطلب تہ جنهن صفت کي نفس ۽ عضوا قبول ڪن، ان ڪم اختيار ڪرڻ يا پيدا ڪرڻ جي صورت ۾ هن طرح ٿيندو آهي، جو تڪليف ۽ بناوت ڪرڻي پوندي آهي. پڇاڙي، ۾ ڪثرت سبب وحدت ٿي ويندي آهي. انهيءَ قول مان اهو ئي مطلب آهي تہ هيءَ عادت پنجين آهي. هتي طبع ڪان مراد عناصرن جي آهي.

هاڻي جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اندر احوال شريف گم ٿيل هجي تہ ان کي نااميد ٿيڻ نہ گهرجي، بلڪ ان کي تڪليف وٺي راڳ سان يا ڪنهن ٻئي حيلي سان

حاصل ڪرڻ گهرجي. اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي، ته جنهن شخص ڪنهن ٻئي شخص تي عاشق ٿيڻ گهريو آهي ۽ پهريائين ان تي عاشق نه هو پوءِ هن اِهو حيلو ڪيو. جو پنهنجي اکيان سدائين ان جو ذڪر ٻڌڻ ۽ جي ڳالهيون ان ۾ عمديون يا سهڻا لڇڻ هيا، انهن جي تقرير ڪرڻ ۽ هميشہ اِن جي طرف ڏسڻ شروع ڪيو. آخر ته ان تي عاشق ٿي پيو. تنهنڪري هن جي دل ۾ عشق اهڙو ته ڄمي ويو. جو حد اختيار کان ٻاهر نڪري ويو. جنهن ڪانپوءِ هن جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر ڇڏائي نه سگهيو. اهڙيءَ طرح الله تعالیٰ جلشانہٗ جي محبت ۽ ان جي ديدار جو شوق يا ان جي رنج ٿيڻ جو خوف ۽ ٻيو احوال شريف جيڪڏهن آدميءَ ۾ نه هجي ته ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس حيلو ڪرڻ گهرجي يا جيڪي ماڻهو انهن حالتن سان موصوف آهن. انهن وٽ ويهي ۽ انهن جو احوال ڏسي، انهن جي صفات جو دل ۾ چڱو خيال رکي ۽ راڳ ٻڌڻ ۾ انهن جو شريڪ ٿئي، خدا تعالیٰ جي بارگاهہ ۾ دعا ۽ زاري ڪري ته اهڙي حالت مون کي بہ عنايت ڪر، ان جو سامان منهنجي واسطي موجود فرماءِ هن باري ۾ دل کي يقين بخشيندڙ مرشدنا، مولٰينا حضرت فقير بيدل صاحب ﷺ جو سڀورو سخن نقل ڪجي ٿو.

- سدا رکن سبحان جو، نظارو نيهي،
  ونئون تن ويهي، سور پرائي آءُ تون!
- سدا رکن سبحان جي، واڍوڙا واڪاڻ،
  من احبّ شيءِ اڪثر ذڪره. عشق اِهو اهڃاڻ،
  رندي رمز رهاڻ، سٽي سوز پراءِ تون!
- سدا رکن سبحان جو، ذڪر منجهارون ذوق،
- 'من اراد ان يّجلس مع الله فليجلس مع اهل تصوف'.
  پڇج انهن جو جهوڪ
  لڪي منجهان لوڪ، ڪا لَنءُ لائيج اُن سين!
  سدا رکن سبحان جي منجهان پرت پچار،
- ما ينطق عن الهويٰ، عارف ان آچار،
  تنين جي تنوار، جڏا روح جياريا!

- سدا رکن سبحان جي، وسوڙيل وائي،
تنين کؤن جائي، راحت رسي روح کي،
- راحت رسي روح کي، ان جي پسي جوءِ،
ُتعرف في وجوههم نضرة النعيم، سندن روشن روءِ
خاصن جي خوشبوءِ، مون من مستانو ڪيو.

ياد رکڻ گهرجي تہ جو شخص هئي وٽ ويهندو آهي تہ ان جي صفات هن جي اندر ائين گهڙي ويندي آهي، جيئن کند پاڻيءَ ۾. جنهن جي هن کي خبر بہ نہ رهندي آهي. جهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ عام پهاڪو آهي، ’ڪارو هڏ ڪبري سان رنگ نہ مٽي تہ عادت ضرور مٽي‘، اهڙيءَ طرح سچن درويشن جي صحبت ۾ جو ڪجهہ راز رهندو، تنهنجو بيان ويچاري زبان کي ڪرڻ جي طاقت نہ آهي. جهڙيءَ طرح هڪ درويش جو سخن آهي.

پارس اور سنت میں بڑا ہی انترہ جان
یہ لوہے کو سونا کرے، وہ کرے آپ سمان

محبت وغيره جي احوال حاصل هجڻ تي پڻ آنحضرت ﷺ جن جو هيءَ ارشاد واضح دليل آهي، جو پاڻ دعا ۾ فرمايائون: اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ حُبَّكَ وَحُبَّ مَنْ يُّحِبُّكَ وَحُبَّ مَنْ يُّقَرِّبُنِيْ اِلٰى حُبِّكَ (الله مون کي بخش ڪر پنهنجي محبت ۽ ان شخص جي محبت، جو تو سان محبت رکي ۽ ان شخص جي محبت، جو تنهنجي محبت سبب قريب ڪري) هاڻي ڏسو تہ انهيءَ دعا ۾ پاڻ محبت جو مطلب فرمايائون، جيڪڏهن هيءَ امر سرشت هجي ها تہ ان جي درخواست ڪيئن ڪن ها.

هن بيان مان معلوم ٿيو تہ وجد جا ٻہ قسم آهن: پهريون مڪاشفي جي حالت ۾. جنهن جا وري ٻہ قسم آهن: هڪ اُهو، جنهن جو اظهار ڪرڻ ممڪن هجي، ٻيو اُهو جنهن جو اظهار ڪرڻ ممڪن نہ هجي. اهڙيءَ طرح وجد جا ٻيا بہ ٻہ قسم آهن: هڪ اهو جو تڪليف سان هجي. ٻيو اُهو جو طبعي هجي.

هاڻي جيڪڏهن هيئن چئو تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي، جو صوفين کي قرآن شريف ٻڌڻ سان وجد نٿو ٿئي ۽ راڳ تي وجد ظاهر ٿيندو آهي، جو فقط شاعرن جو

ڪلام آهي. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ راڳ شايد قرآن مجيد کان وڌيڪ آهي (نعوذبالله) ان جو جواب هي آهي تہ جيڪو وجد سچو ٿيندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي زيادتي محبت سچي ارادي ۽ ان جي شوق ديدار سان پيدا ٿيندو آهي، تہ اهڙيءَ طرح جو وجد قرآن شريف جي ٻڌڻ سان بہ جوش ڪندو آهي، پر جو وجد خلق جي محبت ۽ مخلوق جي عشق کان ٿيندو آهي، اُهو البتہ قرآن شريف جي ٻڌڻ سان بہ جوش ۾ نہ ايندو آهي.

قرآن شريف ٻڌڻ کان وجد ٿيڻ تي خود قرآن شريف گواهہ آهي، جو الله تعاليٰ جلشانهٗ فرمايو آهي تہ: أَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ[1] (الله تعاليٰ جي ياد ڪرڻ سان ئي دل آرام پائي ٿي) مزيد فرمايو آهي: تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُودُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُودُهُمْ وَقُلُوبُهُمْ إِلَىٰ ذِكْرِ اللّٰهِ[2] (ڪتاب پڙهندي وار ڪڙا ٿي ويندا آهن. ان ڪان انهن ماڻهن جا، جي ڊڄندا آهن پنهنجي رب کان، پوءِ نرم ٿينديون آهن انهن جون کلون ۽ دليون الله تعاليٰ جي ياد تي) معلوم ٿيندو تہ تسلي ۽ بدن تي رونءَ ڪڙي ٿيڻ، خوف ۽ دل جي نرمي جو انهن آيتن ۾ جن جو ذڪر آهي، وجد ئي آهي. انهيءَ سبب ڪري وجد اهو هوندو آهي جو ٻڌڻ کان پوءِ هڪ حالت نفس ۾ پاتي وڃي، جنهن لاءِ ٻئي هنڌ ارشاد آهي: إِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ إِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ[3] (ايمان وارا اُهي آهن، جڏهن نالو الله جو اچي تہ دل انهن جي ڊڄي وڃي) پڻ فرمايو آهي: لَوْ أَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْآنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَأَيْتَهُ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ[4] (جيڪڏهن مان نازل ڪريان هي قرآن ڪنهن جبل تي، تہ تون ڏسين تہ اِهو پيهي وڃي ۽ ڦاٽي وڃي الله جي خوف کان) انهن آيتن ۾ پڻ عاجزي ۽ خوف، وجد آهي. هن قصي مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهل دل وارن کي قرآن ٻڌڻ وقت وجد ٿيو آهي، جن جا مثال تمام گهڻا آهن. جيئن جو آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي: شَيَّبَتْنِيْ هُوْدُ وَ اَخَوَاتُهَا[5] (مون کي سوره هود ۽ ان جي پينرن (ان جهڙين ٻين سورتن) ٻڍو ڪري ڇڏيو) هيءَ خبر بہ وجد جي آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻڍاپڻ ڏک ۽ خوف کان حاصل ٿيندو آهي. ڏک ۽ خوف وجد ۾ داخل آهي.

(1) سورة الرعد: آيت 28 سيپارو 13
(2) سورة الزمر: آيت 23 سيپارو 23
(3) سورة الانفال: آيت 2 سيپارو 9
(4) سورة الحشر: آيت 21 سيپارو 28
(5) طبراني: المعجم الڪبير- ج22 ص123

روايت آهي تہ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه ، آنحضرت ﷺ جن جي اڳيان سورة النساءِ پڙهي ٿي، جڏهن هن آيت تي آيا: فَكَيْفَ إِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ أُمَّةٍ بِشَهِيدٍ وَجِئْنَا بِكَ عَلَىٰ هَٰؤُلَاءِ شَهِيدًا[1] (پوءِ ڪهڙو حال ٿيندو جڏهن مان سڏائيندس هر هڪ ٽولي مان احوال چوڻ وارا ۽ سڏائيندس توهان کي. انهن ماڻهن تي احوال ٻڌائڻ وارو) پاڻ هي ٻڌندي ئي فرمايائون تہ بس ڪريو! ۽ سندن ٻنهي اکين مبارڪ مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

هڪ روايت ۾ ذڪر آهي تہ آنحضرت ﷺ جن خود پڙهيو يا ڪنهن اصحاب سندن روبرو هيءَ آيت شريف پڙهي: إِنَّ لَدَيْنَا أَنكَالًا وَجَحِيمًا ○ وَطَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَعَذَابًا أَلِيمًا ○[2] (البت مون وٽ هٽ ڪڙيون آهن ۽ باهہ جو ڍير ۽ ڪاڏو گلي ۾ اٽڪندڙ ۽ ڏکوئيندڙ مار) هي آيت شريف ٻڌندي ئي بيهوش ٿي ويا.

هڪ روايت ۾ ذڪر آهي تہ آنحضرت ﷺ جن هيءَ آيت شريف پڙهي رنا: إِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ عِبَادُكَ[3] (جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڪرين تہ اُهي تنهنجا ٻندا آهن، جيڪڏهن انهن کي معاف ڪرين تہ تون ئي زبردست حڪمن وارو آهين).

سندن هيءَ بہ دستور هوندو هو تہ جيڪڏهن آيت شريف رحمت جي باري ۾ هوندي هئي تہ دعا گهرندا هئا ۽ بشارت جي درخواست ڪندا هئا. معلوم هجي تہ بشارت جي التجا وجد آهي.

جيڪي شخص قرآن شريف ٻڌڻ سان وجد ۾ ايندا آهن، انهن جي خدا تعاليٰ جلشانہ تعريف ڪئي آهي. جيئن جو فرمايو ويو آهي: وَإِذَا سَمِعُوا مَا أُنزِلَ إِلَى الرَّسُولِ تَرَىٰ أَعْيُنَهُمْ تَفِيضُ مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوا مِنَ الْحَقِّ[4] (جڏهن ٻڌن جو نازل ٿيو رسول تي، تہ ڏسندين تہ انهن جون اکيون ڇلن ٿيون ڳوڙهن ۾ جيڪي سڃاڻن تا سچي ڳالهہ).

روايت آهي تہ آنحضرت ﷺ جن کي نماز پڙهڻ وقت سيني مبارڪ ۾ اهڙو جوش هوندو هو، جهڙو ٽهڪندڙ ديگ جي ڦڪڪڻ جي آواز ۾ هوندو آهي. تابعين ۽ اصحابن بہ قرآن شريف تي وجد ڪيو آهي، جن بابت گهڻائي نقل آهن. اُنهن مان ڪي رنا، ڪي بيهوش ٿيا ۽ بعضي غشيءَ جي حالت ۾ مري بہ ويا.

(1) سورة النساء: آيت 41 سيپارو 5

(2) سورة المزمل: آيت 12-13 سيپارو 29

(3) سورة المائده: آيت 118 سيپارو 7

(4) سورة المائده: آيت 83 سيپارو 7

جيئن جو چوندا آهن تہ زراه بن ابي اوفي، رقہ ۾ ماڻهن کي نماز پڙهائيندا هئا. ڪنهن رڪعت ۾ هيءَ آيت شريف پڙهيائون: فَإِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُورِ○ فَذَٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَوْمٌ عَسِيرٌ○[1] (انهي وقت جو ڦوڪيو ويندو منجهہ صور جي، پوءِ اهو ڏهاڙو ڏينهن سخت آهي) اهو پڙهندي ئي بيهوش ٿي ڪري پيا ۽ محراب ۾ ئي جان بحق ٿي ويا. هي بزرگ تابعين مان هو ۽ حضرت عمر رضہ هڪ شخص ڪان هيءَ آيت شريف پڙهندي ٻڌي: إِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ○ مَّا لَهُ مِن دَافِعٍ○[2] (تحقيق عذاب تنهنجي رب جو ٿيندو، جنهن کي ڪوئي هٽائڻ وارو نہ آهي) هي ٻڌندي ئي دانهن ڪري بيهوش ٿي ڪري پيا. پوءِ ماڻهو حضرت عمر رضہ کي ڪڻائي جاءِ تي آيا، جنهنڪري برابر هڪ مهيني تائين بيمار رهيا.

ابو جرير تابعين جي اڳيان قرآن شريف مان ڪجهہ پڙهيو، پوءِ دانهن ڪيائين ۽ مري ويو. امام شافعي رحمة الله عليه جن ڪنهن قاريءِ (حافظ قرآن) ڪان هيءَ آيت شريف ٻڌي: هَٰذَا يَوْمُ لَا يَنطِقُونَ○ وَلَا يُؤْذَنُ لَهُمْ فَيَعْتَذِرُونَ○[3] (هي اُهو ڏينهن آهي جو نہ ڳالهائيندا ۽ نہ انهن کي حڪم آهي تہ عذر ڪن) هي ٻڌندئي غش ٿي ويا. علي بن فصيل رحمة الله عليه ڪنهن قاريء ڪان پڙهندي ٻڌو: يَوْمَ يَقُومُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعَالَمِينَ○[4] (جنهن ڏينهن بيٺا هوندا ماڻهو، رستو ڏسندڙ جهان جي صاحب جو) هي ٻڌندي ئي غش ۾ اچي ڪري پيا. اهڙيءَ طرح گهڻن ئي شخصن جون اهڙيون ڳالهيون ۽ نقل آهن ۽ پڻ ساڳي حال حقيقت صوفين جي پڻ آهي، جيئن چوندا آهن تہ شبلي رحمة الله عليه رمضان شريف جي مهيني ۾ هڪ رات جو پنهنجي مسجد ۾ امام جي پويان نماز ٿي پڙهي، جنهن هيءَ آيت شريف: وَلَئِن شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِي أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ[5] (جيڪڏهن مان گهران، جا چيز اوهان کي وحي موڪلي) حضرت شبلي رحمة الله عليه هڪ اهڙي دانهن ڪئي، جنهن مان ماڻهن کي گمان ٿيو تہ سندس روح جو پکي عنصري پڃري مان پرواز ڪري ويو. جنهن ڪان پوءِ سندن رنگ زرد ٿي ويو ۽ ڪلها ٿڙ ٿڙ ڪرڻ لڳا.

حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه ، حضرت سري سقطي رحمة الله عليه جن وٽ ويا ۽ چون

(1) سورة المدثر: آيت 8-9 سيپارو 29
(2) سورة الطور: آيت 7-8 سيپارو 27
(3) سورة المرسلات: آيت 35سيپارو 29
(4) سورة المطففين: آيت 6 سيپارو 30
(5) سورة الاسراء: آيت 86 سيپارو 15

ٿا تہ مان اُتي هڪ شخص غشيءَ ۾ پيل ڏٺو، حضرت سري سقطي ﷫ فرمايو تہ هي شخص قرآن شريف جي آيت ٻڌي غشيءَ ۾ پئجي ويو آهي. مون چيو تہ اِها آيت هن کي وري پڙهي ٻڌايو. جڏهن ساڳي آيت شريف وري پڙهي وئي تہ ان کي فرحت اچي ويئي. حضرت سري سقطي ﷫ جن پڇيو تہ هي مضمون توهان ڪٿي ڏٺو آهي؟ مون چيو تہ هي ظاهر آهي تہ حضرت يعقوب عليہ السلام جي نابينائي مخلوق جي سبب کان هئي ۽ وري بہ مخلوق جي ئي سبب کان روشن چشم ٿيا. جيڪڏهن سندس نابينائي حق جي واسطي هجي ها، تہ مخلوق جي سبب کان روشن چشم نہ ٿين ها. حضرت سري سقطي ﷫ هي جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ان باري ۾ هيٺين مضمون جو شعر چيائون:

میں نے اول تو پی جام مزوں میں آکر

دورِ ثانی ہے بد وجہ یہ کہ ہے دورِ خمار (ترجمو)

ابو مغازلي، حضرت شبلي ﷫ جن کي چيو تہ بعضي وقتن تي منهنجي ڪن تي ڪائي آيت شريف پوندي آهي تہ مون کي دنيا کان منهن مٽڻ تي ڪشش ڪندي آهي، وري جو پنهنجي ڪاروبار ۽ ماڻهن جي طرف رجوع ٿيان ٿو تہ ذڪر ڪيل حقيقت تي قبضو نٿو رهي. حضرت شبليءَ ﷫ فرمايو تہ جيڪڏهن قرآن شريف ٻڌندي ئي تنهنجي دل الله تعاليٰ جي طرف مائل ۽ متوجہ ٿي ٿئي تہ هي بہ خدا تعاليٰ جي عنايت آهي ۽ جيڪڏهن توکي وري نفس جي طرف رجوع ٿو ڪري تہ هي بہ سندس شفقت آهي، ڇو جو متان توهان پنهنجي ضعيف قوت ۽ هيٺي حيلي سبب بيزار نہ ٿي وڃو. ڪنهن صوفي صاحب هڪ قاريءَ کان هي پڙهندو ٻڌو: يَآ أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ۝ ارْجِعِيٓ إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ۝[1] (سڀ ڪنهن ساهہ آرام ورتو، پوءِ هل پنهنجي رب جي طرف، تون ان کان راضي اُهو توکان راضي) وري بيو دفعو قاريءَ کان پڙهائي ٻڌي، چيائين تہ نفس کي ڪيستائين چوندو رهندس تہ رجوع ٿي، مگر هي رجوع نٿو ٿئي، پوءِ تہ وجد ۾ اچي اهڙي دانهن ڪيائين جو ساهہ بہ نڪري ويس.

بڪر بن معاذ ڪنهن کان هيءَ آيت شريف ٻڌي: وَأَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْآزِفَةِ[2]

(1) سورة الفجر: آيت 27-28 سيپارو 30 (2) سورة الغافر: آيت 18 سيپارو 23

(ﭘي ڳالھ ٻڌاءِ انهن کي، ڏينهن نزديڪ واري جي) هي ٻڌنديئي بيقرار ٿيڻ لڳا، پوءِ دانهن ڪري چوڻ لڳا: ”رحم ڪر تون انهن تي، جن کي تو ڏيڇاريو ۽ ڏڇڻ کان پوءِ بہ تنهنجي اطاعت تي متوجہ نہ ٿيا. ائين چوندي غشيءَ ۾ اچي ويا.“

ابراهيم ادهم رحمه الله جڏهن ڪنهن کان إِذَا السَّمَاءُ انْشَقَّتْ۝[1] (آسمان ڦاٽي پوي) پڙهندو ٻڌندا هئا تہ سندن بدن اهڙو بيقرار ٿيندو هو، جو سندن بند بند ٿڙ ٿڙ ڪندو هو.

محمد بن صبيح چون ٿا تہ هڪ شخص فرات نديءَ ۾ غسل ڪيو ٿي. ايتري ۾ ٻيو هڪ شخص پر تي آيت پڙهندو ظاهر ٿيو: وَامْتَازُوا الْيَوْمَ أَيُّهَا الْمُجْرِمُونَ۝[2] (توهان الڳ ٿي وڃو، اي گنهگارو) هي ٻڌڻ شرط تڙ ڪرڻ وارو ڦتڪڻ لڳو ۽ آخر ٻڏي ويو.

چون ٿا تہ حضرت سلمان فارسي رضہ جن ڪنهن جوان کي قرآن شريف جي تلاوت ڪندي ڏٺو تہ ان جي لوڻءَ هر هر ڪڙي ٿي وئي ٿي. تنهنڪري حضرت سلمان رضہ جي ان نينگر سان ڏاڍي محبت ٿي وئي. چند روز بعد جوان کي نہ ڏٺائون تہ ماڻهن کان احوال دريافت ڪيائون، جنهن مان معلوم ٿين تہ اُهو نينگر بيمار آهي. پوءِ پاڻ ان وٽ احوال پڇڻ لاءِ ويا. ڏٺائون تہ اُهو نزع جي حال ۾ آهي ۽ ان نينگر حضرت سلمان رضہ کي چيو تہ جيڪا لوڻءَ اوهان منهنجي بدن تي ملاحظہ فرمائي هئي، اها تمام سهڻي صورت جو ويس پهري، مون وٽ آئي ۽ مون کي چيائين تہ خدا تعاليٰ تنهنجا سڀ گناھ بخشيا آهن.

مطلب ڳالھ جو تہ اهل دل وارا صاحب قرآن شريف ٻڌڻ وقت بہ وجد کان خالي نہ آهن ۽ جيڪڏهن قرآن شريف ٻڌڻ کان انهن جي دلين ۾ ڪجھ اثر نہ ٿئي تہ انهن کي هن آيت شريف جي حڪم مقابل سمجهڻ گهرجي. كَمَثَلِ الَّذِي يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ إِلَّا دُعَاءً وَنِدَاءً صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُونَ۝[3] ( ان شخص جي مثال وانگر جو هلائي ٿو هڪ چيز کي جا ٻڌي نہ ٿي، مگر ان کي پڪارڻ ۽ هلائڻ وارا گونگا، انڌا ۽ ٻوڙا آهن، جو انهن کي عقل نہ آهي) بلڪ اهل دل وارن صاحبن کي تہ حڪمت واري سخن ٻڌڻ سان بہ وجد جو اثر ٿيندو آهي. جيئن جو جعفر خلدي چون ٿا تہ هڪ شخص

(1) سورة الانشقاق: آيت 1 سيپارو 30 (2) سوره يس: آيت 59 سيپارو 23

(3) سورة البقره: آيت 171 سيپارو 2

خراساني، حضرت جنيد ﷫ جي خدمت ۾ آيو ان وقت ہيا ڪيترائي ماڻھو سندن مجلس ۾ ويٺا هئا. پاڻ انھن کان پڇيائون تہ آدميءَ جي نظر ۾ سندس تعريف ڪندڙ ۽ گلا ڪندڙ ٻئي هڪ جھڙا ڪڏھن ٿيندا آھن. انھن مان ڪنھن درويش جواب ڏنو تہ جڏھن آدمي شفا خاني ۾ وڃي ٿو يا ڪنھن قيد ۾ گرفتار ٿئي ٿو حضرت جنيدرحمة الله فرمايو تہ ھي جواب توھان جي لياقت وٽان نہ آھي. پوءِ پاڻ ان خراساني شخص جي طرف منھن ڪري فرمائڻ لڳا تہ ھيءَ نوبت ان وقت ٿيندي آھي، جنھن وقت انسان يقين ڪري تہ مان مخلوق آھيان. اھو شخص خراساني ھي ڪلام ٻڌندي ئي ھڪ دردناڪ دانھن ڪري ڪري پيو ۽ مري ويو.

هاڻي جيڪڏھن ھيئن چئو تہ جيڪڏھن قرآن شريف جو ٻڌڻ وجد پيدا ڪري ٿو تہ صوفي صاحب قوالن جي راڳ ٻڌڻ لاءِ ڇو گڏ ٿيندا آھن. جي قاري آھن بہ تہ پوءِ انھن کان قرآن شريف يڪجا ٿي ڇو نہ ٿا ٻڌن. مناسب تہ ائين آھي، جو اھي حال وٺڻ واسطي قارين جي مجلس ۾ گڏ ٿين ۽ قوالن جي تماشي ۽ مجلس ۾ نہ اچن. اھڙن صوفين کي واجب آھي تہ ھر ھڪ مجلس ۾ گڏ ٿيڻ وقت ڪوئي قاري سڏائين ۽ نہ قوال گھرائين. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جو ڪلام پاڪ راڳ کان بلاشبہ افضل آھي. ان جو جواب ھي آھي تہ توڙي جو قرآن شريف وجد جو سبب آھي، مگر راڳ سان وجد جو جوش زياده ٿيندو آھي، جنھن جون ست حالتون آھن. جن جو ذڪر ھيٺ ڪجي ٿو:

اول ھيءَ آھي تہ قرآن شريف جون سڀ آيتون ٻڌڻ واري جي مناسب حال نہ آھن ۽ نہ ان جي قابل آھي، جو سڀ سمجھي ۽ جنھن حال ۾ اُھو مبتلا آھي ان تي خيال ڪري. مثلاً جنھن شخص تي ڏک شوق يا شرمندگي غالب آھي، تنھن جي حال جي مناسب ھيءَ آيت شريف ڪھڙو ڪم ڪندي: يُوْصِيْكُمُ اللهُ فِيْٓ اَوْلَادِكُمْ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ [1] (الله بدلائي ٿو توھان کي، توھان جي اولاد ۾ مرد جو حصو برابر ٻن عورتن جي) ۽ آيت شريف: وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنَاتِ [2] (جي ماڻھو عيب لائين ٿا مردن وارين زالن کي) اھڙيءَ طرح جن آيتن ۾ احڪام ميراث، طلاق يا حد شرع آھن.

ياد رکڻ گھرجي تہ دل جي ڳالھ جي چرپر ڪندڙ اُھائي چيز ٿيندي آھي، جا ان جي مناسب ھوندي آھي. شعر کي جو شاعرن نظم ڪيو آھي، سو دل جي حالتن

(1) سورة النساء: آيت 11 سيپارو 4    (2) سورة النور: آيت 4 سيپارو 18

ظاهر ڪرڻ لاءِ ئي ڪيو آهي. انهن شعرن جي حال سمجهڻ ۾ ڪا بہ تڪليف ڪرڻي نہ پوندي آهي.

پهرين جنهن شخص تي زبردست حالت غالب هجي، جو هڪ جي هوندي ٻي حالت جي گنجائش ئي نہ هجي، ۽ جنهن جي تيز طبع ۽ ذهني تڪاءُ اهڙو هجي، جو لفظن مان وڏيون ۽ پري پري جون معنائون سمجهي تہ اهڙو شخص البت ٻئي ڪنهن قسم جي قول ٻڌڻ سان وجد ڪري ٿو سگهي. مثلاً جيڪڏهن ڪو ئي شخص يُوْصِيْكُمُ اللّٰهُ فِيْٓ اَوْلَادِكُمْ ڪان موت جي حالت سمجهي جنهن سبب وصيت جي ضرورت آهي ۽ ٻيو تہ سڀ ڪنهن انسان ڪي ضروري آهي تہ پنهنجي مال ۽ اولاد، جو دنيا جي اندر، سندس محبوب يعني پياريون چيزون آهن، انهن مان هر هڪ پياري چيز ٻئي جي ملڻ لاءِ ڇڏي ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ مفارقت ڪري وڃي، جنهنڪري ان تي خوف ۽ گهٻرائڻ غالب ٿئي يا يُوْصِيْكُمُ اللّٰهُ ۾ فقط اسم ذات ٻڌي مدهوش ٿي وڃي ۽ ان جي اڳ پوءِ جي حڪم ۽ معنيٰ جي خبر نہ رکي، يا دل ۾ هي خيال رکي تہ الله تعاليٰ جي رحمت ۽ شفقت ڪي ڏسڻ گهرجي تہ ٻندن جي تقسيم جو متولي بہ پاڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ ۽ موت جي ٻنهي حالت ۾ ٻانهي تي عنايت ڪري ٿو ۽ ان مان هي خيال ڪري تہ جڏهن الله تعاليٰ اسان جي مرڻ ڪان پوءِ اسان جي اولاد تي مهرباني فرمائي آهي تہ بيشڪ اسان تي نظر بہ رحمت جي فرمائيندو. اهڙي خيال ڪرڻ سان اميد واري حالت جوش ۾ ايندي ۽ خوشي بہ ان جي موافق ٿيندي، لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْأُنْثَيَيْنِ ڪان دل ۾ هي خيال ڪري تہ مرد ڪي مرد هجڻ سبب، عورت تي فضيلت آهي، پر آخرت ۾ فضيلت انهن مردن ڪي آهي، جن جي شان ۾ رِجَالٌ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ[1] (اُهي مرد جيڪي غافل نہ ٿا ٿين، سوداگري ڪرڻ ۾ ۽ ان جي وڪڻڻ ۾، الله جي ذڪر ڪان) آهي، پڻ خيال ڪري تہ جنهن شخص ڪي غير الله، خدا تعاليٰ جي يادگيريءَ ڪان پلائي اهو حقيقت ۾ مرد نہ آهي. ان خيال ڪان خوف ڪري تہ متان مان بہ ائين نہ ٿي وڃان. جيئن عورت احوال- دنيا ۾ پوئتي رهجي وئي. اهڙيءَ طرح آخرت جي نعمتن ڪان پوئتي نہ رهجي وڃان. اهڙي خيالن ڪرڻ ڪان البت بعضي وقتن وجد جي چرپر ٿيندي آهي، ليڪن جنهن شخص ۾ اِهي ٻئي

(1) سورة النور: آيت 37 سيپارو 18

وصفون هجن. هڪ تہ استغراق غالب هجيس، ٻيو نيڪ دانائي ۽ پورو ذڪاءُ هجيس، ۽ ويجهڙين ڳالهين کي تنبيهہ ڪرڻ سان پري پري جي ڳالهين کان واقف ٿي وڃي.

مگر افسوس جو اهڙا شخص اڻلڀ آهن. انهيءَ ڪري راڳ جي طرف زور ڪيو ويجي ٿو. ڇاڪاڻ جو ان ۾ جيڪي لفظ هوندا آهن، سي بلڪل احوال جي مناسب هوندا آهن. جي ٻڌڻ شرط ٿي جهٽ پٽ وجد جي حالت جو سبب ٿيندا آهن.

نقل آهي تہ حضرت ابوالحسين ثوريؒ کنهن مجلس دعوت ۾ هڪ جماعت سان وينا هئا. انهن ماڻهن جي وچ ۾، علمي ذڪر هلڻ لڳو. ابوالحسينؒ ماٺ ڪري ويٺي ٻڌو. پر هڪ وقت متو متي ڪري هن مضمون جو شعر پڙهڻ لڳو:

چاشت کو فاختہ دل باختہ ہر شاخ پہ بیٹھ
نغمہ کُو کُو سے کرتی تھی دل اپنا فگار۔
دلبر و موسم خوش یاد وہ کر رونے لگی
اس کے رونے سے ہوا دل میں میرے غم کا ابھار۔
اپنی زاری سے کبھی اس کو جگاتا ہوں میں
کچھ مجھے کرتی ہے اپنی فغاں ہی بیدار
میں جو دکھ کہتا ہوں اسکو نہیں سمجھا سکتا
نہ سمجھتا ہوں جو کچھ کہتی ہے اپنا آزار
سوزشِ دل سے ہے لیکن ہمیں آپس کی شناخت
میں اسے جانتا ہوں اور وہ مجھے عاشق زار۔ (ترجمو)

ڪلام ٻڌندي ئي ساري مجلس وجد ۾ اچي ويئي. پر هي وجد سندن انهيءَ علم کان نہ هو جنهن جو بحث ڪري رهيا هئا. جيتوڻيڪ اُهو علم بہ يقين وارو هو. ٻيو سبب هي آهي تہ قرآن شريف گهڻو ڪري ماڻهن کي ياد هوندو آهي. ڪنن ۽ دلين تي ڪثرت سان ايندو آهي، جا ڳالهہ ٻهريان ٻڌي ويندي آهي، ان جو اثر دلين تي گهڻو ٿيندو آهي ۽ ٻئي دفعي ٻڌڻ سان اثر ڪجهہ گهٽ ٿيندو آهي. ٽئين دفعي تہ اثر ئي نہ رهندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وجد واري کي چئجي تہ هميشہ هڪ ئي شعر تي ٿورو ٿورو عرصو هڪ ڏينهن يا هفتي اندر حال وٺندو رهہ تہ ان کان ائين

ڪڏهن بہ ٿي نہ سگهندو. پر جي شعر بدلايو ويندو تہ البت دل ۾ نئون اثر پيدا ٿيندو. توڙي جو مضمون ساڳيو ئي پهرين شعر جهڙو هجي. مگر وزن، لفظ ۽ قافيو، ٻئي نموني وارو، نفس کي حرڪت بخشي ٿو. پوءِ ڪٿي قوال بہ ساڳيو هجي، مگر قاريءَ کان ممڪن نہ آهي تہ هر وقت نئون قرآن پڙهي ۽ هر ڪنهن دعوت ۾ نئين تلاوت ڪري، ڇاڪاڻ تہ قرآن شريف کي قلعو حفاظت جو آهي. جنهن ۾ نہ ڪجهہ وڌي سگهي ٿو، نڪي لفظَ ئي بدلجي سگهن ٿا. هي سمورو محفوظ آهي ۽ پڻ انيڪ دفعا ٻڌو ويو آهي، جيئن جو هيٺين سبب مان معلوم ٿيندو:

حضرت صديق اڪبر رضہ جن اعرابين کي قرآن شريف پڙهندي ڏٺو جي ٻڌي رنا ٿي. پاڻ فرمايائون تہ مان بہ ڪڏهن ائين هوس، جيئن توهان آهيو. مگر هاڻي منهنجي دل سخت ٿي وئي آهي. هن مان هي گمان هرگز نہ ڪجو تہ حضرت صديق اڪبر رضہ جن جي دل انهن اعرابين جي دلين کان بہ سخت هئي. يا ڪلام پاڪ سان ايتري محبت نہ هئي، جيتري انهن ماڻهن کي هئي. مگر حقيقت هيئن آهي تہ دل تي هميشہ ڪثرت ٻڌڻ سبب مضبوط ٿي ويا هئا. ڪثرت سان ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جي سبب ايترو ئي انس هيو، جو اثر گهٽ ٿي معلوم ٿين. ڇو جو هيءَ عادت محال آهي تہ ڪو ئي ٻڌڻ وارو هڪ آيت شريف ٻڌي جا پهريون هن نہ ٻڌي هجي ۽ ان تي گريہ ڪري. پوءِ ويهن سالن تائين هميشہ اُها آيت شريف پڙهندو رهي ۽ روئندو رهي. ڇاڪاڻ تہ آيت شريف ساڳي ئي آهي ۽ نئين ڳالهہ نہ آهي. انهيءَ سبب ڪري ڪجهہ اثر نٿو ٿئي، جنهن لاءِ هي مثال مشهور آهي تہ كُلُّ جَدِيْدٌ لَذِيْذٌ (هر نئين چيز مزيدار آهي) هر نئين ڳالهہ جو هڪ صدمو ٿيندو آهي، هر ڪنهن دوست سان انس ٿيندو آهي، جو صدمي جي مخالف آهي. انهيءَ سبب ڪري حضرت عمر رضہ جن قصد ڪيو تہ ماڻهن کي ڪعبۃالله جو طواف ڪثرت سان ڪرڻ نہ ڏجي ۽ فرمايائون تہ مون کي خوف آهي تہ متان ماڻهو ائين ڪندي ڪندي پاڪ گهر جا مانوس يعني انس ڪيل نہ ٿي وڃن، جنهن ڪري دل جو اثر گهٽجي وڃي. مثلاً جو شخص حج تي وڃي ٿو ۽ پريان ئي سندس نظر ڪعبۃ الله تي پوي ٿي تہ يڪدم روئندو ۽ تڪڙو هلندو آهي ۽ بعضي وقتن تي ڏسڻ سان ئي غشيءَ ۾ اچي ويندو آهي. وري جيڪڏهن اتفاق سان مڪي معظمہ ۾ مهينو کن رهي پوندو آهي تہ اُها ڳالهہ پهريان جهڙي دل ۾ معلوم نہ ڪندو

آهي. مطلب ڳالھ جو تہ اجنبي قوال، نوان شعر هر وقت پڙهي سگهندو آهي ۽ آيت شريف ۾ حافظ ۽ قاريءَ کان ائين ٿي نہ سگهندو.

ٽيون، سبب هي آهي تہ موزون ڪلام هجڻ سبب شعر جو مزو بہ انوکو ٿي ويندو آهي ۽ دل ۾ اثر بہ هڪ نئين ۽ عجيب قسم جو پيدا ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ چڱا آواز وزن وارا ٿيندا آهن. ڪلام طيّب ۾ وزن نہ ٿيندو آهي. وزن فقط شعرن ۾ ٿيندو آهي.

شعر ۾ وزن جو ايترو دخل آهي، جو جيڪڏهن قوال زحاف ڪري يا غلطي ڪري يا لئي (راڳ جي وزن) کان غافل ٿي وڃي، تہ ٻڌڻ واري جي دل گهبرائجي ويندي آهي ۽ ان جو راڳ وجد- باطل ٿي ويندو آهي. ان مان معلوم ٿيندو تہ وزن کي ڏاڍو اثر آهي. ان سبب بہ راڳ جي طرف التجا ڪئي وئي آهي.

چوٿون، سبب هي آهي تہ وزن واري شعر جو تاثير دل ۾ سازن جي سبب کان نرالو ٿيندو آهي، جي ڳالهيون فقط دل جي مراد وڌائڻ لاءِ آهن. جهڙي طرح سر لئي ۾ ممدود يعني وڌايل اکرن جي گهٽائڻ ۽ وقف ڪرڻ يعني ٿورو بيهڻ ۽ منقطع يعني ڪاٽي ڇڏڻ ۽ موصول يعني وصول ڪرڻ سان ٿينديون آهن. هي دخل شعر ۾ درست آهي. مگر قرآن شريف ۾ جائز نہ آهي ڇاڪاڻ تہ قرآن شريف جي تلاوت اهڙي طرح ڪرڻ گهرجي، جهڙي طرح رب تعاليٰ نازل فرمايو آهي، جيڪڏهن زبر جي جاءِ تي زير يا وقف، وصل ۽ قطع ٿيندو تہ حرام ۽ مڪروھ چاٽبو.

جيڪڏهن قرآن شريف ساديءَ طرح جيئن نازل ٿيو آهي، تيئن پڙهيو ويندو تہ ان ۾ اُهو لطف نہ هوندو، جو سازن جي سرن کان ٿيندو آهي، جيتوڻيڪ تاثير جي لحاظ کان سڀ مضبوط آهن. جهڙي طرح تارن جا باجا، نفيل، شاهين ۽ اُهي سڀ ساز جن جو آواز حالانڪ سمجھ ۾ بہ نہ ايندو آهي، تڏهن بہ انهن ۾ اثر ڏٺو ويو آهي.

پنجون، سبب هي آهي تہ وزن وارن سازن جي تاڪيد ۾ موزون آواز سان بہ اثر ٿيندو جيڪو خلق جي حلق مان نٿو نڪري، مثلاً ڪانيءَ سان گت لڳائڻ يا ڍولڪ جي تار وغيره سان اثر ٻيڻو ٿي ويندو آهي. معلوم هجي تہ ضعيف وجد تڏهن ايرندو آهي، جڏهن ان جي اپارڻ جو سبب ڪم قوي يعني وڏو هوندو آهي، ڪڏهن انهن سڀني ڳالهين جي يڪجا هجڻ سان بہ سبب قوي ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن مان هر هڪ کي پنهنجي تاثير ۾ دخل آهي. واجب آهي تہ قرآن شريف اهڙين حالتن کان بچائڻ گهري ٿو.

انهيءَ سبب ڪري جو اهڙيون حالتون عام ماڻهن جي نظر ۾ تماشي وانگر آهن.

قرآن شريف ساري مخلوق اڳيان (نعوذ بالله)تماشو نہ آهي، خبردار! محض حق ۾ اهڙي چيز هر گز نہ ملائڻ گهرجي، جا عام ماڻهن جي اڳيان تماشو هجي، يا خاص ماڻهن جي نظر ۾ تماشي جهڙي هجي. قرآن شريف جي تعظيم ڪرڻ گهرجي، جو عام رستن تي، غسل جي شڪي حالت ۾ ۽ سواءِ وضوءَ جي پڙهڻ نہ گهرجي، مگر اهڙي مجلس ۾ پڙهجي، جتي قرار ۽ ماٺ هجي ۽ ظاهر آهي تہ جيڪي پنهنجي حال ۾ نگران آهن، انهن کانسواءِ تحقيق قرآن شريف جي پوري عزت ادا ٿي نہ سگهندي. انهيءَ لحاظ سان راڳ جي طرف ميلاپ ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ نگراني ۽ لحاظ جي ضرورت نہ آهي.

معلوم هجي تہ شاديءَ رات قرآن شريف جي تلاوت هلندي دف وڄائڻ درست نہ آهي قرآن شريف سان، جهڙي طرح آنحضرت ﷺ جڏهن ربيع بنت معُوذ جي گهر ان جي شاديءَ رات تشريف فرما ٿيا تہ ڪن ٻانهن گهر ۾ ڳاتو ٿي، جن مان هڪ جو آواز ٻڌائون جنهن هيءُ بيت چيو ٿي:

وَفِيْنَا نَبِيٌّ يَعْلَمُ مَا فِيْ غَدٍ

ترجمو: خدا تعاليٰ اسان ڏي اُهو سيد الرّسول موڪليو آهي، تہ جو معاملو حياتيءَ جو ٿيندو، سو سڀ ان کي معلوم آهي.

هي ٻڌنديئي فرمايائون تہ انهيءَ پوئين سٽ کي ترڪ ڪيو ۽ جا پهرين سٽ آهي. فقط اُها چئو، جنهن جو سبب هي هو تہ نبوت جي ثابتي پهرين سٽ ۾ هئي راڳ تماشو آهي، پر شهادت نبوت جي، تماشو يا کيل نہ آهي. تنهنڪري ان کي اهڙي چيز سان ملائڻ نہ گهرجي، جا تماشي جي صورت جهڙي هجي. انهيءَ صورت ۾ انهيءَ سبب جي تقويت ڏکي ٿيندي، جنهن کان راڳ دل ۾ چرپر پيدا ڪري ٿو. بهرحال ان سخن کان منع فرمايائون ۽ راڳ جي اجازت ڏنائون. چاڪاڻ تہ پهرين حصي لاءِ ڪا بہ منع نہ ڪيائون، جيڪو راڳ جي صورت ۾ چيو ٿي ويو.

هن مان معلوم ٿيو تہ جهڙي طرح ان ٻانهي تي شهادت نبوت کان راڳ جي طرف انحراف واجب هو، اهڙي طرح ئي عزت قرآن شريف جي خواهش ڪيل آهي.

ڇهون سبب هيءَ آهي تہ قوال جڏهن ڪو ئي اهڙو شعر چوندو آهي، جو ٻڌڻ

وارن جي دل جي حال موافق نہ هوندو آهي. انهيءَ ڪري هُو ان کي خراب ڄاڻندو آهي ۽ قوال کي منع ڪندو آهي تہ اِهو نہ چئہ. پر بيو غزل چؤ. معلوم هجي تہ سيڪو ڪلام سڀ ڪنهن جي حال موافق نہ ٿيندو آهي. جيڪڏهن مجلس دعوت ۾ قاريءَ کان ڪجهہ پڙهايو وڃي تہ عجب نہ آهي تہ اُهو اهڙي آيت پڙهندو، جا ان جي ٿي حال موافق نہ هوندي!

قرآن شريف تہ سيني ماڻهن لاءِ شفا آهي، مگر با اعتبار حالت تي. مثلاً رحمت جون آيتون خوف واري جي حق ۾ شفا آهن. اهڙيءَ طرح عذاب واريون آيتون بيخوف ۽ غلطيءَ ۾ پيل ماڻهوءَ واسطي شفا آهن. هن لاءِ تفصيل وار لکڻ ۾ گهڻو ميدان گهرجي. هاڻي معلوم ٿيو تہ قرآن شريف پڙهڻ ۾ هي انديشو آهي تہ متان ائين نہ ٿئي، جو ڪائي آيت شريف حاضر مجلس جي موافق نہ ٿئي ۽ ان جو نفس هن کي خراب سمجهي ۽ پاڪ ڪلام جي خراب سمجهڻ جي خطري ۾ مبتلا نہ ٿي وڃي. جنهن کان جان بچائڻ جي سبيل ٿي نہ ملي. هن خطري کان پرهيز ڪرڻ نهايت واجب ۽ ضروري آهي.

هن کان آزاد ٿيڻ جي تدبير اهائي آهي تہ ڪلام کي پنهنجي حال تي خيال ڪجي. الله تعاليٰ جي ڪلام پاڪ کي فقط انهيءَ صورت تي خيال ڪري، جو الله تعاليٰ کي مقصود آهي، ٻي صورت تي خيال ڪرڻ جائز نہ آهي.

شاعرن جي شعر لاءِ جائز آهي تہ انهن جي مراد کانسواءِ ٻي ڪنهن مراد يا مطلب تي خيال ڪيو وڃي. مطلب ڳالهہ جو تہ قرآن شريف کي ان خطري کان محفوظ رکجي، سندس توقير عزت ڪرڻ واجب ڄاڻجي.

ستون سبب هيءَ آهي تہ جنهن جو ذڪر ابونصر سرجا لهوسي ڪيو آهي، تہ قرآن شريف الله تعاليٰ جو پاڪ ڪلام آهي. سندس صفات مان هڪ صفات حق آهي جا غير مخلوق آهي. معلوم هجي تہ انسانيت مخلوق آهي، جنهن کي ان جي تاب سهڻ جي طاقت نہ آهي، جيڪڏهن هڪ ذرڙو قرآن شريف جي معنيٰ جو معلوم ٿي وڃي تہ بشريت جي صفات جا پردا ڦاٽي پون ۽ انسان مدهوش ۽ متمير ٿي وڃي. مگر عمدن سازن جي طبيعتن، سان هم آهنگي آهي ۽ انهن لذتن سان لاڳاپو آهي ۽ نہ حق جي حڪمن سان دلين جي مناسبت آهي.

معلوم هجي تہ شعرن جو لاڳاپو بہ لذتن سان آهي، جڏهن شعرن جا لفظ ۽ اشارا سازن ۽ آوازن سان ملندا آهن، تڏهن سيني جي هڪ شڪل ٿي ويندي آهي ۽

لذت جي سبب تمام ويجهڙا ۽ دلين تي هلڪا معلوم ٿيندا آهن.

معلوم هجي ته جيستائين بشريت رهندي، تيسين مخلوق جو جوڙ مخلوق سان چڱو ٿيندو آهي، جنهن حالت ۾ پنهنجي صفات ۽ لذتن ۾ آهيون. ان ڪري اسان کي راحت به وڻندڙ سازن ۽ خوش آوازن کان ايندي آهي.

ابو الحسن دراج چوي ٿو ته مان بغداد کان يوسف بن حسين زاريءَ جي زيارت لاءِ سفر ڪيو. جڏهن شهر ۾ داخل ٿيس، پوءِ جنهن کان ان جو پتو ۽ نشان پڇيم ٿي، تنهن جواب ۾ چيو ٿي ته ان ڪافر سان تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي. مان هي سخن هر هڪ ماڻهوءَ کان ٻڌي دل ۾ ڏاڍو تنگ ۽ حيران ٿيس ۽ واپس وطن وڃڻ جو ارادو ڪيم . آخر دل ۾ ويچار ڪيم ته ايترو وڏو سفر به ڪيم، هاڻي جي ٻيو ڪجهه نه ڪجي ته ان کي فقط پريان ئي ڏسجي ته سهين. پوءِ پڇائيندو مطلب ته ان وٽ ويس. ڏسان ته هڪ مسجد جي محراب ۾ ويٺو آهي ۽ سندس اڳيان هڪ ٻيو به شخص ويٺو آهي، پاڻ قرآن شريف هٿ ۾ جهليو تلاوت ٿي ڪيائون. مون ڪين نهايت خوبصورت ۽ خوش پوشاڪ ڏٺو. مون السلام عليڪم چيو. پاڻ منهنجي طرف منهن ورائي فرمايائون ته توهان ڪٿان ٿا اچو؟ مون چيو ته بغداد کان آيو آهيان. وري پڇيائون ته ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ مون چيو ته توهان سان سلام ڪرڻ آيو آهيان. وري فرمايائون ته هيڏانهن ايندي جن شهرن مان تنهنجو گذر ٿيو آهي، اتي ڪوئي شخص جيڪڏهن توکي چوي ها ته تون مون وٽ نه اچ ته مان توکي گهر ۽ زال وٺي ٿو ڏيان ته پوءِ جيڪر هيڏانهن اچين ها، يا اُتي ئي رهي پوين ها؟ مون چيو ته اڄ ڏينهن تائين الله تعاليٰ منهنجو امتحان ڪنهن به ڳالهه سان نه ورتو آهي، جيڪڏهن اهڙي طرح منهنجو امتحان وٺي ها ته معلوم نه آهي ته ان وقت مان ڪيئن هجان ها. پوءِ پاڻ چيائون ته چڱو ڀلا توکي ڪجهه ڳائڻ ايندو آهي. مون چيو ته هائو. وري ان چيو ته ڪجهه ٻڌاءِ پوءِ مون هيءَ بيت پڙهيو:

رأيتك تَبْنِي دَائِمًا فِي قَطِيْعَتِيْ

ولو كنتَ ذا حَزْمٍ لهدّمتَ ما تَبْنِي

كأني بكم والليت أفضل قولكم

ألا ليتنا كنا إذ الليت لا يغني

(جاءِ جدائيءَ جي ڪرين ٿو. مان ڏسان ٿو هميشہ- جيڪڏهن هوش هجي ها توکي تہ ڪرين ها. اها جاءِ ويران. پيو آهي منهنجو ڪم توسان انهي ساعت ۾. جنهن وقت جو لفظ ليت (دلاسي) ڪان تنهنجي گفتگو زياده نہ آهي- جيڪڏهن پوي ها گهارڻ منهنجو اهڙي گهڙيءَ ۾ ۽ بهانو ڳولڻ جو توکي نہ هجي ها ڪو ڪم)

پوءِ تہ انهن قرآن شريف ڪڍي ٽيپيو ۽ ايترو رنا. جو ڳوڙهن سان آلوده ٿي ويا ۽ سندن روئڻ تي مون کي بہ رحم اچي ويو. پوءِ فرمايائون تہ هن شهر جا ماڻهو مون کي ملامت ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ يوسف ڪافر آهي ۽ منهنجي اِها حالت آهي جو صبح جو نماز کان وٺي قرآن شريف پڙهندو رهيو آهيان. مگر منهنجي اکين مان هڪ بہ ڳوڙهو نہ وهيو آهي. مگر هنن بيتن ٻڌڻ سان مون تي قيامت ٽٽي پئي آهي. مطلب ڳالهہ جو تہ دل ڪيترو بہ خدا تعاليٰ جي محبت سان پريل هجي. تڏهن بہ ڏاريو شعر ايڏو تہ جوش پيدا ڪندو آهي، جيترو تلاوت سان نہ ٿيندو آهي. هيءَ ڳالهہ شعر جي وزن کان طبيعتن سان ان جي هم آهنگيءَ کان ٿيندي آهي.

معلوم هجي تہ شعر انساني طبيعت جي مناسب ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري ئي آدمي شعر ناهڻ تي قادر آهي. مگر قرآن شريف انساني دستور ۽ طريقي کان نرالو آهي ۽ نہ وري انسان ۾ ايتري طاقت آهي جو اهڙو ڪلام چئي سگهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي طبيعت جي هم شڪل نہ آهي.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ شخص ذوالنون مصريءَ ﷫ جي استاد اسرافيل ﷫ وٽ آيو. جنهن کي ڏنائين تہ پنهنجي آگر سان زمين بہ کوٽيائين ٿي ۽ هڪ بيت بہ پڙهيائين ٿي. پوءِ ان شخص کان پڇيائون تہ توکي ڪو غزل ڳائڻ ايندو آهي؟ پوءِ پاڻ غزل چيائون ۽ فرمايائون تہ تون دل وارو ماڻهو نہ آهين. جنهن ۾ هي اشارو هيو تہ جو شخص دل وارو آهي. سو پنهنجي طبيعت کي ڄاڻي ٿو ۽ ان کي معلوم آهي تہ دل کي شعرن ۽ سازن سان اُها چرپر ٿيندي آهي، جو ٻيءَ ڪنهن بہ چيز مان نہ ٿيندي آهي.

هيستائين اسان ٻن مقامن جا حڪم يعني سماع جي سمجهڻ ۽ خيال ڪرڻ جو ۽ وجد جو حال لکي چڪا آهيون. هاڻي اسان کي وجد جو ظاهري اثر رڙيون ڪرڻ، روئڻ، ٽپڻ ۽ ڪپڙن ڦاڙڻ وغيره جي باري ۾ بيان ڪرڻو آهي.

—

## مقام ٿيون

### سماع جي ادبن، ظاهري ۽ باطنيءَ جي ذڪر ۾، جن مان ظاهر ٿيندو تہ وجد جو اثر ڪهڙو چڱو ۽ ڪهڙو خراب آهي.
### سماع جا پنج آداب آهن.

### ادب پهريون

ادب پهريون هي آهي تہ وقت جڳهہ ۽ مجلس جي يارن جو لحاظ ڪرڻ گهرجي. جيئن جو حضرت جنيد بغداديءَ رحمة الله عليه فرمائين ٿا تہ راڳ ۾ ٽن ڳالهين: پهريون زمان ٻيو مڪان ۽ ٽيون اخوان جي ضرورت آهي. نہ تہ راڳ ٻڌڻ نہ گهرجي. زمان، مڪان ۽ اخوان جي معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي:

اول تہ زمان يعني وقت جي مراد طعام موجود هجڻ ۽ ڪائڻ جو وقت، نماز پڙهڻ جو وقت يا ٻئي ڪنهن ڪم جي پيش ٿيڻ جو وقت نہ هجي، جنهنڪري منع جو امر پيش ٿئي ۽ راڳ سان دل لڳڻ نہ ڏئي. تہ اهڙي راڳ ٻڌڻ مان ڪجهہ بہ فائدو نہ آهي.

ٻيو مڪان يعني جڳهہ. انهيءَ لفظ مان هيءَ مراد آهي تہ عام رستو يا خراب صورت جو مڪان نہ هجي يا ان ۾ اهڙو سبب نہ هجي. جنهن ڪان دل انهيءَ طرف تاڻي ۽ راڳ ٻڌڻ ڪان خيال ڦيرائي ڇڏي تہ اهڙي مڪان ڪان پرهيز ۽ پاسو ڪرڻ گهرجي.

ٽيون اخوان، هن مان مجلس جي يارن جي مراد آهي، يعني تہ ڪوئي ٻيو ڌاريو غير جنس، راڳ جو منڪر، ملان، زاهد خشڪ دل، لطائفن ڪان بي بهره مجلس

۾ نہ هجي، ڇو جو اهڙي شخص جو راڳ ۾ موجود هجڻ، دل کي تڪليف جو سبب آهي ۽ دل ان جي طرف مشغول ٿيندي، اها ئي حالت تہ جيڪڏهن ڪو ئي مغرور، دنيادار، حاضر هوندو تہ ان کان بہ لحاظ ڪرڻو پوندو. يا ڪوئي جڙتو صوفي يعني ٻين صوفين تي ٺٺول ڪندڙ، يا انهن جي وجد، نچڻ ۽ ٽپڻ يا ڪپڙن ڦاڙڻ جو نمونو ڪري ڏيکاري تہ صوفي صاحب هن طرح پنهنجو حال ڪندا آهن، تہ انهن کان پاسو ۽ پرهيز ڪرڻ گهرجي. مطلب ڳالهہ جو جيڪڏهن اِهي شرط راڳ ۾ نہ هجن تہ راڳ ٻڌڻ چڱو نہ آهي، تنهنڪري راڳ ٻڌڻ واري کي انهن ڳالهين جو ڌيان رکڻ گهرجي.

## ادب ٻيو

ادب ٻيو هي آهي تہ پير طريقت کي حاضر مجلس جي ماڻهن جو حال ڏسڻ گهرجي، يعني جيڪڏهن ان جي مريدن کي راڳ مان نقصان پهچڻ جو امڪان آهي تہ انهن جي روبرو راڳ نہ ٻڌي ۽ جيڪڏهن ٻڌي تہ انهن ماڻهن کي ڪنهن ٻئي ڪم ۾ مشغول ڪري ڇڏي، جن مريدن کي راڳ کان نقصان پهچي ٿو، تن جا ٽي قسم آهن:

هڪڙو اهو جو نيچ درجي جو آهي، جنهن طريقہء سلوڪ ۾ سواءِ ظاهري اعمالن جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ معلوم ڪيو آهي، تنهن کي راڳ مان مزو ئي نہ ايندو آهي. اهڙي طالب کي راڳ ۾ مشغول ۽ شامل ٿيڻ اجايو آهي. اهڙي شخص کي ڪنهن ديني، دينوي ڪم يا ذڪر ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي، نہ تہ راڳ ۾ سندس قيمتي وقت برباد ٿي ويندو.

ٻيو اُهو آهي، جنهن کي راڳ سان ذوق نہ آهي، مگر ان ۾ ڪجهہ لذت نفس، شهوت ۽ انساني صفات جي طرف محبت ۽ اجا تائين انساني صفات ۽ شهوت جي آفتن کان امن ۾ نہ آيو آهي، عجب نہ آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن وقت راڳ ان جي حق ۾ بيهودائي ۽ شهوت جي طلب ڪندڙ ٿئي ۽ جنهن طريقي ۾ اُهو مصروف آهي، متان هن کي باز رکي ڪامل ٿيڻ کان روڪي.

ٽيون طالب اُهو آهي، جنهن کان شهوت بہ ڇڏائي وئي آهي ۽ ان جي آفت کان بہ محفوظ آهي، سندس بصيرت بہ مفتوح آهي، دل تي محبت الاهي غالب اٿس،

مگر ان علم ظاهريءَ جي تحصيل پوري نہ ڪئي آهي، نڪي الله تعاليٰ جي اسمن ۽ صفات کان واقف آهي ۽ نڪي هي معلوم ڪيو اٿس تہ خدا تعاليٰ-تي ڪهڙي چيز جو خيال ڪرڻ گهرجي، انهن مان ڪهڙو جائز ۽ ڪهڙو محال آهي. اهڙو شخص جيڪڏهن ڪو بہ راڳ ٻڌندو تہ اُهو سڀ خدا تعاليٰ جي حق ۾ خيال ڪندو. توڙي جو اِهو خيال جائز يا ناجائز هوندو. انهيءَ صورت ۾ راڳ ٻڌڻ مان جو ڪيس فائدو ٿيندو، ان جي عيوض نقصان گهڻو رسندس. ڇو جو جيڪي ڳالهيون جناب ڪبريا پاڪ جي لائق نہ آهن، انهن ڳالهين جو ان تي خيال ڪرڻ سان ماڻهو ڪافر ٿي ويندو.

سهل تستري ﷫ فرمائين ٿا تہ جنهن وجد جو شاهد قرآن ۽ حديث نہ هجي تہ اُهو باطل آهي. اهڙا شخص راڳ ٻڌڻ جي لائق نہ آهن، جن جي دل، دنيا جي محبت ۽ ماڻهن جي تعريف يا ثنا جي اشتياق ۾ پريل آهي، نڪي اُهي شخص راڳ ٻڌڻ جي لائق آهن، جي فقط سريلي آواز کي پسند ڪندا آهن. يا راڳ ٻڌڻ جن جي عادت ٿي ويندي آهي، اهڙن ماڻهن کي راڳ، عبادت الاهي ۽ دل جي نگراني کان روڪي ڇڏيندو آهي، ۽ جنهن رستي سان منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ پنڌ ڪندو رهي ٿو، سو ان کان ڇڏائجي ويندو آهي. مطلب تہ ضعيف طبع ۽ ضعيف خيال وارن ماڻهن کي راڳ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين پاسي رهڻ جي صلاح ڏجي.

حضرت جنيد بغدادي ﷫ فرمائين ٿا تہ مان خواب ۾ شيطان کي ڏٺو ۽ ان کان پڇيم تہ تنهنجو منهنجي دوستن تي زور هلي سگهندو آهي يا نہ. شيطان چيو تہ هائو ٻن وقتن تي منهنجو زور انهن مٿان هلندو آهي، هڪ راڳ وقت ۽ ٻيو نظر بازيءَ وقت. انهن ٻنهي وقتن تي مون کي انهن تي زور هلائڻ جو سولو وجهہ ملندو آهي.

حضرت جنيد بغداديءَ ﷫ فرمائين ٿا تہ مون اِهو قصو پنهنجن دوستن سان صبح جي مجلس ۾ ڪيو. انهن مان هڪ چيو تہ جيڪڏهن مان شيطان کي ڏسان ها تہ ڪيس چوان ها تہ تون وڏو احمق آهين. ڀلا جيڪڏهن ڪوئي شخص راڳ ٻڌڻ وقت خدا تعاليٰ کان ٻڌي ۽ ڏسڻ جي وقت ان جي طرف ڏسي تہ ان تي تنهنجو ڪهڙو زور هلندو. هي سخن پنهنجي دوست جو ٻڌي حضرت جنيد بغدادي ﷫ فرمايو تہ تون سچ ٿو چوين.

## ادب نيون

نيون ادب هي آهي تہ قوال جو ڪجھہ چوي، ان کي چڱيءَ طرح دل ڏئي ٻڌي، هيڏي هوڏي ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ بند ڪري، ٻين راڳ ٻڌندڙن کي نہ ڏسي ۽ جا ڪجھہ وجد جي حقيقت انهن تي ظاهر ٿئي تہ ان حالت کي نہ ڏسي، بلڪ پنهنجي طرف ڌيان ڪري، ڇاڪاڻ تہ منهن وجهي ڏسي تہ خدا تعاليٰ منهنجي باطن ۾ پنهنجي رحمت سان ڪهڙي چيز مرحمت فرمائي ٿو. هوريان هوريان ڳالهائڻ جي حرڪت بند رکي، ڇاڪاڻ تہ اِها ڳالھہ مجلس جي يارن کي حيران ۽ پريشان ڪندڙ آهي. مجلس ۾ اهڙيءَ طرح ويهڻ گهرجي، جو ظاهر عضون ۾ بہ ڪا چرپر نہ ٿئي، کنگهڻ، نڪ سڻڪڻ، ٻئي ڪان پاٽي گهرڻ وغيره کان پاڻ کي روڪي، ڪنڌ نوڙائي ويهي ۽ فڪر جي درياءَ جي موجن مان لذت وٺي، هن امر ۾ ريا ڪرڻ نہ گهرجي.

صدق دل سان سچو ٿي ويهڻ گهرجي، تاڙي وڄائڻ، نچڻ ۽ تمام حرڪتون بناوٽي ماڻهن کي ڏيارڻ لاءِ نہ ڪري. راڳ هلندي اها ڳالھہ بند رکجي، جنهن جي ضرورت نہ هجي. جيڪڏهن وجد غالب ٿئي ۽ بي اختيار بيخود ٿي وڃي تہ پوءِ لاچار آهي ۽ ڪنهن بہ ملامت جي قابل نہ آهي. مگر جڏهن آرام ۾ اچي تہ ان وقت ماٺ ۽ قرار ڪري ويهي ۽ ائين نہ ڪجي تہ انهيءَ حالت جي آرام اچڻ ڪانپوءِ بہ قائم رهي. انهيءَ شرم کان تہ متان ماڻهو هيئن چون تہ واھ جو وجد هيو، جو ٿورڙي ئي دير ۾ پورو ٿي ويو. تنهنڪري هرويرو وجد ظاهر ڪرڻ نہ گهرجي. جنهن لاءِ ماڻهو چون تہ مار!! هي تہ ڏاڍو ڪو سخت دل آهي، جو صفائي ۽ وقت کان بي بهره آهي.

چوندا آهن تہ هڪ جوان حضرت جنيد بغدادي ؒ جن وٽ سدائين مجلس ۾ رهندو هو، جڏهن ڪجھہ ذڪر ٻڌندو هو تہ يڪدم ڏاڍا شوڪارا پريندو هو ۽ دانهون بہ ڪندو هو. هڪ ڏينهن حضرت جنيدؒ ان جوان کي فرمايو تہ جيڪڏهن تو ٻئي دفعي ائين ڪيو تہ مون وٽان هليو وڃ ۽ هت نہ رهج. انهيءَ کان پوءِ ان شخص پنهنجي نفس کي اهڙو تہ زور روڪيو جو ذڪر هلندي، سندس هڪ هڪ وار مان پاڻيءَ جا قطرا نڪرندا هئا ۽ سارو پگهر جي ويندو هو، مگر نہ دانهن ڪندو هو ۽ نہ ڪي شوڪارو پريندو هو. هڪ ڏينهن ذڪر هلندي ان کي ڏاڍو جوش ٿيو ۽ پنهنجي

نفس کي ڏاڍو روڪيائين ايتري قدر جو سندس ڳل گهنجي ويا. آخر هڪ اهڙي دانهن ڪيائين، جو سندس دل ڦاٽي پئي ۽ مري ويو.

روايت آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام جن بني اسرائيل کي وعظ ڪري ٻڌايو تہ انهيءَ مجلس ۾ هڪ شخص جوش ۾ اچي ڪپڙا ڦاڙڻ لڳو. الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام جن تي وحي موڪلي فرمايو تہ ان شخص کي چئو تہ منهنجي يعني الله تعاليٰ جي واسطي دل پنهنجي ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري. ابو قاسم نصر آباديءَ جن ابو عمرو بن عبيد کي چيو تہ مان هيئن چوان ٿو تہ ڪجھ ماڻهو گڏ ٿين ۽ انهن ۾ ڪو قوال ڳائي تہ اُهو بهتر آهي، گڏجي ويهي ماڻهن جي گلا ڪرڻ کان. راڳ ۾ ڏيکاءُ ڪرڻ جي حالت بابت ابو عمر چيو آهي تہ اِها ٿيهن ورهين سانده گلا ڪرڻ کان بہ وڌيڪ آهي. هاڻي جيڪڏهن هيئن چئو تہ وڌيڪ چڱو اُهو شخص آهي، جو پنهنجي طبع ۽ نفس کي ضبط ڪيو ويٺو هجي ۽ ظاهر راڳ ان تي ڪجھ بہ اثر نہ ڪري، يا اُهو افضل آهي، جنهن تي اثر ظاهر ٿئي. ان جو جواب هي آهي تہ ڪيترن ئي قسمن کان اثر ظاهر نہ ٿيندو آهي، ڪڏهن گهٽ جوش واري وجد کان بہ ظاهر نہ ٿيندو آهي، ڪڏهن تہ وجد باطل ۾ گهڻو ٿيندو آهي، مگر مضمون روڪڻ ۽ ضبط ڪرڻ جي طاقت سالڪ ۾ تمام گهڻي هوندي آهي. انهيءَ ڪري بہ ظاهر ٿيندو آهي. هي پويون درجو نهايت اعليٰ آهي ۽ ان ۾ نقصان نہ آهي ۽ ڪڏهن هن سبب ڪري ظاهر ٿيندو آهي، جو حالت وجد جي سالڪ کي هر وقت ۽ هر حال ۾ هڪ جهڙي هوندي آهي. تنهنڪري راڳ مان ڪجھ زياده اثر معلوم نہ ٿيندو آهي. هي درجو سالڪ جو اڳئين درجي کان بہ تمام اعليٰ آهي، ڇو تہ وجد ڪندڙ سالڪن جو وجد هميشہ رات ڏينهن ڳنڍيل ۽ هلندڙ نہ آهي، پر جو شخص دائمي وجد ۾ هجي، اهو حق سان مليل يعني واصل باالله ۽ عين مشهود جو هميشہ نظارو ڪندڙ هجي. ان کي عارضي يعني لاحقي احوال بدلائي نہ سگهندا. جهڙي طرح جو صديق اڪبر رضہ جن جو اعربين کي فرمايو تہ مان بہ ڪڏهن ائين هوس، جيئن هينئر اوهان آهيو. مگر هاڻي منهنجي دل سخت ٿي وئي آهي. ان قول مان دائمي وجد جو اشارو آهي. يعني منهنجي دل اهڙي قوي ۽ مضبوط ٿي وئي آهي، جو هر حال ۾ هميشہ وجد ۾ رهڻ جي طاقت رکان ٿو. ڇاڪاڻ تہ اسان قرآن شريف جي معنيٰ هميشہ ٻڌندا رهون ٿا ۽ اسان جي لاءِ قرآن شريف ڪا نئين ڳالھ نہ آهي، جنهن کان اسان تي اثر پوي.

مطلب ڳالهه جو تہ وجد جي قوت جڏهن چرپر ظاهر ڪري ٿي، جنهن ڪي عقل ۾ روڪڻ واري طاقت ضبط ڪري ٿي. بعضي وقتن تي تہ ٻنهي مان هڪ قوت ٻئي تي غالب پئجي ويندي آهي. ڇاڪاڻ تہ اها پاڻ ۾ تمام وڏي درجي جي قوي طاقت رکندڙ آهي. مقابل طرف جيترو ڪمزور ۽ طاقت وارو هوندو آهي تہ نقصان خواهہ فائدو بہ ان موجب ٿيندو آهي.

توهان کي هي گمان نہ ڪرڻ گهرجي تہ جو شخص خود زمين تي وجد جي سبب کان ڦٿڪي ۽ ليٽي، اهو وجد ۾ ڪامل آهي يا جنهن پنهنجي بيقراريءَ کي ضبط ڪيو آهي، سو ناقص آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ بيقراريءَ کي روڪڻ واري سالڪ جو وجد، ڦٿڪڻ ۽ ليٽڻ واري جي وجد کان افضل ۽ ڪامل ٿيندو آهي. جيئن حضرت جنيدؒ شروع راڳ ۾ ڪجهہ چرپر ڪندا هئا، باقي آخر ۾ ڪا بہ جنبش نہ ڪندا هئا. ڪنهن شخص ڪانئن انهيءَ ڳالهه جو سبب پڇيو جنهن جي جواب ۾ پاڻ هيءَ آيت شريف پڙهيائون: وَتَرَى الْجِبَالَ تَحْسَبُهَا جَامِدَةً وَّهِيَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ صُنْعَ اللّٰهِ الَّذِيْٓ اَتْقَنَ كُلَّ شَيْءٍ[1] (تو ڏٺو آهي، پهاڙ ڄاڻي ٿو تہ اُهي نقل آهن ۽ اُهي هلندا آهن، جهڙيءَ طرح هلڻ ڪڪر جو، ڪاريگري الله تعاليٰ جي، محڪم سڀ شيءَ ڪان وڏيڪ آهي) هن ۾ هي اشارو آهي تہ دل ڦٿڪي رهي آهي ۽ عالم ملڪوت ۾ جوش ٿيو آهي، مگر ظاهر عضوا ماٺ ۾ آهن.

ابوالحسين محمد بن احمدؒ جو بصري جو ويٺل هو چوي ٿو تہ مان سٺ سال سهل تستريؒ جن جي خدمت ۾ رهيس، جنهن ڪي مون ڪڏهن بہ ڪنهن ذڪر يا قرآن شريف جي آيت شريف پڙهندي طبع ۾ ڦير گهير نہ ڏٺي. جڏهن اُهي پيرسن ٿيا تہ ان وقت جي ڳالهه آهي تہ هڪ شخص سندس روبرو هيءَ آيت شريف پڙهي: فَالْيَوْمَ لَا يُؤْخَذُ مِنْكُمْ فِدْيَةٌ[2] (ٻڌو اڄ توهان ڪان ناهي قبول جان ڇڏائڻ) هي ٻڌنديئي سارا ڏڪي ويا ۽ اٿيا، وري ڪرڻ لڳا، جڏهن پهرين حالت ۾ آيا، تہ مون سبب پڇيو تہ هيءَ ڪهڙي ڳالهه آهي، پاڻ فرمايائون تہ اي دوست، هاڻي اسان ڏٻرا ٿي ويا آهيون. اهڙيءَ طرح هڪ دفعي هيءَ آيت شريف ٻڌايائون: اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذِنِ الْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ[3] (راڄ انهيءَ

(1) سورة النمل: آيت 88 سيپارو 19
(2) سورة الحديد: آيت 15 سيپارو 27
(3) سورة الفرقان: آيت 26 سيپارو 19

ڏينهن سچو آهي رحمان جو) ته به سارا ڏکڻ لڳا هئا. ابن سالم جو سندن مريد هو تنهن ان ڳالهه جو سبب پڇيو. پاڻ فرمايائون ته ادا مان ضعيف ٿي ويو آهيان. ابن سالم عرض ڪيو ته قبلا جيڪڏهن هي ڳالهه ضعيف هجڻ ڪان ٿئي ٿي، ته حال جي قوت ڪهڙي آهي. پاڻ فرمايائون ته قوي الحال اُهو آهي ته جنهن تي زور وارد ٿئي، ته به پنهنجي حال جي زور مان نه نڪري وڃي. ڪائي به واردات ڪهڙي به زبردست هجي ته به ان کي بدلائي سگهي. جيتوڻيڪ ظاهري وجد جي روڪڻ تي قدر جو سبب هي ٿيندو آهي، پر هر وقت جي مشاهدي سبب حالتون هڪجهڙيون ٿي ويندون آهن. جيئن جو سهيل تستريﷺ جو قول آهي، ته منهنجي حالت نماز کان اول ۽ ان کان پوءِ هڪ جهڙي آهي.

خوش وتن سامي سدا، جهڙا ڪتيءَ تهڙا چيٽ
سانوڻ سرءِ ويساک چا، جهڙا ڪتيءَ تهڙا چيٽ.

انهيءَ سبب ڪري جو پاڻ سدائين دل ۾ خدا تعاليٰ سان حاضر ذڪر هئا. معلوم هجي ته تحقيق اهڙو شخص راڳ کان اول ۽ پوءِ هڪ جهڙي حال ۾ رهندو. ڇو جو اُن جو وجد دائمي هوندو آهي. جنهن کي اشتياق برابر ۽ ذوق هميشه لڳو رهندو آهي. تنهن جي راڳ کان ڪجهه به ترقي نه ٿيندي آهي، جيئن جو نقل آهي ته ممشاد دينوريﷺ هڪ جماعت ڏٺي ته ان ۾ ڪنهن قوال ڪجهه ڳاتو ٿي. انهن ماڻهن کين ڏسي ڪٽي چپ ڪئي. پاڻ فرمايائون ته توهان پنهنجو ڪم ڪريو. منهنجي ڪنن ۾ توهان جيڪڏهن ساري دنيا جا ساز گڏ ڪري آواز پهچايو به ته منهنجي همت کي روڪي نه سگهندا ۽ نڪي منهنجي حالت ۾ ترقي ٿيندي.

حضرت جنيد ﷺ فرمائين ٿا ته فضيلت علم جي هجڻ ڪري، وجد جو نقصان نٿو ٿئي ۽ علم جي فضيلت وجد جي فضيلت کان زياده ڪامل آهي. هاڻي جيڪڏهن هيئن چئو ته اهڙو شخص راڳ جي مجلس ۾ ڇو ٿو اچي، ته اِن جو جواب هي آهي ته انهن شخصن مان گهڻن ته راڳ پيريءَ ۾ اچي ڇڏي ڏنو. تنهنڪري تمام ٿورا راڳ جي مجلس ۾ ايندا هئا. بعضي ڪنهن دوست يا ياءُ جي دل خوش ڪرڻ خاطر ايندا هئا ۽ ڪڏهن ته ان خيال سان شريڪ ٿيندا هئا ته ماڻهو سندن قوت ڪمال ڏسن ۽ سمجهن ته ظاهر جو وجد ڪا وڏي ڳالهه نه آهي يا ظاهر وجد تي ضبط ڪرڻ

سڪن. جيڪڏهن اتفاق سان پنهنجي سر وارن ڪانسواءِ ٻي ڪنهن راڳ جي مجلس ۾ ويندا آهن تہ سندن جسمن جي شراڪت تہ انهن سان هوندي آهي، پر دلين ۾ انهن ڪان دور رهندا آهن. جهڙيءَ طرح راڳ ڪانسواءِ غير جنسن ۾ جيڪڏهن ڪنهن ضروري سبب ڪان ويهندا آهن تہ اتي بہ هي حال هوندو. جو ظاهر انهن ۾ هوندا ۽ باطن ملڪوت ۾ ٻيو ڪجهہ هوندو ۽ ماڻهن کي سندن راڳ ترڪ ڪرڻ ۾ گمان ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن کي راڳ جي ضرورت نہ رهي ۽ سدائين وجد ۾ رهيا. بعضي ماڻهو انهيءَ سبب جي ڪري زاهد بہ ٿي رهيا. ٻئي طرف ماڻهن کي غلط فهمي ٿي تہ انهن راڳ کي خراب سمجهيو، حالانڪ هي سدائين وجد ۾ ٿي رهيا. تنهنڪري راڳ جي ڪين مزيد ضرورت نہ رهي ۽ ڪين راڳ مان لذت روحاني ميسر نہ ٿي ۽ نڪي صاحب تماشي ڏسڻ جا هئا. ان ڪري ترڪ ڪري ڇڏيائون تہ ڇو بي فائده ڳالهين ۾ مشغول رهجي. بعض گهڻن شخصن انهن سببن ڪري بہ ترڪ ڪيو. جو انهن کي اهڙي مجلس جا يار ميسّر نہ ٿيا. جيئن جو ڪنهن درويش کان پڇيو ويو تہ ميان تون هاڻي راڳ ڇو نہ ٿو ٻڌين. جنهن جي جواب ۾ هن چيو تہ ڪنهن کان ٻڌان ۽ ڪنهن سان گڏجي ٻڌان؟

## ادب چوٿون

چوٿون ادب هي آهي تہ جڏهن ڪو پنهنجي نفس کي روڪي سگهي ٿو. تڏهن نڪي اُٿي بيهي، نڪي بلند آواز سان روئي. مگر جيڪڏهن نچي يا روئڻ جهڙي صورت ڪري تہ بہ مباح آهي. بشرطيڪ باطن جي مخالف يعني ريا نہ هجي، ڇو جو روئڻ جهڙي شڪل ڪرڻ سان ڏک پيدا ٿيندو آهي ۽ خوشي خواهہ عيش جي چرپر ڪرڻ سبب رقص ٿيندو آهي. تنهنڪري مباح خوشيءَ جي چرپر پيدا ڪرڻ جائز آهي. جيڪڏهن نچڻ حرام هجي ها تہ حضرت عائشہ رضہ کي آنحضرت ﷺ جن گڏجي حبشين جو ناچ نہ ڏيکارين ها. جيئن جو پاڻ روايت فرمائين ٿا.

اصحابين رضہ مان بہ بعضي اڪابر جو نچڻ خوشيءَ جي وقت مباح رهيو آهي ۽ ساڳي ئي خوشي هن نقل موجب آهي. جيئن جو حضرت امير حمزه رضہ جي

نياڻيءَ جي باري ۾ نقل آهي تہ جڏهن حضرت علي المرتضيٰ رضہ ۽ حضرت جعفر رضہ سندن ڀاءُ ۽ زيد بن حارث رضہ جن جي وچ ۾ گفتگو ٿي تہ هن نينگر جي پرورش ڪير ڪري، تڏهن آنحضرت ﷺ جن حضرت علي رضہ جن کي فرمايو تہ تون مون سان آهين ۽ مان توسان آهيان. اِهو ٻڌي حضرت علي رضہ خوش ٿيا. وري حضرت جعفر رضہ کي فرمايائون تہ تون منهنجي عمل ۽ عادتن جهڙو آهين. اِهو ٻڌي حضرت جعفر رضہ، حضر علي رضہ جن کان بہ زياده خوش ٿيا ۽ حضرت زيد بن حارث رضہ کي فرمايائون تہ تون منهنجو ڀاءُ ۽ آزاد آهين. تہ حضرت زيد رضہ، حضرت جعفر رضہ کان بہ زياده خوش ٿيو. پوءِ چيائون تہ هي نينگر جعفر رضہ جن وٽ رهي ٿو. ڇو جو اُن نينگر جي ماسي حضرت جعفر جن جي نڪاح ۾ آهي ۽ ماسي بہ گويا ماءُ جي مثال آهي.

هڪ جاءِ حديث شريف ۾ آيل آهي تہ آنحضرت ﷺ جن حضرت عائشہ رضہ جن کي فرمايو تہ توهان کي حبشين جو ناچ پسند آهي، مطلب تہ نچڻ، ٽپا ڏيڻ تہ خوشيءَ جي سبب کان ٿيندو آهي ۽ اِن جو حڪم بہ خوشي تي ٿي قائم آهي. يعني جنهن صورت ۾ خوشي ڪرڻ چڱي هجي ۽ ناچ سان ان جي ترقي ۽ تاڪيد ٿيندو هجي تہ اُهو ناچ سڳورو ۽ چڱو آهي. جيڪڏهن خوشي مباح هوندي تہ ناچ بہ مباح ٿيندو. جيڪڏهن خوشي خراب آهي تہ ناچ بہ خراب ٿيندو.

هي روش اڪابرن ۽ مقتدا جي شان وٽان نہ آهي، ڇو جو هي امر اڪثر ڪيڏڻ، ڪڏڻ ۽ تماشي وانگر آهي، جا ڳالهہ عام ماڻهوءَ جي نظر ۾ تماشي وانگر آهي. ان ڪان مقتدا ۽ پيشوا کي پاسو ڪرڻ گهرجي. جنهن ڪان ماڻهن جي نظر ۾ حقير نہ ٿين ۽ ماڻهو بہ سندن پيروي ڪرڻ ڪان گريز ڪن.

باقي رهيو ڪپڙن جو ڦاڙڻ. جنهن جي اجازت نہ آهي، مگر جو آدمي پنهنجي اختيار ۾ نہ رهي ۽ بيخود ٿي وڃي تہ پوءِ لاچار آهي ۽ هي ڪجهہ بعيد نہ آهي تہ دل تي اهڙو وجد غلبو ٿيو هجي. جنهن ڪان هو پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏي، وجد جي نشي ۾ ان کي معلوم نہ هجي يا معلوم بہ هجي، مگر سواءِ ڪپڙن ڦاڙڻ جي نفس کي روڪي نٿو سگهي. اهڙي شخص جو حال اهڙو آهي. جهڙو زوريءَ ڪنهن کان ڪم ٿي ڪم ورتو وڃي، ڇو تہ هن ڦتڪڻ ۽ ڪپڙن ڦاڙڻ ۾ ئي بچاءَ جي صورت ڏسي لاچار اهو بہ ڪم اختيار ڪيو آهي.

جهڙيءَ طرح بيمار ماڻهو لاچاريءَ کان آهه ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪو ٿي ان کي اُن آهه ڪرڻ کان روڪي ته ڪڏهن به ان کان صبر نه ٿيندو. جيتوڻيڪ هي فعل اختياري آهي ۽ هن ڳالهه جو ضرور نه آهي ته جن فعلن جي حاصلات ارادي سان هجي، جن کي ترڪ ڪرڻ جو قادر به انسان هجي. مثلاً ساهه کڻڻ به ارادي سان ٿيندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي چئجي ته هڪ ساعت ساهه کڻڻ بند ڪر ته اُهو شخص گهبرائجي اندر کان ساهه کڻڻ اختيار ڪندو. اهو ئي حال رڙين ڪرڻ ۽ ڪپڙن ڦاڙڻ جو آهي. جيڪڏهن اِهو به اهڙيءَ طرح ٿيندو آهي ته اِن کي به حرام چئي نه سگهبو آهي. جيئن جو سري سقطيﷺ جن جي اڳيان، تيز وجد ۽ غالب وجد جو ذڪر نڪتو، جنهن بابت پاڻ فرمايائون ته هائو وجد غالب اُهو ٿيندو آهي، جو جيڪڏهن وجد واري جي منهن تي تلوار به لڳي ته به هن کي خبر نه پوي. ماڻهن وري پڇيو ۽ گمان ڪيو ته ان حد جو وجد ڪيئن ٿيندو آهي. ان کان علاوه گهڻائي سوال پڇيائون، مگر پاڻ ڪجهه به جواب نه ڏنائون، جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي ته بعض وقتن ۾ ڪن شخصن تي اهڙو وجد غالب ٿيندو آهي، جو ڪيترو به انهن کي ايذاءُ ڏنو وڃي ته خبر ڪا نه پوندي اٿن.

هاڻي جيڪڏهن هيئن چئون ته راڳ ڪانپوءِ ۽ وجد کان فارغ ٿيڻ بعد صوفي صاحب نوان ڪپڙا يا انهن جا ٽڪر ٽڪر ماڻهن کي ڏيندا آهن. جن کي خرقو يعني فقيرن جو لباس به چيو ويندو آهي، انهيءَ باري ۾ توهان جو ڇا چوڻ آهي؟ ان جو جواب هي آهي ته هي امر مباح آهي، بشرطيڪ ڦاٽل ڪپڙو هم چورس، چتيءَ لڳائڻ يا جاءِ نماز لائق هجي. جنهنڪري ڦاڙڻ ۾ ڪجهه منع نه آهي، توڙي جو ٿان ڦاڙي ڪم آڻي، سڀ ڪجهه مالڪ جي اختيار آهي، پلي ٿان جون سؤ ٽڪريون ڪري سؤ فقيرن کي ڏي، مگر هي ضرور آهي ته اِهي ٽڪريون ڀيو ڪين، ته به چتين هڻڻ جيتريون ته هجن.

هاڻي راڳ ۾ اسان ڪپڙن ڦاڙڻ کان منع ڪئي آهي، تنهن جو سبب هيءَ آهي ته ڪپڙو خراب ۽ ضايع نه ٿي پوي، جنهنڪري پوءِ ڪنهن به ڪم نه اچي، ڇو جو هي فقط نقصان ڪرڻ آهي، جيڪو اختيار سان اٿين ڪرڻ جائز نه آهي، مگر بي اختياريءَ جي حالت ۾ لاچار آهي.

# ادب پنجون

پنجون ادب هي آهي تہ اٿي بيهڻ ۽ ماڻهن سان هڪجهڙائي ڪرڻ گهرجي. يعني ڪوئي شخص سچي وجد ۾ اچي. سواءِ ڏيکاءَ ۽ بناوت جي اٿي بيهي. يا سواءِ وجد ظاهر ڪرڻ جي پنهنجي اختيار سان اٿي بيهي ۽ ٻيا ماڻهو انهيءَ جي لاءِ اٿي بيهن تہ انهن سان گڏ پاڻ ڪي بہ اٿي بيهڻ گهرجي. جو اها عادت مجلس جي يارن جي هڪجهڙائي ۽ محفل جو ادب آهي. جيڪڏهن ماڻهن جي هيءَ عادت ٿي ويئي هجي تہ جيڪڏهن ڪنهن وجد واري جي پڳڙي ڪري پوي تہ اُهي بہ پنهنجون پڳڙيون ان جي هڪجهڙائيءَ جي خيال ۾ لاهي ڇڏين. يا ان جي چادر لهي وڃي تہ پنهنجون چادرون بہ لاهي ڇڏين. اهڙين ڳالهين ۾ سيني جي موافق ڪم ڪرڻ خوبي، آداب صحبت ۽ عشرت ۾ دخل آهي، ڇاڪاڻ تہ سنگت جي مخالفت ڪرڻ وحشت آهي. سڀ ڪنهن قوم جي رسم جدا آهي، تنهنڪري جهڙو ديس، تهڙو ويس ڪرڻ گهرجي. آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي: خَالِقُو النَّاسَ بِأَخْلَاقِهِمْ[1] (ماڻهن سان سندن عادتن جي موافق ملو) خاص ڪري اهڙيون عادتون، جن ۾ حسن، عشرت، دلين جو جوش ڪرڻ ۽ هڪجهڙائي ڪرڻ پاتو وڃي، تہ ان جو استعمال ضروري آهي.

جيڪڏهن ڪوئي اعتراض ڪندڙ چوي تہ هي امر بدعت آهي ۽ اصحابن جن جي وقت ۾ نہ هو، جن ڪي اسين برابر هڪ سچ جي صورت ۾ ڄاڻنداسون. پر جيترا مباح آهن، سي سڀ اصحابن کان نقل ڪيل هجن. پر ان لاءِ ڪا بہ پابندي نہ آهي تہ امر اصحابن رضہ جن کان نقل ڪيل هجن ۽ منع ڪيل بدعت آهي. پر اها، جا سُنت جي ابتڙ هجي، ڪن قسمن جي امر ۾ ڪنهن طرح جي منع نقل ٿيل نہ آهي، جيئن اچڻ واري جي لاءِ اچڻ وقت اٿي بيهڻ عربن جي عادت ۾ هو جيئن جو اصحابہ رضہ، آنحضرت ﷺ جن لاءِ بہ اٿي نہ بيهندا هئا.

جهڙيءَ طرح حضرت انس رضہ روايت ڪئي آهي، مگر جيئن جو اُن ۾ ڪا بہ منع صفا ثابت نہ ٿي ٿئي تہ جن شهرن ۾ اچڻ واري جي تعظيم اٿي بيهڻ جي

(1) المستدرڪ: محمد نيشاپوري ج6 ص 10

طريقي سان ڪئي ويندي آهي، اُتي ڪنهن جي لاءِ اٿي بيهڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي. انهيءَ سبب ڪري، جو نيت انهن جي عزت، تعظيم ۽ دل خوش ڪرڻ جي آهي، جنهن ڳالهہ ۾ هڪ جهڙائي ڪرڻ سان هئي جي دل خوش ڪرڻ جي نيت هجي ۽ ماڻهن ان ڪي دل خوش ڪرڻ جو قوي اتفاق ٺهرايو هجي تہ اهڙي ڳالهہ ۾ ان جي هڪجهڙائي ڪرڻ ڪجهہ وهم نہ آهي. بلڪ چڱو ائين آهي تہ هڪجهڙائي ڪري، بشرطيڪ منع وارد نہ هجي ۽ هڪ ادب هي بہ آهي تہ ماڻهن سان گڏجي نچڻ لاءِ نہ اُٿي، جيڪڏهن اهي ماڻهو ان جو نچڻ برو ڄاڻندا هجن تہ پوءِ ڪيس لائق آهي تہ مات ڪري ويهي ۽ نچي انهن ماڻهن جي حال ۾ بکيڙو نہ وجهي. مطلب ڳالهہ جو تہ حاضر مجلس وارا، جيڪڏهن باطن جا صاحب آهن تہ انهن جي دل سچائي ۽ تڪليف جي ڪسوٽي ٿيندي آهي، جنهن جي جواب ۾ چيو ويو تہ صحي وجد اهو آهي، جنهن ڪي وجد وارا قبول ڪن. هاڻي جيڪڏهن ڪوئي شخص هيئن چوي تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي جو طبيعتون ناچ کان نفرت ڪن ٿيون ۽ ظاهر هي گمان ڪيو ويندو آهي تہ ناچ ڪوڙو بيهودو ۽ دين جي برخلاف آهي ۽ جڏهن ڪوئي دين ۾ ڪوشش ڪندڙ ناچ ڏسندو آهي تہ ان کان انڪار ڪندو آهي. ان جو جواب هي آهي تہ ڪيترو بہ ڪٽي ڪو شخص زاهد هجي، ان جي حد آنحضرت ﷺ جن کان مٿي نہ ٿيندي. جيئن جو پاڻ حبشين ڪي نچندو ڏٺائون ۽ انڪار نہ فرمايائون، ڇو جو اهو وقت بہ ان جي لائق هو ۽ اهي ماڻهو بہ ان جي لائق هئا، ڇاڪاڻ تہ عيد جا ڏينهن هئا، جنهنڪري ئي حبشي نچيا ٿي.

جيڪڏهن طبيعتون ناچ کان انهيءَ لحاظ کان نفرت ڪندڙ آهن تہ گهڻو ڪري ناچ مان کيڏڻ ۽ کڏڻ پيدا ٿيندو آهي ۽ کيڏڻ يا کڏڻ ڪيترو مباح آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ جهڙيءَ طرح زنگي ۽ حبشي آهن ۽ منصب وارن جي لاءِ مڪروه آهي، ڇاڪاڻ جو انهن جي شان جي لائق نہ آهي، جا چيز منصب وارن جي لائق وٽان نہ هجڻ سبب مڪروه يا حرام چئي نہ ٿو سگهجي.

مثال طور: جيڪڏهن ڪوئي سائل ڪنهن فقير کان ڪجهہ گهري ۽ اهو فقير ان ڪي هڪ ماني ڏي تہ اها خيرات سندس عمدي عبادت آهي ۽ جيڪڏهن ڪوئي سائل بادشاهہ کان سوال ڪري ۽ بادشاهہ بہ ان ڪي هڪ ماني ڏي تہ ساري خلق جي نظر ۾ خراب سمجهيو ويندو ۽ تاريخن ۾ لکيو ويندو تہ فلاڻي بادشاهہ بخيل

طبع ۽ خراب عادتن وانگر هيءَ به هڪ حرڪت ڪئي هئي، جنهنڪري ان جي اولاد کي به ماڻهو ان سبب کان تنگ ڪندا، مگر هيئن نه ٿو چئي سگهجي ته فلاڻي بادشاهه جيڪا اها حرڪت ڪئي، سا حرام هئي. بادشاهه جيڪا خيرات سائل کي ڏني سو ته چڱو ڪم ڪيو آهي، مگر سندس شان وٽان هڪ ماني ڏيڻ، نه ڏيڻ جي برابر آهي ۽ خراب آهي. اهڙيءَ طرح نچڻ ۽ ٻين مباح چيزن جو حال آهي، جي عام ماڻهن جي حق ۾ مباح آهن ۽ نيڪ ٻندن جي حق ۾ برايون آهن، پر هي حڪم انهيءَ صورت ۾ آهي، جنهن صورت ۾ ان کي منصب جي لحاظ سان ڏسجي. جيڪڏهن بنا لحاظ ڪنهن منصب وغيره جي ڏسبو ته هي حڪم ڪرڻ واجب ٿيندو ته بذات خود اُن ۾ ڪا حرام هجڻ جي حالت نه آهي.

هن گذريل تفصيل مان هي ثابت ٿيو ته راڳ جا چار قسم آهن:

1. حرام.
2. مباح.
3. مڪروه.
4. مستحب.

راڳ حرام، انهن ماڻهن جي حق ۾ آهي، جي جوان آهن يا جن تي دنيا جي شهوت غالب آهي، ڇاڪاڻ ته راڳ انهن جي دلين ۾ خراب صفتن جي چرپر ڪندو ۽ سندن دلين تي جي غالب آهن، ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن قسم جي نيڪ چرپر پيدا نه ڪندو.

راڳ مڪروه، انهن ماڻهن جي حق ۾ آهي، جي راڳ کي جيتوڻيڪ مخلوق جي صورت تي ڪم نه ٿا آڻين، مگر گهڻو وقت ان جي ٻڌڻ جي عادت ڪري ڇڏي اٿن، بيهودائپ وانگر.

راڳ مباح، انهن ماڻهن جي حق ۾ آهي، جن کي راڳ مان ٻيو ڪوئي ٻهرو، سواءِ آواز جي مزي پائڻ جو نه آهي.

راڳ مستحب، انهن ماڻهن جي حق ۾ آهي، جن تي خدا تعاليٰ جي محبت غالب آهي ۽ راڳ انهن جي دلين ۾ سواءِ تعريف ڪيل صفات جي ٻي ڪنهن به چيز جي چرپر پيدا نه ٿو ڪري.

## دعاءِ خير

اي بار خدايا بہ بخشائي و بر روئي اقتراح طالبان فتح باب، حقائق، ابواب، مکالمہ و محاضره و مشاهده، بکشائي و بحرمت اهدنا الصراط المستقيم، گمر شدگان باديہ ضلالت و حيرت زدگان، وادي غوايت را طريقہ استقامت ابدي و سبيل استعانت سرمدي بنمائي، و زنگار افکار نفساني و کدورت پندار جسماني را بصيقل محبت جاوداني و تصفيہ مودت بي نشاني، از مرات قلوب مقتبسان اسرار عرفاني، بزدائي اللهمّ ارزُقني ثبوت الحال و سکوت المقال، بحرمت النَبي صاحب الکمال برحمتک يا ارحمر الراحمين- آمين.

—

## تاريخ ختم ڪتاب

لکين شڪر اُن پاڪ پرور سندا
ختم خير سان آ ٿيو هي بيان.
نئين سال جو آ هي تحفو نئون،
رکان ٿو نذر آءٌ عجيبن اڳيان.
مطالعي ڪان پوءِ مهروُن وري.
ڪجو ياد يارو دعا خير سان!
سن تيرهن سؤ چوئيتاليهه هجري،
ائين ماهه محرم جي اظهر چوان.
بروزِ چنچر بوقتِ ظهر
ڪيم هي پورو لکي پرت مان.
ڏسو جي اوهين ڀي ڪتي چُڪّ ڪا،
ڪجو معاف لله ان ڀُلّ ڪان.
سدائين دعاگو سين دوستن جو،
مان 'مسرور' نالي نماڻو آهيان.

—

# سماع ۽ راڳ جي شرعي حيثيت

[حضرت ابو حامد بن محمد الغزاليؒ جي معروف ۽ معتبر
تصنيف احياءعلوم الدين جي باب 'وجد ۽ سماع' جو ترجمو]



فقير غلام علي مسرور بدوي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. سنڌ

ISBN 978-969-9098-56-7

Rs. 200/-